Rashid Memon

خليفي نبي بخش

جو رسالو

Gul Hayat Institute

مقدمه

خليفي صاحب جي سوانح حيات ۽ سنڌس ڪلام

(الف) سوانح حيات*

خاندان

خليفو نبي بخش صاحب، بلوچن جي 'لغاري' قبيلي جي 'سيرڪاڻي' شاخ مان 'بالاچاڻي' پاڙي جو نامور فرد هو. سيرڪاڻي لغاري ڪلهوڙن جي حڪومت جي آخري ۽ ٽالپورن جي اوائلي دور واري عرصي ۾ ديري غازي خان جي 'لغاري تمن' مان سنڌ ۾ آيا، ۽ خليفي صاحب جا وڏا اچي تعلقي بدين ۾ سڪونت پذير ٿيا (۱). خليفي نبي بخش صاحب کان اڳ جو شجرو هن ريت آهي: نبي بخش بن بالاچ خان بن مرزا علي خان بن پاهڙدين (۲). مرزا علي خان ڪلهوڙن جي

* سوانح حيات بابت اڪثر مواد خليفي حاجي شير محمد ۽ خليفي احمد صاحب کان مليو، ۽ قدري مرحوم حاجي اسماعيل احمداڻي ۽ مولف جي ناني مرحوم لعل بخش خان کان دستياب ٿيو. خانداني روايتن کان سواءِ، خليفي صاحب بابت ٻيا حالات مرحوم احمد فقير حضوري (ويڙل خليفن جو ڳوٺ)، مرحوم پاندي ٽالپور (ويڙل طرف رپ تعلقه بدين) ۽ مرحوم جمال فقير احمداڻي (ڳوٺ احمداڻي تعلقه ٽنڊو باگو) جي زباني خليفي حاجي شير محمد ۽ ٻين ٽائين ٻڌا جي اسان ٦ رمضان ۱۳٦۳هه / ۲۵ سيپٽمبر ۱۹۴۴ع تي خليفي حاجي شير محمد جي زباني قلمبند ڪيا، ۽ بعد ۾ ٻين کان ٻڌ انهن روايتن جي تصديق ٿي. انهن ٽنهي بزرگن وڏي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ ٽنهي خليفي نبي بخش صاحب کي ڏٺو هو، ۽ پڻ سنڌس ساٿارين سان سندن صحبتون ٿيون. انهيءَ ڪري سوانح حيات بابت جملي روايتون معاصرانه ۽ مستند آهن.

(۱) سيرڪاڻي لغارين مان ڪي پاڙا ٽالپوري دور ۾ اتر سنڌ ۾ خيرپور لڳ اچي ويٺا ۽ ڪي اتان پوءِ سڪرنڊ لڳ لڏي آيا. انهن مان 'ٻهلولاڻي' پاڙي مان مشهور شاعر حمل فقير لغاري ٿيو. ٻيا اڪثر سيرڪاڻي پاڙا هيٺ لاڙ ۾ اچي ويٺا جن مان خليفي صاحب جي خاندان کان سواءِ ٻيا هن وقت هيٺين ڳوٺن ۾ مقيم آهن: ۱. روشن آباد اسٽيشن لڳ ڦانٽ وارا (هن وقت دودو خان ۽ ٻيا) ۲. ديهه ڪارياڻي تعلقي ٽنڊه باگي وارا جن مان ميرن جي ڏينهن ۾ سرمست خان نالي مشهور ٿيو ۳. ڳوٺ بالاچ خان لغاري (ٽنڊه الهيارڪان ۱۰ - ۱۲ ميل ڏکڻ طرف) ۴. ڳوٺ حسين خان لغاري، لڳ ڪنگورو، تعلقو ڏگهڙي ۵. ڳوٺ هسو خان لغاري، لڳ ٽنڊه غلام علي، تعلقو ماتلي ٦. ڳوٺ جام خان لغاري، لڳ ڏندو، تعلقو ماتلي ۷. ڳوٺ حاجي جهنڊو خان لغاري، لڳ ترائي، تعلقو ٽنڊو محمد خان ۸. ڳوٺ عالي خان لغاري، لڳ جڪنير، تعلقو ٽنڊو محمد خان ۹. ڳوٺ پاهڙ خان لغاري لڳ ساجن سوائي، تعلقو ٽنڊو باگو ۱۰. ڳوٺ پنهو لغاري، ۽ ۱۱. ڳوٺ دولت لغاري، لڳ تلهار، تعلقو بدين.

(۲) پاهڙدين کان وٺي سيرڪاڻي شاخ جي وڏي ڏاڏي 'سيرڪ' تائين شجرو لاپيد آهي. کان پوءِ جو شجرو 'ڪليات حمل' (مطبوع سنڌي ادبي بورڊ) جي مقدمي ڏسڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

دور ۾ هڪ رسوخ وارو سردار هو. سندس سڪونت تعلقي بدين ۾ ڏوري پراڻ جي ڪپ تي ڳوٺ ميٺيي ۾ هئي(١)، ۽ مٽي، نوتيار ۽ ستيارو ديهون سندس جاگير ۾ هيون. مرزا علي خان‌جي فرزند بالاچ‌خان جي وقت ۾ حڪومت جي واڳ ڪلهوڙن کان ٽري ٽالپور اميرن جي هٿ ۾ آئي. اهو سنه ١١٩٧ هه جو واقعو آهي. فتح بعد ٽالپور اميرن ملڪ کي انتظامي لحاظ سان ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو جنهن موجب ميرپور وارو علائقو ڏکڻ طرف ويندي علي واه ۽ شير واه جي پراڻ وارين ڪيٽين ۽ مٽي وغيره ديهن سميت ميرناري خان جي حوالي ٿيو. مير صاحب مرزا علي خان واريون جاگيرون بالاچ خان کي بحال ڪري ڏنيون ۽ بالاچ خان مير صاحب جي مکيه سردارن ۾ شمار ٿيو.

ولادت ۽ زندگيءَ جو پهريون دور

نبي‌بخش جي ولادت اباڻي ڳوٺ 'مٽي' ۾ سنه ١١٩٠ هجري(١٧٧٦ع) ڌاري ٿي. جڏهن ٽالپورن ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪئي تڏهن سندس عمر ٧- سال کن هئي. سندس ننڍپڻ بابت ڪوبه تصديق جهڙو احوال ڪونه ٿو ملي، پر سندس پرورش اباڻي ڳوٺ 'مٽي' واري ماحول ۾ ٿي، ۽ وقت جي رواج موجب سندس والد ڪيس فارسي جي تعليم ڏياري. نصابي تعليم مطابق جيتوڻيڪ هو هڪ 'منتهي' واري درجي کي ڪونه پهتو، مگر جيئن ته فطري طور سندس ذهن تيز ۽ ذوق‌سليم هو انهيءَ ڪري درسي تعليم بعد هن پنهنجي مطالعي کي وسيع ڪيو، ۽ فارسي زبان ۽ ادب مان چڱو حظ حاصل ڪيائين. سرائڪي زبان ۾ جوڙيل داستان 'سسئي - پنهون' ۾ خليفي صاحب ڪي شعر فارسيءَ ۾ چيا آهن، جي سندس مطالعي ۽ ذوق تي شاهد آهن، مثلاً:

پدر مادر نه ترسند از خداوند   طفل را درقفس کردند پابند

ڪن فصلن جي شروعات ۾ گاهي بگاهي ساقي نامه طور فارسي آميز اشعار چيا اٿس، جيئن ته:

بيا ساقي شراب پُر خماري   بده مارا خوريم ما مي دوباري
شرابي خور شتابي مرد غازي   اسپ آيد دويم با زين تازي

[redacted] ٢٥ ميل ۽ ڪڍڻ کان ٥ ميل ڏکڻ - اوڀر طرف، ڏوري پراڻ لڳ.

Gul Hayat Institute

اسب ابلق سيه برکن سواري ... شود حاصل ترا جنگ فتح داري

مولانا جامي جي 'يوسف زليخا' سان خليفي صاحب جو گهڻو انس هو، ۽ غالباً ان کان ئي متاثر ٿي 'سسئي پنهون' جوڙيائين. هڪ شعر ۾ جامي کي نالي سان ياد ڪيو اٿس ته:

لڙڻ جي نال مشتاقين مدامي ... پلييڻ تنهن ڪون ميان مخدوم جامي!

فردوسي ۽ نقد انعام لاءِ سندس شاهنامو تصنيف ڪرڻ واري پس منظر کان پڻ خليفو صاحب واقف هو جنهن ڏانهن هيٺين شعر ۾ اشارو ڪيو اٿس ته:

نيسهي رکدي ڪتان صد نفس دا سوس

نه مٺن ڀوليهي نقد مانند فردوس

ڪتابي علم کان نوجوان نبي بخش جو طبعي شعور ۽ ذاتي فڪر بهرحال ڪثر هو. جهڙو هو پاڻ سهڻو جوان، تهڙوئي هو سندس عقل جوان. ان سان گڏ سندس حوصلو بلند ۽ بخت بيدار هو. انهيءَ ڪري جيئن هي نوجوان ساماڻو ته راڄن ۾ سندس نيڪي ۽ ناموس، رهائي ۽ رسائي حد درجي کي وڃي پهتي. مير ٺاري خان کيس پنهنجو خاص درباري ڪري چونڊيو. سندس علمي لياقت، ذهني قابليت، بلند همت ۽ رعبدار شخصيت سببان کيس هڪ سؤ سواري جو پروانو مليو جنهن کيس جملي سردارن ۾ ممتاز بنائي ڇڏيو.

نبي بخش خان جي قوهه جواني هئي جو سندس زندگيءَ ۾ انقلاب آيو. اندازاً سنه ۱۲۱۵ هه ڌاري جڏهن سندس عمر ۲۵ سال کن هئي تڏهن مجازي عشق جي شهباز کيس آڏائي ڪنيو، ۽ هو محبت جي ماحول ۾ ايترو ته محو ٿي ويو جو مير ٺاري خان جي ڪچهري ۽ سلام کي بالڪل وساري ڇڏيائين. مير ٺاري خان کي شڪ جاڳيو ته شايد هن سردار خودسري اختيار ڪئي آهي، سو ڏانهس حاضر ٿيڻ لاءِ تاڪيدناما موڪليائين. نبي بخش خان نوڪري ۽ نمڪ حلالي جو حق محسوس ڪندي آخرڪار وڃي مير صاحب جي دربار ۾ حاضر ٿيو. مير صاحب چيس ته: نبي بخش تو جهڙي داناءَ سردار کان ايتري ڪوتاهي! جواب ڏنائين ته: 'مير صاحب! عقل گڏ وانگر پنهنجي ڏر تي محڪم وينو هو، پر جڏهن عشق جي شينهن اچي گجگوڙ ڪئي تڏهن ويچارو گڏڙ ڀڄي ويو.' مير صاحب وڏيڪ ڪين ڪڇيو ۽ کيس واپس ورڻ جي اجازت ڏنائين.

ان بعد سنه ١٢١٧ ھ ۾ اتفاق سان مير ٺاري خان جو لغارين سان تصادم ٿيو، جنهن سببان حيدرآباد طرفان موڪليل لشڪر سان سنڌس جنگ ٿي جنهن ۾ مير ٺارو خان زخمي ٿي پيو. حيدرآباد جي ميرن صاحبن طرفان اِنهيءَ صدمي جي تلافي ڪئي وئي، پر مير ٺاري خان ۽ لغارين جي وچ ۾ وٿي پئجي وئي. نبي بخش خان، مير ٺاري خان جي حد جو سربرآورده لغاري سردار هو؛ سنڌس آڏو هڪ طرف قبيلي جي ناموس جو سوال هو ته ٻئي طرف مير ٺاري خان جي نوڪري ۽ نمڪ حلالي جو خيال هو. انهيءَ ڪري بهتر ائين سمجهيائين ته بدگمانين جي ماحول کان نڪري ٻاهر ٽِڪي گهرجي. مير باگو خان، جنهن محبت ڪي حڪومت تي ترجيح ڏني هئي ۽ ملڪ جو حصو ڇڏي 'سنڌ راڻي' سان شادي ڪئي هئي(١)، تنهن ڪي نبي بخش خان جي عشق ۽ محبت جو داستان معلوم هو ۽ ساڻس ڪيس همدردي هئي. سنڌس دعوت تي، نبي بخش خان پنهنجي اباڻي ڳوٺ ميٺي سان لڏي اچي مير باگي خان جي جاگير ۾ 'بدام' جا نوان پَڊ وسايا(٢).

هنن نون پڊن تي نبي بخش خان زندگيءَ جا ڪي سال خوشي ۽ محبت واري ماحول ۾ گذاريا. جنهن خاتون جي عشق ۾ هن اميري ترڪ ڪئي سا هينئر سنڌس رفيق حيات هئي. مائي جو نالو 'صابل' هو، جا صورت توڙي سيرت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. نبي بخش خان سان سنڌس نينهن هو. هڪٻئي کان گهڙي جي جدائي به ڇڻ سندن واسطي سال برابر هئي. نبي بخش خان جو ماسات قاسم شروع کان ئي هن محبت جي داستان جو راوي ۽ رازدان هو. هو نبي بخش خان کان ننڍو هو پر ٻئي هڪٻئي جا ساٿي هئا، ۽ سندن ياري جو ناتو سندن عزازت کان به رتيون ڪثر هو. گهر ۾ سڄڻن سان ماڻائتيون محبتون ته ٻاهر قاسم سان گڏ ڪوڏائتيون ڪچهريون: نبي بخش خان لاءِ هن عرصي واري دم قدم ۾ سکن جا ساٿ سمايل هئا.

Gul Hayat Institute

---

(١) تفصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر ٢٩: 'سنڌ جا عشقيه داستان-١'

(٢) 'بدام' جا پڊ موجوده ٽنڊه باگي تعلقي ۾ (شهر ٽنڊي باگي کان ٨ ميل ڪن اتر) نصير واهه جي آتر طرف موجوده ڳوٺ 'ٻالهڙيو دَل' لڳ هئا جتي 'بدام جو مقام' اڃا تائين موجود ۽ مشهور آهي. ڪن روايتن موجب، بدام، واري اراضي حيدرآباد جي ميرن جي حد حڪومت ۾ هئي.

پر زماني جا رنگ نرالا آهن. اتفاق اهڙو ٿيو جو سکن جي بدران سورن اچي نبي بخش جو ساٿ ڏنو. هڪ ڏينهن نبي بخش خان صبح جو گهران نڪتو ۽ جڏهن موٽي آيو ته ڏسي ته سندس من جو مٺيو پڳو پيو آهي: جنهن کان سواء سندس ساعت نٿي سري سا هينئر کانئس هميشه لاءِ موڪلائي وئي!

بس خوشين جا در پورجي ويا ۽ دردن جا دروازا کلي پيا. نبي بخش کي وڇوڙو ورونهه ٿي آيو ۽ کي ٻه چار سال هو ائين بيوس ۽ بي حال رهيو. قاسم جو سندس حال پائي هو تنهن ساڻس همدردي ڪئي ۽ حيلا ڪيا پر نبي بخش تي غم غالب رهيو.

ان وقت سنڌ جي برگزيدي ۽ باشرع عالم ۽ سنڌ ۾ قادري طريقي جي علمبردار ۽ اهل دل ولي، جناب حضرت پير صاحب محمدراشد رحہ عرف "روضيءُ ڌڻي" جي فيض جي پالوت هئي. هزارين ماڻهو سندس مريدي جي حلقي ۾ داخل ٿي رهيا هئا، سوين سندس تلقين سان شرع اسلام جي رنگ ۾ رڱجي ويا هئا، ۽ ڪيترائي عالم ۽ درويش سندس خلافت جو خرقو ڍڪي صاحبِ فيض بنجي چڪا هئا. قاسم جو والد جو اصل ميانوال طريقي جو هو، تنهن کي پڻ هن فيض جي ورج ملي ۽ هو جناب پيرصاحب محمدراشد رحہ جو مريد ٿيو. ان بعد پنهنجي پٽ قاسم کي حضرت پير صاحب جن وٽ وٺي ويو؛ قاسم پير صاحب جن جي تلقين کان ايترو ته متاثر ٿيو جو دل ۾ سوچيائين ته نبي بخش جي بيحال زندگيءَ کي حضرت پير صاحب جن جي نظر فيض اثرئي نئين سر اجاري حال وارو بنائيسگهي ٿي.

قاسم جيئن ئي موٽيو ته نبي بخش وٽ آيو ۽ اچي ساڻس حال اوريائين. نبي بخش کي دردن ايترو ته ڌوٽيو هو جو سندس طبيعت دنيا جي بي ثباتي کان وڌيڪ حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل ٿي چڪي هئي. انهيءَ ڪري قاسم جي نيڪ صلاح قبول ڪري ساڻس گڏجي جناب حضرت پير صاحب جن ڏانهن روانو ٿيو.

زندگيءَ جو ٻيو دور

خانداني روايت موجب، نبي بخش جيئن ئي قاسم سان گڏجي روانو ٿيو ته حضرت پير صاحب جن جي فيض سان بهرور ٿي مريد بنجڻ جو پنڌ ۾ ئي سندس ارادو پختو ٿيندو ويو. هي اندازاً سنہ ١٢٣٠ ھ هو، ۽ نبي بخش جي عمر ان

Gul Hayat Institute

وقت چاليهہ سال کن هئي. روحاني فيض لاءِ عمر جو هي سال هڪ نيڪ فال هو، ۽ جيئن ئي حضرت پير صاحب جن جي نظر تي چڙهيو ته هن عارف سڃاتو ته هن مرد ۾ سٽيا آهي ۽ کيس سهاري جي ضرورت آهي. پاڻ کيس ڳرهاٽي ڏيئي ويهاريائون ۽ ذڪر جي تلقين ڏيئي فرمايائون ته: 'تياري ڪريو ته فقير کي خلافت جي پڳ ٻڌايون'. نبي بخش عرض ڪيو ته: 'قبلا! آءٌ ڏٽيءَ جو نانءُ پڇڻ ۽ مريد ٿيڻ آيو آهيان، ۽ خلافت جي بار کڻڻ جهڙو ناهيان. سنڌ ۾ اوهان جي نامور خليفن ڪا جاءِ فيض کان خالي ڪانہ ڇڏي آهي'. پير صاحب جن جواب ڏنو ته: 'نبي بخش! تنهنجي رسائي اتي ٿيندي جتي ٻيا اڃان نه پهتا آهن'. ائين چئي بروقت کيس خلافت جي پڳ ٻڌائي سندس حق ۾ دعا گهريائون. انهيءَ قرب ۽ دعا نبي بخش کي گرويده بنائي ڇڏيو. حضرت پير صاحب جن سان سندس دلي ارادت ۽ عقيدت مضبوط ٿي ۽ هن خلافت جي فيض کي دور دراز خطن تائين پهچائڻ جو پڪو پهه ڪيو.

رياضت ۽ عبادت. حضرت پير صاحب جن جي فيض ۽ تلقين سان خليفي صاحب جا غم ميٽجي ويا ۽ روحاني خوشيءَ جا دروازا کلي پيا. پنهنجي ماسات قاسم سان سندس دلي محبت جا پيوند ويتر پختا ٿي ويا، جو هن نيڪ صلاح ڏيئي کيس مرشد ڪامل تائين پهچايو. هن الاهي محبت سان سرشار ٿي موٽڻ بعد دنيا جا وهنوار ترڪ ڪري اچي رياضت شروع ڪيائين ۽ ڏها ۽ چاليها ڪڍيائين. خليفي صاحب جي مرشد سان سچي محبت ۽ دلي عقيدت، ڪانئن جدا فراق واري حالت، زيارت جي ڪشش ۽ بار بار حاضري ۽ خدمت، ۽ مرشد جي راض ۽ روحاني فيض جي نعمت جون مقالون حضرت روضي ڏٽي جي جماعت ۾ سگهوئي مشهور ٿي ويون. ڪيترائي درگاه جا مريد ۽ سچا فقير گهر ٻار ڇڏي تارڪ بنجي اچي خليفي صاحب جي خدمت ۽ صحبت ۾ گذارڻ لڳا، جن کي خليفي صاحب نفس جي پاڪائي خاطر عبادت ۽ رياضت جي تلقين ڏني، ۽ پاڻ سان گڏ ساڳئي وقت ڏهن ۽ چاليهن ۾ ويهاريو. سندس هڪ چلو، جو چاليهن ڏينهن جي رياضت جو هو، سو جماعت جي فقيرن ۾ ڪافي مشهور آهي. اهو چلو خليفي صاحب، پراڻ جي اپرندي ڪنديءَ تي، 'ونگهي' لڳ هڪ ٻڙ جي هيٺان ڪڍيو ۽ انهيءَ ڪري 'ٻڙ وارو چلو' سڏجي ٿو. انهيءَ موقعي تي سندس طالبن مان

Gul Hayat Institute

جيڪي تارڪ فقير هن رياضت ۾ شامل ٿيا ۽ چلن ۾ ويٺا سي هيءُ هئا:
١. گولو فقير لوهار، ٢. هاشم فقير پٽو ٻنڀي (ڪڇ) جو، ٣. جان محمد فقير (پڇم جو؟)، ٤. ڏارو فقير ڦڙڪارو، ٥. گولو فقير ڪانائي، سوهڻ (لڳ نيدو شهر) جو. هن چاليهن ڏينهن جي چلي ۾، خليفو صاحب ۽ ٻيا سڀئي فقير هڪ ڪارڪ تي روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڪارڪ تي ڇوڙيندا هئا، ۽ ڪوزن سان پاڻي ڍڪ پيئندا هئا. ٻيو ڪاڌو پيتو بند هو، ۽ سندن سڄو توجهه عبادت ۽ ذڪر فڪر ڏانهن هو.

مريدي ۽ خلافت جي فيض ڪان پوءِ ٽي سال ڪن رياضت جو سلسلو جاري رهيو جنهن خليفي صاحب جو اندر اجاري اڇو ڪيو. حضرت پير صاحب جن جي محبت ۽ تلقين سان خليفو صاحب ٿوري ئي عرصي ۾ رچي لال ٿيو. هن وقت قدرت طرفان خليفي صاحب لاءِ هڪ روحاني صدمو منظور هو. رمضان سنه ١٢٣٣ هه ۾ سندس مرشد رهبر جناب حضرت پير صاحب محمد راشد رحه وفات ڪئي. هڪ سچي طالب لاءِ هيءُ هڪ وڏو صدمو هو، پر خليفي صاحب جو حوصلو بلند هو، ۽ همت ۽ توڪل سندس سرشت ۾ سمايل هيون. روحاني فيض سبحان ڏٺيءَ تي توڪل ۽ سندس رضا جي تمنا مٿس غالب رهي، انهي ڪري هن فراق کي رضا الاهي ڄاتي، حضرت روضي ڌڻي جي ذڪر ۽ تلقين ڪني عام ڪرڻ جو عزم ڪيائين. خلافت جي امانت جا مرشد ڪامل ڪيس سونپي هئي ان جي جوابداري محسوس ڪري، درگاه جي خدمت ۽ خلق خدا سان محبت ڪي زندگي جو شيوو بنايائين.

Gul Hayat Institute

جناب حضرت روضي ڌڻي بعد سندن فرزند حضرت صبغت الله شاه رحه سجاده نشين ٿيو، جنهن هڪ طرف سنڌ ۽ ان سان لاڳو علائقن جي عوام ۾ اسلامي تبليغ ۽ تلقين جي سلسلي کي وسيع ڪيو ته ٻئي طرف هن برصغير ۾ اسلام جي اقتدار ۽ مسلمانن جي آزادي ۽ وقار وارين تحريڪن سان پاڻ کي وابسته ڪيو. سيد احمد شهيد رحه بريلوي سنڌ ۾ آيو ته پير صاحب صبغت الله شاه ئي سندس دلي مرحبا ڪئي، ۽ سندس جهاد واري تحريڪ جي پوري پٺڀرائي ڪئي: ٻين با عمل عالمن ۽ صالحن کي پڻ سيد صاحب جي حمايت لاءِ آماده ڪيائون، پنهنجن مريدن مجاهدن جا دستا سيد صاحب سان گڏي موڪليائون، ۽

پويان مسلسل رسد ۽ امداد جو انتظام ڪيائون. پير صاحب جن جي جماعت ۾ آزادي جي علمبردارن ”حرن“ جو بنياد آن ڏينهن کان پيو. خليفو نبي بخش صاحب همت، جرأت ۽ صداقت ۾ پنهنجو ست پاڻ هو ۽ جهاد لاءِ جهڙس ڪارگر ڪمانڊر پيو ڪونه ٿئي ها پر حضرت روضي ڌڻي جن ڪيس خاص طرح روحاني فيض جي تبليغ خاطر خلافت جي پڳ ٻڌائي هئي؛ انهيءَ ڪري غالباً حضرت صبغت الله شاه طرفان پڻ ڪيس حضرت روضي ڌڻي جي ارشاد جي تعميل ۽ تڪميل لاءِ تاڪيد ٿيو. حضرت صبغت الله شاه جي تيرهن سالن واري دور (١٢٣٣-١٢٤٦هه) ۾ خليفو صاحب رات ڏينهن انهيءَ ڌن ۾ رهيو ۽ سنڌ کان ونئي ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف عابدن، صالحن ۽ عقيدتمندن جو هڪ وڏو گروه پيدا ڪيائين.

سندس هن تبليغ ۽ تلقين جي شروعات سنڌ ۾ موجوده ٽنڊي باگي، بدين ۽ ڏيپلي تعلقن وارين اراضين سان ٿي جتي پنج - ڇهه هزار ماڻهو خليفي صاحب جي صحبت ۾ حضرت پير صاحب پاڳاري جي جماعت جي دائري ۾ داخل ٿيا جن مان ڪي خاص گروه هي هئا: عليائي ۽ احمدائي لغاري تعلقي ٽنڊي باگي جا، ٽالپور ۽ خاصخيلي ولاسيي جا، ٽيٻا ڪيڏڻ جا، ڪپري بلوچ ونگيي جا، چانديا ۽ نهڙيا ڪاڪ جا، ساند مورَ هنڌي جا، ڪيريا ۽ ڳاها ٽيڙر (لڳ خيرپور گنبو) جا، ڪاڻائي نيدي شهر جا، ڪوسا ’ويءُ بهادر‘ جا وغيره. سنڌ کان ٻاهر خليفي صاحب ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف پنهنجي تبليغ جي دائري کي وسيع ڪيو ۽ اتي پڻ ڪي هزار ماڻهو جماعت جي زُمري ۾ داخل ٿيا. ڪڇ ۾ ’بني‘ واري پرڳڻي ۾ گام مٽوا ۽ ٻين ڳوٺن وارا مريد ٿيا. ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف هڪ وڏو تعداد جماعت ۾ شامل ٿيو، جن مان هيٺيان ماڻهو خليفي صاحب جا خاص صحبتي ۽ تبليغ ۽ تلقين ۾ سندس خاص خليفا ٿيا: ١. ڪٽي ابا جمال، ڪٽي آدم ۽ ڪٽي جان محمد شهر ڪوٽ رامود (رياست ڪوٽڙو سانگهاڻي، گونڊل کان ڏهه ميل ڪن اوپر) جا. ڪٽي ابا جمال، خليفي صاحب جي آمد ۽ منزل لاءِ ’خليفي صاحب جو اوتارو‘ قائم ڪيو. ٢. سيد عبدالقادر، شهر ڌوراجي جو. سيد صاحب پاڻ وقت جو عالم، وڏي اثر رسوخ ۽ پيري مريدي وارو هو. خليفي صاحب جي صحبت جو مٿس وڏو اثر پيو ۽ آخر عمر ۾ خود جناب پير صاحب حزب الله شاه کان روبرو ذڪر ورتائين. سيد عبدالقادر جي مسجد سندس مرشد جي نالي پويان ”سائين واري مسجد“

(يعني پير سائين واري مسجد) سڏجڻ لڳي ۽ اڄ تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي. سيد عبدالقادر جو روضو، ڏوراجي جي 'باهڙپوره' پاڙي ۾ زيارت گاه عام و خاص آهي. ٣. مولوي محمد صاحب ڏوراجي جو ۽ ڪانئس پوءِ سندس* پٽ مولوي ابو. ٤. حاجي موسيٰ موتي–والا شهر ڏوراجي جو. ٥. راڻي راج - بختو، جهوناڳڙهه جي نواب بهادر خان جي گهر واري، خليفي صاحب جي معتقد ٿي ۽ وڏا خير جا ڪم ڪيائين. ٦. جمعدار اسحاق ۽ جمعدار جاسين، ڏونگرگام (پائونگر) جا. ٧. بيگ محمد شهر پاليتانا جو. ٨. جمعدار الله رکيا ۽ سندس پٽ عبدالله، جمعدار ڪامل ۽ جمعدار مٺو جُمو 'تاتنيا' (رياست پائونگر) جا. ٩. جمعدار لعل محمد 'پاڻ وڙ' (رياست پائونگر) جو. ١٠. يوسف زري- والا، شهر ليمبڙي (رياست ليمبڙي) جو. ١١. عثمان بن تار محمد شهر موربي (رياست موربي) جو. ١٢. نور محمد مومنا، شهر واڪانير (رياست واڪانير) جو. ١٣. جلا پگت شهر ويرپور (رياست ويرپور) جو، جو خليفي صاحب جي صحبت ۾ مسلمان ٿيو. ١٤. اسُو ميان ۽ جمُو ميان ذات جا ڏل 'ڪيرالو' (رياست ٻڙودو) جا. ١٥. هڪ ميمڻ سيٺ 'اسل سار' (لڳ بمبئي) جو جنهن جي اولاد مان پوءِ موسيٰ ميمڻ ٿيو. انهن کان سواءِ راجڪوٽ، پوربندر، منگرول ۽ رياست پائونگر جا ڪيئي ڳوٺ (خصوصاً ڏونگرگام، تاتنيا، آسراڻا ننڍا ۽ آسراڻا وڏا، چاپريون، ٻيڙا، ليڪاڙا، مٺوا، وڪٽر بندر) توڙي پاليتانا ۽ رياست ٻڙودي جا ڪيترائي ڳوٺ سربستا مريد ٿي جماعت ۾ شامل ٿيا. خليفي صاحب پنهنجي مڙني معتقدن کي قادري سلسلي جو ذڪر ڏنو ۽ درگاه حضرت پير صاحب پاڳاري ڏانهن متوجه ڪيو. باوجود وڏي اثر رسوخ جي پاڻ پير ڪونه بڻيو ۽ پاڻ کي هميشه درگاه جو خادم ۽ روضي ڌڻي جو خليفو سڏايائين. ان جماعت جي استدعا تي جناب شمس العلماء پير صاحب شاه مردان شاه (ڪوٽ ڌڻي) ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف سفر ڪيا ۽ ويندي پاڪستان جي قيام تائين پير صاحب پاڳاري جي جماعت جو اهو سلسلو ۽ نظام اتي جاري رهيو. (١)

---

(١) طالب علمي جي زماني ۾ بهاؤالدين ڪاليج جهوناڳڙهه ۾ چار سال ١٩٣٧-١٩٤١ع رهڻ ٿيو ۽ ان عرصي ۾ بعضي جڏهن ڪاٺياواڙ جي ڪن شهرن ۾ وڃڻ پئي ٿيو ته اتي جا ڪي ماڻهو سنڌي سمجهي وڏي محبت سان ملندا هئا ۽ چوندا هئا ته اسين اصل روهڙي واري پير جا مريد آهيون.

Gul Hayat Institute

ڪانياواڙ ۽ گجرات طرف خليفي صاحب جو تبليغي سلسلو جناب حضرت روضي ڌڻي رحه جي وفات (۱۲۳۳ھ) بعد شروع ٿيو ۽ اندازاً ۲۵ سال جاري رهيو. جناب پير صاحب صبغت الله شاه جي عملي ۽ مجاهدانہ زندگي واري نظريي خليفي صاحب جي هن ڪوشش کي ڪامياب بنايو ۽ جناب پير صاحب جن جي سجاده نشيني واري تيرهن سالن جي عرصي (۱۲۳۳-۱۲۴۶ھ) ۾ ڪانياواڙ ۽ گجرات طرف انهيءَ تبليغ ۽ تلقين جا بنياد پختا ٿيا.

زندگيءَ جو ٽيون دور

رمضان ۱۲۴۶ھ ۾ مجاهد اول پير صاحب صبغت الله شاه وفات ڪئي ۽ ڪائنن ۾ ٻوءِ سندن فرزند جناب پير صاحب علي گوهر شاه صاحب سجاده نشين ٿيو، جو پنهنجي علم ۽ فضل سان گڏ محبت ۽ درد پيري دل رکندڙ ۽ فقيري حال ڏانهن مائل هو. 'اصغر' جي تخلص سان پنهنجي حال جو اظهار ڪافين ۾ ڪيائين جي سنڌي ڪافي جي صنف ۾ معياري حيثيت رکن ٿيون. سندن سجاده نشيني وقت خليفي صاحب جي عمر پنجاه سالن کان مٿي هئي ۽ فقيري جي مٿس موج هئي. خليفو صاحب پنهنجي صورت ۽ سيرت، همت ۽ جرأت، توڪل ۽ صداقت سببان جماعت ۾ برک هو ۽ انهيءَ ڪري حضرت پير صاحب جن جو به مٿس خاص راض رهيو. حضرت اصغر صاحب جن جي صحبت جي فيض، سندن محبت پيري دل ۽ شاعرانہ ذوق کان خليفو صاحب گهڻو متاثر ٿيو، ۽ حضرت پير صاحب جن جي سجاده نشيني واري دور (۱۲۴۶-۱۲۶۳ھ) ۾ ئي خليفي صاحب پنهنجي ڪلام جو وڏو حصو چيو ۽ شاعري جي سلسلي کي اوج تي پهچايو. ۱۲۴۹ھ ۾ افغانن جي لشڪر شڪارپور ۽ سکر کان سنڌ تي چڙهائي ڪئي ۽ آخر ڪرڙيءَ ۾ سنڌ جي دفاعي لشڪر تي اوچتو حملو ڪيو جنهن ۾ سنڌ جا ڪيئي ڪونڌر ڪُسي ويا. همت ۽ جرأت، وطن جي حب ۽ مردانگي خليفي صاحب جي سرشت ۾ سمايل هيون: هن حادثي سندس طبيعت تي ايڏو اثر ڪيو جو وطن جي انهن سرويچ سورهين کي جسن ڏيڻ لاءِ 'سر ڪيڏارو' جوڙيائين. ان بعد سنہ ۱۲۵۴ھ ۾ 'سسئي پنهون جو داستان' سرائڪي زبان ۾ جوڙي راس ڪيائين. هن عرصي ۾ ڪانياواڙ ۽ گجرات طرف سندس سفر جاري رهيا، ۽ خود سسئي جو داستان شهر ڪوٽ رامود (رياست ڪوٽڙو سانگهاڻي، ڪانياواڙ) ۾ ۲۵- ذوالقعده سنہ ۱۲۵۴ھ ۾ پورو ڪيائين.

سنہ ۱۲۵۹ھ ۾ سنڌ تي انگريزن غاصبانو قبضو ڪيو. وطن جي آزادي جي خاتمي هن وطن دوست جي عملي زندگي تي پڻ وڏو اثر وڌو. سنڌ جي اندروني حالتن سببان في الحال سندس ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف وارين مسافرين تي اثر پيو، ۽ خليفي صاحب جو اڪثر وقت سنڌ ۾ پنهنجي اهل و عيال ۽ فقيرن ۽ درويشن جي صحبت ۽ حضرت پير صاحب جن جي زيارت ۽ خدمت ۾ گذرڻ لڳو.

پنهنجي مربي ۽ دوست مير باگي خان جي وفات کان پوءِ خليفي صاحب کي بدام وارن پٽن ۾ رهڻ ذرا ڏکيو ٿي پيو هو. انگريزن جي قبضي بعد ٽالپور اميرن جو اڳيون اوج باقي نه رهيو، ۽ انگريزن پڻ پنهنجي رٿيل منصوبي سببان کين خانداني جهيڙن جهڳڙن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. انهي ڪري انگريزن جي قبضي بعد، خليفي صاحب بدام وارا پٽ ڇڏي اچي ٽنڊي باگي شهر کان ٦ ميل اوپر طرف باگي واه جي اترئين ڪپ تي موجوده ڳوٺ (تعلقو ٽنڊو باگو) ٻڌو. سندس فرزند مراد علي ۽ احسان علي ان وقت زنده هئا. اصل ڳوٺ 'ميثي' جي نالي سان هن نئين ڳوٺ جو نالو پڻ "مٺي وارا خليفا" مشهور ٿيو*، جو خليفي صاحب ڳوٺ تي پنهنجو نالو رکڻ مناسب نه سمجهيو.

سنہ ۱۲۶۳ھ ۾ جناب پير صاحب علي گوهرشاه صاحب "اصغر" وفات ڪئي ۽ مرشد مربي جي قرب ۽ محبت وارين صحبتن کان محرومي خليفي صاحب لاءِ هڪ وڏو روحاني صدمو بڻي. جناب پير صاحب 'اصغر' جن کان پوءِ سندن فرزند پير صاحب حزب الله شاه (تخت ڌڻي) سجاده نشين ٿيو. سجاده نشيني وقت سندن عمر اجان پورا پنج سال به ڪانه هئي. خليفي صاحب جي عمر ان وقت ۳۷ سال کن هئي. جناب حزب الله شاه جن جي تربيت ۽ تعليم جي باري ۾ خليفي نبي بخش صاحب وڏو ٻهرو ورتو. هڪ پيري خليفو صاحب درگاه تي ويو ته ڌنائين ته نوازيو نالي ڪامي (خادم) ۽ ٻيا، ٻلبلين ڦاسائڻ خاطر پيا پير صاحب

---

* پڻ "ڳوٺ، نار وارا خليفا" سڏجڻ لڳو. 'نار'، درياء جو هڪ اڳوڻو ڦاٽ هو، جنهن جي وهڪري واري پيٽ جا نشان اجا تائين خليفن جي ڳوٺ جي اتر اولهه طرف موجود آهن. سنہ ۱۸۷٦ع واري سيٽلمينٽ بعد هن ڳوٺ جو نالو خليفي علي بخش (بن خليفو احسان علي بن خليفو نبي بخش) جي نالي پويان ڦري "ڳوٺ خليفو علي بخش" (ديهه آنڙڪي، تپو ٻڪيو چالديو) ٿيو.

Gul Hayat Institute

جن سان گڏ ڊيب اڏارائين. خليفي صاحب کين زبردست تنبيهه ڪئي ته: ’اڙي نمڪحرام! اوهان به ڪامي ٿيا آهيو جو اهڙا ڪم پيا ڪريو! اوهان ته هن ڪي پير جو پٽ سمجهي پيا راند ڪرايو، پر هن صاحبزادي ۾ اها مٽيا آهي جو جيڪي جيئرا هوندا سي ڏسندا. اوهان ڪي ڪو عالم ڪونه ٿو ملي جو پير صاحب جن کي سندس حوالي ڪريو جيئن استاد جي اجازت کان سواءِ ڪنهن به ٻيءَ ڳالهه ۾ مشغول نه ٿئي‘. ان بعد جيستائين پير صاحب جن جي تعليم جو انتظام نه ٿيو تيستائين خليفي صاحب درگاه کان نه چڙهي.

خليفي صاحب جو وڏو فرزند مراد علي ڪجهه اڳ ۾ لا ولد فوت ٿي چڪو هو. ان بعد سندس ٻئي فرزند خليفي احسان علي پڻ خليفي صاحب جي آخري عمر ۾ وفات ڪئي. خليفي صاحب لاءِ هاڻي باقي سهارو سندس پوٽا (خليفي احسان علي جا پٽ) غلام نبي ۽ علي بخش وڃي بچيا. زندگيءَ جي هن پوئين دور ۾ خليفو صاحب فقط مرشد ۽ درگاه جي زيارت لاءِ ويندو هو، باقي سندس سڄو وقت ڳوٺ ۾ ئي ٿي گذريو، جتي سندس ساٿيارن، درگاه جي خليفن ۽ جماعت جي فقيرن اچي ٿي ساڻس صحبتون ڪيون. سڄي عمر جي دستور موجب آخر دم تائين عبادت ۾ مشغول رهيو. نماز جا پنجئي وقت تهجد ۽ اشراق سميت پڙهندو هو، ۽ رمضان شريف جي مهيني کان سواءِ پڻ هر مهيني جا اڪثر ڏينهن روزي ۾ گذاريندو هو. پنهنجن پوٽن، غلام نبي ۽ علي بخش جي تربيت ۽ تعليم طرف آخري دم تائين سندس توجه رهيو. سندس وڏو پوٽو غلام نبي عاقل، بالغ ۽ نوجوان هو جو خليفي صاحب وفات ڪئي.

خانداني روايتن موجب خليفي نبي بخش صاحب ڪافي وڏي عمر ۾ وفات ڪئي، ۽ وفات وقت سندس عمر ڪم از ڪم نوي سال هئي. انهي انداز موجب خليفي صاحب سنه ١٢٨٠ هه (١٨٦٣ع) ڌاري وفات ڪئي. وفات واري رات جي شام جو سندس صحبتي ۽ ساٿياري، ڳوٺ ’مور‘ (لڳ ڏندو) جو ميون (ذات جو ترڪ) ڪيس ملڻ لاءِ آيو. خليفو صاحب بيمار هو ۽ ٻاهر نڪرڻ جهڙو ڪونه هو، سو پنهنجي پوٽي غلام نبي کي سڏي چيائين ته: ’ٻاهر وڃي ميين سان مل ۽ ڪچهري ڪر. منهنجو وقت پورو ٿيڻ وارو آهي، انهيءَ ڪري ميين سان اهڙي ته سهڻي مجلس وڃي ڪر جو ائين نه سمجهي ته خليفي کان پوءِ پويان ڪا ڀهر

باقي نہ آهي. منهنجا ڪيس سلام ڏج ۽ چئج تہ هن وقت ٻاهر اچڻ جهڙو ڪونہ آهيان، باقي صبح جو ملنداسون. غلام نبي کي ايتري تعليم ۽ تربيت ملي چڪي هئي جو هن خليفي صاحب جي منشا مطابق سيين سان وڃي سهڻي ڪچهري ڪئي. خليفي صاحب رات جو وفات ڪئي ۽ صبح جو سيون سندس جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيو. خليفي صاحب کي سندس ٻاهرين اوطاق ۽ مسجد لڳ اتر طرف دفن ڪيو ويو، جتي سندس مزار اڄ تائين موجود آهي.

خليفي صاحب جو اولاد

خليفي نبي بخش صاحب کي ٻہ پٽ ٿيا: مراد علي ۽ احسان علي جي ٻئي خليفي صاحب جي حياتي ۾ فوت ٿيا. مرادعلي وڏو هو ۽ لاولد فوت ٿيو. ننڍو احسان علي ١٢٥٩ ھ کان پوءِ ٻہ ٽي سال زنده هو؛ هڪ روايت موجب خليفي صاحب سندس شادي ڳوٺ مير خان لغاري (تعلقو سڪرنڊ) جي 'ميرڪاڻي' لغارين سان ڪرائي، ۽ اها خاتون اتان جي مشهور شاعر حمل خان جي ماسات هئي. احسان علي کي ٻہ فرزند ٿيا: غلام‌نبي ۽ علي بخش جن جي تربيت خود خليفي صاحب پنهنجي عمر جي آخري دور ۾ ڪئي. خليفي صاحب جا هي ٻہ پوٽا، پير صاحب پاڳاري جي جماعت ۾ وڏي نالي وارا ٿيا: خليفي غلام‌نبي جماعت ۾ 'فرق' جو بنياد وڌو ۽ خليفو علي بخش 'سالم جماعت' ۾ نالي وارو فقير ٿي گذريو.

خليفو غلام نبي

غلام نبي سنہ ١٢٥٥ ھ ڄاري ڄائو. ستن اٺن سالن کن جو هو جو سندس والد وفات ڪئي. سندس تعليم ۽ تربيت سندس ڏاڏي خليفي نبي بخش صاحب جي زيرنگراني ٿي. رپ (تعلقو بدين) جي مدرسي ۾ مولوي لطف علي صاحب وٽ فارسي تعليم حاصل ڪيائين. نهايت ذهين ۽ عقلمند ۽ انقلابي خيالات جو هو. خليفي نبي بخش صاحب جي وفات وقت سندس عمر ٢٥ سال کن هئي. سندس ذهن ۽ ذڪاوت تي خود خليفي صاحب کي اعتماد هو جو پنهنجي وفات واري رات کيس 'سيين ترڪ' سان مجلس ڪرڻ لاءِ موڪليائين (١).

---

(١) ڏسو متي ص ص 23-22

Gul Hayat Institute

شجرہ

خليفو نبي بخش صاحب ۽ سندس اولاد

بالاچ خان



Gul Hayat Institute

غلام نبي نهايت ذهين ۽ عاقل هو، مگر ان سان گڏ خود خيال ۽ انقلابي جذبات وارو هو. جناب پير صاحب حزب الله شاه کان تي سال ڪن وڏو هو، ۽ خليفي نبي بخش صاحب جي پوٽي جي حيثيت ۾ ٻال جتيءَ کان پيرصاحب موصوف جن جي صحبت ۽ خدمت ۾ گذاريائين، ۽ وڏو ٿيو ته ساڻس هڪ سچي سروڻ مريد وارو ناتو ڳنڍيائين. پير صاحب حزب الله شاه پنهنجي وقت جو وڏو سخي مرد، سخن سنج، شاعر (تخلص 'مسڪين') ۽ شاهاڻي شان شوڪت جو مالڪ هو. انهيءَ ڪري رياست جي والي مير علي مراد خان ٽوڙي پنهنجي خاندان جي ڪن فردن جون ساڻن رقابتون شروع ٿيون. خليفي غلام نبي سوچ ويچار بعد جماعت کي هن اصول تي منظم ڪرڻ شروع ڪيو ته: 'درگاه ۽ مرشد جي مدد ۽ حفاظت جي ذميواري جماعت تي آهي. انهيءَ لاءِ مرشد جي چوڻ يا ڪانئس پڇڻ جي ضرورت ڪانهي. وقت سر اهو فيصلو جماعت جي مکيه ماڻهن کي ڪرڻو آهي، ۽ هر قرباني ڏيئي ان تي قائم رهڻو آهي. ٻيو ته جيئن خدا هڪ ۽ رسول هڪ آهي تيئن مرشد ٻه هڪ ئي کي تسليم ڪرڻو آهي. مرشد جي ويجهي ۾ ويجهي عزيز جي عزت ڪري سگهجي ٿي مگر ارادت ۽ عقيدت فقط هڪ مرشد سان ئي ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ارادت ۽ عقيدت ۾ مرشد ۽ ڪنهن ٻئي (مرشد جي ويجهي ۾ ويجهي عزيز ٽوڙي ٻئي ڪنهن رئيس، سردار يا حاڪم) جي وچ ۾ 'فرق' ڪرڻ لازمي آهي'.

انهن اصولن جي بناء تي خليفي غلام نبي 'فرق' جو بنياد وڌو. جن انهن اصولن کي قبول ڪيو تن خليفي غلام نبي کي پنهنجي طريقي جو 'مُک' (مکيه اڳواڻ) ڪري تسليم ڪيو ۽ 'فرق وارا' سڏجڻ لڳا، ۽ جن چيو ته مرشد جي چوڻ يا ڪانئس پڇڻ کان سواءِ ڪوبه قدم کڻڻ جائز ناهي، سي 'سالم' (صلح پسند) سڏجڻ لڳا. ارادي جي آزادي ۽ سر جي قرباني ۾ 'فرق وارا' برک ٿيا، ۽ مرشد جي حڪم جي پيروي ۽ پرهيزگاري ۾ 'سالم' سرس ٿيا. 'فرق وارن' جان جي قرباني جي بناء تي پاڻ کي اڳين 'حرن مجاهدن' جو جاءِ نشين بڻايو ۽ عام طور 'حر' سڏجڻ لڳا، حالانڪ ڌارين جي غلامي کان نفرت ۽ انهيءَ بناء تي خصوصاً انگريزن خلاف حقارت وارو جذبو مجاهد اول جناب پيرصاحب صبغت الله جي تلقين بعد درگاه جي سڄي جماعت (فرق خواه سالم) ۾ يڪسان طور رائج

رهيو. بهر حال خليفو غلام نبي هڪ خود خيال ۽ انفرادي شخصيت جو مالڪ هو جنهن 'فرق' جو بنياد وڌو ۽ حر تحريڪ کي 'مڪن' جي اڳواڻي هيٺ نئين نظام جي بنياد تي مستحڪم ۽ مضبوط ڪيو. انهيءَ تنظيم جي بنيادن تي ئي 'حرن' انگريزن جي بي پناه طاقت سان چوٽيون ڪاڍيون, ۽ سنڌ ۾ ڌارين جي غلامي خلاف بغاوت جي جهنڊي کي جهڪڻ نه ڏنو.

خليفي غلام نبي جي اڳواڻي هيٺ 'فرق وارن' پهريون پيرو پير صاحب پاڳاري جي مخالفن ۽ انگريزن جي حامين خلاف ڪارروايون شروع ڪيون, جنهنڪري ڪيس ست سال وطن ڇڏي وڃي حرمين شريفين رهڻو پيو. اتان هڪ 'وڻ' جي صورت نقش ڪري پنهنجي استاد مولوي لطف علي ڏي موڪليائين. ان وڻ جي تارين ۾ پن 'ابجد' جي حساب موجب رکيل هئا جن مان مولوي صاحب عبارت معلوم ڪئي ته, "ڪاتب غلام نبي از مدينه". باوجود انقلابي ۽ عملي زندگي جي ڪشمڪش جي, خليفي غلام نبي پنهنجي ادبي ذوق ۽ شاعرانه شعور کي قائم رکيو. سندس سرويچ ساٿين مان فقير احمد لغاري هڪ معرڪي ۾ سر ڏيئي سرُهو ٿيو هو, انهيءَ ڪري سندس نالي پويان پنهنجو تخلص 'احمد' اختيار ڪيائين. سندس گهڻو جيترو ڪلام قلمي صورت ۾ سندس پوٽي خليفي احمد صاحب وٽ محفوظ آهي ۽ پڻ خليفي نبيبخش صاحب جي رسالي جي نسخي ق جي آخر ۾ قلمبند ٿيل آهي. اهو ڪلام هيٺين عنوانن تي مشتمل آهي: مناجات نبيصلعم, مناجات حضرت عليرض, ابيات در مدح حضرت مرشد پير سائين, سي حرفي 'سسئي پنهون' در زبان سندهي, ابيات راڳ ڪليان (در بيان رموز عاشق و معشوق), ڪافيون (مختلف سرن مان جملي سورهن), حمد (هڪ), ۽ فرد فارسي, مثنوي (تصوف) زبان هندوي, ٻچن (هندي, ٻارهن) راسڙا (ڏهه), سبڌ (شبد) زبان گجراتي (هڪ), دوهو (هڪ) ۽ نظم فارسي بعنوان "عريضي عاشق در حضور معشوق". سندس ڪلام مان ڪي مثال نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

ابيات در مدح حضرت پير سائين

اول الله چان اڪبر - جنهين خلقي خلق خوشتر - سين ڪان پاڪ آ پرور
وڏائي هيبت و حشمت, جڳائي نت جباري کي
هزارين رحمتون هردم, 'لڪياري' جون 'لغاري' تي...

سمند تي سوار ٿي آيو ـ رکيائين عشق جو رايو ـ کيائين دين جو سعيو
نبي اڇي نور سان پنهنجي ، اُجالو ڪيو انڌاري کي
هزارين رحمتون، هردم ’لکياري‘ جون ’لغاري‘ تي...

مچي ميدان ۾ بيهي تون ـ پاڻيءَ جان رت جگر پي تون ـ حسيني حال ۾ ٿي تون
نشو وٺ نامرادي جو ، قطع ڪر ڪامگاري کي
هزارين رحمتون هردم ، ’لکياري‘ جون ’لغاري‘ تي

جتي مردن سندا سيڙا ـ ڪرن خونيون ڪنا ڪيڙا ـ اتي پيٺو نه ٿيا پيڙا
ڪپائن سر اڇي سائُو ، رکن هردم هوشياري کي
هزارين رحمتون هردم ، ’لکياري‘ جون ’لغاري‘ تي

مرڻ جي ويل جي سر ڪيا ـ ڪسڻ ۾ ڪينڪي ڪر ڪيا ـ خداسي ’حيدري حر‘ ڪيا
پسند پرين ڪيو آهي ، تني جي جان ’نثاري کي
هزارين رحمتون هردم ’لکياري‘ جون ’لغاري‘ تي...

مڙيئي مذڪور ڇڏ ماضي ـ توڪل رک سدا غازي ـ رضا تي ره ادا راضي
خزان جي خوف کان لنگهه تون ، سدا ڏس بو بهاري کي
هزارين رحمتون هردم ، ’لکياري‘ جون ’لغاري‘ تي

سي حرفي سسئي

الف اکر هيڪڙو سسئي تون ساريج   پيون پيائيءَ جون وهلي وساريج
ونءُ تون پنيءَ ورجي هت گهڙي نه گهاريج   پيرو پنهونءَ چام جو نمي نهاريج
رچ ۾ رات رهيج ، متان ويجهي وڃين وس ڪي...

بي ڏون ڪيم يار ، هادي هردوجهان جو   شافع شان وڏي سان سڀني جو سردار
وهلن سندو واهرو اڙين جو آڌار   ’وما ارسلناڪ الا رحمة للعالمين‘ پس پنهون جا پار
’ليس ڪمثله شيءُ‘ مت نڪو مختار
’انا من نور الله وڪل شيءِ من نوري‘ ڏس جانب جا جنسار
سڄڻ جي سينگار ، سوين موهيون سسيون .

بيت سر ڪلياڻ

تون مالڪ ميخان جو ، تون سري جو سردار
تون موکي مٽن جو ، تون مڙني جو مهندار

Gul Hayat Institute

تون هي سربي مٿي جو، تون مَد سندو مختار
تون ڏيندل تون ڏاتار، پيا سڀ پينو پڪ جا .

محبت جي ميدان ۾ پاهون پير م پاءِ
کنڌ م ڦيرج ڪيڏهين، رک نينن منجهہ نگاہ
سوري مٿي ساهون آمالڪ تون آءُ
قربين جي قدم تان صدقو ڪجا ساہ
ڪسڻ ڏاران قرب ۾ پيا سڀ نلا ناہ
جتي سوري سڏ ڪري ات گڙو ٿيڻ گناہ
تون احمد ڪنڌ ڪپاءِ، چڙهہ سوري ٿيءُ سنرو .

بيت سر مٺي

ڪيچي رنا ڪوہ، سڏ نہ پيم سرتيون
مادر! وٺو مٿيءَ ڪي ڏيئي آرياڻي اندوہ
وٺيا ڪين ور ڪي، جيڪس ڏکيءَ ڏوہ
انگ نہ مٿي اديون جيڪي لکيو لوح
پچڙا پيا پنهونءَ لاءِ هن رليءَ ڪي روہ
ڪر تبارڪ! توہ، تہ موٽي ملان سڄڻين .

ڪافي سر ڪاموڏ

هو جي وڳر وڇوڙي ڪيا ويچون، والي آڻ وطن تي واري
۰۱ ديس ڇڏي پرديس پکي ويا، چوڻ چوڳت ڪنهن چاري
۰۲ سَرَ سڄون ڏسيو هي هي هنجهن ري، هينڙو هنجون تو هاري
۰۳ جني هنجهن جا تار ۾ تڪيا، سي ترن ڪيئن تانگهاري
۰۴ جني پکيان سان پيچ پرت جا، سا سنگت ساہ تو ساري
۰۵ احمد آسڻ ڏسيو ان جا، جيءَ جهڄي جهونگاري

ڪافي سر پاوڙي

آءُ مل جاني تون مشتاقن سان - وو عشاقن سان
۰۱ رسڻ ريتيون يار پيارا، دلبر نہ ڪر تون ديوانن سان

Gul Hayat Institute

۲. ڪرن سان هردم خوش ڪلين ٿو، ڪڏهن مرڪين نامستانن سان
۳. سڪڻ سوري يار سڄڻ لئي، اندر پريو آزارن سان
۴. آپير پري تون ڏس ڏکيءَ کي، جانڊر ماريئي وو نظارن سان
۵. احمد عاشق جي تون آهين، رکج سچ تون سچارن سان

ڪافي سر (؟)

سديون ڪيائون سباح، پرين اج پرتا — سڄڻ اج سرتا
۱. اج مڙيئي معافي ٿيڙا، گوليءَ جا بہ گناه — دلبر جي در تا
۲. ڪرم ڪري ڪيائون ڏاه ڏکيءَ جي، ڪٽي نين نگاه — گهوري ان نظر تا
۳. پاڻ پتلائي پرين اچ آيا، جنهن لاءِ سڪيو ٿي ساه — وري آيو ور تا
۴. لٿو فرق فراق جو، اکين ۽ ارواح — ڪٽيو آزار اندر تا
۵. اگڻ آيم عيدان ٿيڙون، وصل ٿيو وه واه — ڪامي ويا کر تا
۶. احمد عاشق جي تون آهين، وٺ رندن جي راه — محب اگيان مر تا

فرد فارسي

تا سر و پا غرق ام در چاهِ نفسي مرسلا!
دست گيرد لطفِ تو تا من شوم بيرون ز بيرُ

دوهو

جس پارس سين سونا ٿيا، وه پارس ڪچا
جس پارس سين پارس ٿيا، وه پارس سچا

Gul Hayat Institute

مقصد تہ خليفي صاحب جي پوٽن مان خليفي غلام نبي رندي، سورهيائي ۽ سرويچي جي راه اختيار ڪري 'فرق جماعت' جو بنياد وڌو، ۽ خليفي علي بخش 'سالم جماعت' جي سلسلي ۾ صلح پسندي ۽ فقيري کي پنهنجو شيوو بنايو. منجهائن هرهڪ جي اولاد تي پڻ اهو رنگ غالب رهيو. خليفي علي بخش جو اولاد 'سالم جماعت' جي روايات تي قائم رهيو. ڪانئس پوءِ سندس وڏو پٽ مرحوم فيض محمد (وفات ۱۹۴۰ع) خليفو ٿيو، ۽ هن وقت سندس ننڍو فرزند حاجي شيرمحمد صاحب سيني ۾ وڏو (عمر ستر ورهيہ)، جهان ديده ۽ ڪچهري جو مور آهي. ذاتي

ورونهہ خاطر 'عمر- مارئي مثنوي' جوڙي شاعري جي روايات کي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس . خليفي فيض محمد جو پٽ خليفو محمد هاشم جماعت جو هڪ باهمت ڪارڪن آهي .

خليفي غلام نبي جي اولاد مان 'فرق جماعت' جا سورهيہ ۽ سرويچ مرد پيدا ٿيا، جن انگريزن جي حڪومت جي غلامي واري دور ۾ وڏيون سختيون سٺيون . خليفي جي ٽنهي پٽن انهن سختين سببان ڪو وقت وطن ڇڏي وڃي ڪانياواڙ کي وسايو ۽ ٽنهي وفات بہ اتي ڪئي . سندس ننڍي پٽ احمد سنہ ١٣١٠ھ ۾ شهر ڏوراجي ۾ وفات ڪئي ۽ سيد عبدالقادر جي روضي ۾ مدفون ٿيو ; ان کان وڏي مراد علي سنہ ١٩٣١ع ۾ وفات ڪئي ۽ شهر گونڊل جي "نوان پير مقام" ۾ سندس مامي خان محمد سان گڏ مدفون ٿيو. سڀني کان وڏي فرزند احسان علي کي انگريزن سنہ ١٩٣٢ع ۾ سنڌ مان جلا وطن ڪري شهر ڌوليا (خانديش) جي 'حر ڪئمپ' (١) ۾ موڪليو جتي سنہ ١٩٣٦ع ۾ انگريزن جي نظربند قيدي جي حيثيت ۾ وفات ڪيائين ۽ 'ننڍي ندي' جي ڪناري تي، 'موسن واڙي' جي سامهون مدفون ٿيو، جتي سندس قبر تي پٿر جو قبو آهي.

خليفي غلام نبي جي اولاد مان هن وقت خليفو احمد صاحب، (عمر ٥٨ ورهيہ) سڀني ۾ وڏو آهي. جواني کان وٺي مجاهد ثاني پير صاحب صبغت الله شاه شهيد جي خدمت ۽ انگريزن خلاف نفرت ۽ بغاوت جي جدوجهد ۾ مشغول رهيو، جنهنڪري ڇهہ سال سنڌ کان جلا وطن ٿي انگريزن جي ڪئمپن ۾ نظربند رهيو. جنوري ١٩٣٠ع ۾ کيس جلا وطن ڪري بيجاپور ڪئمپ ۾ موڪليائون جتان سندس باغيانہ پرچار سببان ڇهن مهينن بعد کيس 'و د ڪئمپ'، ڏانهن موڪليائون . ڇهن مهينن بعد اتان ڪيڏي کيس 'دوهد ڪئمپ' ڏانهن آماڻيائون

---

(١) فرق وارن حرن، انگريزن خلاف نفرت ۽ انگريزن جي قاعدي قانون کي ٽوڙڻ واري باغيانہ تحريڪ کي جاري رکيو، جنهنڪري انگريزن وقت بوقت حرن جا ٽولا سنڌ مان جلاوطن ڪري ٻاهر ڪئمپن (Hur Concentration Camps) ڏانهن پٺي روانا ڪيا، جتي منجهائن ڪيترائي سالن جا سال سختيون سهندا رهيا ۽ مرڻ کي مري ويا پر 'فرق' ڇڏي انگريزن جي قانون آڏو سر نہ جهڪايائون. هندوستان طرف هن قسم جون 'ڪئمپون' هيٺين شهرن ۾ هيون: ١. چارا نگر (احمدآباد کان ٣ ميل، نزديڪ نروڙا) ٢. دوهد (ضلع گودرا، نزديڪ ٻڙودا) ٣. امبرنات (ڪلياڻ، بمبئي کان ٣ ميل) ٤. ڌوليا (خانديش) ٥. مـهـُود (پنڊل پور کان ڏهہ ميل) ٦. بيجاپور ٧. شولاپور ٨. آڪلڪوت (ضلع احمد نگر).

جتي ٽي سال نظر بند رهيو. جڏهن اتي پڻ انگريزن خلاف نفرت جو جذبو جاڳايائين ته ڪيس منتقل ڪري ’چارا نگر‘ ڪئمپ ۾ نظر بند ڪيائون، جتان ٻن سالن بعد آزاد ٿي ١٩٣٦ع ۾ واپس سنڌ آيو. جناب پير صاحب صبغت الله شاه ثاني جي شهادت بعد انگريزن پير صاحب پاڳاري جي گادي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهيءَ مقصد پوري ٿيڻ کان اڳ ڪين مجبور ٿي ملڪ ڇڏڻو پيو. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد دوباره پير صاحب پاڳاري جي گادي قائم ڪرائڻ ۾ خليفي احمد صاحب جماعت جي اڳواڻي ڪئي؛ سندس ڪوششون بالآخر ڪامياب ٿيون ۽ موجوده پير صاحب پاڳارو جناب سڪندر شاه صاحب عرف شاه مردان شاه ثاني گادي نشين ٿيو. هن وقت خليفو احمد صاحب انهيءَ خوشيءَ ۾ مست آهي ۽ گمنامي جي گوشي ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن بسر ڪري رهيو آهي.

(ب) خليفي صاحب جي شاعري

شاعري جا دور

خليفي صاحب جي سوانح جي تجزيي ۽ تفصيل جي بناء تي سندس شاعري کي مجموعي طور ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. (الف) شروعاتي دور (١٢١٠-١٢٣٠هه) جڏهن سندس جواني هئي ۽ کيس محبت ۽ مجاز جي چوٽ لڳي. مداحون (ص ص ٢٠٧-٢١٣) جي روايتي رنگ ۾ رچيل آهن سي هن دور جي بلڪل شروعات ۾ ابتدائي مشق طور چيل ٿيون پائنجن. مجازي محبت جي چوٽ لڳڻ بعد ئي خليفي صاحب جي صحيح معنيٰ ۾ شاعري شروع ٿي. سندس ماسات قاسم هڪ ته هن محبت جي داستان جو رازدان هو ۽ ٻيو ته خليفي صاحب جي سانس دلي پريت هئي: ”آوي قاسم جنهن ڪاڻ سڪان“ (ص٢٢٧). انهيءَ ڪري پنهنجي نالي بدران (جو اوائلي مداحن ۾ آندائين) ’قاسم‘ جو نالو تخلص طور چونڊيائين. ’هير ۽ سنڌس ماءُ‘ جي سوالن جوابن واري سي حرفي (ص ص. ٢٢٠-٢٢٥) جا سڀئي سڌو مجازي محبت جو مڪالمو آهي سا انهيءَ اوائلي دور جو ڪارنامون ۽ ان سان گڏ شاعرانه فن جي ڪمال جو مظاهرو آهي. سرائڪي زبان ۾ مجازي محبت جا ٻيا بيت (ص ص ٢٣٢-٢٣٣) ۽ ڪي ڪافيون پڻ انهيءَ دور جا ٿا پائنجن. (ب) وچون دور (١٢٣٠-١٢٥٠هه) جنهن ۾ خليفي صاحب جي

Gul Hayat Institute

حضرت روضي ڌڻي سان عقيدت ۽ ارادت ٿي ۽ رياضتون ڪيائين ، ۽ ان بعد روحاني فيض ڪي عام ڪرڻ خاطر سنڌ، ڪانياواڙ ۽ گجرات طرف سفر ڪيائين. زندگيءَ جي هن دور ۾ پڻ ڪيس قاسم ڪم آيو جنهن مرشد مڪمل سان ملائي خلافت جي منزل تائين پهچايو: ”قاسم گهن آيا گهر هادي“ (ص. ٢٣). انهيءَ ڪري هن دور وارو سڄو ڪلام ’قاسم‘ جي تخلص سان چيل آهي. رسالي جي بيتن ۽ واين وارو گهڻو ڪلام، توڙي مرشد جي صفت ۾ ساراه وارو شعر (لولي، ص ص ٢٢٦ - ٢٣١) ۽ ڪي ڪافيون هن دور جون آهن . مختلف صنفن تي مشتمل هندي ۽ اردو واري ڪلام جو گهڻو حصو پڻ ڪانياواڙ- گجرات طرف صحبتن جي اثر هيٺ هن دور جو چيل آهي . سُر ڪيڏارو، جو ڪرڙي واري جنگ (١٢٤٩هه) بابت چيل آهي سو غالباً هن دور جو آخري ڪارنامون ۽ رسالي جو آخري باب آهي. (ج) ٽيون ۽ آخري دور (١٢٥٠ - ١٢٦٥هه) جنهن جي شروعات ۾ توڙي قدري ان کان اڳ جناب مرشد مربي حضرت ’اصغر‘ صاحب جي صحبت جي فيض کان متاثر ٿي ڪافيون جوڙيائين. مثنوي ’سسئي پنهون‘ هن دور جو اعليٰ ڪارنامون آهي. خانداني روايت مطابق خليفي صاحب مسئي پنهون چئن سالن جي عرصي ۾ چئي پوري ڪئي(١)، ۽ انهيءَ لحاظ سان غالباً هيءُ داستان ١٢٥١ - ١٢٥٤هه وارن چئن سالن جو ثمر ۽ چڻ خليفي صاحب جي زندگي جو ماحصل آهي، جنهن ۾ حسن ۽ جمال جي جلوه آرائين، عشق جي ڪارفرمائين، محبت جي رسمن، درد جي داستانن ، وڇوڙي ۽ وصال جي لذتن، مجاز ۽ حقيقت جي نُڪتن، شريعت ۽ طريقت جي راهن ڪي دلي صداقت، دلپذير انداز، بلند تخيل ۽ اعليٰ شاعري ذريعي روشن ڪيو ويو آهي. تصوف بابت سنڌي ۽ اردو نظم (ص ص ٢١٣ - ٢١٩) ۽ پڻ رسالي جي مختلف سرن جا ڪي معنوي بيت توڙي ڪي وايون ۽ ڪافيون جي وحدت ۽ ڪثرت جي ڳوڙهن نڪتن تي مشتمل آهن سي پڻ غالباً هن آخري دور جو سرمايو آهن .

---

(١) زباني خليفو حاجي شير محمد صاحب . پڻ چيائين ته مسئي جو ڀهريون خطي نسخو باتصوير هو. مجاز جا ماريل ۽ ڏکن جا ڏٽل جن سسئيجو داستان ٿي پڙهو ته منجهانئن ڪي مطمئنءَ سڻڌيهيان پرگهٽا مست ۽ ديوانا ٿي ٿيا. انهيءَ ڪري خليفي‌صاحب اهو نسخو ڦاڙائي‌ڇڏيو. البت هڪ مريد پلندري(پور بندر جو) هي نسخو نقل ڪري ويو هو جنهن پوءِ خليفي صاحب جي وفات بعد وڃي بمبئي مان ڇاپارايو.

اسان جي خيال ۾ سواءِ 'سسئي پنهون جي داستان' جي، رسالي جا بيت ۽ وايون توڙي خليفي صاحب جو ٻيو متفرقو ڪلام سمورو اسان تائين، نہ پهتو آهي خانداني روايت موجب، خليفي صاحب سڄو رسالو مسلسل جوڙي راس ڪري قلمبند ڪونہ ڪرايو، بلڪ وقت بوقت بيت ۽ وايون جي پنهنجن ساٿين ۽ جماعت جي فقيرن آڏو پئي چيائين سي هو جدا جدا قلمبند ڪندا ويا. رسالي جي ترتيب وقت غالباً اهو سڄو ڪلام سهيڙجي نہ سگهيو ۽ ڪي بيت ۽ وايون ڪن فقيرن وٽ رهجي ويا. ا. هہ. (۱) رسالي جي مختلف قلمي نسخن ۾ اهڙن ڪن جدا جدا بيتن ۽ واين جو اضافو انهيءَ روايت جي تصديق ڪري ٿو. خليفي صاحب جون ڪي ڪافيون خود بنده راقم ڏٺيون جي رسالي جي قلمي نسخن ۾ موجود نہ آهن. مثلاً حاجي اسمٰعيل مرحوم بدائي مري (وينل لڳ پٽ پائٽي، تعلقو ڪپرو) خليفي صاحب جو هڪ ڪلام چوندو هو جنهن جي آخري مصرع هئي تہ: قاسم ڪنهن ديس دا جوڳي آيا، صورت وند سيلاني وي

چا مک مرلي آلاپ اليندا ڪامل صفت قراني وي

نچدا ناز عجائب ڪر ڪر (۲)

معاصر ۽ شاعرانہ خصوصيات

خليفو صاحب، ڀٽائي صاحب جي وفات (۱۱۶۵هہ) کان ۲۵ سال ڪن پوءِ چالو، ۽ تاريخي لحاظ سان سندس تعلق ڀٽائي صاحب کان پوءِ واري سنڌي شاعري جي دور سان آهي. اِهو دور، ڀٽائي صاحب ۽ ان کان اڳ واري دور جي هڪ ڪڙي هو، جنهن ۾ شاعري اڃان محض فن طور طبع آزمائي جي مشق نہ بني هئي، بلڪ جذبات ۽ احساسات سان لبريز دلين جي حال جي فطري اظهار جو هڪ ذريعو هئي. انهيءَ ڪري هن دور جا اعليٰ شاعر اڪثر حال وارا درويش هئا، جن سان روحل، مراد، عبدالله فقير ڪاتيار، سچل، ۽ فقير محمد صديق سومرو خليفي صاحب جا وڏا معاصر هئا، ۽ بيدل، سيد قنبر علي شاه ڀاڏائي ۽ ٻيا

Gul Hayat Institute

---

(۱) ايضاً.

(۲) خليفي صاحب جو هيءُ ڪلام ٻوين شاعرن جي طبع آزمائي لاءِ هڪ نمونو بنيو. مثلاً:

جاما زر فشاني وي، مرصع تاج مبارڪ بر سر (مصري شاه)

جاما زعفراني وي، مرصع تاج سهيندي سرور (ڪو ٻيو شاعر (؟))

سندس همعصر هئا(۱). سچل (۱۱۵۲ - ۱۲۴۲ھ) جي وفات وقت خليفي صاحب جي عمر ۵۲ سال کن هئي، ۽ فقير محمد صديق جي وفات (۱۲۶۵ھ) وقت سندس عمر ۷۵ سال کن هئي. هن دور جي انهن بلند پايہ شاعرن بيتن واين ۽ ڪافين واري ڪلاسيڪي شاعري جي اعليٰ معيار کي برقرار رکيو حالانڪ هرهڪ جي ڪلام تي سندس ماحول ۽ شخصيت جو مخصوص رنگ چڙهيو.

شخصيت. خليفو نبي بخش صاحب هڪ با اثر بلوچ سردار جي گهر ۾ ڄائو نپنو ۽ ٽالپوري عهد جي جوانيءَ ۾جوان ٿيو. انوقت حيدرآباد ۾پهرين چؤياري جي اميرن ۽ خيرپور ۽ ميرپور خاص جي سندن ساٿين سردارن متفق محاذ قائم ڪري سنڌ جي سرحدن کي جوڌپور، بهاولپور، ڪابل ۽ قلات جي قبضي کان بزور شمشير آزاد ڪرايو ۽ سنڌ ۾ چوڌاري فتح ۽ ڪاميابي جون نوبتون پئي وڳيون. ٽالپورن پئي اوائلي دور همت ۽ سردانگي، حوصلي ۽ ڪاميابي جو دور هو جنهن نوجوان نبي بخش جي شخصيت تي وڏو اثر وڌو. سندس صورت ۽ سيرت، علمي لياقت ۽ فضيلت کيس سرداري جي درجي تي پهچايو ۽ راڄن ۾ مقبول ڪيو. انهيءَ منزل تي کيس مجازي محبت جي مهميز آئي جنهنڪري سرداري ڇڏيائين، پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي الوداع چيائين، پر محبت جي ميدان ۾ قدم پوئتي نہ هٽايائين. ان بعد جڏهن مجازي محبوب کانئس هميشه لاءِ جدائي ڪئي ۽ سندس زندگي تي وڇوڙي ۽ وره جا ڪکر ڇانئجي ويا تہ خوش نصيبي سان وقت جي عالم ۽ ولي حضرت روضي ڌڻي سندس رهبري ڪئي ۽ خليفي صاحب جي زندگيءَ جو رخ ڦري مرشد ڏانهن ٿيو. مرشد سان دلي محبت ۽ عقيدت شرعي احڪام تي سندس قدم پختا ڪيا ۽ سندس جذباتي زندگيءَ ۾ جوابداري جو احساس پيدا ڪيو. اصلاح نفس ۽ اصلاح خلق خاطر عبادت ۽ رياضت، فرض شناسي ۽ فرض بجاوري، تبليغ ۽ تلقين جي ميدان ۾ قدم رکيائين ۽ ان ۾ پڻ وڏي ڪاميابي حاصل ڪيائين. انهيءَ ڪري همت ۽ حوصلو، ڪوشش ۽ڪاميابي خليفي صاحب جيفڪر ۽ ڪردار جا لازم ملزوم جز بنيا، ڪامراني سندس قدم چميا، ۽ نا اميدي ۽ نا مرادي کي

(۱) انهن بزرگن مان عبدالله فقير ڪاتيار ۽ قنبر علي شاه پاڏائي جي سوانح ۽ ڪلام کان علمي حلقا اڃان تائين ناواقف آهن. عبدالله فقير جا بيت ڪي ٽورا رهيا آهن، البت ڪافيون قدري زياده انداز ۾ رائج آهن. قنبر علي شاه پاڏائي عرف 'شريف' جو رسالو البت قلمي صورت ۾ موجود آهي.

جڻ ويجهو اچڻ ئي نہ ڏنائين . سندس شخصيت جو اهو مخصوص رنگ سندس ڪلام تي پڻ چڙهيل آهي. هيڻائي ۽ بي حالي بدران همت ۽ مردانگي ، نابودي ۽ نيستي بدران هوش ۽ بيداري، ’آءٌ‘ ۽ ’مئُن‘ واري ’خودي‘ بدران خود اعتمادي ۽ خود داري ، ۽ نا اميدي ۽ قنوطيت بدران اميد ۽ ڪاميابي خليفي صاحب جي ڪلام جون خاص خصوصيتون آهن، جي سندس معاصرن مان ڪن ٿورن جي ڪلام ۾ ايترو نمايان نظر اچن ٿيون .

سسي لٿي سوپ ، جي هوند پايان پاند ۾
هي جڳ سوڌو لوپ ، هو پڻ گهوريو گهوريان.

هڻ ڪتارو ڪات، ويري ويرم نہ سهي
مچڻ ڪا مصلحات، ڪانئر وجهيئي ڪن تي .
(ڪيڏارو)

اڄ هين ماريون مڇ ڪي ، صبح ماري ڪير
وٽ وهلو ويرُ، تہ پري ٿئيئي پڌري .
(گهاتو)

جون سرندي جان ۾ جڏهن پسين جت
تڏهن ويهي تت ، پسي ڪيڊ پليت ڪي
(آسا)

سڻي جي نہ سڻي ، تہ پڻ ساعت سڏ نہ لاهيان
جي ڏٺي مون نہ ڏٺي ، پر مون تان ڏٺي ڏٺيو.
(بروو)

مجاز ۽ حقيقت. سنڌي ڪلاسيڪي شاعري ۾ مجازي عشق جي اپٽار ۽ مجازي حسن جي ڪلي تعريف، موجوده ڄاڻ موجب، سڀ کان اول ميين شاه عنات ڪئي:

'سرود ڪنيات' ۾ چانگي تي چڙهي محبوب جي ملاقات جو مانڊاڻ منڊيائين ۽ 'سرود مومل راڻي' ۾ مومل جي مجازي حسن کي چمڪايائين (١). ان نئين روايت جو عڪس ڀٽائي صاحب جي رسالي ۾ سرڪنيات، سر بروي توڙي 'مومل جي مجاز' ۾ نظر اچي ٿو، حالانڪ مجموعي طور سان ڀٽائي صاحب مجازي عشق ۽ مجازي محبوب جي حسن کان حقيقي عشق ۽ حقيقي محبوب جي حسن کي وڌيڪ چمڪايو (٢). ڀٽائي صاحب کان پوءِ واري دور جي شاعرن حقيقي عشق جي مضمون کي 'حال' يامحض'قال' طور ڳايو ۽ مجاز کان ڪناره‌ڪشي ڪئي؛ البت فقير عبدالله ڪاتيار ۽ سچل، جي خليفي‌صاحب جا وڏا معاصر هئا، تن مجازي حسن جي مضمون کي وري ورجايو (٣):

قريبن ڪمان، ڏاڙي خاطر ذاريا
زهان چاڙهين زور جون غازي ري گمان
هن پر بڙچيون بره جون، هن پر قهري ڪان
آڌرندي، عبدالله چئي، نين چٽن نيشان
طرحين طرحين تان، ڳهايو ڳهن گهور سين
(عبدالله فقير)

اکيان باز عقاب سهڻي ديان، شور گهتن شهزوريان
مست هوون مستانيان ڏونهين، ڏادي ڪيف ڪڪوريان
منهن وچ ڏون مهتاب ني روشن، يا وت نور ڪتوريان
خوني خون ڪريندين 'سچل'، تان پي سدا سڳوريان
(سچل)

خليفي صاحب کي مجازي عشق موهي مهميزون ڏنيون هيون: "قاسم، پيم ڪمند، ڪاڪل زلف ڪاڪ جو"، ۽ "نگهن وجهي نينهن، چڙيو چڳيرن کي". انهي حال جو عڪس سندس قال تي پڻ پيو، ۽ 'سر بروي سندي' ۾ محبوب جي حسن ۽ مجازي محبت جي سمان کي جنهن تفصيل سان خليفي

(١) ڏسو، 'مين شاه عنات جو ڪلام'، مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٥ع مقدمه ص83
(٢) جيئن ته سر ڪنيات، سر بروو سنڌي وغيره سرن جي مضمون مان واضح آهي.
(٣) سچل جي سنڌي ڪلام ۾ اهو مضمون نسبتاً گهٽ آهي، البت سندس سرائڪي بيتن ۾ ان جو آب و تاب نظر اچي ٿو.

Gul Hayat Institute

صاحب ويهي چٽيو آهي، سو ٻين معاصر شاعرن جي ڪلام ۾ ناپيد آهي. سر ڪنڀات، مومل راڻي، جوڳ ۽ سر ڏولا مارو ۾ ساڳيو مضمون پڙيل آهي:

رنگ گوڙهو رخسار، سرو قدارا سپرين
جانب جلوي دار، سوسي سورج جهپيا.
(ڪنڀات)

قمر شمس شعاع، حاصل ڪيو حبيب کوءُ
موهن روپ مهاءِ، ماڪيءَ ميٺ پرائيو.
(بروو سنڌي)

ڪاڪل ڪنوارين جي ڏنو ڪالهه ڪهڪ
ڏڪن سڀي ڏڪ، لڳم لطيفن جا.

حق ۽ حقيقت جي گفتار، خصوصاً وحدت ۽ ڪثرت واري نڪتي جي آڇار ۾ حجت ۽ بيباڪي، رندي ۽ راستي واري رسم جو بنياد سنڌي شاعري ۾ غالباً پهريائين عبدالله فقير ڪاتيار وڌو جو هن دور جو هڪ مست ۽ مجذوب شاعر هو(۱). عبدالله، پير صاحب حضرت محمد راشد (روضي ڌڻي) جي فيض کان سرشار ٿي، دنيوي لاڳاپا لاهي نيڙهي (خيرپور رياست) لڳ لوڙهو ڏيئي گوشه نشين ٿي ويٺو هو. هي درويش سچل جو پاڙيسري ۽ معاصر هو ۽ سچل جي ساڻس دلي محبت هئي. انهيءَ ڪري سندس حال توڙي قال جو سچل تي وڏو اثر پيو(۲). جيئن ته عبدالله فقير حضرت روضي ڌڻي جو مريد هو انهيءَ ڪري خليفو نبي بخش صاحب پڻ سندس ڪلام کان متاثر ٿيو. حق جي سڃاڻپ خاطر ڀٽائي صاحب ۽ ڪانئس اڳ جي درويش شاعرن 'من عرف نفسه فقد عرف ربه' واري نڪتي کي ورجائي 'پاڻ سڃاڻڻ' جي ترغيب ڏني. البت ڀٽائي صاحب خود شناسي واري

---

(۱) عبدالله فقير پير صاحب پاڳاري حضرت صبغت الله شاه اول جي آخري ايام ۾ اندازاً ۱۲۳۰-۱۲۳۵ھ، ڌاري وفات ڪئي.

(۲) سچل جي سوانح ۽ ڪلام جي هن پهلو کي اڃان تائين روشن نه ڪيو ويو آهي. سچل جي عبدالله فقير سان جا محبت هئي ان کان خود سچل جا پويان سجاده نشين بزرگ باخبر هئا.

منزل کي اتي پهچايو ته ” نڪا ابتدا ’عبد‘ جي نڪا انتها“. اها سندس معجزبياني هئي جو هڪ نازڪ نڪتي کي ٿورن ۽ سهڻن لفظن ۾ ادا ڪري ڇڏيائين. ڀٽائي صاحب کان پوئين دور جي درويش شاعرن مان روحل ۽ مراد اڪثر ’پاڻ سڃاڻڻ‘ واري نڪتي کي ورجائيندا رهيا، مگر عبدالله فقير قدم اڳتي وڌائي رندن جا اهڃاڻ ڏنا ته :

’لا‘ جا لائي لنگ، موتي ڪن نه مسحو
آڏوتن عبدالله چئي، دل تي پيتا دنگ
ڪوثر نه آيا ڪاپڙي، گر کي گڏيا جنگ
سنگون ڇڻا سنگ، ڪي جو سرين ڪاتيار چئي.

وحدت ۽ ڪثرت جي حقيقت ورجائيندي چيائين ته:

الک انسان اڄ يارو، آيو انسان جي چولي

سر سارو اِسرار ڇپائيي، صورت سانگ بنائين آئين

چاڻ مسلماني ڪير ڄاڻي، عشق وڌو منجهه ڪفر جي آٽي
عبدالله عاشق محض مشرڪ، ريءَ شرڪ رب ڪير سڃاڻي.

پڻ پنهنجي مخصوص انداز ۾ عبدالله فقير ’خود شناسي‘ کي ’خود اثباتي‘ سان همڪنار ڪندي چيو ته :

’عرب‘ ’عين‘ ري سمجهه ته ڄاهي، عبدالله ڇڏ ’عبد‘ کي لاهي
ترڪ سنت طغيان

ظاهر آهي ته عبدالله فقير ’عبدالله‘ مان ’عبد‘ کي ڇڏي ’الله‘ کي اثبات ڪرڻ جي ترغيب ڏني، مگر ڪافي رمز ۽ نزاڪتسان اهو نڪتو بيان ڪيائين. پنهنجن بين ڪافين ۾ واضح ڪيائين ته رندي رمز جي مام پروڙڻ مشڪل آهي: ’رمز رنديءَ جو رخ ڪاڏي، آهي مشڪل پروجهڻ مام‘، ۽ پڻ سچن سالڪن کي ’رندي رمز‘ جي ’سهڻي‘ طور طريقي تي پوري رهڻ جي ترغيب ڏنائين ته:

رمزن واري سهڻي رند، سالڪ رهيا سمجهه سان پورا
رند انهيءَ تي رمزن واري، چندين ڀوڙيا چند

سچل کي عبدالله فقيرئي 'وات وندر جي ڏسي' هئي، مگر سچل پنهنجي موج ۽ مستي ۾ خود شناسي ۽ خود اثباتي کان وڌي وڃي 'آءٌ' ۽ 'مئن' واري 'خودي' جي حد تي پهتو، ۽ پڻ 'عبد' بابت شوخيءَ سان چيائين ته :

اٿو عبديت عذاب ، آهيوَ هزاران حجاب

خليفو نبي بخش صاحب سالڪن وانگر ' رمزن واري سهڻي رند ' تي پورو رهيو ، ۽ شوخي ۽ شطحيات واري راه کان نه ورتائين. البته 'عبد' واري گمان لاهڻ ۾ عبدالله فقير کان متاثر ٿي خود اثباتي واري ميدان ۾ قدري اڳتي وک وڌائي چيائين ته:

آسا ڇڏ 'الله' جي، در در پن م َ دان
پاڻ وڃائي پانهنجو، ثابت ڪر سبحان
'ميم' ٻڌي سر سولهيو، 'الف' تي اڳوان
'گولپ' جو گمان، قاسم ڪٽر اک ۾.

'الله' واري محض رسمي نالي کان اڳتي قدم وڌائڻ وارو نڪته هن دور جي شاعرن سان فقط فقير محمد صديق نروار ڪيو ته:

'الله' اوراهون ڇڏي، پري پند پيا
بنا نالي سپرين، اجان ڪي پيا
واڪيندا ويا، صادق ٻڌيو سندرا.

مختلف زبانن جو استعمال. ميين شاه عنات ۽ پٽائي صاحب کان اڳ جي ڪن سنڌي شاعرن سنڌي ۽ هندي. اردو ۾ شعر چيو ، پر بنيادي طور اهي فارسي زبان جا شاعر هئا. اهڙا بزرگ جن بنيادي طور سنڌي ۾ شعر چيو هجي ۽ ان سان گڏ ٻين ٻولين ۾ پڻ شاعري ڪئي هجي تن جا مثال ميين شاه عنات ۽ پٽائي صاحب کان اڳ واري دور ۾ نمايان طور نظر نٿا اچن. پٽائي صاحب فارسي ۽ هندي شعر سان مانوس هو ، ۽ غالباً پنهنجن مجلسن ۾ فارسي توڙي هندي بيت ڳاهي بگاهي مثال طور پڻ آندائين، مگر پاڻ انهن زبانن ۾ شعر ڪونه چيائين . البته 'بلوچي زبان' جي ڪن لفظن ۽ فقرن کي فطري طور سسئي جي سنڌي زباني ۾ پوتائين. پٽائي صاحب کان پوءِ واري دور جي شاعرن ئي غالباً ٻهريون پيرو عمداً ۽ ارادتاً سنڌي سان گڏ ٻين مقامي ٻولين ۾ شعر چيو. موجوده معلومات جي بناء تي چئي

Gul Hayat Institute

سگهجي ٿو ته سپ کان اول روحل ۽ مراد سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي، هندي ۽ مارواڙي محاوري ۾ ڪافي پختو شعر چئي هن نئين روايت کي محڪم ۽ مضبوط ڪيو. عبدالله فقير اردو- هندي جا ڪي لفظ ۽ فقرا پنهنجي ڪلامن ۾ استعمال ڪيا، ۽ سرائڪي زبان ۾ پختا ۽ دلپذير ڪلام چيا. سچل سنڌي سان گڏ سرائڪي ۽ اردو ۾ ڪافي شعر چيو ۽ ان سان گڏ فارسي شاعري جي قديم روايت کي پڻ قائم رکيو. سندس حلقي جي ناميارن شاعرن سان بيدل پڻ اها وات ورتي.

خليفي صاحب هن ميدان ۾ سڀني کان اڳتي وک وڌائي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ سرائڪي شاعري جي ابتدا ڪانئس اڳ ٿي ۽ سندس وڏن معاصرن سرائڪي ۾ سهڻو ۽ پختو شعر چيو، مگر سنڌ ۾ سرائڪي شاعري خليفي صاحب جي ڪلام ۾ پنهنجي پوري اوج کي پهتي. سندس رسالي ۾ 'سر جوڳ' ۽ 'سر جهنگلو' ٻئي سرائڪي زبان ۾ پختي شاعري جا عمدا مثال آهن. 'هير ۽ سندس ماءُ جي سوالن جوابن وارا بيت' (ص ص ٢٢٠-٢٢٥) خليفي صاحب جي سرائڪي زبان ۾ قادرالڪلامي جي ساک ڀرين ٿا. انهن بيتن سنڌ ۾ سرائڪي شاعري جي هڪ نئين ۽ دلپذير اسلوب بيان جو بنياد وڌو جنهن کان پوءِ حسين فقير ديدڙ، حمل فقير لغاري، شاهه محمد ديدڙ ۽ ٻيا متاثر ٿيا. خليفي صاحب جي مثنوي 'سسئي- پنهون'، لطف علي جي 'سيف الملوڪ' بعد سرائڪي زبان ۾ اعليٰ شاعريءَ جو هڪ شاهڪار آهي، جنهن کان پوءِ سنڌ ۾ خواهه سنڌ کان ٻاهر ٻئي ڪنهن به شاعر سرائڪي ۾ منظوم داستانن کي انهيءَ معيار تي نه پهچايو آهي.

ٻين مقامي ٻولين سان، روحل ۽ مراد، هندي ۽ هندي- آميز مارواڙي محاوري ۾ شبد ۽ پچڙ وغيره چيا ۽ سچل قدم اڳتي وڌائي 'اردو' ۾ غزل چيا. خليفي صاحب نه ڍاٽڪي محاوري ۾ 'سر ڍولو- مارو' ڳايو، جو ان محاوري تي سندس ملڪي ۽ عبور تي شاهد آهي. ازانسواءِ خليفي صاحب هندي توڙي صاف اردو ٻنهي جي مختلف صنفن ۾ شاعري ڪئي. رسالي ۾ 'سر بيراڳ هندي' هندي دوهن جو معياري مثال آهي. سندس ريخته (سکهي ری مىں کسے سنگ بهيجونگي سنديسوا، ص ٢٥٦)، راڳن جا ٻول (ص ٢٥٨)، ٽپه (ص ٢٦٠) راسوڙه (ص ٢٦١)، سهرا ۽ پچڙ (ص ص ٢٦٢-٢٦٣) ۽ هوري (٢٦٤) هندي جي دلپذير رنگ ۾ رچيل آهن، ته مثنوي، مناجات، ۽ غزليات (ص ص ٢٤٢ - ٢٥٥) اردو ۾ چيل آهن.

Gul Hayat Institute

نہ صرف ايترو پر خليفي صاحب سنڌي وائي کي پڻ پهريون پيرو اردو جو لباس ڍڪايو (ص ٢٥٥). 'مثنوي در سلوڪ نکته توحيد' (٢٤٢-٢٤٣) خصوصاً صاف ۽ روان اردو جو هڪ سهڻو نمونو آهي. جيتوڻيڪ خليفي صاحب خالص سنڌي روايت جي پيروي ڪئي ۽ فارسي شاعري ڏانهن خاص توجه ڪونہ ڪيو، تہ بہ فارسي مصراعون سندس ڪلام ۾ جنس طور موجود آهن (١). بهرحال پٺائي صاحب کان پوءِ واري دور جي شاعرن مقامي ٻولين ۾ شاعري جي جيڪا نئين روايت قائم ڪئي تنهن ۾ خليفي صاحب وڪ وڌائي رکي: هن سلسلي ۾ سندس معاصرن جا سڙيئي مختلف تجربا، هڪ خليفي صاحب جي ڪلام ۾ وڏيڪ ڪاميابيءَ سان چمڪندا نظر اچن ٿا.

موسيقي ۽ شاعري. سنڌي شعر جي ڪهني صنف 'وائي' يا 'ڪافي' سرتاپا لئي ۽ الحان آهي، ۽ ترنم ان جي جان آهي. درحقيقت صحيح معنيٰ ۾، 'شاعري' ۽ موسيقي هڪٻئي جو لازم ملزوم جز آهن: موسيقي آواز ۾ شاعري آهي تہ شاعري الفاظ ۾ موسيقي آهي. شاعري ۽ موسيقي جو اهو جوڙ شاه جي ڪلام جو لازمي جز آهي؛ اهو هن ڪري جو شاه صاحب فطري شاعر هو، ۽ شاعري ۽ موسيقي سندس حساس طبع جا لازم ملزوم جز هئا. شاه عبداللطيف شعر ٺاهيو ڪونہ، بلڪ شعر ڳايو. ڪيس اها پوري ڄاڻ هئي تہ شعر ڳائڻ لاءِ ئي آهي، ۽ انهيءَ ڪري ئي خاص پنھ- تارو طنبور تجويز ڪيائين ۽ پنهنجي 'راڳ' جي مخصوص روايت جو بنياد وڌائين. شاه‌صاحب ڪلاسيڪي موسيقي ۾ عوامي‌موسيقي جو روح ڦوڪي، نہ صرف راڳ جي رسمي روايت ۾ هڪ انقلاب آندو بلڪ راڳ جي هڪ نئين ۽ صحتمند نظريي جو بنياد وڌو(٢).

شاه صاحب کان پوءِ واري دور جا شاعر راڳ جي رسم کان باخبر هئا، ۽ فقير محمد صديق پنهنجي توڙي سندس حلقي جي فقراء جي ڪلام کي 'راڳنامي' جي نالي سان مرتب ڪيو. مگر خليفي صاحب جي ڄاڻ محض 'راڳ جي رسم' تائين محدود نہ هئي: شاعرانہ شعور، لئي ۽ ترنم سندس طبع رسا جا فطري جز هئا: "اي تن ڪيتم ساز طنبورا، پيرم راڳ رلايان ريڪان" (ص ٢٢٨).

(١) ڏسو، مٿي ص 13

(٢) تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو انگريزي ۾ لکيل مضمون:
Shah Abdul Latif: The Founder of a New Music Tradition
مطبوعہ لطيف سالگره مخزن (١٩٥٩-١٩٦٠ع) ص‌ص 18-22

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ توڙي ڪانياواڙ ۽ گجرات طرف خليفي صاحب وٽ هميشه ڪچهرين جا منڊل متل هوندا هئا. بڙودي جي گائڪواڙ طرفان خليفي صاحب جي مهماني وقت راڳ جي محفلن جو خاص انتظام ٿيندو هو. خليفي صاحب جي طبعي ذوق سبيان پير صاحب پاڳاري جي جماعت ۾ 'جماعت جي راڳ' جو بنياد پيو. خليفي صاحب جي انهيء طبعي رجحان ۽ راڳ جي ڄاڻ جا اهڃاڻ سندس ڪلام ۾ پڻ نمايان طور نظر اچن ٿا:

سر سپيڻي سڦرا، پر خاصو سر ڪنيات
(ڪنيات)

—

الف آيــو اڄ، گــن گويو گرنار ۾
(سورٺ)

—

قاسم جنتر هات ميں لے کر گائوں گن کے گيت
(بيراڳ هندي، ڀڄن)

—

ايڪلتارو تال سان، ويهي هٿ وڄاء
(راسڪلي)

—

تال طنبورا تان، لڳا ڪينجهر ڪنڌيين
(ڪاموڏ)

Gul Hayat Institute

—

کون باجے، کون بجے بجيا، کون ناچي تها تها تهيا
کون گاوے تان گويا، کون قاسم ! کون ساز!
(وائي ص ٢٥٥)

—

تال سول سيکهہ لے قاسم، بجتا کون بجاتا کون
(بهجن ص ٣٦٣)

'تال' بنا سکڻ جي ڳي فطري طور 'قاسم' (خليفي صاحب) جي طبع ۾ سمايل هو.

’سسئي پنهون جي داستان‘ جو هيٺيون شعر جنهن ۾ مرليءَ جي تال جو ٻول شاعرانه شعور جو جز بڻيو آهي سو انهيءَ حقيقت تي شاهد آهي:

وڄي مرلي ڏُنڪ ڏُن تال پُرتال
وڙهيا جوڳي سيه واسينگ دي نال

سر سورٺ جي هيٺين مصرع ساک ڀري ٿي ته خليفي صاحب کي ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي ڪافي ڄاڻ هئي. ڀيجل متعلق چيل آهي ته:

آلا پيائين اوچتو ڀيرم راڳ ڀپاس

’ڀپاس‘ بيشڪ ڀيرم (ڀيرؤن) ٺاٺ جي راڳڻي آهي: ’ڀيروُن‘ جا ٻه سر ’مدّم‘ ۽ ’نکاد‘ ڪتبا ته ڀپاس راڳڻي نهندي. انهن اندروني شهادتن جي علاوه، ملارِي ڪانري، ججونتي ۽ دادره جا ٻول (استائي ۽ انتره سميت) جي خليفي صاحب خاص طور منظوم ڪيا آهن (ص ص ٢٥٨ - ٢٥٩) سي موسيقيءَ جي فن بابت سندس حسن ذوق ۽ ڄاڻ تي پڌرا شاهد آهن. راڳ جو ايتري قدر عملي ذوق ۽ علمي ڄاڻ ڀٽائي صاحب بعد وري خليفي صاحب جي شعر ۾ نمايان آهي، ۽ هن دور جي ٻين شاعرن وٽ نسبتاً ڄڻ ڪ ناپيد آهي.

وطنيت. گذريل تاريخي دور ۾ وطن جي حب اهل سنڌ جي اخلاق ۽ ڪردار جي هڪ نمايان خصوصيت هئي، ۽ اهي سورهيه جي سنڌ خاطر سر ڏيئي سرها ٿيا تن کي سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن توڙي شاعرن دل کولي ڳايو. ’دودي-چنيسر‘ جو رزميه داستان انهيءَ سلسلي جو آڳاٽو آثار آهي. ميين شاه عنات، ۽ خصوصاً ڀٽائي صاحب، بعد ۾ ’مارئيءَ جي داستان‘ ذريعي حب الوطنيءَ جي روايت کي نئين سر آجاريو؛ ڪانئن پوءِ واري گروه جي شاعرن پڻ مارئيءَ جي وطن لاءِ حب ۽ محبت واري مضمون کي وري ورجايو، مگر انهيءَ مضمون جي علاوه سڌو سنئون ۽ خالص وطنيت جي جذبي هيٺ جن شعر چيو تن مڙني ۾ خليفي صاحب جو مقام بلند آهي؛ ڇاڪاڻ ته هن ’سر ڪيڏارو‘ محض سنڌ جي سورهيه سپوتن کي جسن ڏيڻ خاطر ئي جوڙيو.

سنڌي شاعريءَ ۾ ’سر ڪيڏاري‘ جو روايتي مضمون ڪربلا جو قضيو ۽ امامن سڳورن جي شهادت آهي، ۽ احسان فقير لانگاه غالباً پهريون شاعر هو جنهن پنهنجي ’ڪيڏاري‘ ۾ شهادت جي مضمون کي چمڪايو. بهرحال ديني جذبو

Gul Hayat Institute

۽ روحاني عقيدت ’ڪيڏاري‘ ڳائڻ لاءِ مکيہ محرڪات بنيا.

فقير محمد صديق ۽ خليفو نبيبخش صاحب غالباً پهريان شاعر هئا جن ڪيڏاري جي مضمون ۾ جدت پيدا ڪئي. ’شهادت‘ واري مرڪزي نقطي کيبرقرار رکندي، هنن ٻنهي بزرگن خاص طرح سنڌ جي شهيدن کي ڳايو: فقير محمد صديق ’جهوڪ‘ جي عارف صوفي شاه عنايت رحہ جي شهادت کي ڳايو، تہ خليفي صاحب وريسنڌ جي لشڪر جي انهن سورهيہ ۽ سرويچ سپاهين کي ڳايو جي ’ڪرڙي‘ جي جنگ ۾ شهيد ٿيا. البتہ فقير محمد صديق جي ڪيڏاري لاءِ محرڪ جذبو پنهنجي مرشد گهراڻي سان روحاني ارادت ۽ عقيدت هو، جو شهادت جي واقعي کان ڪم از ڪم پنجاه سال کن پوءِ(۱) مرشد سان محبت ۽ عقيدت خاطرئي ’ڪيڏارو‘ چيائين. ان جي برعڪس خليفي صاحب محض سنڌ سان محبت ۽ وطنيت جي جذبي هيٺ ڪيڏارو چيو. ’ڪرڙي‘ جي جنگ ۱۲۳۹ھ ۾ لڳي، ۽ ان وقت خليفي صاحب جي عمر ۵۹ سال کن هئي. سنڌ جي اميرن حاڪمن جي سرداري واري عهدي کان هو تيهہ سال اڳ سبڪدوش ٿي چڪو هو، ۽ هن وقت دنيا جي معاملن کان دور ۽ فقيري رنگ ۾ رتل هو. ارادت ۽ عقيدت ۾ هو هينئر همه تن پير صاحب پاڳاري جي درگاه ڏانهن متوجه هو. باوجود انهيءَ يڪسوئي ۽ يڪجهتي جي، سنڌ جي محبت ۽ وطنيت جي جذبي کيس ڪرڙي واري واقعي ڏانهن متوجه ڪيو، ۽ اهي دلير مرد جي افغانن جي حملہ آور فوج سان آخري دم تائين مقابلو ڪندي شهيد ٿيا تن جي ناموس ۽ سنڌ جي سرفرازي خاطر سر ڪيڏارو جوڙيائين. هن سر جي شروعات ئي حملہ آور شاه شجاع کي تنبيهہ ۽ سنڌ جي باشندن جي سرفرازي ۽ سربلندي جي تصديق سان ٿئي ٿي:

شجاع! سنڌ م ويهہ، اوڏا اڏي نجهرا
هيءَ تني جو ڏيهہ، حامي حيدر جن جو.

—

شجاع ويهہ م سنڌ، اوڏا اڏي نجهرا
هتي راوت رند، وتن قلعي ڪوڏيا.

Gul Hayat Institute

---

(۱) شاه عنايت رحہ سنہ ۱۱۳۰ھ ۾ شهيد ٿيو ۽ فقير محمد صديق سنہ ۱۱۵۲ھ (؟) ڌاري ڄائو. ڪلام جي پختگيءَ مان ظاهر آهي تہ فقير صاحب ’ڪيڏارو‘ ڪم از ڪم ٽيهن سالن جي ڄمار بعد چيو.

سنڌ ۽ سنڌ جي عوام سان خليفي صاحب جي خاص محبت هئي. هو پاڻ هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو رهاڪو هو، ۽ روحاني ترقي ۽ اخلاقي بلندي جي تبليغ خاطر عوام سان ڪافي وڏي پيماني تي سندس گهاٽو تعلق رهيو جنهنڪري کيس عوام جي افلاس ۽ غربت جو احساس ٿيو. انهيءَ احساس ۽ همدردي جو اظهار هيٺين بيتن ۾ جيتري قدر واضح ۽ زوردار لفظن ۾ ٿيل آهي اوترو سندس همعصر گروه جي ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ نمايان ناهي:

آءُ سو سارنگ ساريان، جو بکين لاهي بک
آب پياري آجڙين، ڏکين سڃي سک
مٿان دلين دک، وسُن سيئي سيٿيا.
(سارنگ)

—

صبر شڪر سيٺ، سون سورائين نه وٺي
بکئي جهجي جندڙو، ڍايل کنهي پيٽ
جان هونديس پون هيٺ، جان قاسم پيڙي ڪيچئين.
(سسئي)

ٽالپوري عهد جي پوئين دور ۾ وياج خور واڻيي سنڌ جي هر وسين ۽ واهڻ توڙي ڳوٺ ۽ شهر ۾ پنهنجي سرمايداري جو جار پکيڙي مزور، ڪاسبي، هاري توڙي ننڍي ڪاتيدار ۽ زميندار جي اقتصادي خوشحالي کي ختم ڪري ڇڏيو هو. خليفي صاحب کي انهيءَ ابتر حالت جو احساس ايتري قدر شدت سان هو جو سرمايه دار دڪاندارن کي ڏاڙيلن کان بدتر ٿي سمجهيائين ۽ ڏاڙيان جي سنئين سڌي ڦر کي انهن سودخورن جي ڳجهي ڦر کان بهتر ٿي ڀانيائين: "ڪارو منهن ڪراڙ، ساڳاين منهن سنرا". سر ڏهر جو فصل -۲ (ص ۱۵۷) انهيءَ معنيٰ ۾ خاص خليفي صاحب جي انفرادي تخليق آهي. بهر حال سنڌ ۽ سنڌ جي عوام سان محبت ۽ وطنيت جي جذبي سان لبريز وطن دوست شاعر جي حيثيت ۾ خليفي صاحب جو درجو سندس مڙني معاصرن ۾ مٿيرو نظر اچي ٿو.

Gul Hayat Institute

حال ۽ قال جي انفراديت. ڀٽائي صاحب کان پوءِ واري دور جا شاعر ڀٽائي صاحب کان گھڻي قدر متاثر ٿيا. ڀٽائي صاحب سڄ ٿي اڀريو ۽ روز روشن ڪري ڇڏيائين. انهيءَ ڇٽي ڏينهن ۾ ٻيا پوين شاعرن اک کولي ۽ انهيءَ اهاءَ جي پرتوَن ۽ چانڊوڻ واري جنسار ۽ جلوه گري سڀني شعوري توڙي لاشعوري اثر وڌو. البت منجهائن هرهڪ جي زندگي ۽ خيالات تي سندس مخصوص ماحول جو رنگ چڙهيو ۽ منجهائن هرهڪ جي ڪلام ۾ ڪي امتيازي خصوصيتون نمودار ٿيون. پنهنجن ٻين معاصرن وانگر خليفو صاحب پڻ لطيف جي سرچشمي مان سرشار ٿيو، مگر پنهنجي حال ۽ قال جي انفراديت سان هو پنهنجي معاصرن ۾ ممتاز ٿيو.

ڀٽائي صاحب جي خيال جي بلندي ڀٽائي صاحب تائين محدود ٿي ۽ ڀٽائي صاحب جي فصاحت ۽ بلاغت پڻ ڀٽائي صاحب سان ئي مخصوص ٿي. پوئين دور جي شاعرن مان هرهڪ انهيءَ ڀنڊار مان پنهنجي ٿانءَ آهر ڀاڱو کنيو، ۽ خليفي صاحب کي البت ڀرپور ڀاڱو مليو. ڀٽائي صاحب کان اڳ ميين شاه عنات پنهنجي ڪلام ۾ نوان مضمون نروار ڪيا ۽ نهايت سهڻي سليقي سان انهن کي نباهيو. اهو ڀٽائي صاحب جو اعجاز هو جو انهن مضمونن کي اجاري اچو ڪيائين ۽ انهن ۾ نت نوان نڪات پيدا ڪيائين. انهن ساڳين مضمونن کي جڏهن ڪانئس پوئين دور جي شاعرن ورجايو ته معنوي لحاظ سان گھڻي قدر چڻ محض اندا ڀريائون. سندن ڀيٽ ۾ خليفي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ وڌيڪ ندرت ۽ نزاڪت پيدا ڪئي؛ ڀٽائي صاحب وارن سرن مثلاً ڪلياڻ، سارنگ، سومل راڻي، مارئي، رپ، گھاتو وغيره کي ٻين شاعرن ۽ خليفي صاحب جي چيل ساڳين سرن جي بيتن ڀيٽڻ سان اها حقيقت پوريءَ طرح واضح ٿئي ٿي. ٻوليءَ جي استعمال ۽ اسلوب بيان جي دلپذيري جو به ساڳيو حال آهي. ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ لفظ بدلائڻ محال آهي. ڪانئس پوءِ واري دور جي شاعرن جي ڪلام ۾ بيان جي نزاڪت انهيءَ پايي تي پهتل نه آهي؛ سندن ڪي ٿورا بيت نهايت سهڻا سٽيل آهن پر گھڻن ۾ اصلاح جي گنجائش نمايان طور نظر اچي ٿي. نسبتاً، خليفي صاحب جي جملي ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت جي لهر يڪسان موجود آهي ۽ پڙهندڙن جو خيال اصلاح طرف ڪو ورلي ويندو. فڪر جي انفراديت، خيال جي عقبريت ۽ موسيقي

Gul Hayat Institute

۽ ترنم جي صلاحيت سببان خليفي صاحب جو ڪلام معنيٰ توڙي اسلوب بيان جي لحاظ سان وڏيڪ چمڪندو نظر اچي ٿو.

بهرحال، قدري تفصيلي ۽ تنقيدي جائزي جي بناء تي انهيء نتيجي تي پهچجي ٿو ته: شاه عبداللطيف سنڌي شاعري جي آسمان ۾ سج ٿي اڀريو، جنهن جي پرتوي جي آب ۽ تاب ڪان اڪثر پويان شاعر ذرن مثل چمڪيا؛ مگر خليفي صاحب جو شمار انهن نامور شاعرن ۾ آهي جي چنڊ ٿي اڀريا: بلڪ خليفو صاحب پنهنجي بلند حوصلي، فڪر جي يگانگت ۽ اسلوب بيان جي دلپذيري سان چٹ چوڏهين جو چنڊ ٿي چانڊاڻ ڪئي.

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد
٢٦ ذي الحج ١٣٨٥هه
(١٨- اپريل ١٩٦٥ع)

خادم العلم
نبي بخش باوچ

Gul Hayat Institute

متن

خليفي نبي بخش جو رسالو

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

سر ڪلياڻ

فصل پهريون

[۱] هڪ هٿ ۾ وَٽِڙِي، ٻئي هٿ ۾ ڪات
وجهن ڪَرُتَ ڪپار ۾، هُت ناهي ريت رَڪات(۱)
سودو هاڏو هات، قاسم! ڪِج ڪَلال سان.

[۲] پِرينءَ جي پُڇَنِ، ڪاتي پُڇي تَنِ کي
عاشق ڪَري ڪَترا، ٻئا وجهي ئي ٻِنِ
وَڍيا ئي وِهسَنِ، جي ڪوٺي کُنا سڄٽين(۲).

[۳] جي ڪوٺي کُنا سڄٽين، راوَلَ روبروءِ(۳)
جيرا ٻُڪيون تَنِ جا، لَهسيا پهرينءَ لُوءِ(۴)
قاصائڪي ڪوءِ، رت رِيلوئي نه سُڪي.

[۴] قاصائڪو ڪَمُ، ڪنهن ڪؤن سِڪئين سُپرين(۵)
هڏ چچيريو چَمُ، ڪاڻيو ڪَريين ڪَترا(۶).

Gul Hayat Institute

---

(۱) د. وجهڻ ڪرت ڪپار ۾ - الخ (۲) خ. وڍائي (۳) ڪ. جينءَ ڪوٺي - الخ. (۴) اصل. زيرا ٻڪيون (۵) خ. قاصائڪيڻڪو؛ ڪ. قاصائيڪو... ڪنهن ڪان (۶) خ. چچيڙيو ... ڪري ڪترا؛ ش. چچريو.

[۵] ڏَکِن مٿي ڏَکَڙا، چانورَ چَکَن جيئنءَ
مُهريون معشوقن جون، تون پُڻ سَهج تينْءَ(۱)
نگهَنِ وِجهي نِينْهَ، ڇَڙيو ڇُڳيرن کي(۲).

[۶] جانْ اڳئي مَ آءَ، اچين تان مَ وَريج(۳)
سيکون جي سيڻن جون، سيني منجهه سَهيج(۴)
ڪِنهين پِيت، قاسم چئي، پَئي مَچ مَريج
سندي سيڻن سيج، مَري جيءَ تہ ماڻئين(۵).

وائي*

دردَ طبيبُ دارون ڏيندو، حالَ حبيبُ دارون ڏيندو -
دارون ڏيندو، مون گهرايندو

۱. پاڻ پِلائي سُپرِين، ننگُ نِيائي نيندو(۶)
۲. احمدُ عاصِيَڙنِ جو، لاشَڪ شافِعُ ٿيندو
۳. ڪَهه ۾ قاسم ڪارڻي، ڇَنّان تان نہ ڇڏيندو(۷)

Gul Hayat Institute

فصل ٻيو

[۱] مَتا ماڏيءَ وٽ، ڪالهه ڪلالن ڪاڏٿا
ڪَلالڻي ڪاتَ کي، کُهندي چَڙهي نہ ڪَٽ

---

(۱) ظ. مهميزون معشوقن جون (۲) خ. نيگهن وجهي؛ ظ ڪ. ننگهن (۳) ش. جي اچين تان ۾ وريج (۴) ش. سڪيليون سيڻن جون - الخ (۵) ش. مري جيءَ؛ ڪ. مري جيئن. خ، ظ ۽ د ۾ هيءُ بيت ڪونهي (٦) ڪ. پاڻ پلا سپرين (۷) د. ڪُهه ۾.
* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر راڻي' هيٺ ڏنل آهي.

قاسم اِن ڪَڪوهہ جو، گُهٽ گُهٽِي تو گَهٽ(١)
مَٽِي سَرِي سَٽ، آهِي عاشقن جِي.

[٢] وَڍِ وَڍِيندي لاه، موڪي! مُهنجو مَٽڙو (٢)
مَٽو مَٽ مَٽاه، مون گهران ڏِي گهورئو.

[٣] مَٽو مَٽُ نہ مَٽَ جو، مَٽُ مَهانگو آه
قاسم ڪِج ڪلال! تون کُهَندي ڪَٽُ مَڪا(٣)
سِرُ سنپايم سُپرين! توڙئون تو هِي لاءِ
صدقو ڪريان ساهُ، پِيئندي پهرين پِڪَ تان.

[٤] سَدَڙئا سَدُون ڪن، سدا مُند شَرابَ جِي (٤)
قاسم ڪَڙِي ڪَڪوهَ جو، تَرو نہ چِتو تَن (٥)
جِيءَ ڪَڙا ڪِئا جَن، پِيتيُون تَن پيالِيون (٦).

[٥] سوڻِي سَچِيائون، مَٽا مَٽَ ڏَڻِيءَ ڪِي (٧)
قاسم! سُنَت شيرڏيون، 'آءُ'، 'تون' آڇيائون
وڍِي وِڌائون، هُٺَ سندا هَڏَڙا.

Gul Hayat Institute

---

(١) خ ظ. ڪُٽ ڪُٽِيندو ڪُٽ؛ د. گهُٽ گهٽِيندو گهٽ؛ ڪ. گهٽ گهٽيو گهٽ؛ ش. گهُٽ گهُٽِيو گهٽ (٢) د. وڍيو ويڍي لاه - الخ ؛ ش. نہ مٽ برابر آهہ، موڪي منهنجو مٽڙو (٣) خ. قاسم ڪج ڪلال تئون - الخ؛ ش. قاسم ڪج ڪلال سان - الخ. (٤) اصل. سدا مُنڊَ شراب جي (٥). اصل. 'قاسم ڪري ڪڪوه جو، ترو نہ چُتو تن' (٦) هي بيت فقط ظ ۾ ڏنل آهي (٧) ظ. 'مٽا مٽ ڏڻين ڪي'؛ خ ظ ڪ د : 'سوڻي'؛ ش. 'سوڻي'.

وائي

سو پـاروچو آيـو، جنه لاءِ جَڳُ سِڪايـو

١. جيڙو منهنجو جيڏيون، گهُور جهَينجَڙي گهايو

٢. آسر لڳي جن جي، وينڙي مون واجهايو

٣. بابو بيبي فاطمه، مونکي جنهن مَرڪايو

٤. پنهون پـاجـيـاڏـيءَ تي، لائق ڏورڙو لايو

٥. قاسـم ڪنيزڪ سـان، نَوشـه نينهن نڀايو

فصل ڏيون

[١] ڪارِي وڏو ڪالَـهـہ، وهُ مَتَ ۾ وتَـرو
ڪوڙين قاسم ڪيترا، ڪَٽڙا زَهْر زَوالَ
ڪوڻِي اِنَ ڪلالَ، ميخاني ۾ مارئا.

[٢] ڪارا، پِيرا، ڪَمرا، تن واسينگن ويا(١)
موڪِي سنڌي مَتَ تي، اچي پرڙَ پئا(٢)
قاسم اِنَ ڪَڪوه ۾، گـڏجـي وهَ ويا(٣)
جَن ڪَڙا سِرَ ڪِٽا، پِيتيون تَن پِيالِيون.

وائي. ٢. **ڪ** آسري لڳي؛ **خ**. مون وجايو ٥. **ڪ**. تولاءِ قاسم سپرين، آهيم مر سنڀايو.
ظ ۾ هي نالي واري مصرع ڪانهي.

(١) **ش**. ڪارا، پيڙا (٢) **ظ**. اچي پرَ پيا (٣) **خ**. متن ۾ 'گڏجي وِيه وڻا'، پر حاشيي ۾ 'ويه' بدران درستي 'وه'؛ **ظ**. 'ويه وڻا'.

[٤] سرَ ڏنائون سَٽَ ۾، جامَ پيتائون جالَ
قاسم ڪالهہ ڪلالَ، پياري پرُ ڪئا.

[٥] سوري مٿي سيجَڙي، آڏيءَ مٿي اڏگ
ديگين ڪَڙهن دوگِڙا، منجهہ ڪٺاه ڪَرنگ
قاسم ڪيسر رنگهہ، وهَ پيتائون وٽيين(١).

فصل چوٿون

[١] ڪوٺي جَنَ ڪَلالُ، وَڏا طالعَ تَنَ جا
وَٽي پرُ وصالَ، تُرتُ پياري تَن کي.

[٢] ڪوٺي کُهي جن کي، سَڏي سَچي سُورَ(٢)
پيالا پنج - نُورَ، پوچَ پياري تن کي.

[٣] ڪُنا جي ڪَلياڻ، وَڏا طالعَ تَن جا
پير مُغانُ جي موهيا، مَتارا ميخانَ
پيتائون پر تٽا، منجهان دُنگ دڪان(٣)
بيخود ڪئا خُمخان، قاسم ڪوثر گڏئا.

[٤] ڪُنا جي ڪلياڻ، وڏا طالع تَن جا
مُوتُوا قَبلَ آنْ تَمُوتُوْا، مري لذائون مان

(١) خ. وهَ پيتا وٽيين. (٢) خ. سڏي سنجي سور (٣) ڪ. منجهان ڏنگ دڪان.

صوفي سي سلطان، جي لاحَدَ حَد ۾ آئيا.

[٥] لاحد حد ۾ آئيا، حَدَ سُونائون هَنڌ
اِهدِنَا الصِّراط المُستَقِيم، اِئُي پياکَنِ پَنڌ
ذيڻ نَشي سين واڳئا، سيني منجهه صَمد
مَتارا ۽ مَستَ، هر دوئي هيک ٿئا.

[٦] صوفي صُلح سڀ سان، جِهَت جاءِ نہ ڪا
الصوفي لا مذهَبَ لَہ، اُتو احمد شاه
فَاَينَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجهُ اللّٰه، چوڌس نُور نگاه
مَجُڻُ پَسَڻ ماءِ، قاسم ڪتر ماڻيين(١).

وائي*

مون ڏان منهنجا پِيرَ! لائق لاهہ ۾ هَٿڙا

١. سگهو موڙجُ سيّدا! آوڪيءَ وير آمير
٢. آوڪيِ عاصيڙن ڪيِ، شاه لنگهائج سير
٣. توڙان آهيان تنهنجو، دائمُ دامنگير
٤. ڪوڙين ڪيڙم ڪيترا، قاسم لک ڪبير.

---

(١) ظ. 'قاسم ڪتر ماري'؛ د. 'قاسم ڪتو مانئي.'

*هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪاموڙ' هيٺ لکيل هئي جا ٺپائي هت آندي وئي آهي.

سر ڪنڀات

فصل پهريون

[١] وَرُ سا ڪاري رات، جنهن ۾ ڏنم پرينءَ ڪي(١)
چنڊ تنهنجي ذات، هڏ نه وڏي هاڻ مون.

[٢] آچي سا اونداهه، جا ميڙيندڙ سڄڻين
ڪُتو ڀَڪي ۾ اُتي، ڏُجهڻ پئي ۾ ڏاهه
مونکي ٿئي مُباح، اوڙڻ عجيبن جو.

[٣] قَمر! ڪارو نانگ، توکي ڪائي ڪڏهين
سڄڻ آيا مون گهرين، پيري موتين مانگ
وچوڙو وڙانگ، ڏنئي ڏکوين کي(٢).

[٤] قمر! ڪوهه ڪيوءِ، چِهرو چوڏهينءَ ماهه ۾(٣)
ڏينهن ڏوراڻا سپرين، رات رنڊائي توءِ
وڏو ويرُ وڌوءِ، ادا عاشقن سان.

[٥] اُپري آيَن آءُ، ڪر سُهائو سيگهه مان(٤)

---

(١) خ د. 'پيرَ ڪي' (٢) ظ. وچوڙو وڙواند - الخ (٣) ظ. جهيڙوچوڏهينءَ ماهه ۾ (٤) د. سيگهه مؤن

كندو سا كري چُكو، آزل كؤن اللّٰه
اكيون منجهه اُهاء، مَرِ جانْ پسن پرينِ كي.

[٦] رنگ، گُوڙهو رخسار، سَروَ قدارا سپرين(١)
جاذب جَلويدار، سوسِي سُورَجَ جَهپيا(٢).

[٧] ذكو ذك ذ اكڙيون، تو ۾ چنڊ ذ چَپ
پاڻان وجهين ڊِپ، اچيو عاشقن كي.

[٨] چنڊ! چشمان چار، جي اُيِي سَجين سامُهيون(٣)
تہ پڻ نيم - نهار، هُوندَ نہ پَڙينْ پرينِ جي(٤).

[٩] آڌ لَک اكيون چَنڊڙا! نَو لَک ذك سنداء
حُسن ساڻ حبيبَ جي، جِهَتِ جاء نہ كاء
اُيِـي پرينِ اڳياء، نائج كنڌ نيازَ موْن(٥).

[١٠] نياپو كي سَجَٽين، چِـئِـج چِتائي چنڊَ!
وڌي كا وصالَ ۾، رات رقيبن رَنڊَ
مُحبَ مصري كنڊ، شل كَوُڙاڻين مَ كڌهين (٦).

[١١] چِئج نياپو پرينءَ كي، ادب ساڻ آصيل!

---

(١) خ ن. رنگ كورو. ش. قداور (٢) ك د. سؤ سين؛ ش. سهسين (٣) خ. سامهون؛ خ. آبهي سجڻين سامهيون (٤) د ك ش. هڏ نہ پڙين - الخ (٥) ظ ش. نياز سان (٦) ظ. شال كوڙا - الخ؛ د. چِل كوڙا - الخ

Gul Hayat Institute

توکوُن سَرِي سُپرين، مونکي سک سَبيل
وچان ٿي وَکيل، آڻ سنيها سُپرِيين(۱).

[۱۲] ڏي سنيهو سَڄڻين، چَوُ جئن چيائُون
مُشڪي مشتاقن جون وَهيون وانڇيائُون
کِلي کنيائون، اکيون ٻيئي ٻاجھ سان(۲).

[۱۳] ناسيندي ٿي نور، قَمَرَ پَسُ قَرِيبَ جو
منهنجا ڏيجُ سَنيهڙا، هلي منجھ حضور(۳)
ٻئِي ٻَڌج هَٿَڙا، دايَن جي دستور
صبح شام آسور، اکيون آنهجي آسري(۴).

[۱۴] ناسيندي ٿي ڏِگيو، سِرجيو سورهينءَ ماه(۵)
پِريان سندي پَنڌَ ۾، کرهو ڪاهيو ڪاه
اکيون منجھ اُهاءَ، سَرْجانْ پَسن پِرَ کي(۶).

Gul Hayat Institute

وائي

آيَمِ آجُ عجيبَ، سُور سڏايا سرتيون(۷)
اچي اوطاقي ٿِيا، هنيڙي منجھ حبيبَ

(۱) خ ظ ڪ ش. سپرين، د. سپريئين (۲) ظ د. ٻئي (۳) خ ڪ د ش. منهنجا ڏج- الخ.
(۴) ظ ش. اوهانجي آسري (۵) خ ظ. سوريه ماه؛ ڪ ش. سوره ماه. (۶) ظ ش. پرين
کي؛ ڪ. پرينءَ کي (۷) ڪ ظ. سڏاريا.

٢. آڳڻ آيا سُپرين، ٽٽڙا رد رقيبَ(١)

٣. ميڙائي جِي مون پِرين، ڏٺڙي تِياڪَ طبيبَ(٢)

٤. جيئڙي جُدا مَ ٿئي، قاسم ساڻ قَريبَ(٣).

فصل ٻيو

[١] سُڻ سيپئي سَقَرا، پر خاصو سُر ڪنيات
وِجهي پنڌ پِرينِ ڏي، اُٿيو آڌيءَ رات(٤)
قاسم ڪَرَه پَلاڻيو، سينگاري سَغلات (٥)
پِرَه پَسندي مونيو، جَمَلُ وِجهي جهات
پُڇاڻان پِريات، عاشق آسڻ آئيا (٦).

[٢] ٻُور ٻالا پَڻ نينهن، سِرجَنديئي سڪيو (٧)
رَمِي راتو ڏينهن، پِريان سندي پَنڌَ ۾.

[٣] پِڳُ سنهون سوغات، ڪَنڌ مٿاهون ڪَرَهو (٨)
ڪاچي قدم اُچليا، پُوري پِنيءَ رات
سَنج سونا سغلات، مَيِي سپ مَلهائيا.

[٤] چَندنُ چَڪِي آئيو، ٻِي وَلِ نه وِجهي وات

---

(١) خ د ڪ ش. رنج رقيب (٢) ظ. ميڙائيجو. خ ظ ش. تياڪ؛ ڪ ترياڪ؛ د. تياڪ (٣) ڪ د ش. جدائي مَ ٿئي (٤) د. وجي پنڌ- الخ (٥) اصل. 'قاسم ڪره پلاڻيا'. خ ڪ. سينگاريئي شغلات؛ د. سينگاري شُغلات؛ ش. سينگاري سُغلات (٦) ش پره ڦٽي پريات - الخ (٧) ظ. سرچنديئي (٨) خ ڪ د. مٿاهر ڪرهو.

ڪرهي ڪؤنر لَتاڙئا، رِيهي پَئي رات
توڏِي تنهن وڻ تات، جنهن ۾ بوءِ بادامَ جي.

[٥] جنهن ۾ بوءِ بادام جي، اوڳر عطر تُل
تنهن ول سندو گل، چانگو چکي آئيو(١).

[٦] جنهن ۾ بوءِ بادامَ جي، اوڳَر عطر رُوءِ
رات مَڪوليا مُشڪَ سين، مَيِي پنهنجا مُوءِ
سا سوڻائين جُوءِ، آگَرِ جيائين اُپِجي.

[٧] جنهن ۾ بوءِ بادامَ جِي، اوڳر عطر واس
رات وياري وَلَڙِيون، پُر ڪيائين پاس(٢)
اُپيو ڪَري اُڪاسَ، اج پڻ اُنهينْ پارَ ڏي(٣).

[٨] وَليون سونَ - وَرنَّ، ڏارَن ڏوُنرَ ڦُلاريا
سُٽي ڳالهہ سُنْبُلَ جي، ڪاڇِي ڪنيا ڪَنَّ
مَيِچي پاڻَنِ پَنَّ، ڪَره ڪاڏيئا رَڳئا(٤).

[٩] ڪَرهو ڪاڪُل موهيو، سُنبلَ آيُس ساءَ
مَيِي مُوران نہ وَڏِي، ٻِي قاسم ول نہ ڪاءَ
تُو لِچي تنهين لاءِ، راتِ جنهين گُل رانِئيو.

---

(١) هيءُ بيت فقط ظ ۾ آهي؛ اصل. ! اگر عطر تل'. (٢) ڪ د. رات وياري- الخ (٣) ڪ. اوڪاس. خ. اج پڻ؛ ظ. اج پڻ. (٤) ڪ. ڪانيئا؛ د ش. ڪانئيا.

Gul Hayat Institute

[١٠] جنهن گُلَ رانئيو ڪَرهو، سو گُل چڙهيس چت(١)
گَوُنڊري ڪي گلابَ جو، وڏو پيچُ پِرت
نايو چَربي نتِ، قاسم ڪونَرَن ٿاريُون.

[١١] ڪَرها! تو ڳِل ڳنيڙيون، پُوئي پايان پنج
هَلندي حبيبن ڏي، ڪاچِي! ڪُٽڪ مَ ڪنج
ڏُجهڻَ ڏيئي ڏَنج، مونکي سڄڻ ميڙئين(٢).

وائي*

جَملَ منجهه جهانَ، چَرَن پيئَنَ چاڳُلا
١. آن نه اوڏا ڪَرها، نڪي گهُرن نانَ
٢. جَهنگل جهوڪون اُنَّ جون، ليڙا لامڪانَ
٣. رات وِياري ولڙيون، آيا مست آنانَ
٤. وَڳِ ڪٿوريءَ واسيا، مِينِ لڌا مانَ
٥. قاسمَ! ڪَرهن پيٽ ۾، پِرِيون سندا پانَ.

---

(١) خ ش. رانئيو؛ د ڪ. رايو؛ ڪ رانئيو (٢) هيءَ بيت فقط ظ ۾ آهي.
* هيءَ وائي اصل 'سر پورب' ۾ ڏنل هئي، جتان تپائي هت آندي وئي آهي. ٣. اصل. رات وهاري - الخ. ٤. اصل. 'مين لڌا'؛ هيءَ مصرع فقط ڪ ۽ د ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

سر سراڳ

فصل پهريون

[۱] هيرو جن هنڌن، وچ وڏجارا اوڙهين
سودو صرافن سين، جت ڪوڙين وينا ڪن(۱)
تون پڻ وڃان تن، وانءُ وهائي آءُ ڪي(۲).

[۲] هيري سندو هوء، سان پلو جن پيٽيين
هاڻي تن هٽن تي، لس وڪامي لوه
سون سچاڻي ڪونڪو، آهي اِي اندوه
قاسم ڪچ سندوه، قدر نه ڪوڏيءَ جيترو(۳).

[۳] سچ سوديندڙ ٿورڙا، ڪچ سوديندڙ ڪوڙ
سودو صرافن سان، جُودئون وچي جوڙ(۴)
موتي ۽ مرجان ڪئون، ماسو منهن م موڙ
صبح پئي سوڙ، آمل ٿيندو آذقو(۵).

---

(۱) ڪ. جت سودو صرافن سين ڪوڙين وينا ڪن (۲) خ. وانئڻ وهائي آءُ ڪي؛ ظ. وني ءُ؛ ش. وئون؛ ڪ. ون ءُ. هيءُ بيت د ۾ ڪونهي (۳) هيءُ بيت د ۾ ڪونهي (۴) خ ظ ش. زودئون وچي جوڙ (۵) اصل. 'آزڪو'.

[٤] سون وهائُج سَقَرو، ڪَچَ ۾ ڪَمُّ نه ڪوءِ
پيدا پُورو نه ٿئي، لاڳو منجهان لوه
قاسم! سُود سندوءِ، پارِ پسندا پارکو.

[٥] پاٽِيَث جي پَرکين، لاڙي لڳج تَنِ جي(١)
قاسم ڪُل جَواهر جا، اصل اُوءِ آمين
ماڻڪَ ڏيندءِ مُوڙيُون، چُنڊي منجهان چين(٢)
ڏينهڪ وينا ڏِينِ، هيرو لعل هٽن سان.

[٦] پاٽِيَث سندا پارکو، داڙُو خَيرَ دَلالَ
هيرو هٽان آنِ جي، ماسو مِلي مالَ
قاسم! ڪوڙِ ڪنگالَ، سودي ان سُتاريا(٣).

فصل ٻيو

[١] آمُلَ سَندي آس، ڪُڏي ٻئو ڪُلاب ۾
گهوري منجهه غواصَ، پارس پائي آئيا(٤).

[٢] ويهو پاسِ وَڙَنِ، ٻَدَ پُراڻا قوليين(٥)
قاسم! ڪنهن پَر نه لَهينِ، منجهان ٻِڪُ پِڙَنِ

(١) خ. پاٽيث؛ ڪ. پاٽيٺ (٢) خ. ماڻڪ ڏينڊي - الخ (٣) هي بيت ل ۾ ڪونهي
(٤) هي بيت فقط ڪ ۾ آهي. (٥) خ. ويهيون پاس وڙن، ٻٽ پراڻا قوليين؛ ش. وِ هوپاس وِڙن - الخ.

Gul Hayat Institute

سَاڏِڪ تَنِ مِڙنِّ، سَاڪِنَ جِي سَمونڊَ جا(١).

[٣] سَاڪِنَ جِي سَمونڊَ جا، پَسُ تَنِي جِي پاڳَ،
ڏوريندڙ ڏَسين ڏا، سندو ساڏِڪ ساڳَ(٢)
قاسم ڪل جَهوار جي، وَس تَنِي جِي واڳَ،
سنئون تَنِ سياڳَ، جي پلئي لڳا اُنِ جي(٣).

[٤] جاڳِي جاڳِي جَنِّ، سُتڙ سَنجيون پيڙيُون(٤)
صلاحون سُونهپَ جون، قاسم وِينا ڪَنَّ
آمُل آندو تَنِّ، ٻڌا جيڪي پار ۾(٥).

[٥] هاڳامان ۽ هُلَّ، سُجن ڪُنَّ سمونڊ جا
آندا تَن آمُلَّ، جي آسون پلي اوهريا(٦).

[٦] آسون پَلي اوهريا، آمُل آندا تَنَّ
وڏا طالع تَنِ جا، جهاجهہ جُهَاري جَنَّ
جي تانگهي سنجهہ ترن، قاسم ڪوڏيون تن لئي(٧).

وائي*

توهُ تُنهينجو مَڱان، توه تُنهينجو مڱان
ياالله توه تنهينجو مڱان، الله آءٌ توڙئون تنهينجو مڱان

---

(١) هي بيت ظ ۽ ڊ ۾ ڪونهي. (٢) ڪ. ڏوريندڙ ڏسين ڏا - الخ (٣) هي بيت ظ ۽ ڊ ۾ ڪونهي (٤) ڪ. سنجهيون (٥) خ. ٻڌا جي پار ۾. ظ ۽ ڊ ۾ هيءَ بيت ڪونهي (٦) هي بيت فقط خ ۾ آهي (٧) هي بيت فقط خ ۾ آهي.
* هيءَ وائي ڊ ۾ ڪانهي.

١. پيڙ[١] ڏيان پتار سان، آنگِي للهي اڳان
مولي مونکي ميڙيين، دور ڪري ڏرڳان

٢. چِيٽُون جتِ چِرين ٿا، چت چِترجن چڳان
سيٽن چَرون چاڙهيا، رَچن رَگ سُرڳان

٣. قاسم ڪو مَ مُنجهائيين، سائيمَ! پنهنجيءَ سڳان
پنهنجا پاڻ فَضل سان، پار لنگهائيين لَڳان

—✻—

Gul Hayat Institute

---

١. ظ. انگيون لاهي اڳان.

سر ساموندي

فصل پهريون

[١] چِتَ ڪيائون چِينِ، هاڪاريائون هَليا
پَکَھہ پائي ناڪُئا، مونکي نالِ نہ نِينِ
زَورَق دور زَمين، سَنبَهي ساموندِين جِي(١).

[٢] سِڙهہ ڪنيائون سَنّبَهيا، هليا ڏانه هالار
رات پَرنيا ربَّ کي، پاڏيلين پيتار
قاسم ڪارونيار، اللّٰه تَنِ آڪاريين.

[٣] سِڙهہ ڪنيائون سَنبهيا، چين ڪيائون چت
لَئي لَڪا جي اوهريا، سُڻي سُهڻيءَ يَت
آءُ نِهاريان نت، واڻون وِڻجارَن جون.

[٤] ٻيڙا مَڪي ٻار ۾، وڏائون واري(٢)
سِڙهہ ڪٽي ساڄا ڏيا، ساجهُر سينگاري
هليا هاڪاري، اللّٰه سندي آسَري.

---

(١) خ ڪ. زورڪ؛ د. زوردڪ خ. سنيي ساموندين جي؛ د. سيني؛ ڪ ش. سيئي؛ ظ. سنيهي.
(٢) ڪ. ٻيڙا مڪي - الخ.

Gul Hayat Institute

[٥] پُوين ياتو يات، وَكر وڏا ٻيڙيين(١)
پڙهي پڳهَ چوڙيا، ساموندين صَلوات(٢)
نظر ناکُئن جي، آهي منجهه عَرفات(٣)
مُيَسَّر کيائون ميم ۾، ماڏڪ مُلاقات
سَرين سا سوغات، جنهن قاسم قيمت ناه ڪا(٤).

[٦] وَڏجارن واري، وَکَر وڏا ٻيڙيين
چَليا چين مهه - چين ڏي، سيّد سنپاري(٥)
قاسم ڪارُونيار ڏي، هليا هاڪاري
احمد اِشاري، ناءِ بچائِي نوح جي(٦).

وائي

وڏجارَن وري، وَکرڙا ٻيڙيءَ چاڙهيا

١. وڏجارن ولات جي، سودي ري نه سَري
٢. جهوني ٻيڙي جهاجهه ۾، آهي آب پري(٧)
٣. ٻيڙي تارِ طوفان مون، تنهنجي توه تِري

---

(١) خ. پُهيَن؟ - الخ؛ ظ. بويون ياتون يات، وکر وڏائون ٻيڙئين. (٢) خ. ساموندي صلوات.
(٣) ظ. نظر ناکوئن جو - الخ. ڪ د. نظر ناخوئن جي. (٤) اصل ۾ هي بيت 'سر راڳ' هيٺ لکيل آهي، جتان ٽپائي هت آندو ويو آهي. (٥) ش. چليا چين ماچين ڏي - الخ. (٦) هيءُ بيت ظ ۾ ڪونهي، ۽ باقي ٻين نسخن ۾ 'سر راڳ' هيٺ لکيل آهي جتان ٽپائي هت آندو ويو آهي.
(٧) ظ جهوني ٻيڙي جهاز ۾ - الخ .

٤. اتي تارِي تنهنجِي، جتي ڍِيمَ ڍرَي(١)
٥. قاسم ڪارونڀار جي، سُڄي ڳالهہ ڳرِي.

فصل ٻيو*

[١] سودي ڪارڻ سَنبَهيُون، ويهُون وڻجارن
چَلِيا چِينَ بنگالَ ڏي، ماڻڪ رکِي مَنِ
آيا اُن اوڙاهہ ۾، جتي ڍِيمَ ڍِرَنَ
لَهرِينِ جي لپاٽَ سِينِ، ڪاٺ ڪڙڪا ڪَنَ
قاسم ڪارونڀار سِينِ، تاڙِي لَڳِي نہ تَنَ
اُتي آتارُنِ، هادي ڏيندو هٿڙا(٢).

[٢] هادي ڏيندو هٿڙا، واهَڻ سر ويهي
نُوحُ جَنِي جو ناکئو، ثابت وَيا سيئي
تنهن ڪشتيءَ ڪيهي، قاسم! تاب طوفانَ جي(٣).

[٣] جهُونِي پيڙِي، جهاجهہ گهٽي، وچ وَڏاندر ويِر
لَهرِينِ جي لپاٽَ سِينِ، ڪوڙيين پچن ڪِير
پَسي دَور درياهہ جو، قاسم! ڪَنبن ڪَبير(٤)

---

(١) اصل. ڍيم ڍري (٢) خ ظ. اتارن؛ ڪ د. آوَتارن؛ ش. اڻ تارن (٣) ظ ڪ ش. تنهن ڪشتيءَ تي ڪيهي - الخ. (٤) ظ. قاسم ڪَنَ ڪبير.

*هن فصل جا جملي بيت اصل ۾ سر سرراڳ هيٺ ڏنل هئا، جتان ترپائي هت آندا ويا آهن.

Gul Hayat Institute

فضلَ ساڻ فقير، پُربندر پهچائيين.

[٤] جُهوني ٻيڙي، جهاجهہ گهٽي، وِيريون وِچ وِڙهن(١)
ننڍ گَمائي ناکُئين، سُکَ نہ سُکاڻن(٢)
قاسم! ڪارونڀار ويا، سي موڙي مس مڙن
واءُ سَٽائو واريين، ساجو تَن سِڙهن
گهيڙانْ جنهن گهڙَن، اُن تڙان ئي آڻ تون.

[٥] جهوني ٻيڙي، جهاجهہ گهٽي، ربَّ پرَنيانْ تو(٣)
پيرُ خضر پاڻيءَ ۾، ساڻي تيندو سو
قاسم غم نہ ڪو، اولو احمد هٿ ۾.

[٦] ڪَنڌي ناه ڪُلابَ جي، ڏنگ وڙنگا واء(٤)
قاسم ڪارونڀار ۾، پيرُ پروڙي پاء
مَعلومِن مَلاح، پِچ پاڻيءَ جون خبرون.

[٧] ڪَنڌي ناه ڪُلابَ جي، ڪَپَر ڪارا ڪُنّ(٥)
جهوني هن جهاز کي، تَرَ ۾ پَئي مَ تُنّ
الله! ساڻ آمُنّ، قاسم آر اُڪارِيين(٦).

---

(١) ظ. ويرون وچ وَرَن. (٢) خ. ننڍ گنوائي ناکوين - الخ. (٣) د ش. پرنيا تو. (٤) خ ظ ش. ڪنڌي ناهي - الخ. (٥) خ ظ ش. ڪنڌي ناهي - الخ. (٦) خ. اوڪاريين.

[۸] ڪنڌي ناه ڪُلاب جي، وچان وير نه واند(۱)
لڳو واءُ وَڏانڌرو، سڙهه پُراڻا پاند
قاسم ڪارونيار ۾، مَچ مَچائي راند
ڏِگولي ڏَرماند، پَرورا! پار اُڪاريين(۲).

[۹] ڪَنڌي ناه ڪُلاب جي، ڪَپرِ ڪُنَ ڪارا(۳)
موجون ڏينِ مهراڻ جون، لهريون للارا(۴)
وَهي واهُڙَ وِچَ ۾، پاڻي ٻه - پارا(۵)
اُتي آتارا، پرورا! پار اُڪاريين(۶).

[۱۰] ڪنڌي ناه ڪُلاب جي، ڪَپرِ ڪُنَ ڪارا (۷)
سودي ڪارڻ سَنپيا، وَري وڻجارا (۸)
لعلون ’لڪِي - سَرَ‘ ۾، موتي موچارا
سودي سَوارا، ڪِٿي آيا خير سان.

Gul Hayat Institute

وائي

بندر جا وڻجارا، شال مونکي ملندا هوءِ جي
۱۰ مٿي واڏِنِ مون ڪِيا، آيل نيڻ نهارا

---

(۱) خ ظ ش. ڪنڌي ناهي - الخ؛ ڪ. وچان ويرن واند (۲) خ. اوڪاريين (۳) خ ظ ش. ڪنڌي ناهي - الخ(۴) خ ظ. لمارا (۵) ڪ. وهي واهڻ وچ ۾ پاڻي ٻپهارا؛ ش پاڻي ٻن پارا (۶) ش. اتي اڻ تارا - الخ؛ خ. اوڪاريين (۷) خ ظ ش. ڪنڌي ناهي - الخ (۸) خ ڪ. سنبهيا.

آڏيو ساموندين جا، پسان سڙهه سوارا

٠٢ ڏچيون ڏاريچن جون، ڏيندم شال ڏيکارا

سارئو ويني ساريان، جيڏيون جيءَ جيارا

٠٣ پلئه پائي اڳيان، پڇان تڙ پوڇارا

مولىٰ مونکي ميڙئين، ساموندي سونهارا

٠٤ قاسم چئي ڪڏهين، ملين جي منتارا

ته موٽي موڪل نه ڏيان بندر جي بازارا.

فصل ٽيون

[١] زورق وِجهان زيريون، پڳهه پايان پنج(١)

آڏي وِجهان آڳ م، وَڏي اولا وَنجهه

مونکي ڏيئي ڏنجهه، آج م وڃو اوهري.

[٢] زورق وجهان زيريون، پڳهه پايان ويهه(٢)

کوءِ سودو، ٻن پيڙيون، هلڻ منڌ نه هيه(٣)

سودو هت سنبيه، سفرِ وڃُ م سپرين(٤).

[٣] زورق وِجهان زيريون، پڳهه پنج هزار

(١) خ. زورڪ (٢) خ. زورڪ (٣) ظ. هلڻ منڌهيه (٤) اصل. سنبيه.

Gul Hayat Institute

گهٽيءِ ڪَنِڌِيءَ گهوريان، بندر جي بازار(١)
ڪوڙين ڪارونيارَ، آهن سوداگر سَميِٽيا(٢).

[٤] اَڄ مَ وڃو اوهري، مونکي ڏيئي ڏنجهہَ
سامونڊين سان سَنجهہَ، ڪريان روحَ رُچنديُون.

وائي*

جَرَ ناريلَ پِيا، مـاءَ! سنيوڙا سپرين

٠١ الله سندي آسري، کُوها تَنِ ڪنيا
٠٢ ساجا سڙهہ سامونڊيين، ڪالهونڪر ڪيا
٠٣ پرڏيهي مون پرينءَ سان، تورا ڏينهن ٿيا
٠٤ مٿي پڳهہ هٿڙا، رُوندي مون نہ رهيا
٠٥ قاسم ڪارونيار جِي، سُڃي ڏور ڏَيا

فصل چوٿون

[١] تَڙِ تواروُن پُون، گهنڊ گُڙندا مون سُڻا
مانَ مونکي چُون، تو وڻجارا آئيا(٣).

[٢] ماءَ! ساريندي مون، تَڙِ وڻجارا آئيا

---

(١) ظ. گهٽيءِ ڪتيو گهوريان- الخ (٢) خ ظ ڪ ش. هن سوداگر سميٽيا؛ ل. آهن سوداگر سميٽيا.

* هيءَ وائي ظ ۾ ڪانهي. ڪ ۾ مصراعن جو سلسلو (١، ٤، ٣، ٢، ٥)؛ مصرع نمبر ٣ ش ۾ ڪانهي. ٣. ڪ. پرڏو مون پريان سين - الخ. ٤. ڪ. پڳهہ مٿي هٿڙا - الخ.

(٣) هيءُ بيت فقط ڪ ۾ آهي.

پُنيون اميدُون، وَهُون وَرَنِ گَڏيُون.

[٣] وَريـا وڏجارا، وَهُنِ گهرِ واڏائيون

آچي سِڙهنِ اوچتا، ڏنا ڏيکارا

کارِي کيڏارا، کٿي موٽيا خير سان(١).

وائي - ١

ڪيئَن وساريان آءٌ تَن کي، منهنجا بندر وِڏڙا جي(٢)

١. لعلون 'لَکِي - سَرَ' جون، سودي ايندم سِي

٢. سِڪايل سمونڊ کـي، آڏيو آکا ڏي

٣. کٿي ايندا خير سان ڪارُونپاران ڪِي(٣)

٤. قاسم سِيرَ سَمُونڊَ جي، نائُون پايو نِي

وائي - ٢*

بندر لِڳڙن ڏينهن وو، ماءَ! مُنهِنجي وو سَجڻين

١. اُتر لِڳي اوهريا، مٿان وَڏُڙن مينهن

٢. گهٽو گوندر گاڏئون، ناڪٺاڻو نينهن

٣. بندر لِڳن ڏينهڙا، هيڏا اڳـ نہ هيئَن

٤. قاسم ڪانگ پِريان جا، کِلي ڏيندم کينءَ

(١) هيءُ بيت ظ ۾ ڪونهي (٢) ظ ۾ هن مکيہ ٽلهہ بعد وراڻي تہ :" ڪيئن آءٌ تني کي، ساريو ساريان آءٌ تني کي". (٣) ڪ ش . ڪانپارئون .

* هيءَ وائي ظ ڪ ۽ ش ۾ ڪانهي. ٢. اصل "گيرتن(؟) گوندر گاڏئون - الخ".

Gul Hayat Institute

سر توڏي

فصل پهريون

[١] نَڪو تُنْبو تُرَهو، نَڪا سِيْٺَهہ ساڻ
پاڏيءَ وِجهي پاڻ، الله سندي آسري(١).

[٢] نَڪي تاڏي تُرَهو، نَڪو ميڙي مَڏُّ
هُنان سُٽيو سَڏُّ، ڪُڏيو پوءِ ڪُلاب ۾.

[٣] نَڪو بِڏي تُرَهو، نَڪو بِڏي نوڙُ
پاڏي پِنيءَ پوڙُ، سهٽي پاڻئي سِير ۾.

[٤] سهٽي پاڻئي سِير ڪي، ڇينهري جي ڇَرَ(٢)
نہ مَلاحَ نہ مَڪُري، نہ توڏي بِڏي تَرَ
اچئو الله آهَر، ڪاهيو پوي ڪُنن ۾.

وائي - ١

موکي ڪيَڙو سَڏُّ سنگهارَ، آءٌ آجُ ويندڙي لوا پِرِينَ پارَ
١. بِيلي بيلاين جي، گُڙن گهَنڊَ گهَنبارَ

---

(١) خ. پاڏي وجهي. (٢) ظ. ڇنهري؛ S. ڇنوري.

Gul Hayat Institute

۰۲ مونکي لائي مَنَ ۾، لنئُون وڄندڙي لارَ

۰۳ ڪوڙين واهُڙَ ڪيترا، توڙي وَهن تارَ

۰۴ سدا سائرُ سِيرَ ۾، لُڏڙن لک هزارَ

۰۵ ٻَڌَمِ ٻيلاڊِنَ سان، قاسم قولَ قرارَ(۱)

وائي - ۲

موٽ ميهار! مانگرڙيون، مون ماريندِيون لو! مَڇڙيون

۰۱ آءٌ آتاري آهيان، ڪيئن پُڄَندڙي پارَ(۲)

۰۲ ڪوڙين مانگر ڪيترا، سائرَ ۾ سينسار

۰۳ نہ مون ناؤ نہ تُرَهو، آگا! آرَ اُڪار

۰۴ منهنجا واهُڙَ وچ ۾، سُڄِ سَڏَ سنگهار

۰۵ تنهنجي آگِه اُڪري، قاسم ڪارونيار(۳)

فصل ٻيو

[۱] ڏَمِ سان ڏينهن مَ گهار، سَس سان پيُر مَ سهٽي(۴)
پاڙيچن پڇار، مَڇڙ مُنڌَ وساريين(۵).

[۲] ڏَمِ سان ڏينهن مَ گهار، سَس سان پيُر مَ سهٽي(۶)
صبحِ تو سنگهار، مُنهن تي ڏينڌء ميهٽو(۷)

(۱) خ. ڪالهہ وار (۲) ڪ. آءٌ اٽتاري- الخ. (۳) ظ. ' تنهنجي آگِه آئون گهڙي، قاسم ڪارونيار'. (۴) ڪ. پيُرُ مَ سهٽي. (۵) هيءَ بيت فقط ڪ ش ۾ آهي. (۶) ڪ. پيُرُ مَ سهٽي. (۷) هيءَ بيت فقط ڪ ش ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

[٣] ڏَمُ ڏِيرو هو، ساهڙ سدائين سَنَرو
ٻُڏندي ٻانهيارين جو، ساڏي ٽيندو سو
قاسم غم نه ڪو، آڳهه احمد جن جو(١).

[٤] ڏَمُ ڏُيرو تان گهوريو، مَڇي مَرُ ميهار
آڳهه جنهن جي اُڪري، قاسم ڪارونيار
سونهي مون سينگار، ساهڙ جي سهاڳ ۾(٢).

وائي

ڏَمَ سان گهاريان ڪِيئَن، لو لو هوا مون منڙو ميهارَن سان،
مون سَگڙو سنگهارَن سان

١. جيئَن جيئَن پِچي راتڙِي، مون تن تانگهي تيئَن
٢. گهَڙو گهَڙي تان گهوريو، مٿو مٿان نينهَن
٣. گهڙان گهوريو جندڙو، وڃان ساهڙ سيئَن

فصل ٻيون

[١] ٻسهڻي ساهڙ پاڻ ۾، هِڪا هِڪُ ٿيا
گهَڙو ڀِڳو تان گهوريو، وڃان وِچ ويا
ٻيائي منجهه ٻِيا، هُو ويا وَحدت گڏجي.

[٢] سُهڻيءَ سڪَ سَري مَنجهوَن سير سَنگهار جي(٣)
مَر جانْ پِتَ پَرِي، مُيَس لٿو مامرو(٤).

---

(١) هيءَ بيت فقط ڪ ش ۾ آهي. (٢) هيءَ بيت فقط ڪ ش ۾ آهي. (٣) ش. منجهان سرڪ سنگهار جي. (٤) ظ. 'ميس پت پري، ميس لٿو مامرو'.

Gul Hayat Institute

وائي

ويهي ڪيم وسار، ڪج سَنيار، قالُوا بَلىٰ جي قول کي

٠١ متان ورچي ڇڏيين، سَندي پرِ پچار
وَجائج وجود ۾، جئن سا ڳهنديءَ لار(١)

٠٢ ڪاهي پؤ ڪُلاب ۾، ترسُ مَ پَسي تار
ڳهڙو ڏيکو تان گهوريو، نينهن ۾ پئي مَ نهار

٠٣ هُو جو گهاڙُو ڳهڙيو، ڪچو ڪالهہ ڪُنيار
مَچڻ پئين ماڻري، اونهي جي آڌار

٠٤ ڪُلُّ نفسٍ ذائقة الموت، لکيو لکڻهار
آهي عزرائيلَ جو، ڪُنڊيو منجهہ ڪَپار

٠٥ ڀيلي ڀيلاين جا، گُڙن ڳهنڊ ڳهنڊار
آسُونهيون سُونهيون ڏيُون، سُٽي تند توار

٠٦ گهوري گهورجُ جندڙو، متان مُنڌَ! ميهار
ساڏي ڏيندو سير ۾، سُٽي سڄ سنگهار

٠٧ پڏو ڀيلاين سين، قاسم ڪالهہ قرار
جيڪي لکيو لوح ۾، سو پاريو ويٺي پار

---

(١) خ ڪ د ش. جيءَ سو ڳنڍي لار؛ ظ. جي سو ڳنڍري لار.

Gul Hayat Institute

سر سارنگ

فصل پهريون

[۱] آبر منجهه آثار، اج پَسجي مينهن جو
سِج پڙي، ڪَس ڪَڪرين، چُوايو چوڌار(۱)
سنجهي لهندو سار، آچي اُجاين جي.

[۲] مُندَ تِي، منڊل وَجئا، چِريو چُوايو(۲)
مينهن موگهون ڪَيُون، آيو ڪِي آيو
سانوڻ سَوايو، پَٽين لَنبَ پَچي پِيا.

[۳] مُند تِي، منڊل وَجِئا، بِنِي بوڙِيائين
سامَدَهي جي سِيمَ ٻِر، خيمان کوڙِيائين(۳)
جوڙون جوڙِيائين، پَڪي کورَڙَ ڪَڇَ جي.

[۴] مُندَ تِي، منڊل وَجِئا، ڍُڏا سي ڍِنيارَ
هَٽِي مينهن منجهائيا، رڙيون ڪَنِ ريبار
ڌَڙَ واهُڙَ سي تارِ ٿِيا، ڦَرِي ڪاڌ ڦهنوار

---

(۱) خ د. چوُوائو (۲) د ک. چڙهيو چوُوايو (۳) اصل. ساندري جي سيم ٻر- الخ.

Gul Hayat Institute

مينهون ۽ ميهارَ، آڳي آسودا ڪِيا.

[٥] ڇَوڏِس ڇڙهي آئِيو، سارنگُ سوپارو
سنڌ سَرِي هالارَ ڪِيءِ، وَسَ ڏنو وارو
پِنو پِتارو، مَنَّ مُرادون پُنِيُون.

[٦] گَجِي گُڙِي آئـيـو، سارنگ سوپارو
ڏنو ڏنـَڙيـنِ ڪِيءِ، وِجڙينِ وارو
پِنو پِتـارو، مَنَّ مُرادون پُنِيُون *

[٧] پِرِي پِتَارِي، پَهرِ پنهي ڪنديين(١)
قاسم ڪيا سَڏڙا، سَـيـد سنپارِي
وارِي آندي وِجُڙِي، سارنگ سينگارِي

---

*بيت[٦] بعد هيٺيان ٻه بيت سڀني نسخن ۾ ڏنل آهن، البت خ ظ ۾ ٻهرين سٽ جي پڙهڻي 'جيڏيون جياريو - الخ' آهي ۽ ن ڪ ش جي پڙهڻي 'جيندي جياريو - الخ' جا اختيار ڪئي وئي آهي. خليفي حاجي شير محمد جي روايت موجب، اهي ٻئي بيت 'جيئندي سمي' جا چيل آهن جو خليفي نبي بخش جي مريدن ۽ راوين مان هو ۽ ڪڇ ۾ 'سامدهي' جي ڳوٺ ۾ رهندڙ هو.

[٦/الف] جيڏيون جياريو، سُٺي سارنگ شاه ڪي
سٺي سمي سڏڙا، آيو ڪِ آيو
سانوڻ سَوايو، سَن مُرادون پُنيون.

[٦/ب] جيڏيون جياريو، سُٺي سارنگ شاه ڪي
آڳي ڪُل عالم ڪي، ٻلڙ پيارئو
آڏي اوتارو، ويٺو پاس پُراج جي.

(١) خ. ٻهرين پنهي ڪنديين؛ ن. ٻهرين پني ڪنديين؛ ظ. لوين سي ڪنديين؛ ش. پني پنهي ڪنديين؛ ڪ. پهر پني ڪنديين.

وَسِي وَسڪاري، عالَمِ آسودو ڪيو.

وائي*

سارنگَ لاهج سوڙ، مِينهن وسائي مارئن جي(١)

١. اُتر ڪوُن ٿي آئيو، غازي ڪري گوڙ
٢. وسي ڪيا وڄڙيين، پاٽي پِنيءَ پوڙ(٢)
٣. مينهون ڪائي موٽيون، سندا موگر موڙ(٣)
٤. آهي تنهنجي آسري، قاسم عالَمُ ڪوڙ.

فصل ٻيو

[١] مورَ وَسَندي مِينهن، چَڙهيا ڏُونگر چوٽئين
اُيِي سارنگ ساموهان، ڪَن ڏالوُنْ منجهان نِينهَن
وَريو وَصل ڏينهن، مِينهَن ميڙيا سُپرين.

[٢] مولىٰ مِينهن وَسائيا، آڳاڏا اللهَ
سنگهاريون صَلاحَ، ڪِليو ڪَن ڪِير جي.

[٣] ڪَڪَر ڪاري ڪار، اُبِ چمڪي وڄڙي(٤)
آندو آبُ آگوندرو، مِينهَن جي مُختيارَ
آڳي آسودا ڪيا، ڏيَرَوالَ ڏرارَ(٥)
ڪَنِ ڪلندي ڪِيرَ جون، ڪٽيريون ڪيڪارَ

---

* هي وائي خ ظ د ۾ ڪانهي.
(١) ش. مارن جي. (٢) هيءَ مصرع ڪ ۾ ڪانهي. (٣) ش. 'مينهون ڳئون متيون، سدا موگر موڙ'. (٤) ظ. آت چمڪي وڄڙي. (٥) ڪ. ڏڌار؛ ش. ڏيڙ وال ڏڌار.

قاسم ساڻ قرار، پرين پنهنجا پاريا.

[٤] وڄ سولي وار، آڄ چمڪي آڀ ۾
وٺا مينهن وصال جا، لٿو ڏيه ڏڪار
قاسم ساڻ قرار، پرين پنهنجا پاريا.

[٥] وڄ سولي ڏينهن، آڄ چمڪي آڀ ۾
اسان پرين پاڻ ۾، نئون ٻڌڙو نينهن(١)
سندو محبت مينهن، آيو اوهيرا ڪري.

[٦] آيو اوهيرا ڪري، چوطرفان چوڏس
سئائن سهڄ مان، پارا پيرئا پس
ڏسيو وينو ڏس، قاسم ڪرم الله جا.

[٧] وٺا ڪي وسندا، مٿي موهر مينهن(٢)
اسان پرين پاڻ ۾، نئون ٻڌڙو نينهن
جر ۾ مڇي جيئن، تيئن مون من واڳيو سڄڻين.

[٨] آبر منجهه اهاءِ ٿيو، ڪامڻ ڪٽندي ڪنج(٣)
پسي پر پرين جي، ٿيا رقيبا رنج

(١) ظ. ٻڌو نينهن (٢) ڪ ن. وٺا ڪِ وسندا. الخ. (٣) خ ن ظ. ڪام ڪندي ڪنج؛ ش. ڪا ڪٽندي ڪنج.

شال وَسندو سَنج ، مَٿي عاشقَ اوهيرا ڪري(١).

[٩] وُڻو اوهيرا ڪَري، مَٿي عاشقَ آجُ
ڏُور ڏوڳاها پَچُ ، مينهَن مُنهن ڏيکاريو(٢).

[١٠] اُتر ڪِوي، ڏَکڻ ڪِوي ، ڪِوي اوير آجُ
ڏور ڏوڳاها پَچُ ، جو مينهن مُدائتو آئيو.

[١١] پَسِي آڳَمُ اجَ، وَرَ وَريتيَن سارِيا
وُٺِي مينهن وَرن سان، سهسين ڪن سهَجَ
روح رُچنديون رَجَ، قاسم ڪجن پر سان(٣).

[١٢] ڏِٺ پِٽ ڪُهنبا ڍِڪيا، ڪن سڪايَل سُرود
مُنهن معشوقن مَڪِيا منجهان عَنبر عُود
دُلهن ڏنڪبان ڪيِ، مشڪ ڪيو موجود(٤)
ڪٿوري خوشبوء سِين، واسيا تَن وَجود

Gul Hayat Institute

(١) شاه جي رسالي (سر سارنگ) ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي :
ڳاجَ ڳُنديءَ ڳنج، اَبر ۾ آهاءَ ٽيو
ڏسي ٻر ٻرين جي، ڏور ٿيا سڀ ڏنجهه
شال وسندو سنجهه، عاشق تي اوهيڙا ڪري.

(٢) خ. ڏيکاريا. شاه جي رسالي (سر سارنگ) ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي :
آئو اوهيڙا ڪري، عاشق مٿي اڄ
ڏور ڏکاريا پڄ، مينهن مُنهن ڏيکاريا.

(٣) ڪ. 'روح چڙيءِ رڄ، قاسم ڳجن پرڏيه ۾'. خ ظ ۾ هي بيت ڪونهي.

(٤) خ. 'دلهن دهنڪبالڪي، مشڪ ڪيو موجود'؛ ڪ. 'دله هن دنڪبانڪي مشڪ ڪٿاءِ مهجود'.

مليو جَن معبودُ، قاسم ڪَرم تن جا(١).

[١٣] آگم اڪڙين ۾، موهن روپ مَلار
مُنهن مَهتابان اڳرو، ڪڪر ڪارا وار
دُلهن ڏَنڪبان ڪي، سينگاريو سؤ وار(٢)
قاسم! پايَلِ پيرَ جِي، گَجي سنجهہ غبار
جڏ سيج چڙهئو سردار، تڏ عالَم آسودو ٿيو(٣).

وائي -١*

مانگ، پڇايس مينهن، راتِ رَمندي ڍول سين

١. مينهَن پڇايس مانگَڙي، نيڻ نَمايُس نينهن
٢. سِرَ چُني، ڳِل ڪَنچرو، پُسيس پانڌَن سيئَن
٣. ڪانڌَ نِپوڙيسِ ڪَپڙا، حاضر ويهي هِيئَن
٤. قاسم! ڪانڌَ سُهاڳڻيون، رَمنِ راتو ڏينهن

وائي -٢

موٽ وَسَندڙي مينهن، لالڻ! لاءِ مِ ڏينهڙا

١. جُدا سانوڻ ڏينهَڙا، هاڻ نہ گهرجن هيئَن
٢. جيئَن پَڪي ڏَمَنِ پانڌڙا، اڪڙيون وسنِ ايئَن

(١) هيءُ بيت ظ د ش ۾ ڪونهي. (٢) اصل. 'دلهن ڏهنڪبانڪي سينگاريو سو وار'.
(٣) هيءَ بيت فقط خ ۾ آهي.
* ڪ ۾ هيءَ 'وائي' بيت جي صورت ۾ لکيل آهي ۽ آخري سٽ هن طرح آهي تہ:
'رمن راتو ڏينهن، قاسم ڪانڌ سهاڳڻيون'.

Gul Hayat Institute

٠٣ 'پي' 'پي' پَپيهو ڪَري، مون تن تولاءِ تيئَن(١)
٠٤ قاسم! مُندَ مَلارَجي، تو ري گهاريان ڪيئَن(٢)

فصل ٻيون

[١] آءٌ سو سارنگ، سارِيان، جو ٻُڪينِ لاهي ٻُڪَ
آبُ پياري اُجَڙيين، ڏُڪينِ سَجي سُڪَ
مٺان دِلينِ دُڪَ، وَسُنِ سَيِي ميٺيا(٣).

[٢] آءٌ سو سارنگ، سارِيان، جنهن ايندي لاٿي اُڃَّ
پَلُرَ جي پالوٽَ سان، سائي تِيڙي سُڃَّ
رات منجهارا رُڃَّ، پَلُرُ پِيتو روجهَڙيين.

[٣] جهُڙ ڦُڙ جهور جهَڪور، سج سَرلي ڍَڪيو(٤)
قاسم! اُتر پار ڏي، ڪَڪَر ڪاريءَ ڪور
اُڀِي سارنگ سامُهَان، ڪَن ڏَهُوڪا مور(٥)
وڏو آب اتور، ڍِٽ پٽ کهنبا ڍڪئا(٦).

[٤] وَهِي آيو واهُ، پِرينَ پاڻي موڪليو

---

(١) خ ظ ڪ. پپيو ڪري. (٢) ظ. قاسم منڊ ملار جي، گهاريان آئون ڪيئن.
(٣) اصل. 'وسي سيي ميٺيا'. (٤) خ. سج سرلي ڍڪئو؛ ڪ. سڙلي ڍڪئو. (٥) خ. اڀيو سارنگ سامهان. الخ. (٦) خ. 'جڏه وڏو آب اتور، تڏه.' الخ؛ ڪ. هاڻي وڏو آب اتور. الخ. هيءَ بيت ظ د ۾ ڪونهي.

راضي ٿيو اللهُ، عالَم آسُودو ٿيو.

[٥] وَسُ، ۾ ويرم لاءِ، آءُ او هيرا آسري
رِهي نہ رَتِيءَ جيتري، ويچارَن ٻي واهہ
تَسياريون تو لاءِ، آپيُون پُڇَن پَهيَڙا(١).

[٦] وَرِي ڪيَڙِي وَرِ، مُندائتين مينهڙين
سُڪ وَسائي سِندڙي، ٿِهلِي چڙهيو ٿَر
سيّد سڪايل جي، قاسم! لڌي ڪَر
گهاڻو گهرو گهر، وٺو آب آگُونڌرو(٢).

[٧] اُٿر ڪُون ٿي آئيو، ميگهہ موچاريءَ وير
ٻَڌائين ٻاجهہ پٺِي، پِلائِيءَ جا پيرَ(٣)
هادي هِدايت جو، وِڏو سَڏُ سويرَ
سُڪا ڏَهر ساوا ٿيا، جڏ پرين پاڌا پيرَ
مهدي مِير مٿير، قاسم! قحط وڃيو(٤).

واٽي*

جَهجها ڏيجِ جُهار، پانڌي پرينءَ رسول کي

---

(١) هيءَ بيت فقط ظ ۾ آهي (٢) هي بيت خ ظ د ۾ ڪونهي (٣) اصل. 'پِلائي جو پير'
(٤) هي بيت فقط خ ۾ آهي.
* هيءَ وائي 'مولود' جي عنوان سان فقط خ ۾ ڏنل آهي.

Gul Hayat Institute

جهجها ڏيجِ جُهَار، هيجان عالم جي آذار کي

١. آجو ڪريو احمدا! عاصِي ڪوُن آزار

٢. سَگُ پنهنجو سيّدا! تون تان وارث! ڪيم وسار

٣. قاسم جِي ڪونَيْن ۾، سيّد! لهج سار

Gul Hayat Institute

سر ڪيڏارو

فصل پهريون

[١] شُجاع! نيڪ صَلاح، وَٽُ تہ ويِري نہ پسَين
جاڙي هيڪ الله، قلم جنهن جي هٿ ۾[١].

[٢] شُجاع! سِنڌ مَ ويه، اوڏا اڏي نِجُهرا
هيءَ تَنِي جو ڏِيه، حامي حيدر جن جو.

[٣] شُجاع! ويهُ مَ سنڌ، اوڏا اڏي نِجُهرا
هتِي راوتَ رِند، وَتَن قلعي ڪوڏئا[٢].

[٤] اچي آجُ امير، ڪَرڙيءَ خيمان ڪوڙيا
پيچِي پِيڙا نہ ٿيا، مهَنِد نہ آيا مِير
ڏنو سِرُ سُدِيرَ، مُرتضيٰ ميدان ۾.

[٥] ڪَرڙي ڪائي رَت، پَٽ نہ وجهي وات ۾
پِڙ ۾ پهلوانن جي، وِيتِي پرَڪي پَٽ
جَني نيڻ نِسَت، نينهن نہ لائي تَن سين.

---

(١) خ ڪ. هڪ الله (٢) ظ. ڪيلي ڪوڏئا.

[٦] ڪَرڙِي ڪائِي ماهُ، پِيئِي رت پيالِيُون
وِيئِي سَڏِي شاهُ، جو ڏيندو سرُ ڏياچَ جانْ.

[٧] ڪَرَڙِيءَ ڪُپِنِ پير، تہ مون وَڏو وَسُ ڪئو
ڪوڙين يَڳا ڪيترا، ٻُڏي ڏَنگَ دلير(١)
وَڏو سُڄي وِير، ڪنهن پَرَ ڪَهي ڪاڏيان(٢).

[٨] ڪُونْدَ قلعي جا ڪوڏيا، نُونڌَ نَچَندا پَسُ(٣)
چِڙي تَنِ تَرسُ، پِلَتيو شاهُ پَتاڻَ تي.

[٩] ڪُونڌَ قلعي جاڪوڏيا، ڪائيِنْ مور نہ ڪَنِ(٤)
ايندي لاڏو آسرو، توڙئون مَتان تَنِ
جوڳَ مڃائي جَنِ، پوڪَ پچندي تَنِ جي.

[١٠] پِرَهَ جهلَندا پَسُ، عَلَمَ - طَوق آمير جا
ڏَڙَ ڏَرتيين گَڏيا، لوڏُون لُڇن لَسُ(٥)
حُورُون پائي هَسُ، اچِي وِينِيون اوڏڙيون.

[١١] ڪَرِي پوهُ پَتاڻ، اچِي پئو اوچتو
دؤڙيا لڪ درياه ڏي، تارو رِکي تاڻ

---

(١) ظ ڪ. ٻَڏي دنگ دلير؛ ش. ٻُڏي دنگ دلير. (٢) خ. ڪاتيا (٣) خ. ڪُونڌ ڪلي جا ڪوڏيا- الخ؛ ڪ ش. ڪونر ڪلي جا ڪوڏيا- الخ. (٤) خ. ڪونڌ ڪلي جا ڪوڏيا- الخ؛ ش. ڪؤنر قلعي جا ڪوڏيا- الخ. (٥) ظ. ڏڙ ڏڙ گڏئا- الخ؛ ش. ڏڙ ڏرتي گڏيا- الخ.

جنهن مرتضيٰ سين ماڻ، سو راهه پرينئدو رُڪ جي.

[١٢] مَٿي آرڻَ آج، ڪُونڌَ ڪُڏندي آئيا
پڙ ۾ پهلوانن ڪي، لُڏڻ ڏي نه لَڄ
پيٽُو وڃن پَڄ، سائُو ٽين سامُهان.

[١٣] پِڙ ۾ پوَڙيءَ رَنگَ، مانجهين رَتا مولهيا(١)
تَريا رت ترُنگَ، رڻ ۾ راماڻا ڪَري.

[١٤] ڪٽاري ۽ ڪاتَ، مَنَ مُرادون پُنيُون
رَتَ پَرياڻون واتَ، مانجهين هڏ مُڃائيا(٢).

[١٥] هَلو مَلهو مانجهيا! ويريين وَڏُون وير(٣)
جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، پوءِ گهٽبا پير
ٿيندو سڏُ سوير، صُبحَ شهيدَنَ ڪي.

[١٦] سُڃاڻائون سَڏ، جِيءَ جِيءَ ڪري آئيا
غازِي ٿيندا گَڏ، آمُلَ علي شاهه سين(٤).

---

(١) خ ش. پوري رنگ؛ ظ. پون ري رنگ؛ ڪ. پوڙي رلگ. (٢) ظ. 'رت پرايئون وات، مانجهين هنڌ مڃايا'؛ ڪ. 'رت پر آئي وات، مانجهين هڏ مڃائيا'؛ خ. مڃايا؛ ش. مڃائيا.
(٣) خ ڪ ش. ويريين وڏو وير؛ خ جي ٻي پڙهڻي 'وڙهي وڏو وير'؛ ظ. ويريين وڏون وير.
(٤) ڪ ش. امل شاهه علي سين.

Gul Hayat Institute

فصل ٻيو

[١] سو مَر مَرڪي مِيرُ، مَلُ جَنهين جو مُرتضيٰ
دَٻائي دشمن کي، ڪَنڌَ ۾ ڪوڙيِ ڪيرُ
هادِي هَمه گيِرُ، هٽي ڪُند هَٿنِ سانْ (١).

[٢] مُرتضيٰ جي مَنَ ۾، وِڙهڻ جي وائِي
شجاع سالم سنگتي، ساڻس سپاهي
قضا الاهي، آئِي سِرَ آميرَ جي.

[٣] سوِيُون سِرُ ڳُهرنِ، سِرَ ري سوبَ نه سَپجي (٢)
سوبَ برابر سِسِيون، توريان تانْ نه تُرَنِ
جي هَنيڙي منجهه هُرنِ، سِي مُل مهانگا سپرين.

[٤] سِسِي لَٿي سوبَ، جي هُوندَ پايان پاندَ ۾
هي جَڳُ سودو لوبَ، هو پُڻ گھوريو گھوريان.

[٥] سؤ سِسِنِ ڏيئِي، وِکَ وِنجي هيڪڙي
جنهن نيزي سِر نيئِي، مَرڪايو ميدان ۾.

[٦] رڻَ ۾ مَتي راند، آجُ آگھوري آئيا
ڪُونڌنِ ڪُلها گڏيا، پاسِي ٿي پَسماند!

---

(١) خ. هٽي ڪند هٿن سان؛ ظ. هٽي ڪنڌ هٿن سان. (٢) ڪ ش. سوب نه پسجي.

چِمڪيون چِٽِنِي پاند، مٿي سِرَ سَرواهيُون (۱).

[۷] هيءَ گُل گولِي شاهَ، پَرڪا ڪارڻ پوکِئو
ڪندو سنجهه صُباحَ، مقابلو ميدان ۾.

[۸] مَرڪاياٿون ميرُ، پَٽ پارياٿون پانهجي
اهڙو مَردُ مُنيرُ، گهرِ سَياڳِي سَپِجِي (۲).

[۹] وِڙهه وِڙهندَنِ ساڻ، هيٺِي هَٿُ م هَٿَڙا
ڪُڏائي ڪَيڪاڻُ، غازي! مارِ غَنِيمَ کي (۳).

[۱۰] مُچِنْ مٿي هَٿڙا، رَتَ پَڪُليا وار
چِٽا دَسَ دَيُون ڪَرِي، گُڙيا گُرز غُبار
آچِي اُڙِد آمِيرَ تي، اُلَٽيا اندوڪار (۴)
چُونڊيو چِٽِنِي پار، تو ياڳا پيچِين ڪان وَٽِي.

[۱۱] هٿين، چَڪِين، ڪاتِين، وِڙهج ويريءَ ساڻ
پُهرين مارج پاڻ، تہ سوبَ مِلِي ٿئي سُٿِري (۵).

[۱۲] ڪَٽارو مَ ڪَيُ، ويريءَ جي وُجودَ مان
وَڍِئو وِيتو وَڍُ، اُنڊو وجهي آڱرا (۶).

---

(۱) ش. چمڪيون چنبي پاند- الخ. (۲) ش. پسجي. (۳) خ ڪ. غليم کي. (۴) خ ظ ڪ. النيا اندوه ڪار. (۵) خ. سوبي ملي ستري. (۶) ظ. اونڌو وجهي؛ ڪ. ان داو وجهي.

Gul Hayat Institute

[١٣] جانْ جانْ جهيڙو نہ ڪَرِيو، تانْ تانْ ناهہ سُک

وَڏِئو وِيريءَ آڳرا، ڀُڄئو لاهي بُک (١)

راوَتَ هٿان رُکَ، رَت ۾ راماٽا ڪَري (٢).

[١٤] هَڻُ ڪتارو ڪات، وِيرِي وِيرَم نہ سَهِي (٣)

مَچُڻ ڪا مَصلحات، ڪانئرُ وجهيئي ڪَن تِي.

[١٥] ڪانئرَ سَنَدِي، ڪَن تي ٻولِي هَڏَ ۾ پُنڌ

مَرُ تہ موچارو ٿئين، هِيءَ نہ موڙڻ مُنڌ (٤)

ڪَچَن مَنجهان ڪُنڌ، پَٺِي ڪَيِ پٺاڻ ڪي.

[١٦] ڀَڄُ ۾ ڀيچين ڪاءِ، ڀاءِ پانجاري اُن سان

مَچُڻ تُنهنجي ماءِ، مُنهن مٿاهون نہ ڪٽي.

[١٧] ڀَڄِي ٻَڄُ ۾ ڪانڌ! مَرُ تہ ماناتِي ٿيان

تو سيڱا تو سَچا، رڻَ ۾ رَسَن راند (٥)

تو سِر سوڙ پاند، آءٌ ڪيئن اوڍِي سُمهان!

[١٨] جي تون ڀڄِي آئيين، تہ اوڏو مون ۾ آچُ

تو ڳِلِ ڏِيان پانهڙِي، ڪُرَ ڪي لا يان ڪَچُ

---

(١) خ. ڀڄئو لاءِ بک؛ ط. ڀَڄئو لاءِ بک؛ ڪ. ڀڄيو لاءِ بک؛ ش. ڀُڄيو لاهي بک (٢) ڪ ش. رڻ ۾ راماٽا ڪري. (٣) خ ڪ. وير نہ سهي. (٤) ط. جي ٻي پڙهٽي: 'هيءَ نہ موڙڻ هنڌ'. (٥) خ. تو سڱا تو سرتا؛ ط. تو سيڱا تو سچا؛ ڪ ش. تو سرتا تو سچا.

مون سُهائي سَچُ، ڪُوڙيون ڪاندن ڪوڏيون(١).

[١٩] جي تون پيچي آئيين، تہ آءٌ تنهنجي پيڻ (٢)
نَت تُنهنجي نَڪَ ۾، وجهان ڏيئي وِيڻ
توڏي ڪٽان نيڻ، تہ ڪَرَ پَسان پُٽَ ڏي (٣).

[٢٠] جي تون پيچي آئيين، تان تون ڪاندُ مَ ڪُڇُ
ويهہ ڪُوڙائي ڪوڏَ سين، مادَر جهوليءَ مُڇُ
جا ڏاڙهي پَڪيءَ پُڇُ، سا ڪُوندُ تہ ڪاڏي اُجِري(٤).

[٢١] ڪاڏي ڪُٽي صاف تي، چِٽ چِٽائي مانگ
تو سِرِ چَڙهي ڏانگ، تہ مون منهن مٽاهون ٽئي.

فصل ٻيون

[١] موڙيا مادَر زاد، پُٽَ پِيَنِ جا رانئيا
وِئا وساري نڪري، يارُ نہ ڪيائون ياد
سِندو سوبِ سواد، سِرفروشِ سپيجي.

[٢] هٿان حيدرشاه، سبق شجاعي سِکيا
مَٿي آئي مارِيِ، پِي نہ ڪندا ڪا
جيڪا رَبَّ رضا، سا ڪُوثَرَ قبولي هَلِيا.

---

(١) ڪ. ڪوڙي ڪاند نہ ڪوڏيو؛ هي بيت ل ۾ ڪونهي. (٢) اصل. 'پيچي آئين' (٣) ش. تہ ڪر پسان پنهنجي پيءُ ڏي. (٤) خ. سا ڪوند تا ڪاڏي اجري.

Gul Hayat Institute

[۳] سُورهَ سَندي سِرَ تي، سسيءَ سَندو بار
جِي تُري تَن تَرار، تہ حق ادا ٿئو اُنَ تان (۱).

[۴] چِپِي تِيرَ تُرنَگ، پِڙَ ۾ پاهورا ڪَري
جُهلون رَت جَهپيليُون، ڪيائون سنج سُرَنگ،
دَعوىٰ - دار دُرنگ، ڪُتا شاهَ ڪَتارَ سين.

[۵] مَري ذات مَريءَ جي، تنهن ڪُوء ڏجي ڪِينه (۲)
ظاهر بُتُ بَشَر جو، سِيني اندر شِينه
تَني چاڙهي چِينه، ڪَلنگيون جَن ڪَپارَ ۾.

[۶] ڪَلنگيون جَن ڪپارَ ۾، پائي تَن پرڪ
هَٽي هتُ هاٿيءَ ڪي، ٻي سڀ مهندان مَڪ
ويا اُڏامي ڪَڪ، پِڙَ تان پاهَڻُ نہ چُري.

[۷] مَرَڻُ ٿئو مَرڪ، جيئَڻ جُنيرو ڪَري
جي ڪندا تَن تَرڪ، سوڀ سرندي تن ڪي.

[۸] پاڪَر اوڍِ مَ تَن تي، آڏي جهَل مَ اوٽ
ڪوڙين آڏا ڪوٽ، تہ پُڻ ڪانُ قضا جو نہ گُسي (۳).

Gul Hayat Institute

---

(۱) **ش**. جِئن تري تن ترار - الخ. (۲) **خ**. مري ذات مريجي، تهڪوُ ڏجي ڪيۀ؛ **ظ**. مَري ذات مَرِيجِي تهڪون ڏجي ڪيۀ؛ **ڪ**. مري ذات مري جي تهڪوُن ڏجي ڪيه؛ **د**. مري ذات مريجي تهڪوُ ڏجي ڪيه؛ **ش**. مري ذات مري جي، تنهن ڪون ڏڃين ڪيۀن. (۳) اصل. توڙي ڪوڙين آڏا؛ **خ**. تہ بي ڪان - الخ؛ **ظ** تہ پي؛ **ڪ ش**. تہ پڻ.

[٩] تَنُ تَوَڪَّل پاڪرِئو، پاڪَر هَڏِ مَ پا
سينو سِپَر ساھُون، آڏو ڏيندو آ
سَندي رَبَّ رضا، مَچ تہ مَٿاهون ٿئين.

[١٠] رِڻُ، راوَتَ ۽ رُڪَ، ڏيئي پَرتا پاڻَ ۾
پيتائون، پُر ٿيا، منجهان سَيَف سُرڪَ
تيمورِي تُرڪَ، هاجو ڪَرِي هَليا.

[١١] هاجو ڪَرِي هَليا، ٿيو شاهُ شهيد
روزو چِٿو رِڻَ ۾، اڳيئون آينِ عِيد
مُرشد ۽ مريد، هردوئِي هيڪُ ٿيا.

[١٢] ڳائو ڳِجهَ نہ ڪاءِ، ماهِي ماس نہ هيرئين (١)
تَنِي ڪي واجهاءِ، ڪَلنگيُون جَن ڪپار ۾ (٢).

[١٣] ڳجهُون ڳاڙهي وات، مون لَمَندي ڏٺيُون
جيڪس مانجهي ماريا، رِڻَ ۾ پيين رات
پُڪارُون پريات، ٻُڌمِ پانهيارينِ جُون.

وائي

اچي عَلِيِ شِير، ماريندو هاڏي معاويي جائي کي (٣)

---

(١) خ. نهيرءِ؛ ط. نہ هيرءِ؛ ڪ. نہ هيرئُون. (٢) هيءُ بيت شاهجي رسالي (ٻيئي ڇاپو، سرڪيڏارو داستان - ٦) ۾ پڻ ڏنل آهي. (٣) اصل. اچي علي شير شهيد، ماريندو هاڏي معاويي جائي کي.

۱. حَسن مِير حسين جا، وِيرُ وِڌندڙو وير

۲. مارِيندو مردود کي، دَم نہ کندڙو دير

۳. آءُ پڻ وِڙهيس اُن سين، جي هُوندَ هُئڙا هير

۴. هلو مَلهو مانجهيا! پوءِ ڳَٽبا پير

۵. عَليءَ سندا پُٽڙا، قاسم ماري ڪيرا

—※—

Gul Hayat Institute

سر سسئي

فصل پهريون

[۱] ڪيچي يار ڪيوم، پرڀُونءَ ساڪن سُپرِينَ (۱)

اڳ نہ واقف اُنَ جي، نہ سو ڏِيهُ ڏٺوم،

سو تان هِت سَرِئوم، جو هُت لِکيو لوحَ ۾.

[۲] نڪا قاسم 'ڪُنْ' هئي، نڪا جوڙَ جَبَار (۲)

نڪو جِنُّ مَلَڪ هو، نڪا طَيرُ توار

نڪو اِي زَمِينَ هو، نڪو باد بُخار

نڪو لوحُ قلم هو، نڪا ٻي پچار

آنامِنْ نورِاللّٰهِوَڪُلُّشَيءٍمِنْنُّورِه،صحيِ سِتْسنيار

مون سَڳُ سات ڏٺيءَ سان، هوتڏهانڪُون تڪرار

پاروچو پِيهار، پيڙو تِيمِ پنيور ۾.

[۳] نڪا 'ڪُنْ فَيڪُونْ' هئي، نڪا هاءِ نہ هُوءِ (۳)

---

(۱) خ. ڪيچي يار ڪئوم- الخ. (۲) خ ڪ د ش. نڪا قاسم 'ڪُنُفُ' هئي- الخ. (۳) خ د ڪ. نڪو 'ڪن فيڪون' هو- الخ.

Gul Hayat Institute

ڏکو رنگ نہ روپ هو، نڪا بَشر بُوء
ٿي ٿولا ٿوليون ڪري، ربَّ اُپاريا روح
پنهون پهرين صف ۾، مادر ڏٺو مونہ
سات ڏٺيءَ جي سُونہ، قاسم قَلب نوازيو (١).

[٤] ڪيچان ڪيچي آئيا، رَتا مولَهہ مَٽن
پيچ پَٽَڪنِ واٽوانُ، جڙيا جوبَ جَتَنِ
ٻاروچا معذوريون، ڪُهنديِ ڪهل نہ ڪَنِ
بُغدي بَلوچَنِ، ڏاڙي ڪارڻ ڏاريا.

[٥] گونڙا گَوَنڙَ گُلنِ جانُ، اوٺي آنبَ وَرَنّ (٢)
سَروانُ سُوڌا سُپرينِ، سالُون ساوا پَنّ (٣)
سَهسينِ سُنبل موهيَا، ڪاڪُل ڪيچيئڙنّ
پَسي سُونهن سُوار جي، منهنجو موهيو مَنّ
قاسم اُوءِ اچنِ، آءٌ تي ڏوريان جن کي (٤).

[٦] گونڙا گَوَنڙَ گُلن جانُ، جُهلن جهاپا جهورَ (٥)
ٻاڌهوڏا ٻانهُنِ ۾، منجهنِ موتين مورَ
چانگا ڪٽي چورَ، هليا هوت پنهونءَ کي.

---

(١) خ د ڪ. قاسم قلب نوازيا. (٢) اصل. 'گورا گور گلن جا'- الخ. (٣) خ ڪ. سروا سوڌا- الخ. (٤) ظ. اللّٰه اوء اچن- الخ. (٥) اصل. گورا گور گلن جا؛ ش. جهُلن جا جهاپور.

Gul Hayat Institute

[٧] جُهلُون جهاپا ٻانڌُنا، ڳانا ڳَلِ سُونهنّ (١)
ڀَڳَ جهيڻا، ڪَنڌ وِنگڙا، ڪاڇَنِ ڪُنڍيا ڪَنّ
ڇَپيو پاڏَنِ ڀَنّ، ٿا اوني چڙهن اُنّ تي.

[٨] مِينا رنگ مُغيلِيُون، موتين جوڙ مهار (٢)
مَهري ڏُونر مُقِيس جا، ڪڙيا ڪنٺهار (٣)
سونَهرِيُون هت ساٽِيين، جَنَبيا جَهوردار (٤)
مُنهن مهتابئون اڳرو، صورت جوت سوار
قاسم نورِي ڪپڙا، دُولَهہ سِر دَستار
آرياڻي اَن پار، آنُ ڪو ڏنو اوٺيا (٥)!

[٩] نعم الجَمَل اوٺِيين، مَٿن راڪبَ خُوب
قاسم! سُونهن ڪيچِيين، جُبا ڳَل عَجُوب (٦)
مَيا ۽ محبوب، ويا لتاڙي لَڪِيُون (٧).

[١٠] نعم نڪ ناڪِيلِيُون، راڪب رنگ، گُلاب
سَرِدِيُم سات ڏَڏيءَ جي، ڏِني سونهن ثواب
آسُونهين عذاب، قاسم لا تا ڪيچِيين (٨).

---

(١) ڪ د ش. جهلون جهاپونا ٻاڌهن ۾- الخ. (٢) خ. مينا رنگ موڪيليون- الخ؛ د ڪ ش. مغيليون؛ د. موتين جهوڙ مهار. (٣) د ڪ ش. مهري؛ خ متيہي. (٤) ش. جڙيا جوهردار. (٥) ش. آن ڪي ڏنا اوٺيا؛ هي بيت ظ ۾ ڪونهي. (٦) اصل. جبا گل عجوب. (٧) هي بيت ظ ۾ ڪونهي. (٨) هي بيت ظ ۾ ڪونهي.

Gul Hayat Institute

[١١] نِعمُ نالو سڄڻين، نِعمَ سَندُن نيڻَ
نِعمُ نينهن پنهونء جو، نعم سَرڍِم سيڻَ
ويتر نِعمُ ويڻَ، قاف نِعمَ کيچِيين (١).

[١٢] نِعمُ نالو سڄڻين، نِعمَ نيڻَ سَندان
پيدا ٿيو پنهونء جي، منجهان جوت جهان
وَ ماَ اَرْسَلْنَاکَ اِلاَّ رَحْمَةً لِلْعٰلَمِيْنَ، ضعيفن ضمان
جهڙِس گهاڙُو نہ گهڙيو، ڪو ڏُران منجهہ دُڪان (٢)
داڙُو ڏيندو دان، سَڌِي سَنگهر پَٽيين (٣).

وائي -١*

ٻاروچا تہ ٻنيور، ٻانَ سُڄاڻي آئيا

٠١ مَٿان پِرِينِ جِندَڙو، تان تون گهورئو گهور
٠٢ ٻاڌهي ٻاروچن جي، سَگهر وينڙي سور
٠٣ مَٿي چُنيء چِنڙا، پنهون ٿيڙم پور
٠٤ وڻ منجهان ئي واسيا، عطر ڏِين آتور
٠٥ ايندي لاٿا اونئين، قاسم هِنيڙي هور

---

(١) ش. ڪاڪُل نِعم کيچِيين. هيءُ بيت ظ ۾ ڪونهي. (٢) ڪ. داڙو منجهہ دڪان.
(٣) هيءُ بيت ظ ۾ ڪونهي.
* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪاهوڙي' هيٺ ڏنل هئي جا هت آندي وئي آهي. ٠١ خ. تان تون گهورڙي گهور. ٠٢. ظ. سگهرو وئي سور.

وائي - ٢

پُنهل پاڙ سجاڻي، هوت پنيور ۾ آيو

۰۱ پُنهل سندي پير جِي، خاڪ ڪتوريءَ هاڻِي

۰۲ ڪامل ڏٺي ڪيچَ جو، آيمِ سو آرياڻِي

۰۳ ڪنديس ڪوهيارل سان، راتو ڏينهن رهاڻِي

۰۴ آءٌ جنهن جي آهيان، سوئِي ٽيڙمِ ساڻِي

۰۵ ٻولي ٻاروچنِ جِي، قاسم ساهَ سيباڻِي

وائي-٣

سائڙو تِيمِ سجايو، مولي سو محب ملايو (١)

هوت پنيور ۾ آيو

۰۱ آچو آچو جيڏيون! ڳاجَ سُهاڳِي ڳايو (٢)

۰۲ هَٿين پيرين مينڌِڙي، عَطُر لڳن لايو

۰۳ پنهونءَ جاجيڙنِ ڪي، خاصيءَ پيَت ڪارايو

۰۴ لاڏُونْ ڏيئِي لاڏَ سين، پَڪي ۾ پَرڻايو

۰۵ سسئي قاسم ڪانڌ ڪي، رانئي رات ريجهايو

وائي-۴

منهنجا آيا منجهه پنيور، لٿا هور، من مرادون پُنيِون

Gul Hayat Institute

---

(١) ش. لاڙو ڏيم سجايو؛ ڪ. ساهه سائڙو ڏيم سجايو. (٢) ڪ. ڳاج سهاڳيون ڳايو.

٠١ اِينديِ ڪيِڙيِ اونٺين، عَطر اوت آتور

٠٢ وَڻَ ڪٿوريءَ واسِيا، تازڙيِ قُلنِ قور

٠٣ محبت سنديِ مَنَ ۾ ، چُريِ چور پَچور (١)

٠٤ ڳالهيون هوت پُنهل سان، اوريو ويٺيِ اور (٢)

٠٥ گاذَر چِٽيِ گُلڙا، پنهون ٽٺڙس پور

٠٦ مَٽان پِرينِ جندڙو، قاسم گهوريو گهور

فصل ٻيو

[١] ڪيچان ڪيچِي آئِيا، ويِري وَٽَڻ ويِر
ڏ ٺُمِ ٻاروچَن جو، ٻَوٰ ٻِوارُون پِير
مُنڌَ ڏُکوئي ڏيرِ، پنهون نيندا پاڻ سان.

[٢] ڪيچان ڪيچِي آئِيا، ويِري ٻِئي وَرَنَّ
مَيا پنهنجي سامِ جي، ڪنهن سان ڳالهہ نَ ڪَنَّ
جيڪا اُٺَنِ مَنِّ، پُورِي ڪندا پانهنجِي (٣).

[٣] آج وٺندا وِير، جي هوند ٻانيان جيڏيُون
پنهون نيندا پاڻ سان، دُورِي دِسِ دِلِير (٤)
پاڻان پاسِي پِير، هوند نہ چڏيم هيڪڙو.

---

(١) ظ. چري چوري چور. (٢) هيءَ مصرع فقط ظ ۾ آهي. (٣) ڪ. سا پوري ڪندا پانهنجي.
(٤) خ. دري دس دلير؛ دُري دَسَ؛ ڪ د ش. دوري دس. (دُري دُزَ دِلير؟)

Gul Hayat Institute

[٤] هُوندَ نه چَڏيمِ هيڪَڙو، پيرُ پَراهون پَلَّ
پيئِمَ ڪاڻ پنهونءَ جي، ڪَرَهَ لَڏيندي ڪَلَّ
آرياڻي آجهلَّ، وِيا لتاڙي لَڪيُون.

[٥] جيئي ياد نه ڪَنِّ، ته ڪا آءٌ وِساريَان
هلان هاڙي سامُهين، ٻيون ڏيئي ٻَنِّ
سَدا جندُ جَتَنِّ، پيهانْ پورهيت چائيَان.

[٦] جيئي ياد نه ڪيائون، ته ڪيهو ڏک ڏيرَن تي
سُتيس پيرَ ڏِکها ڪري، آسارِي آئون
وِهاڻيءَ واهُون، ڏِيان ڏونگر وِٽِ ۾.

[٧] مون تان سَباجها سُئا، ٿيا آباجها آج
نين نَباهِنِ پاڻَ سان، اِيءَ ٻاروچِي لَڄ (١)
مُنڌَ پنيورانْ پَڄ، تان آرياڻي اُتان لهين.

[٨] جي جَتَ نه چُونَ جِيْ، ته آءٌ ڪا ٿيان آرهي
مِنِي ٻوڏِ ٻروچَ جي، ويتَر پيرا ويه
ٻولِي وٽي نه ٻِي، جي مونکي چُونِ مولدانْ(٢).

[٩] چِمانْ جانْ گِندانْ، هَلْڪُ رَوانْ ڙي جيڏيُون

---

(١) ظ. نين لباهن؛ خ. نباهن؛ ڪ. نباهين؛ د. نباهي. (٢) اصل. معلدان.

گُوانڪانْ گـُـڏا پِـرَ لاءِ، قاسم تي قيام
ور ناهي وريـام، ٻـاروچا ٻنيور ۾.

[١٠] ووءِ ووءِ وَڃُ مَ سُپرين، هَئي هَئي هوت مَ هَلُ
نِنڊ اِزا ٻِيا مَئي گرا، پاسيٰ ڏيءِ مَ پَلُ(١)
جَتا! ڏيو مَ جَلُ، قُرِي هن فقير کِي.

[١١] ووءِ ووءِ وَڃ مَ سُپرين، هَئي هَئي هَلُ مَ هوت
واويلا سين وَڏيو، هنيڙو ٿئو ڀـ پوت
جيءَ ۾ ٻَرِي جوت، ڦوڙائي فراق جي.

[١٢] ووءِ ووءِ وَڃڻ وايُون، ٻِل تُوَ هوت ٻَلوچ(٢)
ڪَيِي هڻ مَ ڪَرِهِي، قَمِچِي منجهان ڪوچ
سنڌِي لَڪَنِ لوچ، مِڇڻ مُونهان نـ ٿئي.

[١٣] ووءِ ووءِ وَڃ مَ سُپرين، هَئي هَئي هَلُ مَ هاڻ
رهـ آڃوڪي راتڙِي، پنهون پاڻ سُڃاڻ
ٻالوڇڻ ٻَنڌاڻ، هنيڙو ٻَڌو هوت سِين.

[١٤] ٻِل تُوَ ڦاذا ٻاتڙي، دوشِي دوس وِيا(٣)

---

(١) احل. 'ننڊ ازا ٻيا مينگرا'. (٢) **خ**. ٻلٽو'؛ **ڪ**. ٻلٽو؛ **ظ**. 'ووءِ ووءِ وڃڻ واريو، ٻلٽو هوت ٻلوچ'. (٣) **خ**. ٻل ٽوُ ڦازوا ڪي دوشي دوش ويا'؛ **ظ**. 'ٻلٽو ڦاذوا ڪي، دوشي دوس ويا'؛ **ڪ**. 'ڦازاوان واتڙي، دوشي دوشي ويا'؛ **د**. 'ٻل ٽٿو ڦازا واتري'؛ **ش**. 'ٻلٽو ڦازا ٻاتڙي، دوشي دوش و يا'.

Gul Hayat Institute

سِڻ تنھنجا سسئي، پرِيُون ۽ رات پيا
قاسم ڏِيندين ۽ ڪِيا، بانڱوا پيڙِي سڄڻين!

[١٥] بل تُوُ قاذا آنِ ڪي، دوشي ويڙا دوش(١)
مَ ڪنُونْ بانگوا باتڙي، رَمُ مَ روشي روش(٢)
سندو جتنِ جوش، مُندَ ماريندو ڪڌهين.

[١٦] ننْد تہ ڏون نيڻ، وچڻ وارِ مَ سپرين
بروَ قاذا باتڙي، واتان ڪَر مَ ويڻ(٣)
سُورن ڪارڻ سيڻ، قاسم ڪيَڙا سسئي(٤).

وائي - ١ *

رَهو رَهو رات، هوتا! هلڻ جِي مَ ڪريو
١. مون وٽ ويهي مَ ڪريو، موڙڻ جي مصلحات
٢. پاندُ ڳچيءَ، هَٿَ پڳڙين، وِجهان جُتڙي وات
٣. مينَ وج مَ سپرينُ، پلاڻيو پرڀات
٤. مون جَهليندي نہ رهيا، ماء! زوراور ذات
٥. اج چِتائِي اوٺئين، قاسمَ ڪيچَ قلات

(١) خ . 'بل ڏو فازوان ڪي'؛ ظ ش . 'بل ڏو فازوا ڪي'؛ ڪ . 'فازوان ڪي'. (٢) خ . 'مون ڪوئن بانگوا باتڙي'؛ ڪ . 'من گڏو بانگوا باتڙي'. (٣) 'برو فازان'؛ ظ . برو فاذا؛ ڪ . ڪيو مَ و يڻ. (٤) ظ .'واري ڪيڙا سسئي'.
* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر گهاتو' هيٺ لکيل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

وائي - ٢ †

پيڙِي منجهہ پنيور، رَهو پاروچا راتڙي

١. ميڇڻ مُونهان نہ ٿئي، سَندِي ڏونگر ڏور
٢. مونکي ڇڏي سُپرين، آچ مَ سُورَ آتور
٣. تو پڇاڙان سُپِرِين، هاڻ مارِيندَمِ هور
٤. ڳُجهان ڳُجهيون ڳالهڙيون، آءٌ اوريندڙي اور
٥. تنهنجي قاسم سيدا! [اتم] سڪ اتور (١)

وائي - ٣ *

لک پلايون هوند پانئيان، پِريمِ موڙ مَهار

١. رَهُہ اجوکي راتڙِي، کرهل کيمَ قطار
٢. اگڻ آسروند جيِ، واري اُٿ وِهار
٣. نائي ناگر وَلڙيون، ڏاگهن چاريان ڏار
٤. هتين پيرين ڳل پاندڙا، پايان وات پيزار
٥. پانهي گولي آنهنجي، وارث کيم وسار
٦. کہ ۾ قاسم کارٽي، سيّد لهج سار

---

† هيءَ وائي اصل ۾ 'سر کاهوڙي' هيٺ لکيل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.

(١) هيءَ مصرع فقط ک ۾ ڏنل آهي.

* هيءَ وائي ظ ۾ کانهي؛ خ ۾ فقط پهريون ٽي مصراعون ڏنل آهن؛ د ۾ پنج مصراعون آهن؛ ۽ فقط ک ۾ نالي واري مصرع سميت سڄي وائي موجود آهي.

وائي - ۴ †

اي تون پينر پورڙي، تيلهہ پلڙو پائين پريان کون

۰۱ تيلهہ پلڙو پائين، پنيانءَ تو نہ پري
آنءَ کي سُڌ نہ سُور جِي، آءٌ تان جهوريس جهورڙي

۰۲ آئينءَ جي ورنِ واڳڙيون، وجو سپ ورِي
مَرُمَران، مَرُمارجان، آءٌ تان گهوريس گهورڙي

۰۳ جيڪا هُئڙن مَنَ ۾، سائي اُنَّ سرِي
جيڏيون جاڙ جتن جي، مانءَ سان تيڙي نہ تورڙي

۰۴ قاسم ڪينءَ پريان جا، وڃن ٿپ ٿري
هٿي هت مٿن تي، ڪِج هٿي هٿي هورڙي

فصل ٻيون

[۱] ڪو جو لڳس ڪان، ڪيچين سنديءَ قربَ جو (۱)
مُٺيءَ سان مهمان، هاجو ڪري هليا (۲).

[۲] جيڪس رُنا راتِ، مون ڪان مُنهنجا سُپرين
ڪنهن سُٽائِي سچٽين، حاسد هيٽي ذاتِ (۳)

---

† هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪلياڻ' هيٺ لکيل هئي جتان هت آندي وئي آهي، ظ ۾ هيءَ وائي ذئل ڪانهي. ا. ڪ. 'تيلهہ پلڙو نہ پائيين، پيٺ پاتو نہ پري'

(۱) اصل. 'ڪيچين جي قرب جو'. (۲) خ ڪ د. مٺيءَ سان مزمان. الخ. (۳) خ ڪ د. 'هادس هيٽي ذات'؛ ظ. 'ڪَنہ سٽائِيِ سچٽين، حادث هيٽي ذات'.

پنھونءَ کي پريات، پائي پاند پھائيان.

[٣] سَنھيُوڙا سَرواڻ، اوٺين پُٽُ پلاٽئو (١)
الله! وَسي اوچتو، مَيَنِ سِرِ مهراڻ
تريون ترڪَنِ تَنِ جون، پُسَنِ مانَ پلاڻ
انهيءَ پوه پرياڻ، قاسم مِلي کيچيين (٢).

[٤] پنھون پاراتو ڏيان، سُٽِج ساتَ ڏڏِي!
الله شال عمر ڏئِي، توکي گھوٽَ گھٽِي
جا تو ور وَڏِي، سا مون مَجِي سُپرين!

[٥] پنھون پاراتو ڏيان، سُٽِج رَبّ سَتار!
جو مون پاروچو مَجيو، تنهن وَڏي جام جمار
سوين گھوريان سَسيُونْ، مَتان هوت هزار
وِنگو ٿِئِي مَ وار، قاسم کيچ ڏڏيءَ جو.

[٦] پانڌِي چَئِج پِرينِ کي، قَدَمَ تيز ڪري
ڏوري ڏونگر وَتَ ۾، جي ٿِي مُنڌَ مَري (٣)
تہ پنھون پير پيري، پڙهِج جَنازو جَبل ۾.

---

(١) خ. 'پٽ پلاٽئو'؛ ظ. 'پٽ پلاٽئو'؛ ڪ د. 'پٽه پلاٽيو'. (٢) ڪ د. انهيءَ پهرياڻ - الخ. (٣) ظ. جي ٿي هٿ مري.

[٧] جَنازو جبل ۾، پُنهون پڙهي پاڻ
تہ ڪر سيڻن ساڻ، ٿِي هيڪاندِي سَسُئي.

[٨] ڏيرَ مَ وَجو ڏُور، جَتا! جُدا مَ ٿيو
اوڻِي پسِي اوڏڙا، نيڻَنِ ٿري نُور
هيڪند منجهہ حضور، گڏ گذاريون ڏينهڙا.

[٩] هَلو مَ هوتا! وهو، وجڻ نہ سَهانْ
وَڻِي ڪاڪُل وَنگيانِ، بگ بَرِيْ بوتا (١)
ڪَلاتِي ڪو تا، پيچو ڏينهن پنيور ۾.

[١٠] سَهسين منت زارِيُون، لک لک پايان پاندَ
رَهو اجوڪِي راتڙِي، ڪَلا نْدارِي ڪاندَ
ديوانِي دَرماندَ، ڏِسي لاهي ڏُڪڙا.

[١١] سَهسين منت زاريُون، جانا مِجِي نہ جَت
مونکي ڳِجهي مام جِي، اوڻي ڏِينْ نہ آت
ڏِنمِ ڪَرمُ ڪُمَت، رات نِدورِي نَوَمَ جِي.

[١٢] روڪيان تانْ نہ رَهَن، آجُ اُمارو اوٺئين
سِي تانْ سُورَ سَهَنِ، جَنِ مُسافر سُپرين (٢).

---

(١) خ ظ. وڻي ڪاڪل- الخ. ڪ د ش. وڏي ڪاڪل- الخ. (٢) ڪ د. سي ڏيون سور سهن - الخ.

Gul Hayat Institute

[١٣] پٽيان ڪُتيان پارَ ڪٺان، لَتِي سَتُرَ لَجِ
وِجهان وارنِ وِچ ۾، سَندا ڇائيءَ ڇڄِ
آياڳيءَ جو آجِ، لالَڻُ لَڏِي هَليو.

[١٤] ووء ووء! وِئُڙا نِڪرِي، هاٿِي هَٿَ هٽان (١)
پَٻَ ۾ پنهونءَ ڄام جا، ڪُنڊُئو پيرِ ڪٺان
گَهڙِي سورَ گَهٽان، مون ڏِي مُڪا سَڄَڻين.

[١٥] ووء ووء! وِئُڙا نڪري، هاٿِي هٽان هَٿ
سُتيَسِ پيرَ ڏِکها ڪري، تيلاه وِيمِ وَٽ
سُپيريان جي سَٽ، مُنڌَ اِلاهِي! ميڙِئين.

[١٦] اڄ اوٺارن لَڏِيو، صُبح سَنبهُه تون
اڄُ هِي لاهِجِ آسرو، مادر مٺان مون
جا پِؤ پوارِنَ پُون، سو ڏيهُ ڏورڻُ آئيو (٢).

[١٧] اڄ اوٺارن لَڏِيو، صبح تو سعيو
سَفَرُ سافِرَنِ ڪيِ، اوچتو آيو
مَهندِ ميڙائو، موڙِي ڪو مَسَّ ٿئي (٣).

---

(١) ظ. ووء ووء ويا نڪري هاٿي هاٿي هٿ هٽان'. (٢) خ د ظ ش. جا پِنؤ پوارن پون - الخ؛ ڪ. جا پوءُ پواري پون - الخ. (٣) خ. ماند ميڙائو - الخ؛ ش. محبت ميڙائو - الخ.

[١٨] مَهنِدَ مِلان سڄڻين، تہ مون وڌو ياڳ،
آيَل! آريچن جِي، وَسِ نہ منهنجي واڳ،
آڏيءَ ڏيئي آڳ، هاڏو هاڙهي هلَيا.

[١٩] آيَل! سُڌِ نہ آنهنَ، جا لوري لائي سڄڻين
ڪيئن ڪريان، ڪيڏَهن وڃان، ڪنهن کي ڏيان دانهن
مونکي جهلي پانهن، پاريو هوتَ هتن سان.

[٢٠] صَبر شُڪر وانڙي، آيَل! آهِ مَ تُون
وڇان وِتِ وصالَ جِي، ماءُ! نہ گُهرجي مُون
ڪانَ تانَ پيڙِي پُون، جانَ تان پيڙِي سڄڻين.

[٢١] صَبر ۽ شُڪر کي توڙئُون تَرڪُ ڪيومِ
آرياڻيءَ سان اوچتو، آڇي پُهُ پيومِ
وِڏِي ماءُ! ويومِ، هِنيڙو هوتَ هتن سان (١).

[٢٢] صَبر شڪر ميٺ، مون مُورانَ ئِي نہ وَٽِي
بُکئِي چِڃِي جِندڙو، ڊايَلُ ڪَنهي پيٺ
جانَ هونديس پُونَ هيٺ، جان قاسمِ پيڙي ڪيچئين.

---

(١) خ ظ ڪ د. وِڏي ما ويومِ- الخ؛ ش. وِڏي ماهه ويومِ- الخ.

Gul Hayat Institute

وائي - ١

ڪوه ڄاڻان تان ڪيهي وو ڪيهِي، جيجل اُنِ جي من ۾

۰۱ رات سڄيائِي ساٿَ سان، هوند وِهايم ويهِي

۰۲ هوند نہ ڇڏي هَليا، ڏيرَ هُئُڙمِ جي ڏيهِي

۰۳ سُورَ پِريان جا سرتيون! پاڙِي آيم پيهِي

۰۴ ڏيلهہ ڏونگر ڏوريان، پرينءَ ڪِئُمِ پرڏيهِي

۰۵ قاسم! قريبن جي، درد ڏُوڙيسِ ديهِي

وائي - ٢*

آيلَ! مان پوري، جيجل! مان پوري

تون ڪِينءَ پَلٽ پائيين زوري

۰۱ مادر ڪَل نہ مام جي، جا مون لڳڙي لوري

۰۲ منجهان سڱر ساٿ جي، شل مَ ڇڄي ڇوري (١)

۰۳ متي مارڳ سڄڻين، آءٌ مُيائي گهوري (٢)

۰۴ قاسم ڪيچ ڏڻين جي، آهي اصل کان ڏوري

وائي - ٣

جيجل! جهلَ مَ پاءِ، آيلَ! جهلَ مَ پاءِ

* هيءَ وائي فقط ڪ ش ۾ آهي. ١. ڪ. منهنجان سڱر ساٿ جي- الخ. ٢. ش. منهنجان مارڳ سڄڻين - الخ.

هوت هلندا، آءٌ نہ ويھندڙي

۰۱ تيلهہ پلؤ پائيين، سِڪ نہ آئُي ساء

۰۲ جيجان! جوڳياڻي ٿيان، ڪري ڪيسَرِيا

۰۳ ڪنين ڪُنرَ پائيان، لال ٻاروچي لاء

۰۴ اوٺين اُٺ پلاڻيا، جتن جاتيرا

۰۵ منھنجي ٻاروچَنِ ري، قاسم واه نہ ڪا

وائي - ۴

منھنجا هاڙهي هوت ويا، آيل ساء

آءٌ نہ وهندڙي اُن ري

۰۱ ڏور نہ ڏوريون اُن ڪي، هُوءِ جي هت هئا

۰۲ وڃي ڪيچ قراريا، جانبَ جوڙي جاء

۰۳ هوت سَٽائي اڳيان، ڪنديس ڪين پيا

۰۴ قاسم ڪيچ ڏٺينِ ري، جيئڻ مون نہ جُڳاء

Gul Hayat Institute

فصل چوٿون

[۱] پُر، مَ پَنڌُ وِسار، وِرچي ويهُہ مَ سسئي!
مَري مُنڌَ ميار، لوچي لاهہ لڪَنِ ۾.

۱. ک. 'سِڪ نہ آهي سا'.

[٢] لُڏُ مَ لهرين ڪاءِ، ٻُڌُ مَ سُڪي ٻَٽَ ۾ (١)
نَحْنُ اَقْرب اِليه مِن حَبْلِ الْوَرِيْد، ٻِري پِيرُ مَ پاءِ
آرِي توسين آهِ، سَڏان ويجهو سسئي.

[٣] وِرچِي مُنڌَ وَرانڌِ، اوري ڪِجُ مَ ڪيچ ڪان (٢)
تو مُٺِيءَ تي ماڌِ، پَهَڻَ سندي پِنڌَ جي (٣).

[٤] سُمهه مَ سچي راتِ، اوڳِي ڏِکُ مَ اِکيُون
تو جَني سان نِينهڙو، سي زوراوَر ذات
پڇاڻان پرِيات، سور ساڏِي سَسُئِي (٤).

[٥] سُمهن سَڌَڙِيُون، سَچيون سُورن واڳِيُون (٥)
پَر ۾ پنهونءَ جامَ جي، ٻولنِ ٻَڌَڙِيُون
جي ڏُکن ڏَڌَڙِيُون، تَن رُونَدي وِجي راتڙي (٦).

[٦] ڏُک نَہ ڏَڌَڙِيُون، سُکَ سَگيٽِيُون جيڏِيُون
آڏَ مان آڏَڙِيُون، مون ڪان چِڻي سونِيُون (٧).

[٧] سِتينءَ پِير دِگها ڪري، ڏِنئِي تين ڏونگر (٨)

---

(١) خ. ١. لڏ م لهرون ڪاءِ؛ ٢. لڏ ۾ لحظو ڪاءِ؛ ظ. لڏ م لهرو ڪاءِ؛ ڪ د ش. لڏ م لرزو ڪاءِ. (٢) ڪ. ورچي منڌ ورانڌ ـ الخ؛ خ. ڪيچِ ڪونُ. (٣) ڪ. تو مٺيءَ تي مانڌ ـ الخ. (٤) خ د ش. سور سهادي سسئي؛ ڪ. سور سهاديئي سسئي؛ ظ. سور ساڏِي سسئي. (٥) ش. سي نہ سورن واڳِيون. (٦) ظ. تن رولديون وڃن راتڙيون. (٧) خ. مون ڪون چڻي مونيون. (٨) د. ڏنئي تي ڏونگر؛ ڪ ش. ڏني تي ڏونگر؛ ظ. ڏني ٿي تي ڏونگر.

Gul Hayat Institute

ٻاروچاڻي سَڳَ، تي، پوري! ڏي مَ پير
پاجياڻُنِ پَرِ، سُڪ تہ ملين سسئي! (١).

[٨] اللّٰهَ! آوءِ اچِنِ، جَنِي ڏوري آهيَان
اُتَ اوٺِي ٻگَ ٻودلا، ٻوتا شالَ ٻچَنِ
سَندي ساءَ سَچَنِ، مَرُجانُ ڏونگر ڏوريَان (٢).

[٩] ڏُوريان ڏُور وِيا، اڄ نہ اوڏا سُپرِين (٣)
وجي ڪيچِ ڪِيا، ماءُ! اوتارا اوٺئين.

[١٠] ماءَ! هوتاڻي هَتَ، مَچُڻُ ورهُ وهائيين
نہ سا تَڪ نہ تورَ ڪا، نَڪو وجهَن وَتَ (٤)
آتوري اَلَتَ، ڏيئي وِئَڙا ڏُکَ جي (٥).

[١١] اڳ نہ سُونهين ڏڳَ، پڳَ نہ پَتَرَ هيرُوانُ
سنئين واتَ سَرڳَ، الله ڪجُ آيوجهہ ڪي.

[١٢] آءٌ ايڏيائي آهيان، سُور ساماٽا لس
ڪيئَن ڪريان، ڪيڏنه وڃان، واڳ نہ منهنجي وَس
هِنيَڙي منجهہ هبَس، ڦوڙائي فراق جو (٦).

(١) ظ. 'ٻاجيانڙن جي پر'؛ اصل. 'سک تہ ملي سسئي'. (٢) ڪ ش. سندو ساه سچن - الخ.
(٣) د. ڏوريا ڏور ويا - الخ. (٤) ڪ ش. نہ سا تور نہ تڪ ڪا - الخ. (٥) ظ. 'آتورئو التَ'.
(٦) خ د ڪ ش. هنيڙي منجهہ هبس - الخ؛ ظ. هينڙي منجهہ هنبس - الخ.

Gul Hayat Institute

[١٣] آءٌ ايڏيائي آهيان، سُورَ وَڏي ٿيا وَڻ
مُنْهانْ ماسو نہ کَڄي، هوتن مُکا مَڻ (١)
مُندَ! مُقادي ڪَڻ، جيڪينْ مُکو سَڄَڻين.

[١٤] سَسئي لَٿي سول، پُونْدَءَ پَنَدُ پَهاڙَ جو (٢)
اڇي موتُ قبول، تہ جٿري ملين جَت کي.

[١٥] هُو لَڏيا تون لَڏِ، آتَڻ آڏَ مَ نجهُرو
آڏيو چِڏي گَڏِ، پنهنجو پاڻ پنهونءَ سان.

[١٦] ويهہ مَ، ڪَڄ وِکَ، هَلُ تہ ملين هوت کي
ڏکوُنچڙهندينءَ ڏِکَ، سيجَپسندينءَ سسئي(٣).

[١٧] نيٽين ڏِجُ مَ نُومَ، سُمهڻ گهوريو سسئي!
سَنْجَ ڪَشيائون، سَنْپِيا، آرياڻي آلْيَوْمَ
ڪَهل نہ پِري قوم، ٻانيڻ ٻاروچن جي (٤).

[١٨] تون پـڻ سَنبهُ، سَنْپِيا ساٿِي سَوارا
قاسم ڪَرَه پِلاڻيا، قَـد قُبي ڪارا
مَعذورينِ مارا، سِيڻ ڪِيا تو سسئي!

---

(١) ش. موهان ماسو نہ کجي- الخ. (٢) ظ. سسئي لٿو سول- الخ؛ د. سسئي لٿي سول، پوندو پند پهاڙ جوءِ. (٣) هِيءُ بيت ظ ۾ ڪونهي. (٤) ظ د ڪ ش. ڪهل نہ پڙي قوم- الخ.

Gul Hayat Institute

[١٩] تون پڻ سَنْبهُ، سَنْپيا، جَتَنِ جَپَ نہ ڪاء
آيا جنهين لاء، سا پُورِي ڪندا پاڻهنجي.

[٢٠] جَڳُ، وِچان ئي جَت، سِيڻ ڪئا تو سسئي
مُنڌَ رُئندينءَ رَت، تورِي گهٽي ڏينهڙين (١).

[٢١] اوتِي ڪندا ايئَنْ، جي هوندَ پانيم جيڏيون!
تہ ڪيچين مُلا ڪيئَن، سرتيون! سور پِرائيانْ (٢).

[٢٢] جَتن ڪيَڙو جيئَن، آءٌ ڪا اهڙيائي ڪريان!
مُنهنجُون مرڻ سيئَن، پولُون پاروچَن سان (٣).

[٢٣] آجُ اوٺارن لَڏيو، مونکي پَلَ مَ پاء
مورت ملڪ الموت جي، سامهين گڏيم ساء
ميڙائي جي ماء! سَمُن سَنگهر پَٽئينْ (٤).

[٢٤] ووء ووء گهرِ وڙَن، جن پاٽيان پَري نجهُرا (٥)
سي ڪيئن ماندِ مڙَن، جي پيٽيان پيڙيون نہ ڏٺيون (٦).

وائي -١*

هُوندَ نہ وِيڙا هوتَ، جي هوندَ جاڳيون اکڙيون (٧)

---

(١) ڪ. منڌ روئين رت- الخ. (٢) خ ظ د ڪ. 'تہ ڪيچي ملاقي'- الخ. (٣) ظ. پولون پروچن سان. ڪ. 'منهنجي مرڻ سيئن، پولي پاروچن سان'. (٤) خ. ميڙائو جي ماء- الخ؛ ظ. ميڙائو ماء- الخ؛ ش. سمن سگهر پٽئين. (٥) خ ڪ د ش. 'ووء ووء گروڙن، جن پاٽيان پري نجهرا'؛ ظ. 'ووء ووء گروڙن، جن پايان پري نجهرا'. (٦) ظ. ڪئن سي ماند مڙن- الخ. ڪ. سي ڪي ماند مڙن- الخ. * هيءُ وائي اصل ۾ 'سر گهاتو' هيٺ ڏنل هئي جتان هت آندي وئي آهي. (٧) ڪ. هوند نہ ويڙم هوت- الخ.

Gul Hayat Institute

١. هاڙهي وندرُ وچ ۾، پاڻ نہ تيڙس پوت
٢. جيڏيون! منهنجي جندڙي، جتن پارڙي جوت
٣. قاسم! ساڻوڻ ميهن‌جان، اکين آنڌڙي اوت (١)

وائي - ٢*

اي ماءُ! پاروچاڻي ذات، مونکي ماريو رات †

١. کهڙا کنديسءُ ڏکڙا، کيچين تي کمذات
٢. مولي مونکي ميڙيين، جُنگنِ جي جمات
٣. کَرَه کُٽکون نہ سٽان، جي وِرُوهَن وات
٤. هوءِ نہ نِين پاڻ سان، توءِ تَنِي جي تات
٥. قاسم چوي کيچ ڏي، پرين ويا پريات

وائي - ٣**

کهڙا کنديس ڏکڙا، جِيجَلِ ماءُ هوتان تي

١. ويا ويساهي نِکرِي، ڏِيئِي تَنِ تُکڙا

---

(١) ش. ' ميهن جيئن'.

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪلياڻ' هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي. د ۾ هيءَ وائي ڪانهي. † ظ. 'اي پاروچاڻي ذات، مونکي مارئو رات - اي ماءُ پاروچاڻي... ٢. خ. 'جهگن جي جمات'؛ ڪ ش. 'جنگن جي جمعات'. ٣. خ ڪ. ' ڪرهي ڪٽڪو نہ سٽان جيڪس ويڙن وات'؛ ظ. 'ڪره ڪُوڪُن' نہ سٽا جي وروهَن وات'؛ ش. ' پيرين ڪٽڪو نہ سٽان، جيڪس ويڙن وات'. ٤. ڪ. 'هوئي نہ نين پاڻ، توئي تني جي تات'؛ خ. 'هو نہ نين پاڻ سان، توئي تني جي تات'؛ ظ. 'هو نہ نين پاڻ سان، تو تني جي تات'.

** هيءَ وائي اصل ۾ 'سر رامڪلي' هيٺ ڏنل هئي جتان هت آندي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

٠٢ سُورَ سنپاهي سَجَڻين، مون ڏي اڄُ مُڪڙا
٠٣ ويني ڳوڙها ڳاڙيان، سارِئو آءٌ سُڪڙا
٠٤ دعوىٰ سندا دوست سان، چارا سپ چُڪڙا
٠٥ قاسم قريبن ڪي، سارِيو پِري سُڏڪڙا

وائي-٤*

پُسُ پنهنجا هوتَ پِير پَري، پير پري تو نہ سَري
٠١ چَڏ سانگو، چڙھہ چوٽيين، تان تو سوبَ سري
٠٢ ووڙيندي وڻڪار ۾، سَرُ سا مُنڌ مَري
٠٣ وَجي پاھہ پرينِ ڪي، اکيون آب پَري
٠٤ قاسم چئي، ڪر ڳالهڙيون، لَڳِي هوت گَري

وائي-٥†

هاڙهي جي هوت ڪي دل ساري
ساري ڪينءَ وساري
٠١ هيڏي شهر پنيور ۾، پُنهل پِيم پَناري
٠٢ آءٌ اوني ڪر ڳالهڙي، ايندا ڪينءَ اوتاري

* هيءَ وائي اصل ۾ سر ڪلياڻ هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.
٠٣. S. 'وڃي پانڄ پرين کي، اکڙيون آب پري'.
† هيءَ وائي اصل ۾ سر ڪلياڻ هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

٠٣ ويو پاروچو نڪري، گھايل هت گھاري(١)

٠٤ قاسم چئي ڪيچ ڏي، وئڙا ڪره قطاري

وائي - ٦ *

هوتان ڏي هت واڳ، دوستان ڏي هت واڳ،

مَيان ڏوه نه ڪوئي

٠١ واڳ هوتان ڏي هٿڙي، ڏاگھان آچ نه ڏوئي

٠٢ جنهن در پورهيت سسئي، نيندا نال نه سوئي

٠٣ قاسم ڪارڻ سڄڻين، چوڙيم سانگ سيوئي

فصل پنجون

[١] آڏيءَ اُڏاٽيِ، سسئي پڌي سَنڌرو

ڪُٽڪي ڪونجڙين جيئَن، روهِ چڙهي راڙيِ

سَگِر سُڃاڙيِ، هلِي هاڙهي سامُهين.

[٢] وَڃان تِي وَڏڪار، چِنو سگ پنيور جو

مارگِ وَسَنِ مِينهڙا، متان ٿئي مَلار

تِرڪي تَڙَ اوتڙ تان، ڪِري مانَ قطارَ

مانَ وِرمَن وِچَ ۾، اولاڙي اوتارَ (٢)

(١) خ ۾ هيءَ مصرع ڪانهي.

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر بيراڳ هندي' هيٺ ڏنل هئي، جتان نڀائي هت آندي وئي آهي.

(٢) خ ڪ د. اولاڙي اوتار؛ ظ. اولاڙين اوتار.

سو پَـهُ ڪر سَتَار! جنهن پـه جُدا نہ ٿِيان.

[٣] هَلو جي نہ هَلو، مون تان وِڃڻ وارِئو
آنْ ڪي آرِيءَ جامَ جو، جيڏيون ناهِ جَلو
آنهجو ٿِئي پَلو، مونکي منع مَ ڪَرِهو[١].

[٤] آجُ مَ اُلَهُه سِج، تہ ڪو پُرِي پند ڪريان[٢]
پَهرَ لڪائي لَيْلَ جا، ڏِينهن پنهنجي ڪي ڏج
ڪامَ لَهڻ جي ڪِج، تہ سُورج مِلان سَجڻين.

[٥] سِجُ لٿو، سانجهي ٿِي، مَتان وَري مِير
رِڻ ۾ پِيمِ راتڙي، ڪيئَن پَسَبو پير
آيَـلَ! اِنَ آوِير، مونکي اڄ مُنجهائيو.

[٦] ساٿِين چڙيو سانگ، پُڇِن ڪيئَن پيادِيون[٣]
ڏِنائون سِر ڏونگرين، پِڏِي پُوٽ پِڙانگ
آءٌ ٿي چڙهان چوٽيين، لانْچيو لَڪن لانگ
گاڏر لاءِ گَڙانگ، مارِي مُڪا سَجڻين.

[٧] چانگن بَچِيان چور، ڏيرن بَچِيان ڏُڪَندو
جني مونکي مارِيو، سِي ڪيچ مَ رسن ڪور

(١) خ ظ. ڪريو. (٢) ش. ’ تہ پري ڪو پند ڪريان‘ (٣) ڪ. پهچن ڪيئن پيادِيون.

هوند نه ڏٺم هور، اڳي جي نه ائين ٿيو (١).

[٨] جي مَهندِ آهي مياسِ، پوءِ سنيوڙا سُپرين (٢)
سَدر سُورَنِ وِچَ ۾، هُوند نه هيئن هُياسِ
جيلهه ڏک نه ناسَ، تيلهه جِيَان جيڏيون!

[٩] مَهندِ ۾ مَرڻُ هوءِ، پوءِ ۾ جِيان پِرين ري
سَببُ گهُران سوءِ، جيئن هلڻ هيڪاندو ٿئي (٣).

[١٠] اَللهَ آهيين تُونْ، اوڻين تان ايئن ڪيو
جِيئڻ گهوريو جَتَ ريِ، مرڻ وَسُ نه مُونْ
پيڙي ڪَري پُونْ، هوت نه هاڙهي هَليا!

[١١] اي ڏتو، پُون ڏاٽِي، ڏيل-گُدازو ڏينهن
قاسم! قدم پانهنجا، تيز اُپاڙي تيئَن
پهتي پنهونءَ سيئَن، سَمن پوري سسئي.

[١٢] اي ڏتو، پُون ڏاٽِي، سورج سِرِ ڪپارَ
الله! ۾ لڳي اُنِ جي، ڪوسو واءُ قطارَ
اوڻي ۽ اوٺارَ، سون پَرَٺيا ربَّ ڪي (٤).

---

(١) ڪ. 'هوند ماريندم هور، اڳي جي ٿيو'; خ ظ د. اڳي جي ائين ٿيو; ش. 'اڳيئي جي ايءُ ٿيو'. (٢) ظ. مـَر مـَهند آهي مياس- الخ. (٣) خ ظ د. 'جي هلڻ هيڪاندو ٿئي'.
(٤) خ. پرنٺا.

Gul Hayat Institute

[١٣] راتِ وِهامِي ڏينهن ٽِيو، پِره چِنو پاند
وَرُ ڪوهيارا ڪاندا! پورهيت پُنا ڏينهڙا.

[١٤] راتِ وِهامِي ڏينهن ٽيو، ڏُونگَر ڏَڪا ڪَنِ
تڪيو نَهارَنِ، قاسم مَڙُهه معذور جو (١).

[١٥] راتِ وِهامِي ڏينهن ٽيو، دَاڙُو ڪِجِ مَ دير
وَرُ ڪوهيارا ڪارُڻِي، ٽِي واهرَ جِي وير
ڪانڌي ٽِيندمِ ڪير، قاسم ڪيچَ ڏڏيء ري.

وائي - ١

ڪوه جاڻان ڪيهِي، وو ڏير نہ مون ڏيهي
ماءَ پاروچي مَنَ ۾

١. مَچڻ ڪا مُنڌ ڪَري پِرِينْ پَرڏيهِي
٢. سنجهي سات پلاڻئو، وڃان مون ويهي (٢)
٣. مونکي ڇڏي ڇپرين، پريونءَ ويا پيهِي
٤. جَني پڪا اوڏڙا، سيڻَ ڪجن سيهِي(٣)
٥. قاسم ڪيائون پڌري، هئي جتن من جيهِي (٤)

---

(١) خ. تڪيو تهارَنِ ؛ ظ د ش. تڪيو نَهارن ؛ ڪ. تڪيو نَهاڙن. (٢) ش. سڄڻ سات پلاڻئو - الخ. (٣) خ ظ د. سيڻ ڪجن سيئي؛ ڪ. سيڻ ڪجن سيهي. (٤) هيء مصرع فقط ظ ش ۾ آهي؛ ش. 'جا قاسم جتن من ۾، سا پڌر ٿي پيئي'.

Gul Hayat Institute

وائي - ٢ *

پُنهل! پَنڌُ پارِ، ڪيئن ڪَندي مُنڌَ ڪيچيان

١. سا ڪيئن جِيي جيڏيون، ميَنِ جا مارِي

٢. آڏا ڏونگر لَڪيُون، واٽُنِ تي وارِي

٣. ڏيرَ چڙهِي ويا ڏونگرين، ڏِڪي هيءَ ڏارِي

٤. آهي آرِي جام جِي، وِجُهلَ ويچارِي

٥. قاسمَ! ڪيچَ ڏٽين سان، ضَعيفن زارِي

وائي - ٣

چِڏي هوتَ مَ هَل، اي دوست جَت ميان!

آءٌ اوهان جي آهيان

١. اندرِ آريءَ جام جي، صورت ڪيڙا سَل (١)

٢. پاروچاڻي ذات کان، جانَ پِرايا جَل

٣. اوڻي آرِي جام جا، جهليا ڏينِ نہ جَهل(٢)

٤. پنهون پاٽاريءَ کان، پاسي ٿيءُ مَ پَل

٥. هوتَ هلندي ننبَ ۾، قاسم پئي نہ کَل

---

* هيءَ وائي اصل ۾ "سر گهاتو" هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.

(١) ظ. 'سورن ڪيڙا سل'. (٢) خ. 'جهلڙا (جِهلٽا) ڏين نہ جهل'.

وائي - ۴

پريمر! مون من تو رِي، جهورِي جهورڙي رانئيو (١)

١. پيرين آنءُ نہ پُڄِي، آءٌ آرياڻي اورِي

٢. پَسِي پاهڻ پبَ جا، هِنيَڙو پيو منجهہ هورِي

٣. چِنا مون نا چڙيا، ظاهر وِيڙا زورِي

۴. مٿان پرينِ جندڙو، گهور نہ جاتم گهورِي

٥. قاسم قريبن جا، ويئڙي سَگَرَ سورِي

فصل ڇهون

[١] اُڀِي پُڇِي ڏَسَ، سسئي وات وٽن کان
گهوٽ گهرِنڊيءَ مَسَ، آنءُ کو ڏنو سات سان (٢).

[٢] دايون پُڇن دَگَ، ٻايُون پاسِ ٻروچَ جي (٣)
سنئين وات سرگَ، مَنَ قاسم مِلان ڪيچِيين.

[٣] اُپاڙيو آسُونهَنَ، کَڍِي پار پنهونءَ جا (۴)
ڦوڙائي فراق جِي، وَنڊي مُنڌَ وِرونهَنَ
سندي پنهونءَ سونهن، قاسم ڪُنيون ڪيترِيون.

---

(١) خ جي ٻي ٻڙهٽي "لالن مون من توري - الخ"؛ هيءَ وائي فقط خ ۾ آهي. (٢) خ. 'گوٽ گوڙدي مس'؛ ظ. 'گهوٽ گيرَڊِي مَس'؛ د ڪ. 'گوٽ گردي مس'؛ ش. 'گهوٽ گوڙدي مس'. (٣) خ. ٻروچ کي؛ ظ. 'ٻاني ٻاس ٻروچ جي'. (۴) خ. 'اوپاڙيو سون'؛ ڪ د ش. 'اوپاڙيو سورن'. ظ ۾ هيءُ بيت ڪونهي.

Gul Hayat Institute

[٤] ڀِھرئين ڀَھَر پنھونءَ جا، گاڏَر پُڇي گَسَ
ڀِيھون پَروَچَ جا، ڏونگر ڏنا ڏَسَ
ڏِئي پھر پرين جي، وڙي رَسي وَسَ
چکيائين چوڏول ۾، چوٽين ڀَھر چَسَ
قاسم لَتا کَسَ، ڦوڙائي فراق جا.

[٥] آنُ کو ڏِنو ساٿ سان، تان مون ڏَسُ ڏِھو
مَعذوريون مارِين جي، ساٿِ تو ڏَ ڏِھو (١)
سُورَنِ ساڻ سِھو، اچِي ٽِئُڙمِ اوچتو.

[٦] سُورَ نہ سُڃاڻان، کوہ ڄاڻان تان کير ھئا
گِھڙي آيا گَھٽَ ۾، پَرِينِدي پاڻان
پنھونءَ پُڇاڻان، سِينڌا تِيَڙمِ سَرتيُون.

[٧] سِج کَيندي کَنڙي، مون کيندي پار
ڦِٽو اڄ فقير جو، قاسم مَن قَرار
جا وَئي کالھہ قطار، آءٌ اوساريان اُنَ لاءِ.

[٨] آرِي مون ارواحُ، تَنَ جُدائي مَ ڏِئي
ويھي رات وَڏي ويا، ساٿي منھنجو ساهُ (٢)

(١) د. 'سانس تو ڏنو'; ک. 'ساٿس توڏ ... تو'; ش. ساٿس تو ڏنو. (٢) ظ. 'ويھي رات وڏيو، ساٿين منھنجو ساھ'.

مِرُن ڪارڻ ماهُ، قاسم چڙيو ڪيچِيين.

[٩] اوجَل پِگهو آجُ، منهن مونگهٽ ناهہ ڪو(١)
سندو سيج سَهَجُ، ويچاريءَ وڃائيو.

[١٠] ڏائِي نِيا ڏُور، جِيڏا جَهل جَتنِ ڪي (٢)
مِرگهہ مالارو ٿئِي، نَدِي پاڻي پُور (٣)
دائِي اِنَ دستور، مَنَ قاسم مِلِي ڪيچِيين (٤).

[١١] ڏائِي ڏُورِ نِيا، جِيَڏا جَهلِ جَتنِ ڪي
مَالارِي مِينَ ڪي، اچِي مَانَ اگِيا
اِن سُگهڙ جي سَببا، قاسم مِلان ڪيچِيين.

[١٢] جِئَن جِئَن ڪريان سَڏَ، تِئَن تِئَن وڃن تَڪڙا
ڪنهن پِر تِيان گَڏَ، آيل! پاروچنِ سان.

[١٣] جِئَن جِئَن سَڏَ سُڻين، تِئَن تِئَن وڃن تَڪڙا
اوِنِي مِٽ نہ ٿِينِ، جي مارِي معذورِين جا.

[١٤] ڳاڙهِي ۾ ڳاڙهو، ساوَڄُ ڪُتو سَسئِي
ڏَوڙِي مُنڌَ ڏِيائِيو، هَلانْ سِينِ هاڙهو
ڏوِيڙِ ڪِيو ڏاڙو، پانهپ منجهہ پروچ سان.

(١) ڪ. منهن مونگهٽان نگهو. (٢) ظ. 'نيائي ڏائي ڏور، جيڏا جهل جتن ڪي'. (٣) خ د ڪ. 'مرگ مالارو نہ ٿئي'؛ ظ. 'مرڪ مالارو نہ ٿئي'؛ ش. 'مرگ مارو نہ ٿئي'. (٤) د ڪ. 'ڏائِيي ان دستور' الخ.

Gul Hayat Institute

[١٥] ساوَجُ کَڇَ ساڻ، ٻَـرَ ۾ ٻورائو ڪَري
مِرُونْ ماري مَمڙا، ٻِئي جِي ڪَيُ مَ ڪاڻ (١)
پنهونءَ پرني پاڻ، هلج هاڙهي سامُهين.

[١٦] رِڻ، راڳا، رَنگرِيَن، ٿيئي پَرتا پاڻَ ۾
سُيج ۾ ساوَج گَڏِيا، خُوناِي خُونْرِيزَ
مومَ ڪَيا مَهْمِيزَ، سِجهائِي سورن جِي.

[١٧] ٻَـبَـرَ يِنيءَ رات، سُيج ۾ ڏِٺا سسئِي
ڏُکِي پَسِيو ڏِيپِلا، تا ٻانهَن وجهن وات
ڪَيِي قرب ڪات، پاڻان مَعذور مارِيا.

[١٨] روجهہ وِهائِيءَ رات، سامهان گَڏيا سسئِيَ
پُڇيائين پنهونءَ جو، مارڳ مِٿِي وات (٢)
پُڇاڻان پرِيات، آنْ ڪِي اوني گَڏِيا.

[١٩] جَئَن سي روجهہ رَمنِ، تَئَن رَڻ ۾ رَمِي سسئِي
ٻَـرَ ۾ بِرهامِڻَ سان، روڏَ رِهاڙيون ڪَنِ
صدقو ساٿِيڙَنِ، ماهُ آچِيائين اُنِ ڪِي.

[٢٠] روجهنِ راڙو راڙِ، مُندَ رُئندي مارِيا

---

(١) ظ. 'ڪي جِيِ (ڪنهن جي) ڪيِ مَ ڪاڻ'. (٢) خ. پڇيائين پنهون ڄام جو- الخ؛ ظ. 'پڇا پنهون ڄام جي مارگ مٿي وات'؛ د. 'پڇڻاءِ پنو ڄامجو مارگ مٿي وات'.

Gul Hayat Institute

سُٽي دانهن درد جي، ڀڳا سڀ ٻگهاڙ
ساوَجَ سُورَ سِجهائيا، اُپيو ڪن اوناڙ
معذورينِ جي ماڙ، ٻَرَ ۾ نينهن بلوچَ جو.

[٢١] ڀڳ جهِيٽا، پند ڏُور، اڳ نه سونهين سسئي
چِيون، چِيتا، چمڙا، جبل منجهه جَنبُور
روجهه اوناڙن رڻ ۾، لَنبي پُڇ لنگُور
ساڻي ٽيڙس سُور، ثابت مِلي سڄڻين (١).

[٢٢] فَوۡقَلۡ سَنگ فقير جا، رِجلَ ڪيَڙا رافَ (٢)
وَنتا ويچاريءَ جا، آرياڻي انصافَ
قاسم لنگهي قافَ، سُٽي سَنگهر ڀَنئين.

واڻي-١٠

منهنجا آرياڻي اِنَ پارين، آنَ ڪي ويندا ڏَنَڙا (٣)
١. گاديون پوش گُلن سان، موتين جهوڙ مهَارين (٤)
٢. سائي رنگ سونَهريون، سُونهَن ٻيِٺ سوارين (٥)
٣. چوئي مُشڪ چَندن جي، عطر اوت اوتارين (٦)

(١) هي بيت ظ ۾ ڪونهي. (٢) خ. 'فوق السنگ فقير جا'؛ هي بيت ظ ۾ ڪونهي. (٣) خ. 'آن' ڪي ويندا ڏنڙا'؛ ظ. 'آن ڪي ويڙا ڏنڙا'. (٤) خ. جهور مهارين؛ ظ. جهُوڙ مهارا؛ ڪ د ش. جوڙ مهارين. (٥) خ. 'ٻيٺن سوارين'؛ ظ. 'ٻيٺن سٺو واري'؛ ڪ. ٻيٺن؛ د. ٻيٺن؛ ش. ٻٺين. (٦) ڪ. 'چوئي مشڪين چندن جي'؛ اصل. 'اتر اوت اوتارين'.

Gul Hayat Institute

٤. اهڙا هوت هٿن مان، نيندا اُت آسارِينْ

٥. مُندَ الا هي ميڙئين، قاسم ساٿ سُنهارِينْ (١)

وائي - ٢

ڪنديس پانهنجو عرض احوال ڪيڇين

ڪي، آيل! هوتن ڪي

١. اُت چاريندديس اُن جا، جهلڙي پَٻَّ پهَال (٢)

٢. رَهو رات پنيور ۾، ساٿي مَجي سُوال

٣. مٿي پيرَنِ هٿڙا، ڳچيءَ پاند رومال (٣)

٤. قاسم لهندُم ڪارڙي، سَنگهر منجهه سنيال (٤)

وائي - ٣*

مون سان ڳالهڙيون، اي هوتَ هلندي جي ڪيُون

١. پِريان سنديون ڳالهڙيون، مٿي من پيُون

٢. هَلان هاڙهي سامهين، ڏيئي پن پيُون

٣. ڳالهڙيون ڳٽن جهڙيون، سي تان سورَ ٿيُون

٤. قاسم ڪيچَ ڏٺين ري، جيڏيون جاڙَ جِيُون

(١) ظ. ساٿ سنواري. (٢) ڪ. 'جهلڙي پٽ بهال'. (٣) ڪ. 'ڳچڙي پاند رومال'.

(٤) ظ ۾ هيءَ وائي ڪانهي.

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪنيات' هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.

١. خ ش. 'مٿي مون پيون'.

فصل ستون

[١] نينهن شِينهانْ ئِي اڳرو، شينهن ماريِ هيڪار
ساعت ۾ سؤ وار، معذورِ مَرڻُ آئيو.

[٢] معذوريون مارِينِ، مون لَهُه لڳو تَنِ سان
گهَڙِي جا گهارِينِ، سا پڻ سورَنِ گاڏُئِين.

[٣] ٻاروچاڻِي ذات سان، جي تِي لا يوءِ نينهنُ
تہ ڪَرَ سانڊيئي شينهُن، ڪِيندوءِ ماه سغز جو (١).

[٤] ٻاروچاڻي ذاتِ جو، آسَرُ مون آهي
حامي تِيندو هَبَّ ۾، ڪوهيارو ڪاهي
نِينْدو نِباهي، ناتو نِماڻِيءَ سان.

[٥] ڇِپر ڪونهي ڇيهُ، ڏِيهُ ڏورِيندِينءَ ڪيترو
نَحُنُ اَقْرَبُ اِلَيهِ مِنْ حَبْلِ الوَرِيْدِ، پَرِيُونءَ مُندَ ۾ پيهُ
وِکَ هَٽائِي ويهُ، پَسُ پاڙيچا سُپرين.

[٦] پَسُ پنهون تِي پاڻ، سُجَ ۾ ڏورج سسئي!
وجيو ڏونگر ڏوريِين، قاسم ڪِنِينْ ڪاڻ!
سو تان توهِي ساڻ، جنهن لئي جفائون ڪريِين.

[٧] جو ڪَمُ سندو ڪور، سو تان سِکُ ۾ سسئي

---

(١) خ ظ. ڪيندو؛ ڪ. ڪيندوئي؛ ش. 'ڪيندوءِ ماس مغز جو'.

Gul Hayat Institute

نحن اقرب اليه من حبل الوريد، پيڙومنجهہ پنيور
قاسم ڏيهہ مَ ڏور، ڪايا ۾ [ٿي] ڪيچُ ٿيو.

[٨] ڏُڪانُ سُک سَرَنِ، سُکَ نہ اوڏا ڏُکَ ري
مارڳ، جي مَرَنِ، جَتُ جِياري تَنِ کي.

[٩] ڏُکِي مَرِين سُکَ کي، تہ وجِي ڏُکِي ٿِيءُ
جي ڀائِين جِيئري مِلان، تان تون هَڏِ مَ جيءُ
موتَ پيالو پيءُ، تہ ويجِهي ٿئين وصالَ کي.

[١٠] ڏُکِي بُکِي پِرينِ جي، ڪِينُ نہ ڀانئِي قُوتُ (١)
مُنڌَ پِريو مضبوطُ، آندرُ پنهنجو عشق سان.

[١١] سَسُئِي سُکَ مَٽائِيا، ڏُکنِ تي ڏيئِي (٢)
جَنِ زليخا زوال کي، سوديائين سيئِي
وَجِڻُ کي ويئِي، مُنڌَ نہ موٽِي پوئِٽِي.

[١٢] نَہ ڪِينُ مُنڌَ مُئِي، نہ ڪِينُ آهي جِيئَرِي
لَا يَمُوتُ فِيهاَ وَلاَ يَحْيٖ، وچان وچ هُئِي
جي وِئِڙا ڪالهہ کُهِي، تہ هوند نہ ڏِنَمِ ڏُکڙا.

[١٣] پُڇُ مَ وانُون پيچِرا، کَڙِ مَ پنهونءَ پيرَ (٣)

---

(١) ش. ڪونہ ڀانئِي قوت. (٢) ظ. 'ڏُکن ٿيندي اي'. (٣) ش. 'کڙ م پنهونءَ پير'.

Gul Hayat Institute

ويھہ وِساري سسئي، ڏاگھن سوڏا ڏير

قاسم! منجھہ ڪُپير، سوجھہ تہ پَسين سُپرين (١).

[١٤] پُڇُ مَ واڏون ويچرا، مَ ڪين رڙُ مَ روءِ

قاسم ڪنھن پر نہ ٿئين، جتن پيڙي جوءِ (٢)

طالبُ المولي مُذَڪَّرُ، اِيُ سگ، سنيورج سوءِ

هاڙھي هوت نہ هوءِ، ويھي پَسُ وُجودَ ۾.

[١٥] ويٺي وَرَ نہ هُون، پُري چَڏِ پَهاڙَ کي (٣)

آڻج اکڙين ۾، خاص پَنهنجو خُون

فَلَيَضۡحَڪُوا قَلِيلًا وَلۡيَبۡڪُوا ڪَثِيرًا، چانگن چڙھيو چون

پاڻ وِڃائي پُونِ، قاسم پيشِ پنھونءَ جي.

[١٦] تو ڏوريندي ڏيھُ، چيھُ نہ چِتو چپرين

پَريُونءَ پند پھاڙ ۾، پاڻ وساري پيھُ

پيرُ وِڃائي ويھُ، قاسم ڪيچ ڏٺيءَ جو.

[١٧] پاڻ مَ ڪَڇِ پاڻ سان، پُٺيءَ پَڳِ مَ لَڳُ

پنھون چڙئو پوئتي، آڙُونُ پائين اڳُ (٤)

قاسم! دُوئيءَ دَڳُ، 'آءٌ' 'تون' اُٿ وِڃائيا.

---

(١) ش. 'سوچ تہ پسين سپرين'. (٢) ڪ د. 'قاسم ڪنھن پر نہ ٿئي- الخ'. (٣) اصل. 'ويٺي ور نہ ہون'. (٤) خ د ڪ. 'آڙو پائي اڳ'؛ ظ. 'ارو پاء اڳ'.

Gul Hayat Institute

[١٨] 'آءٌ' 'تون' اوري ڇڏ، رڙهه روحانيءَ سسئي!
پَبَ ۾ پيادنِ جا، هُئَڻُ يڇي هَڏ
'لا' سان لاهي لَڏ، جيڪين آڏو سَچَّٽين.

[١٩] جيڪينْ آڏو سَچَّٽين، سو تان ڪَڻُ ۾ ساڻ
مَنْ عَرَفَ نَفْسهُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّه، پَڙهي سِتَ سُڃاڻ
نيئي منجهه نِئاڻ، قاسم ڪَرَجِ پيرڙا.

[٢٠] ڏوري ڏوري ڏونگرين، آيس منجهه اِعْراف
لا يَمُوْتُ فِيهْا وَلا يَحْيٰ، نڪو ڪيچ نه قاف
مَرڻ جِئَڻ ناه ڪو، جِت عَدُلَ نه اِنصاف
قاسم! سَفَرُ صاف، ملئو معذورين کي.

[٢١] گاذر ڪيو گُمُ، هوتُ وِهاري هَنج ۾ (١)
رَأَيْتُ رَبّي بِرَبّي، ڏڙ ۾ مَتي ڏُمَ
سِري صُمٌّ بُكُمٌ، قاسم کُڇَڻُ ناهه ڪو (٢).

[٢٢] گاذر گُمُ ڪيو، هوتُ وِهاري هَنج ۾ (٣)
نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ، رَچي رَنگ پِيو
قاسم قُلْزم کَنَ ۾، ٻوڙي ڇڏ ٻيو

(١) د ک ش. 'گاذر ڪيو غمُ'. (٢) خ. 'سريو صم بڪم'. (٣) د ش. گاذر غم ڪيو الخ.

Gul Hayat Institute

وِچان غير وِيو، ٽِئو صُلح سَنگھر پَٽيين (١).

[٢٣] سسئي نالو سِڪَ جو، سِڪ صفت جي سُونهن

احمد جي ارشاد سين، محمّد ميچيو مون

قاسم ڏِس مَ ڏُون، حَدَ ٻنهي جي هيڪڙِي.

وائي - ١

ڪيچ رسنديس ڪاهي، آهي هوت حِماتي منهنجو

٠١ قلم قادر هٿ ۾، پاڻَ وَٽندڙو واهي (٢)

٠٢ ڏونگر جيڏا ڏکڙا، لالڻ ميڙيو لاهي

٠٣ پورهيت نيندو پاڻَ سان، ڏور وڏي جيئن ڏاهي

٠٤ هوت حِماتي جَن جو، ڇَپَرڙو تَن چاهي

٠٥ قاسم ڪَنيزڪ سان، نيندڙو نينهن نباهي

وائي - ٢

Gul Hayat Institute

آڏڻ پاس اوتارا، ايندا شال آڏيندا

٠١ اوني آري جام جا، ڏيندم شال ڏيکارا

٠٢ مولىٰ مونکي ميڙيين، ساٿي سونهن سونهارا

٠٣ اچي وِهندمِ اوڏڙا، لائي نينهن نظارا

---

(١) ش. سگهر پٽيين. (٢) ڪ. پاڻ ٻاڏهي واهي؛ ش. پاڻ وڏو واهي.

۴. هاڙهي، وندر واڻڙيين، ڪيڙم نيٺ نهارا
۵. ايندا، اڄم آسرو، قاسم جيءَ جيارا

وائي - ٣

ايندم، آسرو آهي - وو آهي

سون نہ ڇڏيندا ڇپرين

۱. آءٌ ڪيئن وِهان ان تان، لاڳاپاڙو لاهي - وو لاهي
۲. ڪَه ڪميڻيءَ تي، ڪيچي ايندم ڪاهي - وو ڪاهي
۳. ڇپر روئِي رَتَ سان، پِريت رتڙو پاهي - وو پاهي
۴. آيل! آرِي ڄام جي، ڳُڻن وڏڙيس ڳاهي - وو ڳاهي
۵. لَڪنِ پاسي لُڙڪڙا، قاسم وينڙي واهي - وو واهي

---

۱. ڪ. آءٌ ڪيئن وهان ان ري - الخ. ۳. خ. پريت رڙو پائي - وو پائي.

سر سورٺ

فصل پهريون

[١] ’الف‘ آيو اَڄ، ڳُڻ ڳَوِيو ڳِرنارَ ۾
وِڏِهي تنهن وَڄائيو، منجهان ساز سَهَڄ
ڏوم مچائي ڏَڄ، قاسم تند ڪُماچَ جي.

[٢] ’بي‘ بَرتڻ نہ ڪَٽِي، مُورانْ مَگَّٽهار
سِرجَنديِئي سِڪيو، وَڏَڻ جو واپار
سَڏُ سُڻَندي آئِيو، مَٿان ڪَٽ ڪنگهار
اِنهيءَ تند تَوار، قاسم موهيا ڪيترا.

[٣] ’تي‘ تَوَڪّل تَندڙِي، ويٺو وَڄائِي (١)
قاسم ڳُڻ ڳِيانَ سان، ٿو ڳرناري ڳهائِي (٢)
آيو اُونائِي، راجا ڪُوڪَ قوالَ جي.

[٤] ’ٿي‘ سُرَنْدو هَٿ ۾، مٿس لال لباس
آلاپيائين اوچتو، پِيرم راڳ ٻباس

(١) ڪ. ’تي توڪل جي تندڙي‘. (٢) خ ڪ د. ’ڳرناري ڳائي‘؛ ظ. ’ڳڙناري ڳائي‘.

جا رکي آيو آس، سا پوري ڪندو پانھجي.

[٥] جاجِڪُ جوناگڍ ۾، اوچتو آيو (١)
سُتي لوڪَ سَروزَ کي، تنھن ويھي وَڄايو
قلعو تَندُ ڪُماچَ جي، قاسم ڪَنبايو
سُٽَندي سَنيايو، مَتو ڪارڻ مَڱڻي.

[٦] جاجڪ جوناگڍ ۾، آيو سِڄَ اُڀار
ڏارِيندو ڏياچَ جو، ھَٽِي ڪُندُ ڪَپار (٢)
قاسم! اِن ڪَنار، ڪوڙين ڪُتا ڪيترا.

[٧] جاجِڪُ جوناگڍ ۾، اڳ نہ آيو اِيُّ
قاسم! اِن قوال جو، سورتِ چڙھيو سِيُّ
جاجِڪُ نيندو جِيُّ، مارِي آيو مڱڻو.

[٨] مُھت پسنديدن مڱڻا، جاجڪَ آئين جي
جو گھريئي سو گھوريان، حالُ منھنجو ھي
ٻولِي وارِ مَ ٻي، تہ مَتو ماناتو ٿئي (٣).

[٩] مَتو لَھي مان، تون پُڻ تُسين مڱڻا!
متو گھوريان تو مَتان، جاجڪَ! سوڊو جان

Gul Hayat Institute

---

(١) خ ڪ د ش. 'جوناگڊ'، ظ. 'جولاگڙ'. (٢) ظ. 'ھٽي ڪنڌ ڪپار'. (٣) اصل. 'ماناٿو ٿئي'.

تو ڀَلائيءَ ڀان! مون مُنهن مٿاهون ٿِئي (١).

[١٠] تون ڏاتارُ، آءٌ منگتو، تون سَروَريو سلطان
سَخِي سخاوتَ جِي، تو دَرِ ڪَمِي ڪاڻ
جو گُهريمِ سو گهورِ تون، سرو سنگ سبحان (٢)
ڏِي دُبارو دان، ڪاڻِي ڪندُ قوال ڪي.

[١١] سورٺ مَهندان مَگڻِي، تِي جانا ڀِري جوءِ
جهِڙِي سِنيَٽِي سارِنگيا! تهِڙِي ڪَرِي نه ڪوءِ
اِئِي نه مُناسِبُ هوءِ، جيئَن مٿو گهريوءِ مگڻا (٣).

[١٢] سورٺ مَهندان مَگڻِي، ٻَڌِي ٻانهُونْ هَٿَ
سَريمِ جا سُهاڳَ جِي، سا نَڪانْ لاهِ مَ نَٿَ
جنهن سان سونهِي سَٿَ، سو تان مارِ مَ مگڻا!

[١٣] سورٺ مهندان مگڻِي، آزيون ڪري آٿ (٤)
راڄا عِوضِ راڳِيا! ڀيا سِرِ ڏيان سٿ
قاسم! ڀيش قوالَ تان، گهور نه ڏيان گهٽ
وَڍيو وِيٺو وَٿ، ڏڙ تان مُڄِي مَٿَرا.

---

(١) خ ڪ د ش. 'تون ڀلائي ڀان'؛ ظ. 'تو ڀَلائِي ڀان'. (٢) خ د ڪ. 'سرو سنگ سبحان'؛ ظ. 'سِرو سَنگَ سُبُحان'؛ ش. 'سرو سنگ سجاڻ'. (٣) د ڪ ش. 'مٿو گهريڏي مگڻا'. (٤) ڪ. 'آڇون ڪري اٿ'؛ ش. 'آجيءَ ڪري اٿ'.

Gul Hayat Institute

[١٤] قاسم! قدر جوءَ، منت نه مڄي مگڻو (١)
مَتو مورِ نه مَتيان، جي ٿي آچيئين سَوءَ
سورٺ سَمجهه ڳالهڙِي، ڇوري ڇَپ مَ ڇَوءَ
پور نه ترس پوءَ، جاجڪاڻي ذات کي.

فصل ٻيو

[١] پِيُسِ کَنِ پِڙاءُ، آڌيءَ رات آواز جو
ڪونياٿين قَوال کي، آءُ تُنبيرا آءُ
توشو تو هِي لاءُ، مون سُٽِي تند سنيائيو (٢).

[٢] توشي ڪارڻ تند، هَڏَ نه هٽان هيڪڙِي
تو در آيُسِ راجِيا! پَرِيونءُ ڪري پند
مَٿي ڏاران مُورهين، پِٽُون ناهه پَسند
کُلهئانْ مَٿي کَندُ، قاسم ڏج قَوال کي.

[٣] توشي ڪارڻ تند هَڏَ نه هيڪ هٽان
هَٽُ نه ڇُهانْ هاٿيين، گهوڙا گهرِ گهٽان
مٿو ڏي مُرادَ سان، نه کِلي ڏانُ کٽان
قاسم در ڪٽان، پاندِ نه پِڌان پانهجي (٣).

Gul Hayat Institute

---

(١) ش. 'جاجڪ سنڌي جوءِ، منت نه مڄي مگڻو'. (٢) ظ. سنياهيو. (٣) ظ. 'دَرِ ڪٽان'؛ ش. 'دَرِ ڪٽا'.

[۴] توشي ڪارڻ تَند تي، هَڏِ نہ ڇُٽان هَٿ
مَٿي ڏاران مُورهين، وار نہ ڪٽان وَٽ (١)
ڪاتيءَ آئي ڪَٽ، ڪَبي ڪاڻ قوالَ سان.

[٥] اُوڀَرِ قلعي آئيو، جاجڪُ جوت جمَال
نُنهن چوڌيءَ سين ڏَڪيو، قاسم قرب ڪمال
وائي گُم وِصال جِي، ماسو ڪَٽي نہ مال
پاڻهي ڪوٺي پادشاه، لَڌي سُتِ سنيال
اُڙدابيگيون آئيون، اڳيؤن استقبال
اُت اُونايو راڄئِي، جتي قِيلُ نہ قال
ڪاتي، ڪَنڌ، قوالُ، هَمہ ئي هيڪ ٿيا (٢).

[٦] سَوَ تُنبيرا سارنگيا، ڳَڙهَہ پاسي ڳائينِ
ڪُلهي پايو ڪينرا، ويٺا وَڄائينِ
ڏهاڙي ڏِياچ ڪي، سائل سنڌائينِ
سُوڌو سُٽائينِ، 'لَنْ تَرانِيْ' تَن ڪي.

[٧] سهسين مِڙيا سارنگيا، ڪوڙين لَڪَ قوالَ (٣)
ويهِي تَن وَڄائيا، طمع ڪارڻ تالَ

Gul Hayat Institute

(١) ظ. 'وار نہ گهران وٽ'. (٢) ظ د. 'هردوئي هيڪ ٿيا'؛ خ (بي پڙهڻي) 'ٽيئي پرتا پاڻ پر'.
(٣) ظ. 'ڪوڙين لک هزار'.

تيلهہ وِڏي ٿَن ڪي، وچان وِٽ وصالَ
رَسِي منجهہ رومالَ، 'لَنْ تَرانِيْ' ٿَن ڪي.

[٨] اُوْپَر قلعِي آئيو، جاجڪُ جوت جُهَار
تَرڪ طمع تَن تارِڪِيْ، قاسم ڪَلانْدار
اڳ نہ آيو اهڙو، ڪو گُنَ گَوِيو گرنار
ڪوٺِي وِير وِهاريو، ڪُوٺِي منجهہ ڪنگهار
اُتي مَلڪ نہ جنُ ڪو، نڪا طَيرَ توار
جاجڪُ جمعدار، هردوئِي هيڪُ ٿيا.

[٩] هردوئي هيڪُ ٿيا، وَڏيو دوئيء ڏَنگُ
نہ مارِي، نہ مڱٽو، نڪو ڪات ڪُرَنگُ
بي رنگِي ء رنگُ، هردوئِي هيڪُ ٿيا (١).

Gul Hayat Institute

[١٠] نڪِي ٽُنبِي ٽَند، نَڪِي ريڏو راڳ، تي
پِيُس ڳالهہِ پسند، جا ڳجهِي ڳائِي مڱٽِي.

[١١] راڳائي راضي ٿِيو، ڏِنو سِرُ ڏِياڄُ
ڪاتِي، ڪَنڌُ، ڪُماڄُ، ڏيئِي پَرتا پاڻ ۾.

(١) ظ. 'بي رنگي ۾ رنگ'.

وائي*

جيڏل جِينءَ نہ ڪِجنِ، لو آلو لو لو

جي ڪِجنِ تان پاربيون

١. سُٽِي سُر پُر سَجّٽينِ، مَرُ جانْ ڪَرَ ڪِجنِ

٢. ڳالهڙيون مون پرين جون، وارِڙيو وَرَ وجهنِ

٣. مَٿِي سِيني سِسِيُون، ڏَهہ ڏَهہ ڏينهن ڏِجنِ

٤. قاسم آئِي جنَ جِي، سيئي ڪاجَ سجنِ

—⁕—

Gul Hayat Institute

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪارايل' هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي. ٢. ڪ. 'واريو ور وجهن'؛ خ جي ۾ پڙهئي: 'وارڙئو پيچ وجهن'. ٤. خ. 'سجّن'؛ ل. 'سجّن'. ظ. 'سجن ش. 'سجهن'.

سُر ٻيراڳ هندي*

[١] ڀانَ ڀَتَرَ انسان ۾، رام رَمي هَرچند
ڪيلي آپ ڪلا ري هووي، آپ ٻجاوي تند (١).

[٢] قاسم تُم ڪُونْ سَچ ڪَهُون، سُن هماري بات
رام دُهائي بول ڪي، ڇوڙ طمع ڪي تات (٢).

[٣] رام دُهائي رامَ سين، جَب بولي تو ڀال
جيُونْ گويا پورا راڳَ ڪا، ڀول نہ جاوي تال.

[٤] ديوي سو مانگي نَهين، مانگي سو ڪيا دي!
پير ڪَهلاوي آپ ڪُون، تو مانگ نہ لُقْمہ لي (٣).

Gul Hayat Institute

[٥] ڀانَ ڦُول پاني ڪا پُتلا، لَڪڙا پاني آپ
سُن قاسم سچ بات ڀيد ڪي، ڦَل لَڪڙي ڪا باپ.

[٦] سَپنا! تجهہ ڪُون مَين ڪَهُون، ڀِيُو ملائو آب
ايڪ ڦيري جو ڏيکئا، سو ڦِر مليگا ڪَب.

---

* خ ڪ ش ۾ هي سر 'ٻروو هندي' ۽ ظ ۾ 'ٻيراڳ هندي' ڄاڻايل آهي.

(١) ڪ. 'ڪيلي آپ ڪلاري هوري'. (٢) اصل. 'رام دوائي'. (٨) ظ. 'ڦير ڪيلاوي آپ ڪون- الخ'.

[٧] سپنا تُم کُون سوگند هي، مجھ آج ملادو پِي
مَين سِلُون ميري پِي سي، تُم پَر وارُون جي.

[٨] پِي آوي تو هَنس مِلُون، مَن کِي کولُون گانٹ
سؤ مَن شڪّر پِير کِي، پَل مين دُون گي بانٹ.

وائي - ١

چلنا اپني گام گام، دو دن رهنا ديس پياري

١. کيل کيل سب چَل گَيان سَکيان، کِئاراجاکِئاجام جام
٢. مومن بولي الله الله، هندو بولي رام رام
٣. دنيا دولت تَج دي پائي! لي صاحب کا نام نام
٤. وقت فجر کا پڑهلي قاسم، اب آوي گي شام شام(١)

وائي - ٢*

جوبَنان کي دن دو، موري سهيان

١. اِس جوبَنان کا مان نہ کَريي، آنسو ڀَر ڀَر رو
٢. رَمت رَمت ۾ دِنڙا گمايا، رَين گُمائي سو
٣. سن ميان قاسم! بنا محمّد کام نہ آوي کو

---

(١) خ. 'وقت فجر کا پهڙ لي قاسم'؛ ڪ. 'پهر لي قاسم'.
* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڏناسري' هيٺ ڏنل هئي جتان هت آڻي وئي آهي.

ڀڄن *

گُن والُون ڪِي پِيت، آوَگُن سِي نا سُڏرِي ساڌو!

١. گُن والُون سي اوگُن ڪرنا، اِي تو جُوڻِي ريت
٢. لَنڪا ڪُون هَنومان جَلايا، راون لِي گيا سِيت
٣. ٺاڪر دُوارِي پنڊت سُڌرِي، مومن بِيچ مَسِيت
٤. قاسم! جَنتر هات ۾ لِي ڪر گائُون گُن ڪِي گِيت

Gul Hayat Institute

* هيءَ 'ڀڄن' اصل ۾ 'سر آسا' هيٺ ڏنل هو، جتان هت آڻيو ويو آهي.
٤. ظ. 'روڪن قاسم جنتر هات مين لي ڪر گائون گن ڪي گيت'.

سر جوڳ

فصل پهريون

[١] ڳاون جوڳ جواني والي، پيرين پسند نہ آوي
جنهن کن رتي عشق دي، سو جوڳ نماڻي ڳاوي (١).

[٢] ڳاون جوڳ جواني والي، پيرين نهين پسندي
ٻڍي ٻوڙي بات بره دي مُوران چاڙن مندي
قاسم عشق الله دي ٻاجهون، خلق دنيا سڀ آندي.

[٣] ڳئيندي جوڳ جواني والي، جنهن گهر عشق سمايا (٢)
جنهن آدم کون عشق نهين، سو ڇايا ماء آجايا
قاسم سوڀ مبارڪ تنهن کون، جنهن لايا نينهن نڀايا.

[٤] جوڳ پسند جوانين کيتي، پيرين کون ڀت ماني
قاسم! قُوت ٻڍان کون ڏيوين، جوانين کون دل جاني
دَرد وَندان کون دوست ملينداِ، بي دردان بئيماني .

[٥] پير جوان پسند نہ آوي، جو دردي سو ڀلا

---

(١) ظ. جنهين کون رتي - الخ. (٢) ظ. جنهن کون عشق سمايا.

پير فقير محبت ٻاجهوں، قاسم! ذِکر ڏَلا
مين رانجهن دِي، رانجهن ميڏا، مُنهن کيڙِي دي کَلا
عشق نصيب جِنهان کون هُوندا، تِنهان ٻاگ سَوَلا.

[٦] جوڳ، جواني جوبن دي وِچ، لايا نينهن نماڻِي
هير فقير لَڳِي لَڙه تَيڏِي، تون رانجها آپ سُڃاڻِي
قاسم چوڙ کيڙِي دِي دعوىٰ، تَيڏِي ناءِ وِکاڻِي.

وائي - ١

جوڳِڻ کِيتوئِي، بيپرواهِي نال، ساڻ کيتوئِي

١. قت فراق دا اگڻ آکر، وَل نہ ساڏول سيتوئِي
٢. اگڻ قر آئيندا ناهين، هک تان نال نہ نيتوئِي
٣. پِيڙانْدا پُر کَرهَتون ساهِي دي، قاسم پيالا پيتوئِي

وائي - ٢ *

لَڄ نہ آوي مَينون، ساهِي تيڏي مهڻِي دِي

١. درد دلين دا ويچ نہ جاڻي، معلوم هي سڀ تينون
٢. تخت دلين دا رانجهن نيتا، شاه آکان ٻي کنهون
٣. ناں ءَ جنهيندي هير جو ٿيا، جيءَ ڏِتا مين تنهون
٤. آکي قاسم چاکان والي، رمز لڳي دِن - رينون

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر کلياڻ' هيٺ ڏنل هئي، جتان تپائي هت آندي وئي آهي.

وائي - ٣*

ڏاڍي چوٽ ٻِرهَ دي لائِي، اِين ٻيلي وَسدا ماهِي

٠١ سوئِي ٻيلا، سوئِي رانجهن، سوئي شاه سپاهِي

٠٢ ڇوڙيا تخت هَزارا رانجهن، ڪَردا ٻيک گدائِي

٠٣ قاسم آکي نظر نہ آوي، اکيانْ کُون اگلائِي

وائي - ٤

آڻ وَسايانْ يار، آساڏِيان گَليان

٠١ ڪَڏهن گُهمدا شاه اساڏِيان گَليان، ڪَڏهن گهمي بازار(١)

٠٢ ڪڏهن تُرڪ سياه پوش سپاهي، ڪڏهن سپه سالار

٠٣ ڪڏهن گهوٽ دُولهہ شه ٻَنَرا، ڪڏهن لال ڪنوار (٢)

٠٤ سُڻ سهيو آهِينْ يار سڄڻ تُون، مين صدقي سَوْ وار

٠٥ منهن ڪيڙي دي موچيان والِي، مَارونْ ٻانهن اَلار(٣)

٠٦ قاسم يار اساڏِيان گَليان، ڪر آيا زُلف سنگار

Gul Hayat Institute

وائي - ٥

هُڻ اساڏي عشق دِيان هر جا هُليان گِالهِيان (٤)

---

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر جهنگلي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي؛ د ۾ هيءَ وائي ڪانهي.

(١) خ. 'ڪڏهن شاه گهمدا- الخ'. (٢) هيءَ مصرع ظ ۾ ناهي. (٣) هيءَ مصرع فقط ڪ ش ۾ آهي، پر ش ۾ ٽالي واري مصرع کان پوءِ ڏنل آهي. ڪ. 'ماران ٻانهن الار'؛ ش. 'مارون ٻانهن آلار'. (٤) خ ڪ د. 'هر جا وچ'.

۰١ سُڻ سُڻ اساڏيان ڳالهيان، سڙ ڳيان سڀ سياليان

۰٢ سِر آساڏي ڇتڙي سُونهن، ڪَن سوڀي ڀيان واليان

۰٣ مَين اَهيندِي هو رَهيان، توڙي ڏيو مِلْ ڳالهيان

وائي - ٦ *

آساڏي يار دي پاروُن، الله کو قاصد آڻي

۰١ توڙي محب ليکنِ نه ويکنِ، اسان در وِڪاڻي (١)

۰٢ رانجهن آؤسي اساڏي گهر، ٽِل ڳلِي ڪنهن ٽاڻي

۰٣ آکي قاسم اسان اَهيندِي، توڙي سو يار نه ڄاڻي (٢)

وائي - ٧ **

اور نه پاوي ڪوئِي، ساء رانجهي دِل موهِي

۰١ کيڙانْ والي باتِ نه آکو، ڊوهِي وي لوکو ڊوهِي!

۰٢ مَين اَهيندِي هو رَهيانْ، جنهن دِي ڏيندَن ڊوهي

۰٣ لوڪان ليکي چاڪ مَنجهين دا، سائين ميڏڙا سوهي

۰٤ آکي قاسم معلوم تَينُون، ساڏڙا حال سَيوهي

فصل ٻيو

[١] مَين سِر مِينڍِيان، ٻال ڪنواري، ماهي منهن مِسڙياڏرا

* اصل ۾ هيءَ وائي 'سر ڌناسري' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.

(١) خ. 'اسان تو در وڪاڻي'. (٢) ظ. 'توڙي يار نه ڄاڻي'.

** اصل ۾ هيءَ وائي 'سر ڪلياڻ' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.

رانجهن تخت هزاري والا، ڏُتُم شاه سُونهارا
قاسم! ڪُل سيالين وِچ، هُڻ ماريا نينهن نغارا (١).

[٢] رانجهو رنگ برنگي ٽوپي، مَين سر پنج رنگ چيرا
ڪيڙا تروڙ پتل دا پيڙا، هار گهتيم ڳل هيرا (٢)
قاسم! ماء رنجاڻي ميڏي، وير پينا گهت ويرا.

[٣] ماء! مُرادَ ميڏي شه ماهي، ڪوء تلي پيا ڪيڙا
رانجهن بخت بلند شهاڻي، او ياڳ آياڳان پيڙا
قاسم! تروڙ موتئين دِي سالها، ڪوَن پائي ڳل پيڙا!

[٤] ڳوليندِيئان ماهِي ماهِي، ڏيندي ڏَس نه ڪائي (٣)
جيڪڏان وَل رانجهن آوي، آکان حمد الٰهي
اصلون ميڏي اندر ماهِي، بيرنگ جنگ جنبائي (٤)
آکي قاسم سِيني اندر، دُونهين چاڪ دُکائي.

[٥] آءُ رانجها مل راتڙيان [تين] گڏ تي ڏينه گذارون (٥)
مِل مِل موزي موچِيان والي، مُنهن ڪيڙي دي مارُون
سَب سيالي سِر تيڏي تون، لک واري نِت وارُون

---

(١) اصل . ’قاسم ڪل سيالين دي وچ‘. (٢) ظ . ڪيرا تروڙ پتل دا پيڙا- الخ. (٣) اصل سيني نسخن ۾ سر ڪلياڻ هيٺ هي ’وائي‘ طور ڏنل آهي. (٤) هيء سٽ فقط ڪ ۾ آهي ۽ ’ن طرح ڏنل آهي: اصلون ميڏي سيني اندر بيرنگ جنگ جنبائي‘. (٥) اصل سيني نسخن ۾ ’سر ڪلياڻ‘ هيٺ هيء ’وائي‘ طور ڏنل آهي.

Gul Hayat Institute

سُڻ ميان رانجها! مشڪل مينُون، ڏار گهڙي تو ڏارُون
تيڏي ڪارڻ جوڳڻ ٿيسان، منگسان ڀيک بازارُون
ڪنهن دا قاسم شال نه ٿيوي، يار جُدا دم يارُون.

[٦] هيرِ محوَ رانجهي وچ هوئي، رانجها جدا نه هيرئُون
لٿا خام خيال ڪيڙي دا، مِلي ذات فقيرئُون
راوِي دي وچ مار غُطاوا، قاسم ڇُٽا ڪبيرئُون.

[٧] ڪِت رانجها، ڪت تخت هزارا، هير جهنگل، ڪِت ڪيڙا
قاسم شاه گدا ڪُون عشقي آڻ گهتيا گَل پيڙا.

[٨] ڪِت رانجها، ڪت تخت هزارا، ڪت شهر پيل مَلڪاڻا(١)
شاه بُلند هزاري والا، ٿي ڪر چاڪ آگهاٽا
قاسم! وِچ سِياليين رانجهو بن خريد وِڪاڻا.

وائي -١*

هِير نماڻي نِتي، مئن وي نماڻي نِتي
وو رانجها راه پلينندي

١. آ ميان رانجها! عرض اسان ڏي چاڙه پلا ڪجه چتي(٢)

---

(١) ظ. 'ڪت شهر پٽيل مڪاڻا'؛ ش. 'شهر پيلا مڪانان'.
* هيء وائي اصل ۾ 'سر ڪلياڻ' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.
(٢) خ. 'چاڙه پلا ڪج چتي'؛ ظ. 'چا پلائج چتي'.

٠٢ اصل مَيڏي عَيبانْ والِي، لوڪ پَٺيِي پَت لِتي

٠٣ سَوْ سَوْ طَعنِي، لَڪ لَڪ بَدِيان، مُول نہ پوون پِتي

٠٤ مٺَن قرباني قاسم ٿِيوانْ، جي ڏيکان سِر ڏِتي

وائي - ٢ *

جَنَڙِيانْ سَوْ طَعنِي، ڏيندِيان لَڪ بُهتاني

٠١ طَعنِي مِهڻِي ماهِي والِي، مَٺن ڪِيتي گُل گِاني

٠٢ مِل سِيَالِينْ مَينُون ڏيندِيانْ، بَدِيان جوڙ بهَاني

٠٣ ويڙ ڪُويڙ تي مَندِيَان ڳالهين، سُٺيم لڪ شُڪراني

٠٤ جيهِي اسان نُون رانجهَن لائِي، لَڳِڙِي نہ لوڪ بيگاني

٠٥ ڳُل قاسم دي آڻ گهتيوني، باِنهپ دي نِيشاني

وائي - ٣ **

ميڏي نال سَيان جهيڙِيان، مٺن ڪنهن نُون آکان حال

٠١ ڪول آساڏي ڏُتيان دا ويڙا، هڻ جالڻ آيم جال

٠٢ راه ڪيڙان دِي مُول نہ ويسان، دل موهي مَنّجهين وال

٠٣ سر آساڏي آڻ چُڪئيندِيان، طعنِي والا تـال

---

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪلياڻ' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي .
٠١ خ ڪ ش . 'گُنڊ گاني'؛ ظ . گُل گاني'.
** هيءَ وائي اصل ۾ 'سر جهنگلي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.
٠٥ خ ڪ ش . ٿيس حبيباڻا حال؛ ظ . ٿيس حبيبان حال.

Gul Hayat Institute

٠٤ جِنهان اسان تي بَديان چايان، سِر تنهان دي ڏوه وَبال

٠٥ نبي بخش تي بخش الله دا، ٿِيس حبيبان حال

وائي-٤*

سّاڏي نال جهيڙيندي هو ڪِيونْ- وي لوڪو!

٠١ جِيُونْ وَت اگوپ عشق لڳايا، مَين ٻِي للايا هِي تِيونْ

٠٢ ليليٰ خاطر مجنون ديوانا، جَهنگل ڦِردا هِي جيونْ

٠٣ مَين تيِنْ رانجهن وچ سِياليان، هُڻ تان نا مِليي هِيونْ

٠٤ اُٺ چل قاسم در ميخواني، پِيالا پِر مَـنْـتَ پِيونْ

وائي-٥

آ ٻَـهـ ميڏي ڪول، سڄڻان! آ ٻَـهـ ميڏي ڪول

٠١ توڪل تند وَجائِي عشقي، تَرڪ ٿَئِي تَڪ تول

٠٢ روز اَلَسْتُ نال تُساڏي، آسان تہ ٻَڌِي پول

٠٣ اسان تين رانجهن هڪ ڏِياسي، هُڻ تان لَهہ پئِي هول

٠٤ وحدت دي درياء وِچُولي، گُم ٿئِي گِردول

٠٥ سر قاسم دي عشق تيڏي دا، دم دم وَجدا ڍول

Gul Hayat Institute

---

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر بروي سنڌي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.

١. خ د ڪ ش. اگوي؛ ظ. اکوي. ٣. خ د ڪ ش. 'هڻ تان نامي ليهيءَ'؛ ظ. 'نا مليهم'. ٤. خ ڪ د ش. 'پيالا پر منست پيون'؛ ظ. 'پيالا پر منت پيون'.

وائي - ٦ †

گهن ڳيا دل جاني، لُوٽ لِيا من جانِي

مَين ڦِرديئان مست ديواني

٠١ ڇَتڙِياندي وچ ڇَڪَن ٽِياسي، بره پڙهايم بانِي

٠٢ هڪ گهَڙِي دي ويکڻ سيتِيؐ، گهِن ڳيا مُل پانهِي

٠٣ روز آلَستي رانجهن مَينُون، ڳُنڍ گهَتِي ڳل ڳانِي

٠٤ ڳل وچ ڪفني، دست پهَوڙا، شاه ڦِري سيلانِي

٠٥ آکي قاسم مشڪل هويا، شاه ويکڻ لاثانِي

---

† هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪلياڻ' هيٺ ڏنل هئي، جتان ڏپائي هت آندي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

سر جهنگلو

[۱] غَمِي گِئي، خُوشحالِي آئِي، دوست دِلاسا مُتا
قاسم! طَبل وَڄايا شادي، غم غُصا وڃ سُتا(۱).

[۲] غَمِي گِئي، خوشحالِي آئي، مُتا دوست دِلاسا
قاسم! تُرت طبيب سليوسِي، پِيڙ گِئي ڪر پاسا.

[۳] غَمِي گِئي، خوشحالِي آئِي، دوستَ دلاسا گَهليا
غَمِين ڪُون دِل گوشا ڪاڍا، روح خوشحالِين رَليا
قاسم دِي دل شاد ٿِئي، وڃ دشمن دوزخ ٻَليا.

[۴] غَمِي گِئي، خوشحالِي آئي، دوست دَرُونْ ٻِه آيا
ٿاڙِي مار ڏِتُرْ سوُ قيرِي، مُطرِب چنگ وَڄايا
ڏِيندا لوڪ مبارڪ شادِي، قاسم نوُشه پايا.

[۵] مَردفقيرِ تَنهِينْ ڪُون آڪُون، ترڪ جَنْهِين ڪُونْ تَن دا
بِي پرواه هَمِيشَه هووِي، راز نہ رَکِي رَن دا
قاسم تِي تون طالب تو ڙانْ، هادِي مِير حَسَن دا.

---

(۱) اصل. ’قاسم طبل وڄايا شادي آئي غم غصا وڃ ستا‘.

[٦] مَرد فقير تَنهين کُونْ آکُونْ، عشق رَکي هَت عاصا
دُنياَ دِي بدبوء کَنون، او مرد گِئِي کر پاسا
نال سُوال خيال نہ رَکدي، مال نہ گھر وچ ماسا
قاسم صحي سَجَڻ دا هردم، پئوني گوش دِلاسا.

[٧] مَرد فقير تَنهين کُونْ آکُونْ، عشق جَنْهينْ دا هادِي
عالَم خوش مُرادين دي وِچ، او خوش نا مُرادِي
زاغ زَغَنْ آشيانِ زمينْ تي، عُنقا رَمز علاحدي
قاسم! آور لوکانْ دي اِيوين، عمر گِئِي بربادي.

[٨] مَرد فقير تَنهِينْ کُونْ آکُونْ، تَوکل تَند وجائي
تَن کُون تَرک، طمع کُونْ کلا، هک لا هي بِيا چائِي
قاسم سوز سُرود تَنهانْ دا، سُڌا آپ خُدائي.

[٩] بَرسَن مينهنْ، پِگُولي کَپڙي، دوست دَرُونْ په آيا
آنگِي لاهہ ستِيم پَٹ انگ تُون، آنگ سِر آنُگ لَگايا
ڏِيوا بال کِيتُم گھر روشن، سَجده روح سکايا
آيا وقت مبارک شادي، قاسم نوشَه پايا.

وائي - ١ *

کِيُون ڏينهن لائي، ڍولڻ ميڏي

* هيءَ وائي اصل ۾ سر سارنگ هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.

آڪ ڳئي ڪيونْ نہ آئي، ڍولڻ مَيڏي

۰۱ آڪ ڳيا وَل آيا ناهِينْ، ڏُتي ڪنهن ڀِرمائي

۰۲ اُڏ ڪانگا! وڃ خبر لِي آ تون، رک ڀيتا ڪٽ رائي

۰۳ ڍولڻ ٻاجهوُن مينهن ساڏوڻ دي، قاسم ڪم نہ آئي

وائي – ٢

توڙي جاڻي يار نہ جاڻي، اسان دست رانجهي دي وِڪاڻي هُون

۰۱ توڙي نِيتئي هوش ڏتُئي مئي نوشي

هـوشانْ تـِي اُپِيانْ بي هـوشي (١)

ڪڏان اسان خاص سِياڻي هُون

۰۲ پنهانْ لوڪان دي وچ خوشيان جي هونديان

آڪِيـانْ مَيڏ يانْ رِي رت روڏ يان

اسان ڪارڻ يار ڪُماڻي هُون

Gul Hayat Institute

وائي – ٣*

ڪاڏِيئانْ نانگ بِره دي، مارِيئان نانگ بِره دي آياڻي

مَين پُڇ پُڇ رَهِيئانْ سِياڻي

(١) خ ڪ ش . توڙي نيتي هوش ڏيتي مي هوشي
هـو شا تـي آپيا بـي هـوشي
ظ . توري ليتئي هوش ڏتئي مي هوش
هـو ٿهي اپيا مي هـوشي .

* هيءَ وائي اصل ۾ سر پورب' هيٺ ڏنل هئي، جتان تپائي هت آندي وئي آهي.

١. ڪاڏيئان لوڪو! مَين بَشِيهر ڪاڏي، وَل وَل چڙهدئي وهه جو واڏي

محڪم ميش مياڻي

٢. قاسم آکي يار سڄڻ دا، مَين نماڻي عيب ڪڄڻ دا

شال نہ عشق اُڪاڻي

وائي - ٤*

لنگهه پيان ساڏيان سَيّان، غم خوف خطر ڏيان واديان

١. عشق اُنهان ڪُون پار لنگهايا، مَين هِڪا اِت رَهيان

٢. اِتون لنگهه پيان نال آمن دي، اُت آسوديان ٿيان

٣. يار بنا اِت اور ڪِسي سي، تاه نہ ٻئي ڪنهن ڏهيان

٤. نال جنهان دي ڪيڏڻ ڪيڏيي، قاسم سي ڪِڏي گيان

وائي - ٥

نِت نِت عِيد اُنهان ڪُون، يلا سائين!

عشق رفيق جِنهان دا هوندا

١. خ . 'يارو مين بشير ڪاڏي، ول ول چڙهدي مين جو واڏي'؛ ظ . 'يارو مين بشيهر ڪادي، ول ول مين وه جو واڏي'؛ ڪ . 'ڪادياء لوڪو مين بشير ڪادي، ول ول چڙدي مين ويه جو وادي'.

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر بروي سنڌي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.

٣. هيءَ مصرع ڪ ۾ ڪانهي . ٤. خ ظ . 'قاسم سي ڪن گيان'؛ ڪ . 'قاسم سي ڪيڏ گيان'.

Gul Hayat Institute

۰۱ عِشقا چُل ڪرجنهن گهر آويِ، سِرتَنهِينَ دا پاسٽ ڪاويِ
ڪِيتُسِ طعام تنهان ڪُون

۰۲ محبت والي ٺَئِي مرداني، ڳَل اُنهان ديِ ڳاڙهي ڳاني
ڏِتُس جام جِنهان ڪُون

۰۳ قاسم آکي عشقا آويِ، ميري سَجن ڪا دَرس وِڪاويِ
پهچي سو سَمنان ڪُون

Gul Hayat Institute

سر بروو سنڌي

فصل پهريون

[١] ساجن آيو سَنبَهي، ڪري هٿ ڪمان
آتَس اکڙِين ۾، ٻڙودائِي ٻان (١)
پِرين پهلوان، رونسيو رَڱي هتڙا (٢).

[٢] ڪَمَرِ پائِي ڪات، ساجنُ آيو سَنبَهي
وِيا ٻَ سِي واڍوڙِيا، ڪانهُ پُڇائِي ذات
ڏنائين سا ڏات، جِيائين ماڙهن سِيهٽو (٣).

[٣] مونکي ونجُهل وَڍيو، ڪونهي تَن طبيب
چُتر ساڻ چڱي ڏِيان، جي لاهِين هٿ حبيب
تنهنجو نانءُ نَجيب، وَڍيو ويٽِي ونڌُران.

[٤] آءٌ تہ پَرچون پاڻ ۾، رُسڻ ناهہ روا
پِرين پيِر گُهماءِ، اگڻِ آڪنڊِين جي (٤).

---

(١) خ د. 'ٻڙوڏائي ٻان'؛ ڪ. 'ٻاڙو ڏائي ٻان'؛ ظ. 'ٻڙودائي ٻان'. (٢) خ د ڪ. 'رسيو رنگي'؛ ظ. 'روسيو رنگي'. (٣) خ. 'ڏنائين سو ڏات- الخ'. (٤) د. 'پرتڻون پير گهماءِ- الخ'.

[٥] آءُ تہ پَرچون پاڻ ۾، ڇَڏ روساموُن رَنج
آءُ، گُهرجين سَنج، اڳڻ اُڪنڊين جي.

[٦] آءُ تہ پَرچون پاڻ ۾، ڇڏ روسامين رِيتِ
چئني مُور نہ ڇڏِيانْ، سَندو پاندُ پِريتِ (١)
جئن لکمَڻ ساڙِي سِيتِ، تئن مونکي ساڙِ مَ سُپرين!

[٧] آءُ تہ پَرچون پاڻ ۾، هنْيَڙو هنيَڙي گڏ
آوڪِيءَ سَوکيءَ سُپرين، توکي ڪريان سَڏ
الله ڪارڻ آڏ، آڏي پڪا اوڏڙا.

[٨] آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، رُسِي رات مَ ڇڏ
اسين تابع تنهنجا، هنيڙا هنيڙي هَڏ
تَپِي تاب توڏ، تون ڪامل ڪندين ڪن سان!

[٩] آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، رُسِي رات مَ رَنڍ
Gul Hayat Institute
لالڻ! لَٿِي چنڊ، اورِ تہ نُرَنِ اڪڙيون.

[١٠] آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، رُسِي رَنڍِ مَ راتِ
اسين تابع تنهنجا، تون زوراوَرِ ذاتِ
ساجن گهڙِي ساتِ، اور تہ نُرَنِ اڪڙيون.

---

(١) خ ظ د. 'چِتنان مور نہ ڇڏيان، سندو پاند پريت'؛ ڪ ش. 'چئني مور نہ ڇڏيان - الخ'.

[١١] آڄُ پَرِتاسُونْ، اڄهي سڄڻَ آئيا
مَٿي پيرَن مُونْ، آٿي رَکيون اکڙِيُون.

[١٢] آڄ پِرِتا عِيدَ ٿِي، لَٿِي مون تان لُکَّ (١)
چُٺا قَٽَ فِراقَ جا، ساماهان ٿِيڙا سُکَّ
ڏُجهڻَ پاسي ڏُکَّ، اچي اوطاقي ٿيا.

[١٣] آڄ پِرتا عِيدَ ٿِي، لَٿي اُڄَ اُڪاس
مَنَ مُرادون پُنيُونْ، اکينِ پُني آس
وَڏيوسون وِسواس، ڦوڙائي فِراقَ جو.

[١٤] اڄ پِرتا عِيدَ ٿي، پچيائون پيهي
ڳالهہ ڪيائون ڳُجهہ جي، وٽان مون ويهي
ڏٺاسون ڏيهي، مَنَ مرادون پُنيُون.

[١٥] ڏُجهڻ ويا، ڏُکُ لٿو، وَري ٿئو وِصالُ
جاذب جو جمالُ، ڏِٺي ڏُکَ لَهِي ويا.

[١٦] ڏُجهَڻ وِيا، ڏُک لَٿو، سَري مون صحت
پِريان پاسي سُکَ ٿيا، چِڙِي کَرَ کَپِت
سُپيريانْ جي سَتِ، ڏِٺي ڏُک لَهي وِيا.

(١) د ڪ ش. ’لٿي مَنَ تان لُڪ‘.

[١٧] ڏُجهَڻ وِيا، ڏُکَ لَٿو، سَرِي صحتَ سَرِير
وَڍِي مرض وُجودَ جا، ڪيا طبيبن تَغيِّرُ
دَم دَم ڪريان دوست سان، سندا نينهَن نظَير
ڪَرَ پَسَنَدِي ڪِير، مونکي پِرينِ پيارِيو.

وائي - ١*

آللهُ وارِي آڻِ، سانگ ويا جي سُپرين

١. منهنجو مَنُ پِرين سان، ٻڌو جيءَ ٻانڌاڻ
٢. ڳجهيون اٿم ڳالهڙيون، آيل ماءَ اُن ساڻ
٣. ويٺي فالُون پائيان، اُڪَنڍِڙي اُن ڪَاڻ
٤. ڪندا قاسم مُون پِرين، وهلڙِي شال وَراڻ

وائي - ٢**

جي گهر اچين مون، لالڻ لَکَ ٻلا يون پائيان

١. منٿون مور نه وِسري، سيد تنهنجڙي سُونهه
٢. لَئون پِريانجي نا لَهِي، لَڳڙِي جا سنجهه لُونءُ
٣. پاجاڻيءَ جِي پِريتڙي، تَوڙ نِيايين تون

Gul Hayat Institute

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سرڪاهوڙي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ڇپائي هت آندي وئي آهي.
** هيءَ وائي اصل ۾ 'سرڪاهوڙي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ڇپائي هت آنديوئي آهي. ڪ ش ۾ هيءَ وائي ڪالهي. ظ ۾ ٿلهه هن طرح آهي ته: 'اچين جي گهر مون، لالڻ لک پلائيون'.

۰۴ ڪڏهن ايندين سپرين، پِري منهنجي پُون(١)

۰۵ قاسم قريبن جي، ماري مُنڊ وِرونه

فصل پهو *

[١] پَچَرُ جون ٻاهُون، تيون جيارِيمِ جيڏِيون!
ڪَيِي تو ڪِرڙَنِ ۾، ويچارو واهُون
آساتِي آئُون، ڪُتا ڪَرڙِجُ ڪِيمَ ڪِيَ.

[٢] ڪُتا ڪَرڙِجِ ڪِيمَ ڪِيِ، مون ۾ ناهي ماه
الله لڳ عجيب جو، راڳا رَڏبِ مَ راه
پَچُرَا ڪَرِ مَ ٻاه، متان لوڪ لَڪَ پئِي.

[٣] ڪُتا ڪَرڙِجِ ڪِيمَ ڪِيِ، رَتِي ناهي رَتَ
نيش جهلَڻَ جي ڏاه ڪا، هڏي منجهه همت
ڪُتا چِڏ ڪُپت، ته مونِي ميڙائو ٿِئِي.

[٤] ڪُتا ڪَرڙِج ڪِيمَ ڪِيِ، مون ۾ ناهي مِڪَ

---

(١) هيءَ مصرع فقط ظ ۾ آهي.

* ميني نسخن ۾ هن فصل جا جملي بيت 'سر سسئي' هيٺ ڏنل آهن. ل ۾ هنن بيتن جي شروعات ۾ هيٺيون عنوان ڏنل آهي: "تمت ٿيو سر آبڙي جو، شروع ٿيو سر معذور جو"، يعني ته ل موجب هي بيت 'سر معذوري' جا آهن جيئن ته هنن بيتن ۾ جو مکيه مضمون محبت مجاز آهي انهيءَ ڪري اهي هن سر هيٺ آندا ويا آهن.

Gul Hayat Institute

آءٌ وڃان ٿي پرِ ڏي، لوڪانْ ڪَري لِڪَ (١)
پانَ ورَنِي پِڪَ، مَنَ مون تي وڄهن مون پرين.

[٥] ڪُتا ڪَرِڙِجِ ڪِيمَ ڪِي، آساتي آهيان
پَسِي پُڇُ لُڏائيين، پَلا يون پانيان
ڳِڻ تنهنجا ڳائيان، پَڇُرِ ڪَري پئين پاڏَ ۾ (٢).

[٦] پَڇُرَ ڪري پئو پاڏَ ۾، تورو اسان لاءِ
ڪُڙِڪو ڪُڙِيءِ پيرَ جو، اَيو مَ اَوناءِ (٣)
ڏُجهَڻ پَئِي مَ ڏاءِ، تہ رمان رات رِهاڻ ۾.

[٧] رَمانْ رات رِهاڻ ۾، ملان محبوبَنَ
ڪُتا ڪيونْ تي ڪيتريون، پَرنُونْ تو پرينَ
مَٿي ڪَمِيٽَنِ، تو پالَ پلا يون ڪَرِيين (٤).

[٨] ڪتو ڪاهي آئيو، راڳو مون تي رات
وِڏائين تي وات، پڻ ڏٺي ڏُوٽي جهلِيو.

[٩] ڪُتو ڪاهي آئيو، راڳو رَوازِي
مَهندئون مجازي، مُنهن تي هنيس موچڙو.

Gul Hayat Institute

---

(١) خ ظ. 'آءٌ وڃان ٿي پرڏيہ'؛ ڪ. 'ٿي وڃان پرڏيہ'؛ د. 'آئون ٿي وڃان پرڏيہ'.
(٢) هيءُ بيت ظ ۾ ڪونهي. (٣) خ. 'ڪُنڪو ڪري پير جو'؛ ظ. 'ڪَنِ ڪُو ڪَري پير جو'؛ ش. 'ڪٽڪو ڪري پير جو'؛ د. 'ڪُڙڪو ڪري پير جو'؛ ڪ. 'ڪُڙڪو ڪُڙِي پيري جو'. (٤) هي بيت خ ظ ۾ ڪونهي.

[١٠] ڪُتو ڪاهي آئيو، راڳو ڪري رُوڙ
آچيو آدمزاد تي، سامهين ڪَيِ سُوڙ
ڪارايل جا ڪُوڙ، متان مڃيو ماڙُهئا!

[١١] وينو آهي وات تي، ٻهُڙو جهليو ٻُنبُ
لنگهڻ ڏئي نہ لُنبُ، ٻَسان ڪيئن پرينِ ڪي[(١)]!

[١٢] ويٺي آهي وات تي، ڪُتِي ڪُتي وَٽ
پوتيون پانڌيڙن جون، ڦاڙيو ڪري پَٽ
جا گُلرَ ۾ گهٽ، سا پوُنڇِي تي پُوريون ڪَري.

[١٣] پونڇِيءَ ڦاڙيا ڪپڙا، ساجَنَ سبيا سِي
پرينِ پونڇِيءَ کي، پادر هٽي پلَيو.

[١٤] ڍَچَرُ ٻهِي آئيو، ڪِجَڙَ ٻڌو ڪاهُ[(٢)]
ڪُتي سَنڌي ڪَن تي، ڪنهنَ ڏُجهَڙَ وڌو ڏاهُ[(٣)]
تيلاه منجهان تاءُ، تو وَڳِي ويچارن تي[(٤)].

[١٥] ڍَچَرُ ٻهِي آئيو، ڪري هُوءِ هڪل
راڳي مُلا راتِ جو، لِڪڻ ڪونهي لَل[(٥)]
پرينِ! تنهن ڪي پَل، تو وَڳِي ويچارن تي[(٦)].

Gul Hayat Institute

---

(١) هيءَ بيت خ ظ ۾ ڪونهي. (٢) اصل. 'ڪجرلدو ڪاءُ'. (٣) اصل. 'ڏچر وڌو ڏانهہ'.
(٤) هي بيت فقط ظ ۾ آهي. (٥) اصل. 'لڪر ڪولي لل'. (٦) هي بيت فقط ظ ۾ آهي.

[۱۶] ڀَچَرُ ڀَهِي آئيو، ڇَڏِي ڳوٺ ڳِرِي
سُتا سيڻ جڳائيا، ويچاري ورِي
پَٿي دوست دَرِي، هيجئون هَلِي آئيا.

[۱۷] هيجئون هلي آئيا، لوڙهي ڏيئي لَتِ
معلوم تِي محبوبَ تي، کُٽي جي کُپَتِ
ڀَچَرُ ڀَليءَ ڀَتِ، ٻَڌائون ٻاجهه پٽي.

[۱۸] سو لَهُ لَڏائُون، جنهن سين خوف خِزانْ ٿيو (۱)
وِجهي کَڙنو کند ۾، ڀهڙو ٻڌائون (۲)
ڏِسڻ ڏنائون، لَٽو ڀَوُ ڀَچَرَ جو.

[۱۹] لٽو ڀَوُ ڀَچَرَ جو، وِرِي ٿئو وصال
ڏاڙهيندڙ ڏور ٿئا، کُتو وڻڙو ڪال
سُتي لوڪ سنيالَ، لڏائون لطف سين.

[۲۰] ڀَچَرُ خَچَرُ خارِجي، کندو کوه ڀَهِي
ويهِي رهيو وِچَ ۾، واٽي در وَحِي (۳)
سِهو ربّ صحي، ٿئو مهند محمّد شاه جو (۴).

[۲۱] ڀَچَر بهي بَس کِي، ٿئو سينڌو سُجاٽِي

---

(۱) خ ظ د. 'سولو لڏائون'. (۲) ظ. 'وجهي کونو کند ۾'. (۳) خ د ک. 'واڙي دڙ وحي'؛ ظ. 'واپيندر وحي'؛ ش. 'واڙي در وحي'. (۴) ظ. 'سنهو رب صحي'.

Gul Hayat Institute

اينديِ ويندي وات ۾، ڏِسي ڏِهاڙِي
سَڏي سُهماڻِي، سِڪونُ لا ٿيون سڄڻين.

[٢٢] ڪُتن ڪونهي ڏوهه، ڏٺين ڏاري چِڙيا (١)
ڪين چِڙيندا ڪَڙهينِ، ري ڪوٺايو ڪو
سَڏي نِينڊا سو، جو پسند ايندُنِ پاڻ کي.

[٢٣] پسند ايندُنِ پاڻ کي، تنهن کي جهلِي ڪير
راڳو رِيجهي، تنهن جا پاڻان چِٽي پير
وچان لٿو وير، صلح وارئو سَڄڻين.

[٢٤] صُلح وارِئو سَڄَڻين، لَٿي ڪاڻ ڪُتَنِ
پَسي قربُ قريب جو، گُلر گير نه ڪَنِ
تَوَڏَ چِڏي تَنِ، صلح ٿئو سَگَنِ سين (٢).

[٢٥] لَٿِي ڪاڻ ڪُتنِ جي، ته پُڻ ڪاڻ ڪريج
پرِيان سندي پارَ جا، 'سائين' ڪِئو سڏيجِ
ته هڏهن ڪندا هيج، ساجاهَ پِريا سَگَڙا.

[٢٦] لَٿِي ڪاڻِ ڪُتنِ جي، ته پڻ ڪيج ڪاڻ
جي پِرينِ پاريا پاڻ، ڪِهڙِي تَوَڏَ تنِ سان!

---

(١) خ د ش. ڏٺي؛ ط ڪ. ڏٺين. (٢) هي بيت د ڪ ش ۾ ڪوانهي.

Gul Hayat Institute

[٢٧] قريباڏا ڪُتڙا، پاڙان پيرين پُونِ
سَگ سڄاڻن تن کي، جي حضوري هُونِ
پائي چِڪُ نہ چُونِ، آمُرَ ذاران اُنِ جي.

فصل ٻيون

[١] ساڄَنَ سِڄَ اُيارَ، نين نقابئون ڪَڍِيا
حُورن پڌا هَٽَڙا، پَرِيُون ٿيون پينارَ
موهن سُونهن - مَلارَ، سُورِجَ سَلامِي ڪيا (١).

[٢] سُورِجَ ڪِيو سَلامُ، اُيرندي عجيبَ کي
پيتائين پُر ٿيو، منجهان جلوي جام
آتَس مَتِي عام، تيلهَ سدا سوجهرو.

[٣] قَمرَ شَمس شُعاعُ، حاصل ڪيو حَبيبَ ڪوُن
موهن روپَ مُهاءُ، ماکِيءَ ميٺُ پرائيو.

[٤] پُونم پاڙ پِرِي، ٻي سِپَ اُونده اُن ري
مينٺِي ويچ ورِي، اڇڻ سان آزار جي (٢).

[٥] پُونم پاڇوِيونِ، سڄانَ چِتا سُپرين
ڪو تِلُ ڪوثر آبَ ۾، مَنجهان پِڪ پِيونِ

---

(١) ظ. 'موهن سونه مدار- الخ'. د. 'سورج سلامي ڪيو'. (٢) خ. 'ميني ويچ وري، اڇڻ ساڻ آزار جي'.

Gul Hayat Institute

جَڳ ۾ جوت جِهونِ، پَسان ڪونہ پرين جي.

[٦] جَني سَڏ سُڻي، سي مَرُ ڪَنِسِ سَڏڙا
ڏَڏي جَنِ ڏُڏي، عرض اونائي اُن جا.

[٧] سي مَرُ ڪَنِسِ سڏڙا، ڏڏيءَ ڏئا جي
سؤ سؤ پيرا سي، مَرُ ساريو ڪنس سَڏڙا (١).

[٨] سُڻي جي نہ سُڻي، تہ پُڻ ساعت سَڏُ نہ لاهيان
جي ڏَڏي مون نہ ڏُڏي، پر مون تان ڏَڏي ڏُڏيو (٢).

[٩] سَڏن مٿي سَڏڙا، ڪُوڪُن پٽيان ڪُوڪ
مَڄُڻ وِرچي جِڏيين، ولولو ۽ ووڪ (٣)
ڪندا سَڏ سُلوڪ، البت عجيبن سان.

[١٠] ڪانگل ڪَرِ مَ ڪٽ، وڃ اُڏامي اوڏهين
ڏج سَنيهو سَڄڻين، رَکي پيرين هٿ
قاسم! ڪنهين ڀت، مَن ميڙائو ٿئي.

[١١] ڪڏهن آئين ڪانگ، پريان سندي پارَ ڪون
ويهي ڪَرِ وصالَ جي، ٻولي سِر ٻڙانگ
جي سَڄڻ وِڏڙا سانگ، سي اڄ اُڏائي آڻ تون.

---

(١) اصل. 'مر ساريو ڪن سڏڙا'. (٢) هي بيت ڪ ۾ ڪونهي. (٣) ظ. 'وَلوَلو ۽ ووڪ'. (وِلوليُون ۽ ووڪ؟)

Gul Hayat Institute

[١٢] اَج پَسجين اِت، ڪالهہ ڪِتي هوئين ڪانگڙا!
وٽن چڙهيو واڻڙيون، آءٌ نهاريان نِت
جي چَڙهيا مَٿي چِت، سي اڄ اُڏائي آڻ تون.

وائي -١ *

ڪو پِريان جو پانڌي، آئڙو مون گهر آچِي

٠١ پَسي پانڌي پِرَ جو، هوند بيراگڻ بچَي
٠٢ ساريو پنهنجا سُپرين، پاڻمرادڙِي پچَي
٠٣ سُڏي سندو سَجَڻين، نينهن نياپڙو نَچي
٠٤ وايون وَرڻ سَنديون، ڪانگ سُڻايم سَچَي
٠٥ قاسم اٿم آسرو، پِريم سان اچِي

وائي -٢**

ڪانگلَ پِريان جي پار جي، وو ساري ڏي سُڌِ مون

٠١ جَنِي لايا ڏينهڙا، سي تان سارياسُون
٠٢ پِريانَ سندي پار ڪُون، ڪڏهن آئين تُون
٠٣ ڪڏهن ايندا سُپرين، پيٺي مُنهجڙي پُون
٠٤ ايندا مانَ اُجهائيان، ڏُکيءَ جا مَنَ ڏُون
٠٥ قاسم ڪانَ پِريان جا، لڳا سي منجهہ لُون.

---

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪلياڻ' هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.

** هيءَ وائي اصل ۾ 'سر سامونڊي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٻپائي هت آندي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

سُر راڻو

فصل پهريون

[۱] وِچَ وَرنيُون ڪامِٽيُون، نِگيُون نادولا
سِرَ چِيرا، ڳَل پيِپنيُون، چِڪَن سين چولا
پاجاما پيرنِ ۾، وِجَهن واديولا
آمُلَ آتولا، پوتائون پازيب ۾.

[۲] آج نادولا نِگيُون، آيون ڪاڪ کَهي
توڙئون طِلسمات جِي، پرِينِ ڳالهه پَهي
العشق نارالله، ڪنيائون ساڻ صَحِي
ٿَهِي سا ٿهِي، آڻ ٿهي ڪانه ٿهِي.

[۳] آج نادولا نگيَون، پَريون ڪَري پَروازُ
اُتِ اُڏامِي آئِيون، جينءَ سو بَحري بازُ
زِندہ طعامُونَ تازُ، هاڻِ گُهرجَنِ گهوڙئا.

[۴] نادولا ڏو نِينهُن، سَوَ سِينهائِين آڳرو

Gul Hayat Institute

ڪَلنگيون جَنِ ڪَپارَ ۾، تَنِي چاڙهي چيئَن
ڪاڪَوُن ٻچن ڪيئَن، جينءَ ڪات ڪُنوارِين هٿ ۾.

[٥] نادولاٽِي نينهن جي، سُڄِي ڳالهه ڳَرِي
ڪِي مُئا، ڪي ماريا، ڪِنِي سوءِ سَرِي
آيو ڪونه وَرِي، قاسم ڪَهڪ ـ دِوال ڪَوُن.

[٦] مومل ماڙيون آڏيون، ڪَوُنرَ ڦُلاريا ڪاڪ
باغ، باغوچا، بنگلا، تَنِي سونا طاق
حُسنَ پيئِي هاڪ، لَس لُڏائِي ڪَنڊِيين (١).

[٧] مُومَلَ، سُومَلَ، سَهجان، مُرادي مُختيار
گُل ڦُل ڪُليا ڪيتَڪِي، چمن ۾ چوڌار
اُڙدابيگيُون آئيون، چَڙهِي تَـنـد تَوار (٢)
ڪجي ڪانهَ ڪُوار، قاسم تنهن ڪُماچَ جي.

[٨] راڻِيُون رنگَ رَتولَ ۾، وينِيُون ڪَنِ وَرَنَ
ڪوڙين عاشق ڪيترا، مَٿِي پِڪَ پَرَنَ
پَروانا پڙلاؤ تان، واريا تان نہ وَرَنَ

(١) ظ. 'حُسن پئي هاڪ ـ الخ'. (٢) خ. 'چري تند توار'؛ ظ. 'چـَرِي تند توار'؛ د. 'چـِڙِي تند توار'؛ ڪ ش. 'چڙهي تند توار'. انهن پڙهڻين مطابق 'چـُرِي تند توار' يا 'چـِڙي تند توار' بہ پڙهي سگهجي ٿو.

Gul Hayat Institute

ڪي ٿا ماڳ مَرَنِ، ڪي قاسم گوندر گاڏوانْ.

[٩] ڳُجر سَندي گامَ ۾، ڪٺارو ۽ ڪات
ڪانهُ پُڄائي ذات، مُنهن ڦِيا سي مارِيا.

[١٠] ڳُجَرِ سَندي گامَ ۾، ڪَٺارو ۽ ڪوسُ
سندو جيڻَ سوسُ، لوڏي لاهي آئيا.

[١١] ڳُجر سَندي گامَ ۾، نِت گهَڙجي ڏِينهن
آڏَ مٺان عشقَ جي، موڳهون لا يون مينهن (١)
قاسم راتو ڏينهن، سيڪو ڀيڙو سَجٽين.

[١٢] ڳُجر سَندي گامَ ۾، آديسي آيو
ڀَسڻ ڀِري ذاتَ جو، ڏِيو سامي ڪي سعيو
گهِڙنديئي گهايو، اِيندي آڏڻ وِچ ۾.

[١٣] بابُو بيڪارِي ٿيو، مِيري مُنهن مَلَنگ
آچِي آڏڻ وِچ ۾، رات ڏٺائين رنگ
جوڳِي سَندي جانِ ۾، ڪُتا خوب خَدَنگ
ڪَمَر تاڻي تَنگ، قاسم هَليو ڪاپڙي.

[١٤] لوڏِينِ هٿ لغام، گهوڙن پُٺ پَلاڻيُون
مَن ۾ ڳُجهي مامُ، ڪا جا آڻِن ڪاڪ جي.

(١) ظ. 'موڪون لا يون مينهن'.

Gul Hayat Institute

[١٥] رَکي شَوقُ شِڪارَ جو، هليا ساڻ هَمير
دِل بهادر دادلا، سَڀِي ساوَج گـيـر
قَتيل دِل فقَير، صُبحَ گَڏينِ سامُهُون (١).

[١٦] صُبح گَڏينِ سامُهُون، ساسِي سونَ - وَرَن
نَڪو پاڙِي پيٽَ ۾، نَڪو آندرِ آن
مَهيسِيءَ جِي مَن، ڪا ڳجهي آهي ڳالهڙي.

[١٧] صبح گَڏينِ سامُهُون، راوَلُ چڱيءَ رُوءِ
بابُوءَ سَندي بُتَ ۾، ڪتوري خوشبوءِ
راڻي روبروءِ، ڳالهيون پُڇيون ڳُجهه جون.

[١٨] ڪتان آئين ڪاپڙي، ڪِت وِهاڻيين رات
سَل سَيائي سُورَ جِي، بابُو مون سان بات
توکي طلسمات، سَچُڻ وِڌو ماسِري!

Gul Hayat Institute

[١٩] آءٌ گِرناري گودڙيو، توڙان تَن تَنَها
قاسم ڪاپڙينِ جِي، نانيءَ منجهه نگاه
منجهه پرَنديءَ باهه، اچي پئُڙسِ اوچتو (٢).

[٢٠] آءٌ گِرناري گودڙيو، هَلِيُس ڪـوُن هالا ر

(١) خ ظ د ش. صبحا. (٢) د ش. مچ پرندي باه - الخ.

عِشقَ جو آثار، ڪالهہ پِرايُم ڪاڪ ڪوُن.

[٢١] آءُ گِرنارِي گودڙِيو، پُورب منهنجو پَنڌُ
وَڍِيو آڌڻ وارِيين، ڪالهہ سُنهِينجو ڪَنڌُ
قاسم پِيم ڪَمندُ، ڪاڪُل زُلف ڪاڪِ جو.

[٢٢] گَدالو گِرنار ۾، آسَڻ اُونچِي روه
اِيندي ڏِٺُم آڪِيِين، جيڪِينَ لکيو لوح
آڌڻ منجهہ اندوه، ڪالهہ پِرايُم ڪاڪ ڪوُن.

[٢٣] گَدالو گِرنارَ ۾، ٻِرَڙِي منجهہ ٻَهَڪ (١)
ڪاڪُل ڪُنوارِين جِي، ڏنو ڪالهہ ڪَهڪ
ڏَڪَنِ مَٿِي ڏَڪَ، لَڳِمِ لَطِيفَنِ جا.

[٢٤] نادولاڏِي نِينهَنَ جا، پيچ تہ ڏِيان پار
جِي آيا سِي آڳهِيَا، اُت وِيندي جِي وار
گُجَر سِي گَنوائيا، لوڏي لَکَ هزار
ڏَڙ ڪوُن مَٽا ڏار، قاسم لُڇن ڪيترا (٢).

واٺي

ڪاڪِ ڏَڏِي ڪَرَها، چندن تو چارِيندا

---

(١) د. 'ٻرڙي منجهہ ٻَهَڪ'. (٢) خ. 'لوچن ڪيترا'؛ ظ. 'لوچن ڪيترا'.

۰۱ پِرينِ سَندي پيچِري، پِيرُ پَروڙي پاء
۰۲ نائي ناگر وَلَڙيون، جِينءَ ڪائين تينءَ ڪاء
۰۳ آگر پيَڙو آهُرين، توڙئون توهي لاء
۰۴ آهي آتڻ وچ ۾، جَمَل تُنهنجَڙي جاء
۰۵ ويندي ڪَتَ پِرينِ ڏي، قاسم ڪَجِ مَ ڪاء

فصل پهريون

[۱] پَري ذات پِدمَڻِيون، ڪَنين ڪُندَنَ لالَ
چِٽيون چوڏَس چَنڊَرُون، مُنهن ۾ نيڻ مَشعال
ڪاڪل ڪوڪبانَ سان، هِيرو منجهه حَمال
اِنهيءَ جوت جَمالَ، قاسم موهيا ڪيترا.

[۲] پَري ذات پِدمَڻِيُون، آڪين ۾ اِلماس
مُنهن مهتابانَ آڳرو، تَنُ چمڪي تاس
ڪوڙين مِير مواس، قاسم نينهن نمائيا.

[۳] پَرينِ سَندي پيچِري، پِيرُ پروڙي پاء
جي توکي سانگو سِرَ جو، تان تون اوڏو مور مَ آء
جَني جاء ـ نماء، سي مرُ وڃن سامُهان.

[۴] راڻا ياڻءَ مَ راندِ، هِي سَگ سورن گاڏِئون

سِسِي نيزي پاندِ، ڏَڙ ڏرتيءَ گَڏيا (۱).

[۵] مومل موهيو مينڌرو، آيو آتَڻَ پاس
ويٺو ڪاڪ وڻـنِ ۾، ڪري لال لباس
قاسم ڪِجُ تَپاس، اِيُ ماندي مَنڌُ پڪيڙيو (۲).

[۶] ڪاڪ وڻن جا ڪوڏيا، آيا ڪاڪ ڪَهِي
مومل جي مَذڪورَ جِي، پِيڙَنِ سُڌ صَحِي
جا پِرينَ ڳالهہ پهِي، سا قاسم لَکِي لوڏيين (۳).

[۷] آتَـڻَ ڪوڏِيا آئيا، سـوڍا شڪاري
ويهَندي ڪاڪ وڻـن ۾، ٻَچِيائُون ٻحري
مارِيندو مارِي، قاسم قُمرِي ڪاڪ جِي.

[۸] آتَـڻَ ڪوڏِيا آئيا، هَتِي لَـکَ هزارَ
مُنهُن پيا سِي مارِيا، هُت ويندي جي وارَ
قاسم! اِنَ ڪَنارَ، گهڻا لوڏِي گهائيا (۴).

[۹] آتَڻَ ڪوڏِيو آئيو، ڏوليو ڏيت اوجار
آيُون اِستقبالَ تي، مومل جون مختيار
آنـدا آرادبيگِين، تحفا طعام تـيار

(۱) خ ڪ. 'ڏَڙ ڏرتين گڏيا'. (۲) خ. 'اي مادري منڌ پکيڙيو'؛ ظ. 'اي مادر منڌ پکيڙيو'.
(۳) ش. 'لوڏيين'. (۴) ش. 'لوڏي گهائيا'.

لَٽو غمُ غُبار، قاسم آئِي اُنَ جي.

[١٠] سومَلَ سودِي پاڻ ۾، ڳجھ ڳَرَهِي ڳالهِ
معلوم ڪيائين ميندري، طِلسماتي تال (١)
پاڻُ مَ ڪٽج پاڻ سين، ماسو هُٽ نہ مال
قاسم ٿيءِ ڪنگال، تہ سودا ماڻين سيجڙِي.

[١١] جا سُومَلَ سُڻائِي، سا سَپ مَڃِي ميندري
قاسم پيِيَس ڪَنَّ تي، وصل جِي وائِي
پوڙي پِيائِي، سوِدو چڙهيو سيجڙي (٢).

[١٢] سودي سَڏُ ٿئو، اُردابيگيون آئِيُون
ڪوٺِي رات ڪُنوارِيين، منجهان نازَ نِئو
اُتي وِيرُ وِئو، جِتِي پير نہ پَڪٽانَ.

[١٣] جِتِي پيرُ نہ پَڪٽانَ، نَڪو جِنَّ مَاَڪُ
نڪا بوءِ بَشَرَ جي، نڪو دَئِيءَ دَرَڪُ (٣)
رَأيتُ رَبّيِ بِرَبّيِ، ٿئو حق سان واصل حَقُ
قاسم ڪونهي شَڪُ، مُومل ماڻِي ميندري.

[١٤] مُومَلَ ڇِڳو موتِيين، هيرو منجھ حَمالَ

---

(١) هيءَ سٽ ڪ ۾ ڪانهي. (٢) ل. 'سيجڙئين'؛ **ش.** 'سيجڙيين'. (٣) **ش.** 'نڪو ديھہ ڏڙڪ'.

Gul Hayat Institute

مُنهن مهتابئُون اڳرو، لَب يَمَنِي لالَ
ڪاڪُل ڪعبي - پوش جانْ، آبرُو چنڊ هلالَ
اِنهيءَ جوتِ جَمالَ، مومَلَ ماڻِي مينڌري.

[١٥] مومل ماڻِي مينڌري، هَنڌ هَنڌ پيئي هاڪ
فَڪَانَ قَابَ قوسَيْنِ آوْاَدْنيٰ، لٿو فَرق فِراق
ڪٿوري خوشبوءِ سان، قاسم واسِي ڪاڪ
مومل ۽ مشتاق، هردوئي هيڪ ٿيا.

[١٦] راتيان ڏينهن رهاڻ، مَتِي رَنگ رَتولَ ۾
چَٻِي پانَ سوپاريُون، سوڍو مومل ساڻ
هنيڙي سنڌيون هاڻ، مَنَ مُرادون پُنيُون.

[١٧] ڍوليو ڏٽِي ڍَتَ جو، سنڌو جامَنِ جام
آڇئو اُردابيگيوُن، سَئين سَئين ڪَن سَلام
وير آڳينِ جا واريا، وارث وير وريام
مٿان ڪاڪِ مُلام، قاسم! ڪاڻِي مينڌري.

[١٨] ڍوليو ڏٽِي ڍَتَ جو، ساڌُوَنَ سَردار
موڪِي ماڏِنِ مَجِيو، موڏورن مهندار (١)

Gul Hayat Institute

---

(١) خ ڪ ل. 'موڪِي ماڍن منجهُو موڏورن مهدار'؛ ظ. 'مُوڪي ماڍَن منجهُو موڏُورن مهدار'؛ ش. 'مونڪي ماڍن مجهُو موڏورڻ مهندار'.

قاسمِ ڪاڪ ڪنڌين ۾، چڙهيا ڪالهہ ڪنارِ
سوڍي سِليدار، ويرِ آڳين جا واريا.

وائي

راڻَلُ رات مون گهرِ آيو، مون پَرچايو
١. آچو آتڻ واريون! ڳاجَ سُهاڳي ڳايو
٢. ڳائُون ڏيئي ڳُجهيُون، لالَڻُ مون گهرِ لايو
٣. مَنَ مُرادون پِنيُون، سائڙو ٿيمِ سَجايو
٤. قاسمِ ڪميڻيءَ تي، لائق! ٿورڙو لايو.

فصل ٻيون

[١] رَتَ وَرَنُونْ راتِ، سوڍا! رُنو راڻيين (١)
اکيون تُنهنجي آسري، تَنَ تُنهينجِي تاتِ
قاسم! ڳُجهي ڪاتِ، مومَلَ ڪُٺِي مينڌري.

[٢] مومَلَ ڪُٺِي مينڌري، ڪاتَ اُلٽي آج
ڏنگِيون سِڏيون سُپرين! ڪاڻڻ منهنجو ڪَج
پائي چاڙَ مَ چج، ميتِ مڏايُون مينڌرا (٢).

(١) خ. 'سوڍو رانـيو راڻيين'؛ ظ د. 'سوڍو رنو راڻيين'؛ ش. 'رتو رنو رات، سوڍو رنو راڻيين'؛
(٢) خ. 'پائي چان م چج'؛ ظ. 'پـائـي چـان م چـج'؛ ڪ د. 'پائي چان مچج'؛ ش. 'پائي چاڻ مچج'.

[٣] مَدي جي ميرِي، آءٌ اوهان جي آهيان
قاسم! ڪَنَرُ وچَ ۾، وِڌو ڪنهن ويرِي
گوندَرَ آءٌ گهيرِي، سِگهو موڙِج سُپرين!

[٤] سِگهو موٽج سُپرين، وارثَ ويرَ مَ لاءِ
ڪَرَهو موڙِي ڪاڪ تي، الله ڪارڻ آءِ
جوڙِي ڏِيان جاءِ، اکيون اوتارا ڪَري.

[٥] اوطاقون اکين ۾، وهَڪَ منجهه وُجود
لَٿو سَهُو سُجود، مُومَلَ ٽِيڙِي ميندرو.

[٦] مُومَلَ ٽِيڙِي ميندرو، ڇنو غيرُ گمان
آڳڻِ آئِي جَنِ جِي، مومل لَڌو مان
صِفَت ڪي سلطان، منجهان نينهَن نوازيو.

[٧] سودِي شَڪُ پئو، ڪُوڪَٽُ پَسِي ڪو پئو
ڪَرهو موڙِي ڪاڪ تان، واري واڳ وِئو
قاسم نينهَن نِهو، هِتان ڇِنِي هَليو (١).

[٨] چالَ مَ ڇِڇِي نينهُن، پِرتِ پُراڻِي مَ ڏِئِي
ڪوءِ رُسڻ پِنَ رِيتيُون، ڪوءِ ڏولائِي ڏينهُن

Gul Hayat Institute

(١) خ ڪ د ش. 'نيهن نيئو'؛ ظ. 'نيهن نيهو'.

سَندو محبت مِينهُن، وَسِي تان وَسَ تَئِي .

[٩] وَسِي تہ وَس تَئِي، آڻ وُٺِي وَسَ نانهہ
سدا سُونهِي سَجَڻِين، ڳَلِ سيراندي ٻانهہ
سَندِي ڏُوئِيءَ دانهہ، قاسم ڪَنين م سُڻان .

[١٠] آءٌ تِي سارِيان سُپرِين، تون پڻ ڪِينَ ساريج
فَاذْڪُرُونِي آذْڪُرْڪُمْ، پِرين تـون پاريج
تو ري سُجِي سيج، مومَل مُوران نہ وڻِي .

وائِي *

اُٺِي ڍولڙيو ڍار، تو گهرِ راڻلُ آئِيو (١)

٠١ مومل رنگ رَتولَ ۾، تان تون ڏيڙو ٻار
٠٢ ڪَرَهو موڙِي ڪاڪِ تِي، سودي لَڏَڙي سار
٠٣ عيبَ ڍڪيندڙ آئِيو، پوري‌ءَ ٻاس ڍِڃار
٠٤ ڪؤنر ڦُلاريا ڪاڪِ جا، ڪِڙيا ڪنڌهار
٠٥ مُنهن ۾ سُونهِي مينڌرِي، قاسم ڪَجلَ ڌار

—※—

* هيء وائي اصل ۾ 'سر گهاتو' هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي .
(١) ش . 'اٿي ڍولڙيون ڍار'.

Gul Hayat Institute

سر ڪاھوڙي

[۱] ڏوٿين گهڻا ڏينهن، ڏُٺ ڏوريندي لنگهيا
نت نت تازو نينهن، آٿن اِنهيءَ ڳالھ سان.

[۲] ڏوٿـي ڏُکَ ڏَڏوڙيا، ڏُوم ڏَهوڙيا ڏُبَّ
سَنبَ، ڀُهارا، سُپَّ، پاسي ڪن نہ پاڻ ڪان.

[۳] ڏُٺُ نہ ڏٺائون، ڏوريندڙا ڏُور تـيـا
تتان 'تون' 'آئون'، ويئي وڃائين نڪري.

[۴] ڏيـهُ ڇتائي ڏورِ، هتان ڏوٿي هَليا
ڪُونڌَرَ منجهان ڪُورِ، پرُ ڪَيائون پانهنجا.

[۵] ڪيٿي ڪاھوڙين، سـنـبَ ڪَرڪَڻ سُپڙا
رُجَ ۾ ڀِڄيو راتڙي، کوڙ پُڄائُون ڪَنِ
ڏونگر ڏوٿيڙَنِ، ڏوري لَڌو ڏُٺَ ڪي.

[٦] ڏوٿين ڏِٺو ڏُٺُ، مَنَ مُرادون پِنيُون
ڪالھ ڀُهاري ڀُٺ، ڪَڻَ ڪيڏائون اُنَ مان.

Gul Hayat Institute

[٧] پَرِيُونءِ وِجهي پاڻ، ڏوتين ڏُتُ سَميئيو (١)
جِتي پيرُ نہ پَکڻان، نکو عبد اُهچاڻ
سندِي آلک آماڻ، آنداڻون اُنَ ڏِيہ مان.

[٨] جِتي جاءِ نہ ماءِ، سو ڏيہُ سونو ڏوتئين
سُڄَڻُ پَسَڻُ ناهِ کو، نکا هُوءِ نہ هاءِ
وِچڻ کاڻ وياءِ، ڏُت کَرِيندا کن لاءِ.

[٩] سُونهان ڏِيْنِ صَلاح، هِنَ اورانهين ڏيهَ جي
آهي جِتِ اللّٰهُ، تِتي پنڌ نہ پيچرو.

[١٠] لُوساڏِيا نہ لُکَّ، اُڃ نہ اوڏِي اُن کِي
پُکوليا نہ بُکَّ، قُوتُ کيائُون ’کُلِّ‘ مان.

[١١] قُوت کيائون ’کُلِّ‘ مان، ’جُزُ‘ ۾ کَمُّ نہ کو
’آنا احْمَدُ بِلاَ مِيمٍ‘، ڏيہ سُوڻائون سو
کُونْدَرَ کندا کوہ، تَوَڻَ لڏائون تَنَّ مان.

[١٢] جِتي سَپُ نہ سَپِجي، بَبَر پِيوءِ پِچَنِ
کِلِي کاهوڙِين، وِڻ چوندِيا تنهن وِيڙِ مان.

[١٣] جِتي سَپُ نہ سَپِجي، راڳا رَتُ رُئَنِ
ڏاهَ نہ سُجِي ڏِيپلِين، کارا نانگ کَنبنِ

(١) خ. ونجي پاڻ؛ ظ. وِجِي.

Gul Hayat Institute

ڪِلِي ڪاھوڙِين، وڻ ڇُونڊيا تنھن ويڙِ مان.

[١٤] جتِي سَپُ نہ سَپجِي، راڳا رُئَن رَت
اَسُونْھَن واتَ نہ اُجھِي، سُونھَن مُنجھِي مَت
تتان يِلِيءَ يَت، ڏوتِين ڇُڳا ڇاڙيا.

[١٥] وَحشن وائِي ناہَ ڪا، ڪيھَرَ جِت ڪَنبنِ
تِتِي ڪاھوڙِين، ڇَپر ڇُڳا ڇاڙيا (١).

[١٦] ڪيھَرَ ڪَنَّ ھَٽِن، جِت وَحشن وائِي ناہ ڪا
آلا اِنَّ اولياءَ اللّٰہَ لاخَوْفٌ عَلَيہِمْ ولا ھُمْ يَحْزَنُونَ،
خوف نہ ڪاھوڙِين
تيلانْ وِچِي تَنِ، ڇَپَر ڇِڳا ڇاڙيا.

وائِي

ڏُونگرڙا ڏَس ڏِي، جَبلڙا ڏَس ڏِي
تو ڪِي ڏوتِي ڏٺڙا

٠١ ڏِنِي سَندا پيچرا، معلوم ڪر مونکي
٠٢ ڀِجِئو رُڃَنِ راتڙيون، جھنگل جُھڪن جي
٠٣ پَسِي ڏوتِين ڏُٺڙا، تَنگُونْ ڪيڙَم تي (٢)
٠٤ ڪُونڏر قاسم جَن سان، رات سَنياريم سِي

-※-

(١) ھيءَ بيت فقط خ ۾ حاشيي تي ڏنل آھي ۽ ڇاڙايل آھي تہ: "همين بيت هم حضرت خليفه صاحب است". (٢) ظ. 'پسي ڏوتين ڏٺڙا، تنڪون ڪيڙم تي'.

سر رامڪلي

فصل پهريون

[۱] رامَڪَلِي ٿِي روءِ، ساريو سناسينِ کي
چَڙهِي اُيِي چوءِ، آنْ کِي جوڳِي گڏيا!

[۲] رامَڪَلِي، ڪَنهن نہ پلِي، چلِي ساميَن سَنگ
جَڏي نَنگَ نِسنگ، گڏي گورکَنات کي.

[۳] رام ڪَلِي، ڪنهن نہ پَلِي، ٿي جوڳياڻِي جوءِ
چَڙهِي اُيِي چوءِ، آن کِي جوڳِي گڏئا.

فصل ٻيو

رامڪلي سي حرفي

Gul Hayat Institute

[۱] الف ڪـي اوڏا ٿيا، 'ميمُ' رکياٿون منَ
فَاَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ، جوڳِي
جاڏُون ڪَنِ
نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الوَرِيدِ، ٿيا پاڙيچا پِرينَ(۱)

۱) ش. 'ٿيا پاڙيچي پرينَ'.

قاسمَ کانوڏِينِ، نانِي گـڏي نِجهُري .

[٢] بي جو لَٽو بار، ’آلفُ‘ ڏِٺائُون اکِيين
آنَـا آحْـمَـدُ بِـلا مِيمِ، ٿِـئا سامِي سِليدار
رَأيْتَ رَبّـِي بِـرَبّـِي ، ڏِٺائـون ڏاتــار
قاسمَ! ڪَلاندار، آسـڻ آرامِـي ٿـيا.

[٣] تي تَڪبرّ تارِڪِي، ڪِيْنُو مُور نہ ڪَنِ
هُـٺَـڻُ چِـڏي هَلِيا، روئِي رامَ رَسـنِ
فَلِيَضْحَڪُوا قَـلـيْـلاً وَ لِيَبْڪُوْا ڪَـثـيـرا،
اي عادت آدِيسين
قاسم ڪانوڏِينِ، ناتُ نَمايو نيازَ سان .

[۴] سُتي سَـڌُ ٿِئون، ٿـي سُٽِيْدي اُٿـيـاَ
ذالکَ فضلُ اللّٰه يؤتيه مَنْ يّشَاءُ، قادرَڪَرمُ ڪيونَ
مَنْ لَهُ الْمَوْلي فَلَهُ الْڪُلُّ، سِيڪِينْ اِتِ سِرِئُونِ
بارِي ياڳُ، وَرِيونِ، قاسم ناتَ نَوازِئا.

[٥] جيمِ جَهليندي جَڳُ، نادُ وَجائِي نڳـئا
اِهْدِ نَـا الصّراطَ المُسْتَقيْمَ، سامي ٿِئا سَرڳَ
مَنجهان ناتَ نَرڳُ، قاسم ڪيئا ڪاپڙِي .

Gul Hayat Institute

[٦] حي هُٺ جي حَدَّ، وِيا اورانگهي اوڏهين
نانگن پنهنجي نَفسَ جي، سَيکا وَڍي سَدَ
مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهُ، پُنهون عشق عَدَد
مَنْ طَلَبَ شيئًا و جَدَّ وَ جَدَ، قاسِمَ سَرِيو سامِيِن.

[٧] خي مَلِيندي خاڪ، قاسِم هَلِيا ڪاپڙِي
دُنيا ۽ عقبىٰ ڪان، پاڻ رکيائون پاڪ
طالِبُ الدّنيا مُخَنَثٌ، طالبِ العقبىٰ مُونَثٌ،
آلکَ جا عُشاق
منجهان روزَ مِيثاق، پَندُ پَروڙِي آئيا.

[٨] ڊُوئِي دال ڦِٽِي ڪَرِي، پورب وِيا پيهِي
جوڳِين ڪِي جَبرُوت ۾، پَل گهَڙِي پيئِي
مُلڪ ڇَڏِي مَلَڪُوتَ جو، وِيا سامِي سنجهيئِي
نُهَــنَ ڪوڙِيندِي ڏِڳَئِا، ناسُوتان نيهِي
ڏِٺائون ڏيهِي، لَتاڙِي لاهوت ڪــي.

[٩] ذال ٿون ذِڪرُ خَفِي، جَهْرُ جڳايو جوڳِيِن
نانگا نانِي هَلِيا، ڇَـڏِي آبُ آخِي
پاڻُ نہ ڪَٿِنِ پاڻَ سان، صوفِي صاف سَخِي

Gul Hayat Institute

مَهيسين مَخفِي، قاسمَ! رامُ ريجھائيو.

[١٠] ري رِيا جي تَڪيِي آسَڻُ ڪَنِ نہ اُو
لوڪَ نہ لڪِي سَگھيا، خاڪِي سندين خُوء
ڏاڳيا ڏُوڙِ پَڪليا، ميرا ٿٽڙن مُوء
راوَل رُوبروء، قاسم وَصُل واڳيا.

[١١] زي ذَرو نہ جَتيا، جوڳِي منجھہ جَھان
ماريندي مُرادَ کي، وٺا ڏانھ ويران
اَلعشقُ نارُالله، جَلُّ پِرايو جان
مُوتُوا قَبلَ اَنْ تَمُوتُوا، مَرِي لڌائون مان
قاسم اِن ڪَمان، گھٽا بابُو گھائيا.

[١٢] سِين وَڃائي سگِيُون، هليا ڏانھ هنگلاج
تَرڪ تڪيا تَن تارڪين، ڪنھ سان ڪم نہ ڪاج (١)
پيِتَ بُکيا لُنگ لانگ ۾، سِر سلطاني تاج
سيواگر سَڪاج، قاسم نِينھَن نوازيا (٢).

[١٣] شِين وڃائي شَڪُ، گڏيا گورڪَنات کي
صَحِي سُڃاتو سامِيِن، حق سان پنھنجو حَقُ

---

(١) اصل . 'ترڪ تڪيا تن تارڪي - الخ' (٢) خ ظ . 'سيوگر سڪاج، قاسم نينهن نوازيو'؛ ڪ . سيوگر سڪاج، قاسم نينهن نوازيا'؛ ش. 'سيواگر سڪاج، قاسم نينهن نوازئا'.

Gul Hayat Institute

آلْاِنْسانُ سِرّيْ وَ آنا سِرُّهٗ، سِکيا اِيُ سَبَقُ
وُجوديِ وَرَقُ، قاسم پڙهـن ڪاپڙي.

[١٤] صاد صبرَ جون سگيون وينا وَجائينِ
وَاللّٰهُ مَعَ الصّابِرينَ، گُجهه اندر گهائينِ
جيڪينْ مُکو سَچٽينِ، سو پلو ڪيو پائينِ
ناني ڏَنـهُ نائينِ، مُنهُن مونا کَنڌُ ڪاپڙي.

[١٥] ضادُ بِرَتَنُ هت ۾، ڪاسو مُور نہ ڪَنِ
پَرگهَرانْ پِرِي ويا، گهَران ڪينَ گهُرنَ
کانوڏين قبوليو، فاقو فقيرنَ
فاقَـةُ الفَقْرِ مِعْراجُ الفُقُراء، اِيُ وَجهُ ويراڳينِ
قاسم ڏيئي ڪَنِ، سُٽِجِ ڳالهه سناسيينْ.

[١٦] طوئي طالبَ توڙ ري، وِچان ڪينَ وِرنَ
مَرَضَ مهيسي موت جا، ماريا تان نہ مرنَ
آلا اِنَّ اولياءَ اللّٰهَ لا يَمُوتُونَ، خضر خوء سندن
توڙَئُون متان تَنِ، لٿو حرف حساب جو.

[١٧] ظوئي ظالم نفس سان، جوڳين واري جنگ
فَتَحْنَا الجهادَ الْاَصْغرو رَجْعَنا الى الجهاد الاَڪْبَر،
مُڙن ڪين ملنگ

Gul Hayat Institute

قاسمِ ڪيسَرَ رَنگِ، ڪالهہ رَتائون ڪپڙا.

[١٨] عَينَ آلڪَ سين واڳئا، پيائي ٻاريائُون
لَمْ يَلِدَ وَلَمْ يُولَدْ، پَڙهي پاريائُون
مَاڪانَ مُحَمَّدًا آبَا احَدٍ، اي سِٽَ ساريائُون
ويا واريائون، قاسم قضا ڏينهڙا.

[١٩] غَينَ غذائُون اُنِ جون مِڙئي موچارِيُون
فَرضَ، واجبَ، سُنَّتُون، پَڙهي تَنِ پارِيُون
سَڀِي سَنْيُون تَنِ کي، صاحبَ سيڪاريُون (١)
اُنِي جِيُون آرِيُون، قاسمِا ربَّ قبوليُون.

[٢٠] فِي فائقَ فيضَ جا، آجها عاصيڙَن
وَمَا آرْسَلْنَاڪَ اِلاَّ رَحْمَةً لِلْعَالَمِين، سي تي
هَٺ سندن
قاسمِ مٿان تَنِ، گهوري گهوريان جندڙو.

[٢١] قافِ کَمائي اُن جِي، قادرَ پيشِ قَبول
اِعْمَلُوامَاشئتُمْ فقدْ غُفِرَتْ لَڪُمْ، مُختيارِي مَقبول
حَسَنَاتُ اْلاَ بْرارِ سَيآتُ الْمُقَرَّبِيْنَ، سودو پيڙُن سُول
قاسمِ منجهان مول، هادي حاصل وِترو.

(١) ظ S جي پڙهڻي مطابق ' صاحب سينگاريون '

Gul Hayat Institute

[٢٢] كافُ ڏنائون ’كُلُّ‘، ’جُز‘ وڃائي جوڳيين
آنَا مِنْ نُّورِاللّٰهِ وَ كُلُّ شَيْءٍ مِّن نُّورِي،
آيو پيش اَصُلُ
سَتگُرُ مُلا سامِيين، آندو عِشقُ اَمُلُ
قاسم اَرُگَ اَتُلُ، مِليو مَهيسينِ کي.

[٢٣] لامِ لانگوٽثان ڌارَ، آنگَ نه اوڍِن کپڙا
اِنَّ اَولِيائِي تَحتَ قَبائِي لا يَعرِفُونَهُم غَيرِي،
ڏَٺا ڏِٺهارَ
نانگا پنهنجي نَفَسَ تي، ساڃا ٿِئا سُوارَ (١)
تَن سامِين تان سَو وارَ، قاسم قرباني ٿيان.

[٢٤] ميمَ نه ماسو مال، نڪا سُڌِ سوالَ جي
نڪو سَنگُ ثَوابَ سان، نڪو ڏوه وَبال (٢)
اَلا اِنَّ اَولِياءَ اللّٰهِ لاَ خَوفٌ عَلَيهِم وَلاَ هُم يَحزَنُونَ،
لٿو خوف خيال
جوڳِي منجهه جَمال، قاسم پُوتا ڪاپڙي.

[٢٥] نُون نمائي ڪَنڌ، آيا اَلَکَ ساُمهان

(١) ظ. ساڃان ساڃا (٢) خ ک. ببال.

آدبُ آديسينِ جو، پُورتَ منجهه پسَند
مُنهن مُونيْن سرِ مَتَڙا، سِينيِ منجهه صَمَد
تالَ وَجائي تَند، قاسم ريڏا رام سان.

[٢٦] واڳئا واو وِصالَ جي، ويٺا منجهه وُجُود
منجهه تيرٿ، منجهه تَڪيا، منجهه عَنبرَ، منجهه عُود
منجهه ڪعبو، منجهه ڪيرتُون، منجهان منجهه مَعبُود
قاسم ڪَنِ سُجُود، پاڻ سُڃاڻي پاڻ ۾.

[٢٧] هي هنيين سين لاءِ، قاسم سُڻ سَنيهڙا
ايڪلَتارو تالَ سان، ويهي هٿ وڄاءِ
ڳايو وينو ڳاءِ، سو ڳُڻَ سناسينِ جا.

[٢٨] لامُ لَڪياري پِير، مُرشد منهنجو مَعنَويْ
اِبنُ عَلي شاه جو، ڏوهٽو مُحمّد مِير
قاسم! ڪُل ڪَبيرَ، ڪامل منهنجا ڪاڏيا.

[٢٩] اُلف آسَڻ آئيا، جوڳِي جاتَ ڪَري
پُڇ تَني ڪان خَبَرُون، پرتَئُون پير پَرِي
قاسم اَنّ ڳَري، ڳُجهي آهي ڳالهڙي.

Gul Hayat Institute

[٣٠] ڀي ياراڻي حَقَ ري، ڪنهن سين مُور نہ ڪَنّ
لاڳاپا جي لوڪ جا، لاڏا لاهوتين
اَلْفَقِيرُ لا يُحتاجُ اِلاَّ اِلَى اللّٰه، پَرِ گهَرِ ڪين پِنَن
توڙئون قاسم تَنِّ، اوريو پيڌُ آلڪَ سان.

وائي

سگَڙِيَن ساٻِين سُٽائِي، اي ساءُ! جو ڳين جامَن ڳالهَڙِي

١. سامين سگَڙِين ۾، وحدت ڦُوڪَ وَجائِي (١)
٢. رَأَيْتُ رَبِّي بِرَبِّيْ، سَتگُر اِيَ سَمجهائِي
٣. آنا اَحْمَدُ بِلا مِيْم، ڳالهہ اِها تَنِ ڳائِي
٤. ڪارو پِسَن ڪينَڪي، سامِين پيش صفائِي
٥. قاسم! قُلزُم ڪُنَ ۾، ٻوڙِي چِڏِ ٻيائِي

Gul Hayat Institute

(١) خ. اللّٰه سامين سگڙين ۾ - الخ؛ ظ. آلا" سامين سگڙين ۾ - الخ.

سر رپ

[١] سُورَن سَوا۔ سير، جي پائي ترازيَ تورِيان
گوندر غم غريب جي، گهَٽ ۾ لايا گهير(١)
پيو سَڄيندو ڪير، صحت سپيرين ري.

[٢] سورن سير۔ سُوا، مَٽن مَتو ناهه ڪو
مون ڏي مُڪا ماءُ! آڻ توريا سَڄڻين.

[٣] سڄڻ! سِڪ مُياس، موٽ منهنجا سپرين!
وَرهيہ منجهه وساس، مون ليکيندي لنگهئا(٢).

[٤] سڄڻ! سِڪَ مران، ڪَرَ نہ لَڏيئي ڪَڏهين
منجهئي منجهه پَرانْ، ڪُنير نيْهائينءَ جانْ(٣).

Gul Hayat Institute

[٥] سڄڻ! سجي راتِ، تو گِرِ ڏيان پانهڙي
پاپوهي پرياتِ، هوند ڪيْرُون ڏنم جيڏيين(٤).

[٦] سا مَ وهامي راتِ، جنهن ۾ گڏئا سُپرين
پينرَا! پلِيءَ پاتِ، اوريان سوز عجيب سان.

---

(١) ڪ. گهيڙ. (٢) ظ. ورهه منجهه۔الخ. (٣) ظ. منجهيئي منجهه۔ الخ. (٤) ظ. ش. ڪيرون ڏينم جيڏيون.

وائي*

سانگ مَ پوئي سَڄڻين، مَ ڦوڙائو پوءِ

١. سَپڪو پيڙو سَڄڻين، هوند هَميشان هوءِ

٢. جدا پنهنجي پِرَ کَون، قادر ڪج مَ ڪوءِ

٣. قاسم قرب جنهين سان، سائين آيم سوءِ

—❋—

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪاهوڙي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ڦِٽائي هت آندي وئي آهي. ٽي مصرع ط ڪ ن ۾ ڏنل ڪانهي.

Gul Hayat Institute

سر ليلان چنيسر*

[۱] ليلان لُڇڻ ڇَڏيو، ڪِينَ چَنيسر ڇَيوسِ
پُڇهان ڪَنِ پيوسِ، ڪو جو ڏوهُ ڏُهاڳَ جو.

وائي**

توبه توبه يار! تو در زارِي، خان! تو در زارِي

۱. رَبِّ آرِنِي موسىٰ ٻولِي، 'لَنْ تَرانِي' آھ مارِي
۲. بازِي عشق جِي کيڏڻ وارن، ڪَنِ ڪَنِي ڪَن هارِي
۳. دلبر منهنجو دانا بينا، آھ تان ٻورڙي ڏارِي
۴. پاڏان پاسي پاڻ سڃاڻي، ڏکي ڇَڏِ مَ ڏارِي
۵. ڪَنِي عيسىٰ موسىٰ ميڻو، قاسم احمد تارِي

—✻✻✻—

* هن سر جو هيءَ هڪ بيت فقط خ ۾ آهي، جتي سر جو عنوان هن طرح ڏنل آهي: 'سر ڪونرو ۽ ليلان ۽ چنيسر'

** هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڏنا سري' هيٺ ڏنل هئي جتان تپائي هت آندي وئي آهي. ظ ۾ ٽلهه هن طرح آهي: "توبه توبه يار، تو درجاني، خان تو درجاني، توبه"؛ ڪ ۾ ٽلهه هن طرح لکيل آهي: "توبه توبه زاري، اي خان تو در زاري". ۱. خ. 'لن تراني آه ماري'. ۲. ظ. کيڏڻ وارا. ۳. ڪ. 'ٻورڙي ڏازي'؛ ش 'ٻورڙي ڏاري'

سُر بلاول

[١] ڏئي جي ڏاتار، تہ منگ منگتي ڪيتري!
لِکَ ۾ لَکَ هزار، پينارا پُر ڪري.

[٢] ڏاتارُ ڏَنْڌَ نہ پيڙُٽو، ڏئي ڪلندي ڏاتِ
آيا سي اگهيا، ڪانہ پُڇي ٿو ذاتِ
ڏِيَڻَ جي ڏينهَنْ راتِ، وائي اُتس وات ۾.

[٣] ڏاتارُ ڏند نہ پيڙڏو، ڪِلي مُنهن خوشحال
جيڪو ڪَري سوال، تنهن کي ڪري سڏڙا.

[٤] ڏاتارُ ڏند نہ پيڙڏو، ڪلي مُنهن خوشحال
Gul Hayat Institute
آئِي پهر عامَ ٿِي، وَسي مينهن مثال
ڪوڙين لکَ ڪنگال، تنهن پاڳاري پرُ ڪيا.

[٥] پَسُ پاڳارو پيرُ، ٻئي دَرِ وَڃُ مَ مڱڻا!
دائم دستگيرُ، جنهن ڏکيا ڏوليءَ چاڙهيا(١).

---

(١) S. ڏوکيا ڏولي چاڙهيا.

[٦] حاتمُ هلي آئيو، پنن پَٽَ ڪَٽِي
سَندي قُربْ ڪَٽِي، حاءِ ڏني هٿ سان.

[٧] حاتمُ هَلِي آئيو، پَٽُ ڪَٽِي پينار
سُرڪي سَخاوَتَ جي، ڏيـاريَس ڏاتار
عشق جو آثار، حاصل ڪري هلئو.

وائي

تون جُڳ جيندا هووينْ يارا تون جُڳ جيندا

١. توڙ ڪنُون وه توُن دلبر توُن، مئن صَدقي سوُوار
٢. ڪل عالم دي تاج تيڏي سر، تون صاحب سردار
٣. لَک دشمن تيڏي ڪُون ڪَلاَ، ماران پانهن اولار
٤. حورانْ، مَلڪَ، پَريانْ مل تيڏي پير چُمن پينار
٥. قاسم دا سپ دو جڳ، دي وچ، باري تو سربار

Gul Hayat Institute

—✻—

سر ڏهر*

فصل پهريون

[۱] جاڙيجاڏي جنگ، آهي اوڏارن سان
لڳو لوڙائن جو، منجهان ٻنيءَ ٻنگ
گورا توڏ گڙنگ، هٽيو هيڪانڊا ڪري(۱).

[۲] لاڪاين لغام، وڏا واڏين وات ۾
آڻن اوڻي ذات جي، من ۾ ڳجهي سام
آتُ نه لڏو عامَ، لاڪي لوڙائن جو.

[۳] سُڳڻ ڏين سُواء، جُوءِ ۾ جمڻو پوليو (۲)
آيا جني لاء، سي وڳ ۾ گڏين سامهان.

[۴] لاڪي لال ڪماڻ، هردم آهي هٿ ۾
سِلهيو تيرن ساڻ، واگهه پلي ٿو واهرو (۳).

[۵] ڪوڙين سؤ ڪيڪان، پڻ پاچاواڙي پڌرا (۴)
هٽيو گُرز غنيم کي، ماريو ڪن مساڻ

* ظ ۾ هن سر وارا اڪثر ورق ضايع ٿيل آهن.
(۱) اصل. ’گهوڙا توڏ گڙنگ‘. (۲) خ ڪ ش. ’جؤم‘ (ڪذا). (۳) اصل. ’سلهيو‘؛ خ ڪ. واگ؛ ش. واگهه. (۴) ش پاچا واڙي.

Gul Hayat Institute

سِسيون نيزي ساڻ، ٻَڌيو وچن پاپڙا (١).

[٦] گهوڙا لِڪ گهٽا، پُڻ پاچاواڙي پڌرا
جَنِي مُنهن مٽيا، سي مون لاڪائي لَکِياَ.

[٧] پَکو پَکِي پاس، رِڻُ ريبارِين ڇانئيو
ويچارِن وِسواس، لٽو لوڙائِنُ جو.

[٨] رِڻ ريبارِين ڇانئيو، پَکو پَکِي وَٽ
اُٺيون چَرن اُن جون، پَهريُون مَٽي پَٽ
لٽو سُور سَرٽ، لاکي لوڙو چِڏيو (٢).

واءِي

پَکو پَکِي وٽ لو! رِڻُ ريبارِين ڇانئيو

٠١ اُٺيُون چَرن اُن جون، پهريون مٽي پٽ

٠٢ لٽو لوڙائِن جو، سندو سور سرٽ

٠٣ وانديون ويچارن جون، پري وينيون وٽ

٠٤ ويهي تن وانديِن ۾، ڪو ڏينهن قاسم ڪٽ

Gul Hayat Institute

---

(١) خ. ٻڌيو اچن. (٢) خ ظ. لاکي لوڙو چڏيو؛ ڪ. لاکي لوڙائن چڏئو؛ ش. لاکي لوڙڻ چڏيو.

فصل ٻيو

[١] واڙيُون وِهي هَٽ تي، هاٽُو هَٽِي پاس
لعلون لُٽي لاڏکا، رزق کيائون راس
وَڏيائونْ وِسواس، آلَسْتَوْنْ آڏهُونْڊ جو.

[٢] ڪارو مُنهن ڪِراڙ، ساڳاڻِ منهن سَنرا
گهوڙا پسيو گهورڙيو، ٿو پِٽي ذڪ نِراڙ
جِينْءَ سو جهَنگ ٻِراڙ، تِينءَ ڪِيمَنْ پِري خبرا.

[٣] ڪِيمن خوش نہ اچ، مهتِي منهن نہ سَنرو
سندو سُود سَهَج، وِئو ويچارِي وِسري.

[٤] ڪيمن ڪلڻ چِڏئو، وينو روئِي رَت
ڪَمَن سَنْڌِي ڪَن ۾، ڪالهہ وِڏائون ڪَت
پِڱِت پِلِيءَ پِيَت، لوڙائن لَتاڙِيو.

Gul Hayat Institute

فصل ٽيون

[١] مارِيءَ مُنهن مَ پوءِ، ڪانُ مَ لڳي ڪونجڙِي
چِگِي پِلِي هوءِ، سدا پِيڙِي سَجڻين.

[٢] ڪوڙِين پِري ڪان، اِجهي مارِي آئيا
جِي تون نگهبان، تہ پَڪُ نہ وِنگو پڪڻان.

[٣] چال مَ چِچِي ڪا، منجهان وَڳر ڪونجڙي
مَڇڻ مُلا ماء، جيئڙي جُدا مَ ٿئي.

[٤] ماڙي مڙيا لڪَ، ڏور آڏيائون ڏيڙا (١)
جي راضي رب آلڪَ، تہ پڪ نہ ونگو پکڻان.

[٥] ماڙي مُنهن ڪارو، ڪارا مٿس ڪپڙا
جو پارينڊڙ پکڻان، سو رَکٽهارو
وچي ويچارو، هٿين خالِي هلئو.

[٦] رات لَمَندي لاتِ، ڪوڪ سُٽائي ڪونجڙيَ
پرينِ جا پريات، آچِي سور اُڏميا.

[٧] اُٿِي اُڏاٽِي، پڪ چَنبيندي ڪونجڙي
آيس اُهجاٽِي، ڪا رات پنهنجي روه جي (٢).

[٨] ڪونج اُڏاٽِي ڪيچ، ٻچا پِرني رب کي
آڏو ڏيئي رَيَ، ماريءَ مَنڊيو مامرو (٣).

[٩] ڪونج اُڏاٽِي ڪال، ٻچا پَرني ربّ کي
وَڳر ساڻ وصال، موٽِي ڪو مسّ ٿئي.

---

(١) ظ. دوُر اڏيايون ڏيڙا؛ ڪ. اڏيائون ڏيَهيئون. (٢) خ ظ ڪ. روح جي. (٣) خ. اوڏا ڏيئي.

فصل چوٿون

[١] هَٽي هَٽ حڪمت جو، وَٽي هاٿيءَ ڪان حسابُ
جَنبُوُ چا جوابُ، ڪندو ڪيهر سامُهون(١).

فصل پنجون

[١] مون جي ڏٺا ڪال، سي اڄ نه اُني پيٽئين
ڪوه جاڙان ڪيڏانهه ويا، ڪنهه مُنهن ڪاهي سال
سَچ سَلائج ڳال، پڪا پَرڏيهين جي.

[٢] پڪا پرڏيهين جو، ڏي ڏُکيءَ کي ڏَس
جي وانديون ويون وَس، تو اندر آڻي اُن لئي.

[٣] اڄ سانباهي سِٽ، ڏٺم سنگهارن ۾
ما مُنهينجا مِٽ، ڪاڇي وڃن لڏئو.

[٤] سانڍايُون سُونهن، تَڙين پنهي ڪنڌيين
ڪُنڍين ۽ ڪُونهن، هيج هميشان نه لهي.

[٥] مينهون جهل مهار، ڪُهري چارِ مَ ڪُنيُون
چِيڪي جي چاه پَئي، مينهون هَڏِ مَ مار
هتان لک هزار، هور پِرائي هَليا.

---

(١) اصل ۾ هيءُ بيت ’سر بلاول‘ هيٺ ڏنل هو، جتان نڀائي هت آندو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

[٦] جيئنِ سي سنگهار، جَنَبُ گُذاريم جن سان(١)
مَٽنِ ساڻوڻ مينهن جا، گَجنِ گُوڻدَ ملار
قاسم! ڪُنڍيون اُن جون، ڏسن ڪونہ ڏکار
گورس غم گذار، اوتيو پيئن پَهيَڙا.

—❋—

Gul Hayat Institute

(١) ڪ ش. جنم گذاريم.

سر ڪاپائتي*

[۱] اوريندي آرَت، ڏوري ڇڪي سڄَڻين
هَٿو ڇُٽو هَٿ مونَ، وِڏو سُورَ سَرَت
پهو ڪريو پَٽ، آتڻ وِئو وِسري.

[۲] آتُڻ وِئو وِسري، پره ڪَتندي ڪير
هُت سَرتيون گُهرنِ سير، اسان تند نه اُڃهي (۱).

[۳] آتڻ مٿان آڄ، اسان لاٿو آسرو
وَٽي وِڌم ڇَڄ، سي واڙا واءَ ڪٽي ويو (۲).

[۴] آتڻ مٿان آڄ، اسان لاٿو آسرو
پُوڏيون پائي پاند ۾، پيٽ اسان ڪان پيچ
جي تو اچي لڄ، ته آيَل ويهه م اوڏڙي.

[۵] مون سين ڪتيو جنِ، سي ويا اولاڏي اوهرِي (۳)

Gul Hayat Institute

---

* هي بيت سڀئي قلمي نسخن ۾ "سر ڏهر" هيٺ (شروع ۾) قلمبند ٿيل هئا، جتان جدا ڪري هي 'سر ڪاپائتي' قائم ڪيو ويو آهي.

(۱) ط. 'ڪَرَنِ سيرُ'؛ ش. 'ڪتين سير'. (۲) هي بيت ڪ ۾ ڪونهي. (۳) خ. 'من سين ڪتيو جن- الخ'.

هاڻي ساڻ ٻِين، آتڻ مُور نہ اُڃِهي.

[٦] مونکي ڪتڻ ڪال، جن سيڪاريو جيڏِيين
چَرکو اُنِي چال، ڪا ڦيرينديْ نہ ڀَسان.

[٧] ڏَڪَ نہ ڪَيِي تند، آرٽ ڀُڻکو نہ ڪَرِي
هَنجهُون هارِي هَنڌ، ڀَسان پاڙيچِين جا.

[٨] نہ سِي ڏَڪَ نہ مال، نہ سِي آتڻ واريون
اڄان چرکا ڪال، ٿِي ٻانْهيارِين پُرائيا.

[٩] چرکو ٽَڪُ ڀَئِي، اولاڻجِي آڌ ٽِئا
ڀِهَا ڀَٽ ڀِئِي، لَڙيا لاڪيٽِين جا.

وائي *

تُون پڻ ياد تني کي پوري! تو جَني جي ڙِي ڏات

٠١ فاذْڪُرُوني اَذْڪُرْڪُمْ، اِيَ پَرَوڙِج بات

٠٢ ڳِجُهان ڳُجهہ پِريان سين، اورج آڏيَ راتِ

٠٣ قاسم ڪِيْمَ وِسارِيين، سَندَڙِي لا لَڻ لا تِ (١).

—***—

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سرڪليانڻ' هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي. (١) ڪ. 'قاسم ڪيئن وساريان- الخ'.

Gul Hayat Institute

سر گهاتو

فصل پهريون

[1] مڙِي ملاحن، مڇ سان وڌو مامرو
وڙهڻ وائي وات ۾، روڪيا تان نه رهن
صُبح سي نه سهن، آڄ هينئن ماريون مڇ کي (1).

[2] اڄ هينئن ماريون مڇ کي، صُبح سهي ڪيرُ
وٽُ وهلو ويرُ، ته پري ٽئيئي پڌري (2).

[3] سَڌَ سيڪنهن هوءِ، سَدا مُنڌ شڪار جي
تانگهو گهوريو گهاتئين، اونهي ويا نه اوءِ
مڇ ماريندو سوءِ، پسي جو پاتار کي.

[4] پسي جو پاتار کي، سو مَرُ ماري مڇ
جَني گهوري گهاتئين، سَندي پاڻيءَ پڇ
تَني سَندا رَڇ، پٿُونڊرا پاڻي آئيا.

(1) S. 'صبح سينءَ نه سهن'. (2) S. 'ٿئي پڌري'؛ ش. 'ٿيندئي پڌري'.

Gul Hayat Institute

[٥] جَنِي گھورِي گھاتئين، سَندي پاڻي پڪَ
تَنِي چُوسِي چڪَ، ڏانَ لَڌائُون ڏيڏريُون.

[٦] گھاتو گھيرِيا مَڇَ، مَڇُ نہ گھيريو گھاتئين
تَنِي سنـدا رَڇَ، جهَلِي رِپَ رَهائيا.

[٧] گھاتو گھِڙيا، نہ وَريا، وَڏي لَڳِيَن وِير
تَنِي سندا سِيرَ، اُپِـي نِتُ نهاريان.

[٨] وڙهڻ واري سِيڪو، وڙهِي نہ چاڻن
ڪُڄاڙِي ڪي ڪَنِ، ڪُوڙيون سَڌون ڪُنَ تي.

[٩] گهِڙِي گھورِيائُون، اونهي ڪُنّ عَميقَ ۾
جتي ڌانگهہ نہ تارُئين، سو ڏيہُ ڏوريائُون
ڪَچُون ڪوريائُون، وِجهي ڪاتُ ڪپارَ ۾.

[١٠] آيا مردَ مَڇي، ڪَلاچِي جي ڪُنَ تي
ڏَنائون ڏُئيت ڪي، اکين ساڻ آچِي
مورڙي مَلَ مَڇي، وڌُس ڪُندُ ڪَپارَ ۾ (١).

[١١] مَرُ جان جايو ماءُ، مَلُ مَهائين مورڙيو
وڙهندي مانگر مَڇَ سان، وِيرَ نہ لڳو واءُ

---

(١) خ. 'مورڙيي'

Gul Hayat Institute

دِڳو دَلُوراءِ، هردم ڏِنُس هَتَ ۾ .

[١٢] گهٽا گهاتو آئيا، دِلُ بهادُرَ دَلَ
ڪُتا ڪُنَ ڪَلاچَ جِي، اونهي آب آجهَلَ (١)
رِي مَهائِينُ مَلَ، وِڙهِي ڪير ڪَلاچَ سان!

[١٣] گهٽا گهاتو آئِيا، مَتِي ڪُنَّ ڪَهِي
سَگهِي ڪوڏ سَهِي، تابش هِنَ تلاءَ جي .

فصل ٻيو

[١] تانگهيائِين سو تار، جو اڳ نہ گهوريو گهاتُئِين
مَهائِين مَنتارِ، لاتِي آڳ اڳِين جِي .

[٢] مَرُ جانُ وِڙهِي مورڙو، وِڙهِي جو جاڙي
جيڪِينُ لکيو لوحَ ۾، سو سَپ سُڄاڻي
تانگهوءَ ڪي تاڙِي، ڪيڀائِين ڪَلاچَ مان (٢).

[٣] تُون مَلُ مَهائِين مورڙو، تون شِڪاري شيرُ
تون قِلعي جو ڪوڏئو، تون وَنِندين ويرُ
ٻِئو وِڙهندو ڪيرُ، ڪلاچِيءَ جي ڪُنَ سان .

---

(١) ظ. 'ڪُتا ڪُن ڪَلاب جي- الخ'. (٢) خ ظ ڪ. 'تاگون'؛ ش. 'تاگهو'

[٤] مورڙي ماريو مڇُ، مڇَ نہ مھٽيو مورڙو (١)
راوت ڇڏي رڇُ، ھَنيسِ ڪاتُ ھٿن سان.

[٥] لَڪين گھاتو گھڙِيا، پَر مُھتُ پرايو مور
تتي مانگر تَڪيو، جتي آبُ آتورَ
شڪاري شھزورَ، ھَنيسُ ڪُندُ ڪپارَ ۾.

[٦] لَڪين گھاتو لَڙِيا، پر موريو مَلُ مزارُ
جتي تانگھ نہ تارُئين، تانگھيائين سو تارُ
ھٽي ڪُندُ ڪَنارُ، مانجھيءَ مانگرُ مارِيو.

[٧] لَڪين گھاتو لَڙِيا، پر مُھتُ مور ڪيو
ڪري ڪيرُ بيو، ھيڏي سوبَ شڪار جي!

[٨] لَڪين گھاتو لَڙِيا، پر موريي مَٿُ نہ ڪو
ھي سوپارو سو، جنھن وير اڳين جا وارِيا.

[٩] مانگرُ ماريائون، گھاتُن گھر واڌائيونُ
پنھنجا پارِيائون، قولَ ڪلا ڇيءَ ڪُنَّ سان.

[١٠] ڪَڇُون موريي ڪَڇ ۾، ڪَڇُون پري ڪينُ (٢)
ادا! ٿي آمينُ، تہ ھمہ ئي حَقُّ ٿيو (٣).

[١١] تون ڪَڇُونءَ جو ڪوڏيو، ڪڇونءَ توسين ڪوڏُ

(١) خ. 'مورڙيي'؛ ظ ڪ. 'مورڙي'. (٢) ڪ. ڪڇئون. (٣) اصل. 'حَق' ٿئو'.

Gul Hayat Institute

كنهن كي چُونڊين پوڏِ، جي همَه ئي حَقّ ٿيو.

[١٢] ڪتان ڪَڇُون آئيو، ڪتان آئين تُون
ڏيکَ مَ آدا ڏُون، جي همَه ئِي حَقّ ٿيو.

[١٣] ڏِسَڻ ڪيا ڏُورِ، ڏِسُ مَ ڏائي جيٺي
اڪيون پئي پُورِ، تہ همه ئِي حَقّ ٿيو.

[١٤] نَڪو ڏُجهڻ ڏيهَ ۾، سَڄَڻ نہ وائي
پولِ نہ پيائي، جي همَه ئِي حَقّ ٿيو (١).

[١٥] جانْ جانْ جيين جڳ ۾، مَچي مُورِ مَ ڪاءِ
پَلِي سَندي پرِيءَ ڪي، هارئا هَٿُ مَ لاءِ
جنهن ۾ ڪِڪيءَ ساءِ، اوڏو وَڃُ مَ اُن ڪي (٢).

وائي *

موريو مارينڊءُ وو! مَتو آهيين مَڇَڙا

Gul Hayat Institute

٠١ مَڇَنِ سندو مَنَ ۾، هڻڻُ ڏوکي هوءِ
٠٢ تولاءِ رَکِي رَڇَڙا، صبح ايندو سوءِ
٠٣ ڪاڏي ڪندو وانڙِي، [لِگَن] منجهان لوه (٣)

---

(١) ڪ. 'تہ همه ئي حق ٿيو' (٢) هي بيت فقط ظ ۾ آهي.
* هيءَ وائي فقط ظ ۾ ڏنل آهي. (٣) اصل 'لوح'.

سر ڊولو مارو

[۱] ڊولو نَرْوَرَ سيريين، مارُو پاس ٽَرين
قاسم ٽَر ٻاپِڙا، آڙهر پِياس مَرين
گورِيْ جُوئِي ٻاڏِڙي، تون ڊولا! آو گهَرين.

[۲] ڊولو نَرَوَر سيريين، مارُو ٽَر رَهَڪ
گورِي جُوئِي ٻاڏِڙِيْ، آوِيْي ماٿِي لَڪ.

[۳] مارُو ماٿِي مينڊِيُون، ڊولِي منهن ۾ مُوچ
قاسم ڪِيم بِسارتان، ڊولا سونَ سَرِيْڪا سُوچ (۱).

[۴] مارُو ماٿِي مينڊِيُون، ڊولِي ماٿِي مول
ڊولا! ٿارِي مارُوئي، قُول سِرِيڪِي تول.

[۵] مارو هاٿِي مينڊڙي، ڊولِي هات ڪمان
ڊولو مارِي مِرگڙا، مارُو لال جوان.

[۶] مارو هاٿِي مينڊڙي، ڊولِي هات ترار

---

(۱) ظ. 'قاسم ڪيم وسارتا، ڊولي سون سريڪا سوانچ'.

Gul Hayat Institute

ڏولو ماري ايڪ دو، مارُو لاک هزار.

[٧] مارو مُونهه ۾ ٻيڙلو، پان سوپاري کاء (١)
ڏولو نَرور سيريين، اُڙ ڪانگا لِي آء.

[٨] ڪوڏ، ٻُرَنٽ، ڪَٽ، ٻاجرِي، مونگ، جواري کاء(٢)
قاسم ڪَنول ڪامنِي، چوڏس چاند لَڇاء.

[٩] ٻانا جَيسِي پاتلِي، قاسم ڪَنول رنگ
اُوپِي آنگڻ ترُڦرِي، جيم جوئي نانگ ٻوَنگ (٣).

[١٠] گم گم پائي گُونگهرا، جان التيو گيَنڊ (٤)
راه آنگڻ مارُو چلِي، [جيم] ٻِنِي بادرَ چَنڊ (٥).

[١١] مارُو اوٺا اوترِي، ڪَڙيين لاوي ڪيس (٦)
چِتر پتيو راجيو، جيم مارن چليو ديس (٧).

[١٢] ڏولو آوي هَنس مِلُون، پاڱون پڙُون مين توء
تجهه مِلِيکي آبرو، ٻاگ همارو هوء (٨).

[١٣] اُڙ ڪانگا لِي جا تون، ڪاڳد ميرو آج (٩)
قاسم ڪيم بِسارتان، ڏولا لاک سَرِيکي لاج.

(١) خ ظ ڪ. ٻيڙي؛ ش. ٻيڙلي. (٢) ڪ. گوڏ؛ ش. ڪيوڏ (٣) خ ظ ڪ. 'جين ڏمي ڻالک ٻونگ'؛ ' جيڻ جوئي نانگ ٻونگ'. (٤) اصل. 'گم گم پائي گوگرا'. (٥) اصل. رائي.
(٦) اصل. 'ڪڙيي لاوي'. (٧) اصل. جڻ مارن؛ هي بيت ظ ۾ ڪونهي. (٨) خ. 'همارا هوء'؛ ظ. 'هماري هوء'. (٩) اصل. ڪاغذ.

[١٤] ڏولي ڪاڳر وانچيي، قاسم لاڳو ٻاڻ
ڪاڳر پڙهندي پڙ ڳئي، مَن ۾ ڏاڍو تاڻ (١).

[١٥] ٻَڪ هووي تو اُڙ ملُونْ، ڳڙتي مانجَهْ رات (٢)
مارُو سي باتانْ ڪَران، قاسم ٻياتو ٻانت.

[١٦] اُڪنڊيا تنگ تاڻيا، مارُو چِت چڙي
آڌي رات اوتارسانْ، سُوتي سيج پڙي.

[١٧] قاسم ڪاڪر ڪاڍ لي، ڏي مَهارينْ ڍيل (٣)
ڍول هماري ٻَڪ ۾، ڪينْ سوڪ لَڳايا ڪيل.

[١٨] ٻَگلينْ ڪاڍي ڪاڪري، ڪَرهي لاڳي ڪام
ڳڙتي مانجَهْ راتڙي، نجرينْ ڪيڏو ڳام (٤).

[١٩] ٻَگلينْ ڪاڍي ڪاڪري، ڏيڏي تڻ مَهار (٥)
ٻَگ پوَن سي مل ڳئي، جا اُوِيو آنگڻ پار.

Gul Hayat Institute

[٢٠] ڪَرهي باڍي ڪوسڙي، پَل ۾ سات پچيس
ڪُٽڪ سُٽيي مارُوئي، اُرڙي ياڳي ايس (٦).

[٢١] رُوم رُوم سيتل ٿئي، اُتر ڳئي سب پاپ
ووهي ڍولو گهر آئيو، جو آمني ڏيڏو ٻاپ.

(١) اصل ٻنهي سٽن ۾ 'ڪاغذ'. (٢) ظ. 'ٻگ هو وي تو'. اصل. 'گنتي مانجم رات'. (٣) ظ. 'ڪاڪر ڪاڍڪي'. (٤) اصل. 'ٻاگين' ۽ 'گنتي مانجم راتڙي'. (٥) خ. ٻگلي؛ ظ. ٻگلي؛ ڪ. ٻاگين؛ ش. ٻگ. (٦) ڪ ش. 'ڪُرُڪ سٽيي' اصل. 'آرڏي'.

[۲۲] مارُو ڏاڙهُو ڍولئو، ساسُو ڏاڙهِي سيج
آج ڍولو گهر آئيو، مانڊِي مِلئو [و]يج.

[۲۳] سو ڍولو گهر آئيو، جِنْ ڪِي جوتِي باٽ
مَيْن ڍولِي سي هَنْس مِلِي، کِلِن لاگِي ڪاٽ.

وائي *

ڪَيْسَرِيا! گره لَگاني دي سانْوَرِيا (۱)!
اِتني عرض ميري مان ري
ساجَ ڪَهو، تُمر ڪاهيڪو رِيساٽي، رَهتي روز خَفا
قاسم سي هَنْس بول پيَرَوا! جو چاهي سو لي (۲).

—❋—

Gul Hayat Institute

* هيءَ وائي اصل ۾ 'مر سورٺ' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.
(۱) خ ڪ د ش. 'ڪيسريا گرهو لڳائيندي سامريا'؛ ظ. 'گرهو لڳائيندا سامريا ڪيسريا.'
(۲) ڪ. 'جو چاهيي سولهي'.

سُر مارئي*

فصل پهريون

[١] پَتين پَتين پال، مون سِرَ ماڙيچن جا (١)
کوهُ کَريان کَوْنَنْ کي، مون نه گهُرجي مال
وِيٺي گهُران وِصال، مَنَ ۾ مارُوءَ چار جو.

[٢] مون سر ماڙيچن جا، ڏورا نه ڏورا
آءٌ ڪينْءَ ڪيان ڪَنَن مان، ڏاڏاڻا ڏورا (٢)
سانِيْيَ سَدورا، مُنڌ رُونديءَ ميڙيين.

[٣] مونکي وِجهل وَڏيو، آباڻن جي آج
ماڙِيءَ لَڳُمِ ميهڻو، لُڇيو مَرانْ لَڄ
پاڻي ڇاڻيان ڇَڄ، مِٽي مَکَ مَلير جِي.

[٤] منهنجو وِجُهلَ وَڏيو، هِنْيَڙو وِچِينْءَ وِيرَ
عمر! آباڻِن جا، وِيٺي سوريان سِيرَ

---

* خ ظ. 'سر ماروئي'. (١) شي. مارونڙن جا (٢) خ ظ. 'کن مان'.

اکيون ڪَري پيرَ، وڃان وطن سامُهين.

[٥] وِڄهَلَ ويِڙهيچَنِ جي، مون وٽ وڏو مال
ڳِٽي ڳِٽيان ڏينهڙا، ساعت پاڌيان سال
اِيندَمِ اڄ ڪِ ڪالهه، ويِٺي واٽ نهاريان.

[٦] وِڄهَلَ ويِڙهيچَنِ جي، ويهه مَ وِساري
فَلْيَضْحَڪُوْا قَلِيْلاً وَ لِيَبْڪُوْا ڪَثِيرا،
پِڙهيو تِي پاري
هَنجُون جا هاري، پَسِي سا پَهنوار کي.

[٧] سِگها سُونَهَنْ سنگهارَ جي، سونئون پَلا سَبَّ
هميراڻي هَتَ سان، تَنَ تي چِڙهي تَبَّ
لوڏي لَسِي لَبَّ، پِيان شال پَهنوار سان.

[٨] ڪَتَ مَتَ مُور نه پائئيان، وهُڻ واريءَ هَنَڌُ
شال نه ڪنديس سومرا، ڪُرِ هيٺانهون ڪَنَڌُ
مون ليکي مَسْنَنْدُ، مَنَهَنْ ماڙيچَنِ جا.

[٩] قَلْبَ ڪَکَ وَڏَنَّ، ماڙِيءَ مَنُ نه وِنْدُري
جُهروڪن جهوريو هنيون، هتي هڏ سَڙَن (١)

---

(١) هيءَ مصرع خليفي حاجي شيرمحمد جي صدري روايت ذريعي ملي مگر قلمي نسخن ۾ ناهي.

ڪِرڙينْ پَٽ پَهنوار، سي پُسيءَ ٿا پَرنّ (١)
جي ڪِلِي ڪَٽَ چڙهنِ، آءٌ نہ جائِي اُنّ مان.

[١٠] آءٌ نہ جائِي اُنّ مان، هُوءِ جي پِڇَنِ حَقّ
منهنجا سيڻَ مليرَ ۾، ميڙيو آچنِ مَڪّ
ماڙِيْ تَنّ مَرَڪّ، جِي جايُونْ جاموٽِنِ جُون.

[١١] ماڙِيءَ مونجهہ تِيامِ، هنيَڙو پَٽَنِ هيرَئون
جي هُت لِکِيا لوحَ ۾، سي هِت پَهر پيامِ
هُو جي وَسَّ وِيامِ، تو آندرُ آنْي اُنِ لاءِ.

[١٢] آندرُ آنْي اُنِ لاءِ، هُوءِ جي وِڻْڙا وَسَّ
وَسِي رات وِڄَڙيِين، مونکي ڏنا ڏَسَّ
واڏُون وَلين چِانْئيُون، گُلن چانْيا گَسَّ
هُتِي پايو هَسَّ، تيون لُڏنِ لوڙِيارِيُون (٢).

[١٣] اوتيمِ پِيتُمِ جَنّ سان، سي ڪالهہ ويا ڪاهِي (٣)
عُمر! آباڻنِ جي، ساڙِيس سانباهِي
لاڳاپا لاهِي، هِتان مارُو هَلِيا.

---

(١) خ ڪ ش. 'ڪوڙ ٻٽ ٻنهوار جي ٻسي تانہ ٻرن'; ظ 'ڪوڙين ٻٽ ٻنهوار جي ٻسي تانہ ٻرن'. ٻيون مناسب پڙهڻيون: ١. 'ڪوڙين ٻٽ ٻنهوار جي ٻسيءَ ٿا ٻرن' ٢. 'ڪوڙين ٻٽ ٻنهوار جي ٻسيءَ ٿا ٻهرن'. (٢) ڪ ش. 'ٿيون لڏن لوئيءَ واريون' (٣) اصل. 'اوتم ٻيتم'.

وائي - ١

آءُ وِساريان ڪيئن، هي ڳُڻَ ماروءَ [جام] جا

٠١ چِتا هَنذِ نہ چوڙِيان، جيڏين ڳُتا جِيئن

٠٢ مُنهنجو ماروءَ جامَ سان نِنڍي لاڪُون نِينهن

٠٣ اسان ماروءَ پاڻ ۾ گَڏُ وسايا مِينهَن

٠٤ قاسم چئي ڪوٽ ۾ روئان راتو ڏِينهن

وائي - ٢

ڪو ماروءَ ڪي چوءِ جا مَن مُنهنجي ڳالهڙي (١)

٠١ سارئو توکي سُپرين! رويو وِينڙي روءِ

٠٢ وَگِرَ منهنجا واچڙو ڪنهن جو وِجي ڪوءِ (٢)

٠٣ ڏورِي ڏسن پانهنجو ساعت ۾ هوند سوءِ

٠٤ آءُ تان وِيَس وِسري ڏاڏاڻن ڪنهن ڏوه

٠٥ مُنهنجو ڪِيڙو ماروئين قاسم داد نہ ڪوءِ

فصل ٻيو

[١] پَڪا تت پهنوارَ، جهانگي تِتي جُهوپڙا

مُندائِتي ماڙِيان، ماروءَ ساڻ ملارَ (٣)

---

(١) ڪ. 'جامن منهنجي ڳالهڙي'. (٢) ش. 'وگِر منجهان وَچڙيو'. (٣) خ ڪ ش. مندائتا

Gul Hayat Institute

ڪالهوڙا قرارَ، پاريان شال پهنوارَ سان.

[٢] جت سائو تِت سَنگهار، مارُو تِتي مِينهڙا
مُوهَرَ - جائِي، مون ڏٺي! ماڙي مونجهہ مَ مار (١)
پَلُرُ ساڻِ پَهنوارَ، پِيان پائُرَ ڪَنڌِيِن.

[٣] ڪِت، ڪاٺُڙَ، ڪت ڪيرَ، ڪت پائُرَ، ڪت پَهنواريُون
مون سِر چڙهِي، سومرا! وِڇوڙي جي وِير
هوند نہ هت هَميرَ، گَهڙِي گهاريان اُنَ ري.

[٤] ڪت ڪاٺُڙَ، ڪت ڪير، ڪت ساڏوهيُون، [ڪت] سِيڙِ ڪا
پَهُون ڪت پهنواريون، ڪت مِيها، ڪِت ڪوڏير (٢)
اچي پيٺي اوچتي، قاندي منجهہ فقير
ڪانڌ قبوليان ڪو ٻئو، قاسم ڏِينِ ڪَبير
مٿان ماروءَ مير، سهسين گهوريان سومرا!

[٥] پَکَنِ منجهہ پهنوار، منهنجو قالب ڪوٽ ۾
وِجي گڏ وَسائيان، ساڻوٽ ساڻ سنگهار
ڪتيريون ڪاٺُڙَ ۾، ڏيکاريين ڏاتار
موهَرَ منجهہ ملار، مُنڌائتا ماڙيان.

---

(١) ظ ش. 'موهر جايون' (٢) خ ڪ ش. 'پهون ڪت پهنواريون'.

[٦] پَکا پائُرَ کَندِيِين، سُونَهَنِ سائِيءَ ريلَ
مُنهن گولاڙنِ مُکريون، ڦُليا جينءَ ڦُليلَ
پَلي پاروڙنِ جي، چِٽِي اُنَّ چَنبيلَ (١)
سالُون پانيان سيلَ، لوئيءَ هِريا لـڳـڙا.

[٧] کوء کُهنبا، پَنِ پانڌٽا، کوء پٽولا پَٽ چيرَ
مون ماروءَ سين لَڌيُون، لائُون منجهه لوڙيرَ
قاسم ٿِيَن کَبيرَ، جي سالُون اوڍيان سومرا!

[٨] جتي کُٽ نہ کارڙا، نکو مَچَرُ ماڳـ
چُٽئو لُـلُـرِ لاڙيُون، کَيِنَ سَلُوٽا ساڳـ
اُتان ڪنهن آيا ڳـ، آنديَس عمرکوٽ ۾ (٢).

[٩] ميها مـوگـر تَليين، پـپون پاساڙنَ
ڪانبا ڪوڍيرن سين، پُر ڪئا پهنوارنَ
سَڏ آنايان اُن جا، قاسم ناديو ڪَنَ
سارِيو پنهنجا سَنّ، ويني ڳوڙها ڳاڙِيان.

[١٠] سهسين گهوريان سومرا، مٿان ماروءَ چام
باغئون پَلي پانئيان، کَاري کَبڙ لام

(١) S. 'پليون پاروڙن جون'. (٢) S. 'آيس عمر کوٽ ۾'.

Gul Hayat Institute

آسُون عمرڪوٽ جون، هِنيَڙي منجهہ حرام
عمر! سون ڏي آئيا، پاڙيچا پيغام
ماڳ، مَٿايا مارُوئِين، ڏِلهي ڏَڙَ تمام (١)
ڏِڙڪوليون تَرڪ ڪري، وڃي ويئا گوچَر گام
اچي نہ آرام، سا سُٽيندي ڳالهڙي.

[١١] مرڻ جِيئڻ مارُوئِين، اوڏڻ پهرڻ اُنّ
سَهجُ تنهنجو سومرا! آسان ڪارِي ڪُنّ
منجهان سَچَ سُمَنّ، ٻَڌيم ٻانهيارين سان (٢).

وائي

پِرَ پيرونُ گَڏ چوندِيا لو! مون سان ماروءَ مِيرَ

٠١ پيان شال پهنوارَ سان، وڃي ڪاٺُڙَ ڪيرَ
٠٢ آمان آچِ مَ سومرا! منهنجو قُوتُ ڪوڏيرَ
٠٣ وچان وطن سامُهين، اوڏي لوئيءَ لِيرَ
٠٤ ٻاريان تُنهنجا ٻاذڙا، پَٽولا پَٽَ چِيرَ
٠٥ قاسم آيا ڪارِڙي، پيڳي هامَ هَمِيرَ

(١) خ. 'ڏَڪلي'؛ ڪ. 'ڏَڪهلي'. (٢) ظ. 'ٻڌم ٻاٻاڻن سان'.

Gul Hayat Institute

فصل ٻيون

[١] قادرَ! قيد نہ ھُونْ، [پَئي] مَ ڦوڙائو سَڄڻين
سدا گَڏ سنگھارَ سان، گھاريان پاسي گھُون (١)
تہ ھُوند رَت نہ رُونْ، نت نماڻيون اکڙيون (٢).

[٢] جھڙو قَيدُ ڪَمَنْدُ، تھڙو بَنَدُ نہ ڪو ٻِئو
پانْھينْ پاريان سَڄَ ۾، ٻيڄي بازو بَنَدُ (٣)
ھُتي ھيَناٺھون ڏئو، ڪالھ منھينجو ڪَنڌُ
سَڄي رات صَمَدُ، ويٺي سوريان سومرا!

[٣] پٽيو ڪَيان پارَ، پَرَ ۾ پھنوارن لاءِ
سانگين لاءِ ستارَ، ويٺي ڳوڙھا ڳاڙيان.

[٤] منھنجِي ويڌَن مون ڳَري، اُنِي جي اُن ساڻ (٤)
پانڌي پرين پھنوار جو، ھت نہ آيو ھاڻ
سَپِي جنِي ساڻ، عمر اوريان ڳالھڙيون.

[٥] مُنھنجِي ويڌَن مون ڳَري، اُنَ جي اُنِي وَتّ
منھنجو وهَڻ ماڙيين، اُن جا پَڪا پَتّ
ڪوءِ پَن چپر-ڪَتَ، لَڳين واري لوئيانْ (٥).

Gul Hayat Institute

---

(١) خ ڪ ظ. 'گون'؛ ش. 'گھون' (؟). (٢) اصل. 'ھوند نہ رت رون'. (٣) ڪ ش. 'پانھيون پاريان'. (٤) ڪ ش. 'منھنجي وندر مون ڳري'. (٥) ڪ ش ۾ ھي بيت ڪونھي.

[٦] منهنجي ويڏن مون ڳري، مارو ڪاڻ مُنجن
ڪنهن سان ڪريان ڳالهڙيون، سنديون سنگهارن
پکي پهنوارن، گهڻو اُڪنڊي آهيان.

[٧] اينڊا عُمرڪوٽ ۾، سڪان سيڻن لاءِ
نه سرتيون، نه ساڏوهيون، نه سي مت، نه ماءِ
سانگي ڳڻ سنڌاءِ، وٺيو ويٺي ونڊران.

[٨] اينڊا عمرڪوٽ ۾، ڏسان نه ڏيهي
جني وٽ ويهي، پڇان ڪائڙ خبرون.

[٩] آءٌ تي مُنجهان ماڙيين، مارو منجهه ملير
سڏيان، سوريان، ساريان، پهنوارن جا پير
آباڻن آسير، ميڙ ته ماندائي لهي.

[١٠] جانْ جانْ جيءُ وجود ۾، تانْ تانْ مارو من
پلاءِ سين نه پاڙيان، ڪائڙ ماڻي ڪن
سهسين گهوري سومرا! ٻئا سب وجهان ٻن
قاسم منهنجا ڪن، اٻـر آباڻي سبيا.

[١١] اٻـر آباڻيءِ سبيا، ڪن منهنجا ڪالهه
سون تُنهنجو سومرا! مونکي لوهه مثال

قاسم! عيبُ ڪمال، اوڏهن پَٽُ پهنوارِيين.

[١٢] جَنڊ ڳارِي ۾ ڳَم، ساڳَ سَلُوٽا راڄڙِين
گَنڌُمَ ساڻ غريب جو، قاسم ڪونهي ڪَمُّ
داوُرَ! مُنهنجو دَمُّ، پُوتو هُتَ پَهنوارَ سين.

[١٣] نہ سِي ڏِٺِي ڏِرَنَّ، آجَڙَ آڙِينْ هيروانْ (١)
گُنڌا گوچارن ۾، جُهڳا پاس جهَرَنَّ
هنيڙِي منجهہ هُرَنِ، ڳالهيون ڳوٺاڻَن جُون.

[١٤] ڳالهيون ڳوٺاڻَن جُون، چڙهيون مَٿِي چِتَّ (٢)
عُمَرَ! اوريم اُنِّ سان، جي هُوندَ هُئڙا هتَّ
نيڻ نُمايو ذِتِّ، قاسم! ڪانگ اُڏائيان.

[١٥] ڳالهيون ڳوٺاڻَن جون، چَڙهيون مَٿِي چِتَّ (٢)
آءٌ نهاريان نتّ، واڏُونْ ويڙهيچن جون.

[١٦] ڪَايا منجهہ ڪَڙَنِ، مَنُ مارُوءَ سين واڳيو
ساهُ سنگهارن سانڍيو، هتي هَڏَّ سَڙَنِ
سندي ڏانگهہ ڏڙَنِّ، جانْ جيانْ تانْ نہ لَهي.

[١٧] گهَڙِي گهورِي سا، جا پِيِمِ هت پهنوار ري

Gul Hayat Institute

---

(١) خ ظ. 'اجڙ اري هيروان'؛ ڪ. 'اجر آري هيروان'؛ ظ. 'اجڙاري هيروان' ڦ. 'اجڙاڙي هيروان'؛ (٢) ظ. 'چڙيون مٿي چت'.

منهنجو مارُوءَ جامَ سان، ناتو نندي لا
سو ڪو وَرِي وا، جينءَ موڙي ميڙائو ٿئي.

وائي

مٺا مارُو موٽ، آءٌ اُڪنڊِي آهيان (١)

٠١ نئو نماڻي پاڻ ڏي، ڪَرِي منجهان ڪوٽ
٠٢ پيَان اُسْتُ پهنوار سان، لوڏِي منجهان لوٽ (٢)
٠٣ واري وَرُ وهارِيان، جوڙِي مَٽِي جوٽ
٠٤ لاهيان شال لطف سان، وجي ڪائُڙ ڪوٽ
٠٥ قاسم اورِيان ڪاندُ سان، ڳالهيون پنهنجي ڳوٽ

فصل چوٿون

[١] پِرِهَ ڦُٽندي ڦارَ، وَڏيم ويڙهيچن لاءِ
لا تقنطوا مِن رحمة الله، ڏنو سَڌُ ستارَ
اِن آيت جي آڌارَ، ويٺي پڇان پيڙا.

[٢] پُڇِي پُڇِي پَيَڙا، ويٺِي وهامِي راتِ
الله! سيئي آڻئين، تَنَ جَنِي جِي تاتِ
پهنواريون پِرِياتِ، اچي چڙهيون چت تي.

---

(١) ظ. ' وَ هيان مارو موٽ'. (٢) ظ. ' پيان اوت- الخ'.

[٣] چُڙهي چِتِ چَڙِي، جا ٻُري ٻَکَر ڳَلڙين (١)
عمر آجڙين رِي، گهاريان تان نہ گهڙي
ڏوئي سِينڌ ڏَڙِي، ڪِينءَ مَرُ ماروءَ رِي لاهيان!

[٤] هُتِي هُيسِ جَن سان، هِتِي سو ڏِنومِ
اچِي عمرڪوٽ ۾، مارو مُنهَن پِئومِ
جو ڏَٿارنِ ڏوتومِ، سو مينهِيو ميرو مَ ٿئي (٢).

[٥] ماروُءَ مِٺي وات، سُهِٽي ۾ سَڏُ ڪِئو
جيسَ جيڪس آئِيا، پانيمِ پِنيءَ رات
پَسان جانْ پرِيات، تہ جُسو زنجِيرَنِ ۾.

[٦] ڏِنگ وِڙنگا وِيڙَ، اڳ نہ سَنا آجڙيِين
توڙئون تُجارِنِ ڪِي، سانگي ڪَنِ نہ سِيڙَ
ڏُنهن سِر ڏِرَن نيڙَ، جي پَسان مُنهن پهنوارَ جو.

[٧] عُمر! آڇِ مَ سا، جا مَت ماروءَ نہ وَٽِي
مَچُڙَ منهنجي ما، مُنهُن متانهون نہ ڪَٽِي.

[٨] عُمر! آڇِ مَ اڄ، جا مَت ماروءَ نہ وَٽِي
مَچُڙَ مَران لَڄِ، صُبحِ سَنجهہ سرتئين.

---

(١) اصل ۔ ’ڳلڙين‘. (٢) هيءَ بيت فقط ش ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

[٩] عُمر! آباڻا، مون مَٿي تي مَڃيا
اينڊو عالمُ ڀانئيان، سانگي سڄاڻا (١)
وَڃي ڪريان ويڙ ۾، واريءَ وِڇاڻا
ڪانئي ڪُوماڻا، مُونهَن ڏٺي موڙيا (٢).

[١٠] ٿي سيارِي سَتَّ، ٿَر مَمولا آئيا
عُمر مُنهنجا مِتَّ، مِينهن وَسائي موٽئا.

[١١] مارُوءَ مُنهن ۾ مَڪَّ، مون هَٿ ۾ ٽاريُون
چُونڊيو وِجهيم وات ۾، سَندا ڦُلن ڦَڪَّ
لائُون پاسِي لَڪَّ، لَدَم لوهيڙن ۾.

[١٢] سوپاريون ساڻيهه جون، مُڪيون ماروءَ مير
عُمر! پَسي اَنّ ڪي، هنيڙي آئي هيرَ (٣)
ڪاڪاڻا ڪوڏير، ماڪيان منا ڀائيان.

Gul Hayat Institute

[١٣] سوپاريون ساڻيهه جون، اڄهي آج آيُون
عُمَرَ! پَسي اَنّ ڪي، اڪيون ڏيئو ڏايُون
ٿُوهَرَ ٿَر جايُون، ويٺي ساريان سومرا.

[١٤] سُتي لَدُم سُهڻو، ڪَتيءَ ۾ خاصو

(١) خ. ’اينڊو عمرڪوٽ ۾ سانگي سڄاڻا‘. (٢) ڪ ش. ’ڪانئي ڪهماڻا‘. (٣) ظ. ’هنيڙي اڇي هير‘.

لا تقنطوا من رحمةِ اللّٰهِ، ٿيو دل کي دِلاسو
سُمهي ڏِج سنگهار کي، پاسي سين پاسو
سا سُٽَندي ڳالهڙي، وَڏِئو وِسواسو
چَرِيْ چؤماسو، سُوهَرَ ڏٺِي موڙِئا.

[١٥] آيُمِ آجَڙوال، ٿاريلا ٿَرَ ڏَٺِي (١)
لا ٿائون لطف سان، مٿان قيدُ ڪنگال
مون تِي وَريا واهَرُو، لَٿو بندُ ببَال (٢)
سُٽي سَڌَ سُوال، سُوْهَرَ ڏَٺي موڙِئا.

وائي

ڪَنْدَڙِيْ آءٌ اُنَ سانڻ، ڳالهڙِيون جي مون مَنّ ۾

١. منهنجو مارُوءَ جامَ سان، ٻَڌو جِيءَ ٻَنڌاڻ
٢. ماڙيءَ سندي مون ڏٺي، مَنَ تان لاهه مُنجهاڻ
٣. آجو ڪَنِ آسِير کي، آچِي سانَ آباڻ
٤. آءٌ اوريندي اُنّ سان، ويهي منجهه وٿاڻ
٥. قاسمِ ڪَمَّ ڪَرِيمَ تي، وِڏا عَبْدَ آجاڻ

---

(١) ش. 'مون ٿاريلا ٿر ڏٺي'. (٢) ظ. 'موٿي وريا واهرو - الخ'.

Gul Hayat Institute

سُر ڌناسري

[١] پِيرُ منهنجو بادشاه، پِيا ڪل قدم زيرِ
هادِيءَ هِدايت جو، وڏو سَڏُّ سوِير
احمد ڏِنو عرش ۾، پِيرَ ڪُلهِي تي پير
اِبْنُ عِلِي شير، قاسم منهنجو ڪارڙِي.

[٢] پِيرُ منهنجو بادشاه، ڪُلَ تي قدم سَندوس
دادلو درگاه ۾، داوُرَ سندو دوس
پِيرَ سَنْدِي پابوس، قاسم ڪر تہ اُبَهِيْنْ.

[٣] پِيرُ منهنجو بادشاه، ڪُل پيرَن جي پاڳ،
ڪامِلَ هَتِ ڪونَيْنَ جِي، واليءَ ڏِنِي واڳ،
جن مجئو محي‌الدين کي، سَرئو تن سَياڳ،
لَڪِيءَ - ڏَٽِي لاڳ، قاسم لاٿو ڪُلَّ تان.

[٤] پِيرُ مُنهنجو بادشاه، خواجا خاص وزِيرَ (١)

---

(١) ظ. ’پير منهنجا بادشاه‘.

Gul Hayat Institute

عابدَ، وَلي، اولياءَ، عالَمَ جا اکسيرَ (١)
قاسمَ کُلَ کبيرَ، ڪامل منهنجا ڪاڏئا.

[٥] قدمُ ڪامل پيرَ جو، متي مڃئو جَنَ
وَجي وحدت گَڏيا، وڏا طالع تن
عاشق عيدون ڪنَ، قاسم وَصلَ واڳيا.

[٦] ڀليرو بغداد ۾، روهڙيءَ پاسِ رَهَڪَ
پاڙهي ٿئو پاڻ ۾، حَقَ سان واصل حقَ
شارڪ آڻ مَ شڪَ، هردوئي هيڪ ٿيا.

[٧] قدم ڪامل پيرَ جو، سَڀ تي آه سُوار
آهي آڀ زمين ۾، سندي پير پچار (٢)
جي آيا سي اگهيا، هُت ويندي جي وار
هدايتَ هزار، حاصل ڪري هليا.

[٨] گلا گيلاڻيءَ جي، ڪندا ڪاذب ڪور
هوندا حاويءَ وچ ۾، متن آڳ آتور
سي چاريندا سور، قاسم! شيخ صنعان جانَ.

[٩] لَڪيءَ - ڏٺي لاڏڪو، مهدي مُحيُ الدين

(١) ظ. 'عالم جا اڪثير'. (٢) ظ. 'سندي پرين پچار'.

عَربُ، عَجَمُ اِرشاد سبن، موهيائين ماڇين
قاسم سُونهن سَندِين، سورج سلامِ ڪيو.

[١٠] سورِجَ ڪئو سلامُ، قَمرَ قَدَمَ چُميا
لالَڻُ اِنَّ لِباسَ ۾، آيو احمد ڄام
ڪَري ماڏَ ملامُ، داوُرَ دين جيارئو (١).

وائي *

لالَڻُ لوا! مون گهر آيو، ڏولڻ لوا! مون گهر آيو

١. آءٌ جنهن جي آهيان، ساڏي تِيـَڙُمِ سو
٢. سو تان اڳڻ آئيو، جڳ چُتائيندو جو
٣. سڄڻ گڏڻا سَڄَڻين، هاڻ رقيبا رو
٤. احمد جي اوصاف ۾، قاسم غم نه ڪو

Gul Hayat Institute

---

(١) ش. 'دين آجاريو'.
* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر بروي هندي' هيٺ ڏنل هئي، جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.
٢. ظ. 'جڳ چوڻائي جو'. ٣. ظ. 'رقيبان رو'.

سر پورب

فصل پهريون

[۱] لوچي جانْ نہ لَهَنّ، تان سُک نہ ساميڙن کي (۱)
جت پيگائون ڏينهن کي، اُت نہ رات رهَنِ
آيَلَ! آديسينِ، مَڙهي آڏَڻُ ميهٽو.

[۲] جا تِي آڏيائون، سا پَٽِيندي پَندِ ٽٽا
اُتِي آڏيءَ رات جو، کَنِ ديوانا دانهُون
آديسِي آهُون، کَندي ويا کابُلَ ڏي.

[۳] کاهيندا کابولَ ڏي، هت نہ هوندا هاڻ
لانگوتِينِ لاهوتَ جِي، تَنَ ۾ تاڻو تاڻ
مَڙهيءَ ۾ مهماڻ، کو دَمُ هُئڙا کاپَڙِي (۲).

[۴] گوڙهنِ پيريو گاٽ، پُڇان مَڙهِ مَهيسيين
قاسم کانوٽين لاءِ، ويٽي گهڙيان گهاٽ
جوگِي وِئڙا جاٽ، تو آندرُ آتِي اُنِ لاءِ.

(۱) ظ. 'تان تان سک نہ ساميڙن کي' (۲) ظ. 'مڙهين ۾ مهماڻ'.

[٥] ڇَتا ڏُوڙِ پُڪليا، ميري مُنهن مَلَنگ (١)
دنيا ۽ عقبيٰ جو، ناڱن ڇنو ننگ
وڏي ننگ نسنگ، قاسم هَليا ڪاپڙي.

[٦] ذڪا ماء مَهيسيين، قاسم! آدُّ نہ آبُّ
لَم يَلِد وَلَم يُولَدْ، روح ۾ رَهيُن رَبُّ
سامين لاء سَبَبُ، مُسَبَّانْ مَعْبُودُ ٿئو (٢).

[٧] مُسَبَّانْ معبود ٿيو، ويو 'عَبْدُ' وڃا
لَا خَيرَ فِيْ العَبِيْدِ، آتو احمد شاه
آلْانسانُ سِرِّيْ وَ آنَا سِرُّهُ، قادر ڪلاما
'لا' سين پيائي لاهِ، آڏي جا الڪَ ڪي.

وائي - ١

جانْ جانْ هٿڙم پاڙي، جوڳي مون نہ سُڃاتا (٣)
١. ڪاله وَڃائي سڱيون، ويا سوزن سان دل ساڙي (٤)
٢. گڏيا گورڪناتَ ڪي، تيرتِ ويا مَڙهہ تاڙي (٥)
٣. جاڳر جوڳين جا نہ پَسانْ، جن ڏيل وڌڙم ڏاڙي (٦)
٤. قاسم ڪاپڙين جون، ڪر ڳالهڙيون ڳل ڳاڙي.

---

(١) خ. 'پوڪليا' ظ. 'ميرا منهن ملنگ' (٢) خ. 'سامي لاء'. (٣) ڪ د ش. 'هٿڙا پاڙي'.
(٤) د ظ ش. 'ويا سورن سان دل ساڙي'. (٥) خ. 'مهڙ تاڙي'؛ ظ. 'مڙ تاڙي'؛ د ش.
'ميڙ تاڙي'؛ ڪ. 'مڙ تاڙي'. (٦) هيء مصرع فقط خ جي حاشيي ۾ قلمبند ٿيل آهي.

Gul Hayat Institute

وائي - ٣

ڪوہ ڇاڻان ڌان ڪيھي وو ڪيھي، جيجان جوڳين جي مَنَ ۾

٠١ آڌيءَ آديسين ڪوئن، وِرُه وھايُم ويھي

٠٢ مون جھلينديءِ نا رھيا، پورب وئڙا پيھي

٠٣ سُتا سُورَ جڳائيا، سِگڙين سَيئيءِ (١)

٠٤ گڏيا گورکنات کي، ناد وڄائي نيھي

٠٥ قاسم ڪانوڻين جِي، ڌُوڙ پُڪلڙي ڏيھي (٢)

فصل ٻيو

[١] آنْ ڪِي ويندا گَڏيا، جوڳِي چَڳيءَ جوڙَ
جَني مُکَھَتَ موڙَ، مون لَهُ لڳو تن سان (٣).

[٢] آنْ ڪِي ويندا گَڏيا، جوڳيڙا جاميرَ
جَني پڳوا پيرَ، مون لَهُ لڳو تَن سان (٣).

[٣] آنْ ڪِي ويندا گَڏيا، جوڳِي جيسر ميرَ
جَنِ اُگھاڙا پيرَ، مون لَهُ لڳو تن سان (٣).

[٤] آنْ ڪِي ويندا گَڏيا، ميري مُنھَن ملنگ
جَنِ چِڏيا ننگ نِسنگَ، مون لَهُ لڳو تن سان.

---

(١) ظ. 'سگڙين ساڻ سيئي'. (٢) ڪ. 'پڪولڙي'؛ ش. 'ڌوڙ پُڪلي ڏيھي'. (٣) اصل. 'تن مين'.

Gul Hayat Institute

[٥] آڻ ڪي ويندا ڳڏيا، ناڻگا ننگي ڏيل
جَن وٽ قالُ نہ قيل، مون لَهُہ لڳو تن سان.

[٦] آڻ ڪي ويندا ڳَڏيا، ڪانوڙيا ڪَنَ چِير
آسڻَ جَنِّ عَنبيرَ، مون لَهُہ لڳو تَنِ سان.

[٨] آڻ ڪي ويندا ڳَڏيا، سامي سِليدارَ
جَنِي مُنهَن مَلارَ، مون لَهُہ لڳو تن سان.

وائي

هلو جي نہ هَلو (١)

جيڏيون! مونکي تان مَ پَلِيو

١. اديون! منهنجي جانِ ۾، جوڳين پاريو جَلو

٢. جِيڙو جوڳِينِ واڳِيو، هِت ڪَرنگهر ٿلو (٢)

٣. جوڳِي جَنِّ جُهاريا، ڀاڳُ تَنِي جو ڀَلو

٤. ڪَنَدِي وڏڙا ڪاپڙي، قاسم! آلو آلو

—✿✿✿—

(١) اصل. 'هلو هلو جي نہ هلو'. (٢) خ ظ د ش. 'ڪران گل تلو'؛ ڪ. 'ڪرگل ٿلو'.

سُر آسا

فصل پهريون

[۱] آڄُ ڪيائون عِيد، اکيون پِرِينِ گڏيُون (۱)
ويچارين وَصَلَ جِي، رَسِي رَمَزَ رَسِيدِ
مونکي مُلُّ خريد، قاسم ڪيَڙو سڄڻين.

[۲] عيدَ نہ عِيدُنَ جهڙي، عجب جِهڙي آه
رَهي نہ رَتِيءَ جيتري، وَصَلَ رِي ٻي واه
آهي منجهہ ارواح، اُنَ تہ اِنهيءَ ڳالهہ جِي.

[۳] اکيون اکين گَڏيُون، هنيان سانَ هَنيَنَ
هُڏَ چُمَ راحت رَسيو، پنهنجو ڪيو پِرين
ڏَسيو لوڪ ڏِيَنِ، واڌايون وصال جُون (۲).

[۴] 'اَلِفَ' آڻ آکين ۾، دُوئي 'دالُ' م پَسَّ
آدَمُ [سِرُّ الله جو]، ڏَسيو ويتو ڏَسُّ(۳)

(۱) ظ. 'اکيون پر گڏيون'؛ ک. 'اکڙيون پر گڏيون'. (۲) د. 'واڌائي وصال جي'. (۳) اصل عبارت مبهم 'آدم بنيان ربه- الخ'.

Gul Hayat Institute

قاسم لئو ڪَسُّ، آنڌرُ عشقَ اُجاريو.

[٥] اڪيون عَينَ اُجارِيُون، لَئو غَينَ گُمان

لامَڪاني لاڏِڪو، مِليو منجهہ مَڪان

خَلَقَ آدَمَ عَلَىٰ صُورتهِ، سوئِي قول سُبحان

سَيوئِي سُلطان، قاسم! پَسُ مَ ڪِينَ پِئو.

[٦] اڪيُون عَينَ اُجارِيُون، وِيو ڏُنڌُ وِچا

آنڌا آحْمَدُ بِلا مِيمِ، ڪِيئَن رَسول جُدا(١)

پڙهہ پروڙِ ڳالهڙِي، عَربي عَينَ سَوا

جهِتَ جاءِ نہ ڪا، قاسم! پَسُ مَ ڪِينَ پِئو.

[٧] قاسم! پَسُ مَ ڪِينَ پِئو، ري ڏَڏيان ڏار

فَاَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجهُ اللّٰه، چوڏَس نُورُ نبار

ڪانهي جاءِ ڪُوارَ، مِڙوئي مِنو ٿئو.

[٨] مِڙوئي مِنو ٿئو، ڪَڙِي جاءِ نہ ڪاءِ

سَيوئي ماڪيءَ ساءِ، چَکين جي چِيت ڪري (٢).

[٩] ڪِينَدَڙُ ڪاڏي خوش ٿِئي، ڏِني لهِي نہ بُکَّ

ڪيئَن پِرِبي ڪُکَّ، ڪَنَ سُنَنڌي ڳالهڙي!

(١) اصل. ’ ڪهيو رسول خدا‘. (٢) S. ’چکيين‘.

Gul Hayat Institute

وائي

آيا مَين گهَر هادي، سَيان! ڏيو مبارڪ شادي

١. مِل مِل مومن ڪَرن سَلامان، شاهه ٻيٺا چڙهه گادي

٢. جو چِل آوي، گُل ڦُل پاوي، باغ جها بغدادي (١)

٣. ڪوڙين قاسم دَر هادي دي، لَهندي ذات بَرادي (٢)

فصل ٻيو

[١] جُونْ سُرَنْدي جان مان، ساري ڪي سُجانَ
مَچُڻ ڪَري مڪانَ، ويهي وارَن وچ ۾.

[٢] جُونْ سُرَنْدي جان ۾، هاريا هَڏ ۽ چَڏ
مُنهن وجهندي ماهه ۾، پوءِ چپيندي هَڏ
جي مَنڊي ويٺي مَڏ، ته ڪنا ڪَندي ڪپڙا.

[٣] جُونْ سُرَنْدي جان ۾، جڏهين پَسين جتَ
تڏهين ويهي ڏتَ، پَسي ڪَيُ پليت ڪي.

[٤] جُونْ سُرَنْدي جان ۾، ننيي پانءِ ۾ نيڪ!
پيون پڻ ايندیون اُتهين، جتي هوندي هيڪ
ڪَنْدِي لِيڪ آنيڪ، ڪوڙين لَڪَ ڪپارَ ۾.

Gul Hayat Institute

(١) ڪ د ش. 'باغ جهان' بغدادي'. (٢) ظ. 'قاسم در هادي دي لهندي، نئين نئين ذات برادي'; د. 'گهيندي ذات برادي'.

[٥] جُونْ سُرَنْدِي جانِ ۾، آهي جينءَ آلَکَ
جي ويِٺي وارن وِچَ ۾، تہ لِيکُون کَندي لَکَ
مَٿان ڏِنٺي مَکَ، تہ کھڙو اثر اُن کَي.

[٦] جُونْ سُرَنْدِي جانِ ۾، پَسين جنهن کنهن پَر
نظر تيز نگاهڙِيْ، گھڙُ تَنْهين جي گھر (١)
جا جُونْ - کَيارِيْ جَڳہ ۾، ديکِ تَنْهين جو دَر
قَدَمَ بوسِي کَر، نائي سِر نياز سان.

[٧] نائي سر نياز سين، ويھُہ ويچارو ٿِيءُ
تہ جُونْئانْ تُنهنجو جِيءُ، آجو کَنِ آزار کان (٢).

فصل ٻيو

[١] هِکُ پِيالو پِہ جِٽا، پِيرُڻ ڏِٺو پَليت
ايئَن نہ کَجي اُن کي، جيئَن ڏُکو مَنجھہ مَسيْت (٣)
چِڙ رِيزالِي رِيت، نينهن نفاقين نہ ٿئي.

[٢] هِکَ پِيالو پِہ جِٽا، عشق نہ پَرچِي اِتِّ
سامَن کيئَن مياڻ ۾، پِہ ترازِيون تتّ
اِيءَ پَرِ آهي اُتِ، جِت ناتو ناهہ کو (٤).

---

(١) خ ک د ق. 'نظر تيز نگامري'; ظ. 'نظر تيز نکامِري'. (٢) خ ق. 'تہ جوان'; ظ. 'تہ جَوآن'; ک. 'تہ جئوان'; د. 'تہ جئُون'. (٣) ظ ک د ش. 'تيئن نہ کجي تن کي'. (٤) خ ظ د ک. 'جت ناتو نہ ٿئي'; ق. 'جت ناتو ناهہ کو'.

Gul Hayat Institute

[٣] هِڪ پيالو پِي چِٽا، تِه ڪَر ناتو نانهه
پَنِ پَئي سا پانهه، جا سِيڪو سِيرانڊِي ڪَري.

[٤] سِيڪو سِيرانڊي ڪَري، پانهه پَئي سا پَنَ
ڪِينءَ سِيرانڊِي ڪَنّ، عاشقَ آوائيءَ ڪي.

[٥] هِڪ پيالو پِي چِٽا، تِه ڪَر جَنگ جَدالُ
ٿئي تانْ نه حَلالُ، جي پيو شَڪُ شَراب ۾.

فصل چوٿون

[١] آسا چَڙ 'اللّٰه' جِي، دَر دَر پِنِ مَ دانُ
پاڻ وِڃائِي پانهنجو، ثابتَ ڪَر سُبْحانُ
'ميم' بِدَي سِر مولهيو، 'الف' ٿِي اڳوانُ
گولَپ جو گُمانُ، قاسمَ! ڪَٽر آڪ ۾.

[٢] تُهُه آنَّ مان نِڪِيو، تُهَه ۾ آنَّ اَصُلُ
پوڪيو سو پيدا ٿِيو، ذرو ناهه نَقُلُ
قَرَ مان سِرجيو قُلُ، قُل ري قَرُ نه سِپجِي.

[٣] ڪانو اِبْنُ ڪَڻ جو، ڪانو والدُ ڪَڻ
ايءَ ڳالهه هِنيين سان هَڻ، تِه قاسم پَسين 'ڪُلُّ' ڪي (١).

---

(١) خ ظ ڪ ۾ هي بيت 'سُر بروي هندي' ۾ ش ۾ 'سُر آسا' هيٺ ڏنل آهي.

[٤] مَـد مانِي ۾ آئيو، مانِي مَـد سماءِ
نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الوَرِيْدِ، ڳايو ويٺو ڳاءِ
سندو شمس شُعاع، چوڏس چمڪِي چنڊ ۾ (١).

[٥] مَد موم سِين گَڏيو، مد نہ مومئون ڌار
خَلَقَ آدَمَ عَلىٰ صُوْرَتہ، آهي اِت اِشار
قاسم! ڪَنڌُ ۾ وار، پِرَسُ پاڙيچا سُپرِين.

[٦] پِرَسُ پاڙيچا سُپرين، پِرگَهر پِيرُ ۾ پاءِ
اکين ڪي سمجهاءِ، تہ پِرين پِسن پاڻَ ۾.

[٧] پُٺي ڏي ۾ پِر ڪي، نڪين ساهون ٿِيءُ
اَلْاِنسانُ سِرِّيْ وَ اَنا سِرُّہ، هٿان چڙ ۾ هيءُ
پِيو ويٺو پِيءُ، منجهان 'پاڻَ' پِياليون.

[٨] سِجَ ناسِينڌي نيڻَ، سامهان سَڄيا سَڄَڻين
سُورج قَـمَـر سِرجيو، مَد سِين گڏيو مينڻ
سو ڪينڌڙ سو ڪيڻ، سو پَکي سو پڃرو.

[٩] سو پَکي، سو پڃرو، سوئي سِپَن مُور
سوئي آبُ حُبابُ ٿئو، سوئي نسورو نُور
ڪونهي اِت قصور، قاسم پِسُ ۾ ڪين ٻئو.

Gul Hayat Institute

---

(١) ڪ. 'چمڪيو چنڊ ۾'.

[١٠] سو پکي، سو پيڇرو، سوئي ٻولي ٻولَ
قاسم ڪِجِ مَ ٻِرَ جِي، پاڻان پاسي ڳولَ
منجهہ وُجودَ وَڙولَ، ڏِجِ تہ ڏسين سُپرين.

[١١] مٿو ناءُ مَنّ ۾، ڪينْ پَرِيُونْءُ پيرُ مَ پاءُ
آنَا اَحْمَدُ بِلَا مِيمٍ، اِيءَ حَدُ هنيْين سين لاءِ
سو تان لاٿو 'لاءِ'، جو قاسم آڏو 'ڪُلّ' ڪي.

[١٢] 'لا حَدَ' 'حد' ۾ آئيو، ويٺو منجهہ وجُود
نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الوَرِيدِ، 'مُطْلَقُ' ٿيو 'موجود'
پاڻهي پڙهي پاڻَ تي، دم دم لک دُرود
قاسم ڪَنِّ سُجود، مَلَڪَنِ آدَمُ مَڃيو.

وائي*

جا وَڏي سا وَاهُ، ماءُ منهنجي سَڄڻين

٠١ قلم قادر هٿ ۾، ٻيو سڀ ڏلهڙو ڏاهہ
٠٢ کَهِيْ ڪامِلُ ڪارِڻي، ايندم احمد شاهہ
٠٣ جيڪين مُڪو سَڄڻين، قاسمَا پاندَ ۾ پاءِ

Gul Hayat Institute

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سر ڪاهوڙي' هيٺ ڏنل هئي، جتان هت آندي وئي آهي.

سُر ڪارايل

فصل پهريون

[١] ڪارايَل مون سانِ، ڪَر ڪالهوڙيون ڳالهڙيون
راتو ڏينهَن رهانِ، سَما! تنهنجي سارِيان.

[٢] ڪارايَل مون وَتِ، ڪَر ڪالهوڙيون ڳالهڙيون
ڪامانْ پَسيو ڪَتِ، جنهن سَر ڏنئي پيرڙا.

فصل ٻيو

[١] آهي آجُ اُداس، اُٿيو ڇَنڊي پَکڙا
وئڙا وَڳَر سنداس، هنجَ هنيارِي جَن سان (١).

[٢] جَن سان جيءُ ٻاڌانِ، سِي اڄ نہ آئيا آنهرِي (٢)
ويٺِي ڳوڙها ڳاڙِيان، قاسم اُني ڪانِ
هِي سَرُ ڇَڏِي هانِ، ساڪن ٿيا سَمونڊ جا (٣).

[٣] سَرُ سُڃو مَ ٿئي، هَنجهُ هميشه هوءِ

---

(١) خ ڪ د. هياري؛ ظ. هنڌياري؛ ش هثاري. (٢) اصل. 'آهري'. (٣) د. 'وڃي ساڪن ٿيا سمونڊ جا'.

پَکِي تو هَانْ پوءِ، وَرِي پيا وِماسَ ۾.

[٤] هَنجهُ مِلِي تو مَنْجهہ، تَرِي نہ تانگهارَ ۾ (١)
جنهن سَرِ پُونڊو سَنْجهہ، سو سَرُ کَندو سُرَهو.

[٥] پَنجَ سَت ذاتيون پَکَڻا، چوڏهن چار چَونَ
قاسم منجهان تَنَ، هيْرو آندو هَنْجهڙِي (٢).

[٦] پَنجَ سَت ذاتيون پکَڻا، چوڏهن ۽ چار
هيرِو هنجهئُون ڏارَ، جُڙِي نہ ٻِي ذات کي (٣).

[٧] پـِدَمَ ذاتيون پَکَڻا، سوا لَکُ سُجهنَ (٤)
قاسم مَنجهان تَـنَ، هيرو آندو هَنجهڙِي.

[٨] چـار پِيرِ، چوڏهن خانوادا، زاهد ۽ عُلَما
ڪشفُ القبورِ، ڪَشفُ القُلوبِ، قطبِ، اوتارا
قاسم غوثَ مُلا، ماڻکَ مڙِنِ مُوڙِيين (٥).

Gul Hayat Institute

---

(١) اصل . ' تانگار'. (٢) خ جي حاشيي ۾:

پنج ذاتيون پکڻا، چوڏهن ۽ چار
هيرو هنجهان ڏار، جڙي نہ ٻي ذات کي

" اين بيت از شاه عبداللطيف رحمة الله عليه است". هيءُ بيت بمبئي ڇاپي ۾ ڪونہ آهي.
(٣) ظ ڪ د ش ۾ هيءُ بيت متن ۾ ڏنل آهي، مگر خ جي حاشيي ۾ قلمبند ٿيل آهي جنهي آخر ۾ هي اهڃاڻ ڏنل آهي تہ: " اين بيت از شاه عبداللطيف رحمة الله عليه است". البت بمبئي ڇاپي سرڪاري توڙي ميرزا قليچ بيگ جي مرتب ڪيل رسالن ۾ هيءُ بيت موجود نہ آهي.
(٤) ظ د ش . 'سڄن'. (٥) ڪ . 'موڙيو' (موڙيون ؟).

وائي - ١

پَکي پُونْ پِيا، سَرَ اهي ڏي اڳيان

١. هِيءُ سَرَ چِڏي هَنْجهڙا، وڃي سَرِ ويا

٢. اونهي وِئــڙا اوهِري، لَـلَا لعلن لاءِ

٣. شهبازن جي تکيي، لاڏيون کَنِ لِها (١)

٤. آنْڌيرا اُنَ پيٽيين، کانيرَن کـيـا

٥. قاسم ڏِئي ڏينهڙا، ٽوڙا تن ٽِيا (٢)

وائي - ٢

وري وطن ۾ هنجهڙا ويچارا، سونهارا،

آيل آنْهري آئيا (٣)

١. موتي کائي موڙيا، مُرغا مُنهن موچارا

٢. سَرَ ۾ سُونهن هنجهڙا، ويا کانيرا کارا

٣. جَني لاڏيا ڏينهڙا، ڏنـڙا ڏَنِ ڏيکارا

٤. آيل آسڻ آئيا، قاسم جيءُ جيارا (٤).

—⁂—

(١) خ د ک. 'شاهبازن'. (٢) خ. 'ٽوراين ٽيا'؛ ظ. 'ٽورا من ٽيا'؛ د ک. 'ٽوڙا ين ٽيا'؛ ش. 'ٽورا پڻ ٽيا'. (٣) خ. 'هنج ويچارا'؛ خ ک د. 'آيل آسڻ آئيا'؛ ش. 'آيل آنهري آئيا'. (٤) خ. 'وري وطن آئيا، قاسم جيءُ جيارا'.

Gul Hayat Institute

سُر ڪاموڏ

[۱] لوڙهِي لَڪُ وِڪاءِ، ڪُمُّ ڪروڙيانْ آڳرو (۱)
پَپُڙَ پَدَمَنَئُونْ پَري، قيمت بِهَ نہ ڪاءِ (۲)
گِيرَبُ ڪَري نہ گندِري، ڪاڄُ غاريبو ڪاءِ
جنهن سان رِيدو را، سا سَچِيائِين سوڪڙي.

[۲] تالَ طَنبورا تان، لڳا ڪِينجُهر ڪنڊيين
هت شيشو، منهن وٽڙي، چَپِيو چَپِي پان (۳)
مَنَجَر لڏو مان، جڏ تَڙِ تماچي آئيو.

[۳] تڙ تماچي آئيو، ڪَنِ رنگيليون راند
پَڪي پيهِي آئيو، ڪينجهر ڏڏي ڪانڌ
چُنيءَ چارئي پاند، ويچاريءَ وِچائيا.

وائِي - ۱

سمو تُنهنجڙي ساءِ، ڪندو معاف مياڻيون
هيرو لعل هٿن سان، پويو پارس پاءِ ۱۰

Gul Hayat Institute

(۱) اصل . 'لوڙيہ'. (۲) اصل . 'پدمن پري'. (۳) ڪ . وٽري؛ خ د ظ ش . وٽيون'.

٠٢ سَهسين سرودَ سُهاڳ جا، ڳايو وينڙي ڳاء

٠٣ چُوئو، چَندن، ڪيوڙو، لوڏيو لِڳن لاءِ (١)

٠٤ پاتا پيچَ پِريتَ جا، رات گهُرائي راء

٠٥ مڇيءَ سندو مامرو، لٿو تو متاء

٦ قاسم پانَ پِريان سين، ڪايو وينڙي ڪاء

وائي - ٢

سمو جامُ سُڌير، تو گهر آيو گندري

٠١ متان مِياڻين جي، تيندڙي اوتَ عَنبير

٠٢ اوڏو اوڍِ لڳن تي، پٽولا پَٽَ - چير

٠٣ ڪندو معاف مڇياريين، قاسم سپ ڪبير

Gul Hayat Institute

(١) ڪ د ش. 'چوئا چندن ڪيوڙا'.

متفرقہ کلام

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

مداحون

[مدح-١]*

مدح حضرت محبوب سبحاني، غوث صمداني، قطب رباني، ميران محي الدين شيخ سيد ابي محمد عبدالقادر جيلاني گيلاني قدس الله سره العزيز .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

صفت ڪريان سبحان جي آگا تنهنجي احسان جي
دعويٰ رکان تو دان جي توکي مڃان مهدي موچارا
داد ڪر بغداد وارا

جن سان نبي تنهنجي يراني پيو تني جو ڪير ثاني
تون پسا تن جي پيشاني وهه بنيا گڏ چنڊ تارا
داد ڪر بغداد وارا

پير پيران پير تون شه ڏي دلاسو ڏير تون
منهنجو وسيلو وير تون هردو جهان هادي همارا
داد ڪر بغداد وارا

تون ڏني بغداد جو سڻ داد ڪر فرياد جو
امداد ڏي دلشاد جو توکان پني پاڙي پيارا
داد ڪر بغداد وارا

تي سگهو همراهه هادي ڏي اسان کي شاه شادي
تيا مدعي مات مادي مٺا وڇائين تي ويچارا
داد ڪر بغداد وارا

جن اسان سين جنگ جوڙي تو تني جي ناؤ ٻوڙي

---

* هي مدح ظ ۾ ڪانهي.

Gul Hayat Institute

کين پهتا تـوڙ توڙي   کيا تني ۾ موت مارا
داد ڪر بغداد وارا

جن درنگي کي دغائي   کيو تڙي تن کي توائي
تو وڃاين وير! وائي   پيا آهـڏ انـڏا آسارا
داد ڪر بغداد وارا

توکي مڙئي معلوم ميان   بي دانهن آءٌ ڪنهن کي ڏيان
تنهنجي دلاسي تـو جيان   تون پاڻ ٿي مسڪين پارا
داد ڪر بغداد وارا

منهنجا مدعي مات ڪر   غمناڪ دل کـي شاد ڪر
احمد وصل ارشاد ڪر   تنهنجا پسان نوري نظارا
داد ڪر بغداد وارا

مهدي! منافق مار تون   اغيار کي ڪر ڏار تون
خونخوار کي ڪر خوار تون   نيڪي وڃائي ويا نصارا
داد ڪر بغداد وارا

ڪـر تـو تـڙايا ڪودڙا   گس تؤن ڪٽي ويا گودڙا
[پيا ڏوڙ ۾ سـي دوڙڙا]   منهن تي ملين، عربي انگارا
داد ڪر بغداد وارا

منهنجي ميان! ڪر ماڙ تون   بگهياڙ جي پٽ پاڙ تون
ٻچ ڏيـپڙي جي ڏاڙ تون   ٻچ گرگ کي سگ بي شمارا
داد ڪر بغداد وارا

ڪامل قبولت عرض ڪر   بي غرض ڪان لاغرض ڪر
مون سين ملاقت فرض ڪر   منظور ڪيم تنهنجا منارا
داد ڪر بغداد وارا

پارس وسيلو پـير تون   عارف آمـل اڪسير تون
دلگير جو دلڏير تون   لڪ بي چڙهيا تو ڪان تسارا
داد ڪر بغداد وارا

هادي هدايت جا ڏٽـي   پايان اڪيين تنهنجي پٽي
توڙا اتـم تنهنجي ٽٽي   جيءَ ۾ وسين جاني جيارا
داد ڪر بغداد وارا

Gul Hayat Institute

دارو دوا در دست تـو دل مست ڪي منجهہ بست تو
ويئي ورائـِـــي وست تو تنهنجا امـــر جاري اشارا
داد ڪر بغداد وارا

هادي رسين هر حال تون فائدو ڏئين في الحال تون
ڪر سوال جي سنڀال تون سڌ ٿو ڪريان توکي سوارا
داد ڪر بغداد وارا

دل ۾ وسين دلبند تون هادي همه هر هنڌ تون
منهنجي وساء مسنند تون ڪامل قمر قـوت قرارا
داد ڪر بغداد وارا

سرور سپه سالار تـون چؤ طرف چوڪيدار تون
پنهنجو آڪارين پار تون ڪوڙين لکين عاصي اپارا
داد ڪر بغداد وارا

حامي حمايت تو گهران توکان تنهنجو تو گهران
توکي وٺي سڪ سو گهران دک دور ڪر داڙو دوبارا
داد ڪر بغداد وارا

هر حال ۾ همراهہ تون گمراهہ کي ڪر راهہ تون
بدخواہ کي ڏي باهہ تون ڪاسي مرن خوني خسارا
داد ڪر بغداد وارا

توڙان اٿم تنهنجو تڪيو هر حال ۾ گهرجين هڪيو
چورن ڪتن آهيان چڪيو ڪاهيو رسن دز ديوَ ڪارا
داد ڪر بغداد وارا

تـوڙان اٿم تنهنجي تڳا سڳ کي وجهين قابو سڳا
بهڪيو اچـــن پيٽو پڳا تن کي چڪا لٽ جي لغارا
داد ڪر بغـداد وارا

توڙان اٿم تو ۾ طمعان ضامن آهين منهنجو ضمان
ڪوڙين نـوازيئي ناڪمان مشڪلڪشا مختـيارڪارا
داد ڪر بغـداد وارا

دائم ڏکهو هٿ دين تو مقصد گهري مسڪين تو

Gul Hayat Institute

سلطان چاکر چين تو بردا برين بلخ و بخارا
داد کر بغداد وارا

شب روز شڪرانو چوان آندي مهر سون تي اوهان
پرُ جام ڏي نينهن جا نوان صدقا گهران ساقي سونهارا(١)
داد کر بغداد وارا

بي پير ڪيا لک پير تو دُزِ، ميرا! ڪيا شه مير تو
سنَگ سون ڪيو اڪسير تو تاران اُڪاريا تو آتارا
داد کر بغداد وارا

توکان گدا لک شاه ٿيا لک شاه تنهنجا ڏاهه ٿيا
گمراهه توکان راهه ٿيا فرمان ۾ فغفور دارا
داد کر بغداد وارا

داڙو! وڏايو دين تو نَهرا ڪيا نابين تو
توڙان آهيان تابين تو جڳ جو مثل مهدي مدارا
داد کر بغداد وارا

تازا نوان کر نينهڙا محبت وسايو سينهڙا
ڪيد تون ڏولائي ڏينهڙا کر تون سڪا سبزا ستارا
داد کر بغداد وارا

تون 'ڪل'، جڳ تنهنجو 'جزو' ڪامل ڪجان ڪاذب قُزو
چا نيڪ چا دانا دَزو چا برگ گل ميوا موچارا
داد کر بغداد وارا

منهنجي مدت شه مير ڪر واهر وسيلو وير ڪر
پنهنجو اڪياري پير ڪر کل پير جا پارس پاڳارا
داد کر بغداد وارا

نيڪي بدي تنهنجي گَلهي پازي پيو تنهنجي پَلهي
خر کي پليو تنهنجي ڪَلي دل سين گهران تنهنجو ديدارا
داد کر بغداد وارا

توکي نبي بخشو سدا تون دادلو خلق خدا
توکان مڱان من جي مدا قلبان پڙهان ڪلمي توارا
داد کر بغداد وارا

لا اله الاالله محمد رسول الله

---

(١) خ. سهارا

Gul Hayat Institute

[مدح -٢]*

مدح پير دستگير شيخ سيد عبدالقادر جيلاني قدس الله سره

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ساره ڪريان صاحب سندي   جنهن جي آهيان بردي بندي
آڏي جنهين اوڍي گندي (١)   يا پير پيران بادشاه .
احمد مڃون ايمان سان   ڪلمون پڙهي دل جان سان
فائدو وٺون فرقان سان   يا پير پيران بادشاه .
چوڪا نبي جا چار يار   آهين اڪين جا نار نار
تن جي ڪڍيم قلبؤن ڪوار(٢)   يا پير پيران بادشاه .
پنجتن سندو آءٌ خاڪ پا   جوڙي ڏيان در سيني جا
وينو واڪا ٿيان واه واه   يا پير پيران بادشاه .
بغداد ڀوڪيو باغ تو   ملتان مکو ماڳ تو
روهڙي پڌي سر پاڳ تو   يا پير پيران بادشاه .
هن ديس ۾ آئين جڏهين   بَهرا ڏنئي بهراً تڏي
اي واحد ڏني توکي وڏي   يا پير پيران بادشاه .
عاصي آهيان هن پار جو   عاجز آهيان آزار جو
دارون ڪريو درڪار جو   يا پير پيران بادشاه .
چارئي عناصر چاڪ ڪر   هادي صحت هُشناڪ ڪر
غمناڪ دل چالاڪ ڪر   يا پير پيران بادشاه .
سڀ سرزمين سردار تون   مولي اگيئون مختيار تون
محمد سندو منثار تون   يا پير پيران بادشاه .
حسنين جا دو-نين تون   داڙو آهيين دن رين تون
سوالي سندي سڻ سين تون   يا پير پيران بادشاه .
اڇي جهاز پئو ڦر ۾ ڦلي   'جز' ۾ پئو جلوو 'ڪلي'
تڏ عشق جهولي پئو جهلي   يا پير پيران بادشاه .

Gul Hayat Institute

---

* هي مدح ظ ل ۾ ڪانهي (١) خ آندهي جهم اوڍي گندي؛ ک آندهي جنهن اوڍي گندي
(٢) ک تن جي ڪيم قلبئون توار.

چنڊ ۾ سهائو سج جو — پون تي وٺو مينهن ورڄّ جو
تون نور اعليٰ نج جو — يا پير پيران بادشاه ۔
ڪونين جي هٿ واڳ تو — ڪل پير جي سر پاڳ تو
منگتي ڏنا لک لاڳ تو — يا پير پيران بادشاه ۔
احمد چڙهيو عرشين جڏهه — تو تي قدم آئيو تڏهه
آت پيو نه ڪو پهتو ڪڏهه — يا پير پيران بادشاه ۔
جي اُمتي احمد سندا — تون شاه تن جو رهنما
سي ٿيا ڀلا واصل با الله — يا پير پيران بادشاه
تنهنجي رِتا جي رابطي — توڙي نه پهريا ٻي وٽي (١)
سَهوا بچيا سي سر قصي (١) — يا پير پيران بادشاه ۔
تنهنجي آيا خمخوان ۾ — مستان ٿيا ميخان ۾
مُرڪي اُيا ميدان ۾ — يا پير پيران بادشاه
تنهنجي زيارت ذوق سان — حاصل ڪريون شه شوق سان
محبت گهرون منهن موڪ سان — يا پير پيران بادشاه ۔
طالب آهيان تنهنجو سدا — تو ڪان گهران من جي مدا
سڀ اوک ٿئي مون تان ادا — يا پير پيران بادشاه ۔
وارث وسيلو وير تون — ڀَت مرض جي جڙ پير تون
دارو دوا دستگير تون — يا پير پيران بادشاه ۔
تون اولياء الله جو — محبوب محمد شاه جو
رهبر سونهون ره راه جو — يا پير پيران بادشاه ۔
جي اُمتي احمدؐ سندا — توڙي آهيون ميرا مندا
قائل آهيون ڪلمي سندا — يا پير پيران بادشاه ۔
عرب و عجم ايران ۾ — چيا ڪامرو ڪستان ۾
بغداد چيا بسطان ۾ — يا پير پيران بادشاه ۔

---

(١) اصل. ائين .

Gul Hayat Institute

دلي دکن لاهور ۾ — پيران پٽڻ پيشور ۾
تنهنجا نائب هر دور ۾ — يا . پير پيران بادشاه .
چا چين چا ماچين ۾ — آيا ڏکڻ سان دين ۾
تنهنجي نظر منجهه مين ۾ — يا پير پيران بادشاه .**

ٻي جدا مدح جو بند:

معجزا مشهور تنهنجا مالوي ملتان ۾ — ڪڇ ڪڙي پٽلاد پورب روه ريگستان ۾
پربندر منگرول سورت مسقط ومڪران ۾ — يا پير پيران بادشاه

ٻي جدا مدح جو بند :

موسىٰ سندي عصا هوئي تنهنجي ڪرامت دست ۾ — مونکي نبي بخشيو سدا آئي خوشي دل بست ۾
تاثير پيو تلقين جو منصور جي دل مست ۾ — يا پير پيران بادشاه

Gul Hayat Institute

٥

** هن بند کان پوءِ **خ ڪ ش** ۾ ٻيا ٢٢ بند لاڳيتا شامل آهن جن مان سواءِ ٻن بندن جي ٻيا جملي بند، وزن، معنىٰ، توڙي شاعري جي لحاظ سان ناقص آهن ۽ يقيني طور اهي خليفي صاحب جا چيل نہ آهن بلڪ بعد ۾ ٻئي ڪنهن لکي چڙهايا آهن. البت جي بند هيٺ ڪاري ليک بعد ڏنا ويا آهن سي غالباً خليفي صاحب جي ٻين ٻن مداحن جا آهن جن مان هڪ آخري نالي وارو آهي - و الله اعلم.

نظم : قافيو الف اشباع

[نُڪتا تصوف جا]

صفت ڪر سبحان جي، جنهن ڪي جوڙ جڳاء
جو خالق گهڻي خلق جو ملڪ ڏٺي مولىٰ
جنهن اُپايو آدم کي، مولهي مهر منجها
آگي آدم کي ڏني توڙان تعظيما
آلانسان سِرّيُ وَ آنا سِره، عجب اسرارا
قوم گهڻي قدرت سان، ٿئي پُرس منجهان پيدا
ڪي عابد، ڪي عادل، ڪي ظالم ڪن ظلما
ڪي عالم ولي اوليا، ڪي ملان مسجدا
ڪي گنگا ويندا گودڙيا، هرگز هندوئا
آهي ڪل عالم جو اصل احمدا
جمع منجهه فرق جي ٿيو رايو رحمانا
ته آهري ڪجي همٿ ۾ پسڻ پنهنجي لاء
جا هيڪڙي منجهان پيءِ ڪري فرق في الحالا
ته مر جان^ رسي روح کي سندو صحبت سا
ته منهن پنهنجي جو اکيون ڪن درست ديدارا
تيلاه ڪيو همٿ ۾ آئنو ان سببا
ته صورت شور اٿاريو اڏميو اوڙاه
گهڻي گهڻيان ڪيترا عجب آگهي جا
پر اچي آدم ۾ پئي موج محبّتا
سو ڪينَ مَيائي ڪوزي ۾ ثابت سموندا
جيئن پَرِي ماٿي آنّ جي، ٿيڙکي ماڙهوءَ تا

ڪيي شيشو ڪيري شراب جو پيئي پهڻ مٺا
ڪي قضا ساڻ ڪنوار جي چنو هار هٺا
ڪي نهڪي سان نڪريون ٿيو داٺا دور پيا(١)
عشق آدم سين ايئن ڪيو جا پر پسو تا
پئي ڪارائي ڪاٺ ۾ ٿيا قرها قرها
هاٺي هيڪ وجود مان لکين لک ٿيا
ٿيو حسن هوت حبيب جو ظاهر ظهورا
اصل منڊيو معاملو مولهي محبت لاء
هاٺي گهرجي ڪينڪي توکي سڪ سوا
گل قل ڪليا ڪيتڪي مينهن ملارا
بجلين برساتون ڪيون چمڪيون چوڌارا
آٺي لايا عاشقين نيٺين نظارا
ڪنڊا ڪاڪل سڄڻين ڪيا سيني سنڪارا
انو پهر عشق جا دل ۾ ڏنڙيارا
سِر سودي ۾ آئيا گڏيا وڻجارا
سينا گڏيا سڄڻين هنيان هيڪ ٿيا
من ۾ مشتاقن جي مقصد محبتا
اوڏا اڏيم پڪڙا عقل سي اصلا
عقل عشق پاڻ ۾ وڏا وچ پيا (٢)
عقل تابع سي ٿيا مخنث مردودا
ماضي مسئلا اڄ سين پلهي تن پيا
پيا پڻ لکين ان جي گهٺا صحبت سِجهايا
ويچارا وصال ڪان موگهت منجهايا
ڪهڙو قدر موتيئن ڪوڙن ڪانيرا
ڪانگڻ ڪرڙي وات ۾، للو لالون ڪاء
جي ٿو ماٺڪن ميڙائو گهرين تا هنجهن پاڻ هيراء
سنگت ڦٽي ڪرسانڍهي جي جا گوجون گانگٽ ڪاء

(١). خ ق. 'ڪ ن ڪي سان'؛ د ڪ. 'ڪ ٿ ڪي سان' (٢) اصل. 'عقل احمد پاڻ ۾'.

جا ڏيندڙ ڪاڻ ڏهن ۾ ٿي پاڻي پيهي پُساء.
ڪيئن ٿو پڇين ڪانڌ جي ڪر ڪُنواريءَ ڪاء
رسيو نہ تنهن جي روح کي سندو صحبت سا.
پر رنڊائيندي رنڙي ابوجهہ ويچارا
جنهن جو مڙس مري ويو، ٿي سِڪي سينگارا
ذڪر تنهن جي من ۾، ماضي موجودا
سَچر سُپيرين جي سا ڳالهہ نہ ڪندي ڪا.
پَر پڻو َندي ڪا پَرڻيءَ ڪان پرين جي ٻُرجها
هوت جنهن جي هنج ۾ هردم حياتا
نت نت تازا نينهن جا ٿي ڳاج هنيين سين ڳاء
وچان وچ وصال جي سا لَٿُن ڪين سَماء (١)
رهيو نہ رتيء جيترو ڪو هُن وٽ حجابا
قرب ڪمالت رسيو وچان غير وئا
ڪِرِي فرض مريض تي، صحت سيڪين ڪاء
"اِعْملوا ما شِئْتُم قدغفرت لڪم" سيڪين تني لاء
ترت لطيفي طعام جو سالڪ چکن ساء
ڪٿو ڪير منو ٿيو ملبو ماڪي ساء
جنهن کي صحت سرير ۾ آگي ڏونہ اصلا
بادِي تُرشي طعام جو تنهن کي ڏپ" نہ ڏاء
"يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّئَاتِهِم فِي الحسنات" قادر جا ڪرما
ويا روزا، عيد ٿي، جيئن ڪائي تئن ڪاء
روزن سندي عيد مان ڪثر چڏ مَ ڪا
روزو رکڻ عيد ۾ وڏو غير گناه
نڪين مومن سو ٿئو محض مجوسي آه
ميرا تون منسوخ ڪر، مٿي اوڍ اڇا
ٻڌ بيڙو گُل ٻانهن ۾، ڪجل ڪاني پاء
مُر ڪٿوري مينڊين ۾ تون لوئي لالڻ لاء

(١) خ ڪ. 'سالو ڪين سماء' ش. 'سالون ڪين سماء'

Gul Hayat Institute

دوئي ورق دفعي ٿيو خونِي خبيثا
جنهن وڏو وچ وصال ۾ هَئي هَئي حجابا
سا ڪيئن وٽي سڄڻين جُنُبِي هوندي جا
غير غباران گاڏئون پرين پاڪيزا
رات وهامي ڏينهن ٿيو، ڪيو شمس شعاع
سج چوٽي سر آئيو سجدو ڪين سماء
نڪا رهي اُن وقت ۾ نفل نمازا
ڏُنڌ دوئي جو ويڃيو سندي شمس شعاع
تون هڏ آهيين ڪونه ڪو، جو آهي سو آه
جيڪين آڏو سڄڻين سو سڀ لاٿو ”لا“
” انا احمد بلاميم “ اُتــو احمد شاه
”فاينماتـولـّوُا فـثـَمّ وَجهُ اللهِ“ چوڏس نورنگاه
لالڻ ڏارا ليِڪَڙي قاسم! پس مَ ڪا
قادر ڪلمون راس ڪيو مٿي محمد شاه

لا اله الا الله محمد رسول الله

—⁂—

Gul Hayat Institute

نظم: صنف ڪبِتون

[نُڪتا تصوف جا]

بسم الله الرحمن الرحيم

ڪريان سائينءَ جي ساراه   جنهن سائينءَ وڏم ساه
مجان مُحمّد مختيار   جنهن جا چار چڱا يار
سونهن ساڻ صحابن   پلا پاڪ پنج ئي تَن
هادي حسن ۽ حسين   سچا سيّد ثقلين
منهنجو روهڙي وارو پير   هادي مهدي همه گير
مهدي منٿون محيّ الدين   داڙُو جنهن جياريو دين
آهيان آءٌ تنهن جو سڳ   جنهن تي پيرن سندي پڳ
منش پير سندو پوش   آهي مهدي مَي فروش
جن جو پير سان پيوَند   سي تان نوري نقشبند
نبي سوا لڪ چون   احمد موڙ مُرسلن
احمد الله سندو نور   قاسم! ڪونهه ات قصور
منجهان محمّد جي نور   خلق فلڪ ٿيا ظهور
'آنا مِن نُورِ اللهِ'   'وَ ڪُلّ شيءٍ مِن نوري' آهه
نور نبين ۾ جيئهي   پير پيرن ۾ ٿيئهي
گوهر صدف ۾ آيو   پيس عشق جو رايو
مليو رنگ ۾ بي رنگ   مَتيي عشق سندي جنگ
ڪُليو 'چُون' ۾ 'بي چُون'   قاسم! ڏس مَ ادا ڏُونُ
'نَحۡنُ اَقرَبُ' موجود   وينو وارث منجهه وجود
پسو آب منجهه حباب   سوئي راڳي سو رباب
'بلامبم' چيو شاه   وڍيو دوئيءَ کي داناه
جنهن جي صفت تنهن جي ذات   جنهن جو ڏينهن تنهن جي رات
همه نور جو ظهور   ڪٿي صحت ڪٿي سور

Gul Hayat Institute

آهي همه جا حبيب   گهي مرض گهه طبيب
لڪين لهريون لڪ حُباب   آهي اصل سندن آب
هُتان هلي آيو هيتّ   لڳو نينهن نغارو نيتّ
مليو رڳ رڳ ۾ روح   تنهن لاءِ ٻولي سنجهه صبوح
وارث ويٺو منجهه وجود   ميڙيو ملڪ ڪن سجود
ٻسو پرت سندا پار   ڪيائين ڪٺي منجهان ٻار
ٻسو پرت سندا موڙ   ڪيائين ڪٽي منجهان ڪوڙ
ٻئي ڦوڙائي جي فال   وري ٿيندو ڪئن وصال
منهنجو وطن آهي وڻڙ   جهڙي ڀاناڻي جي ڀيڻ(١)
جتي ڏپ نه ڪو ڏاءِ   نه ڪا پيڻ نه ڪو ڀاءُ
نه ڪي موت سان مرڻ   ٻڪر چاڳ سان چرڻ
نه ڪو موت نه ڪو مرض   نه ڪا سُنّت نه ڪو فرض
نه ڪو دوزخ دستور   نه ڪو ملڪ نه ڪا حور
نه ڪو بهشت نه ڪو باغ   نه ڪو بلبل نه ڪو زاغ
نه ڪو جنّ پريزاد   نه ڪو آتشي نه باد
آبي خاڪي ڪونه ڪم   نه ڪو استخوان لحم
مونکي ڪنيو ڪنهن خيال   تڏهن لوئي اوڍيم لال
ڪيلي آيس مٿي ڪوه   تني ٿڪيا ڏنم ٿوه
عمر ايندو ڏنو مون   ڀانيان ڀيڙي ٿيان ڀون
آيي هويس مٿي آنهن   اچي عمر جهلي ٻانهن
مونکي هاڏو هٿ ۾ لاءِ   تو کي ڇٽيو منهنجي ماءُ
آهيان آءٌ تنهنجي ڀيڻ   صبح ڪيئن ڪٽندين نيڻ!
قلم قضا آنديس ڪوٽ   منهنجي ڪٿيءَ لڳي ڪوٽ
اڪيون وانڙيون ڏسن   سدا سنديون سنگهارن
مونکي مولي ميڙيين سڀي   جيڏيون چار چڱيون جي
ٻُڇيي آيس پريُون (٢)   چڏي 'چُون' ڪي 'بي چُون'
مونکي عشق آندو ات   جتي ڀونءِ نه ڪا ڀِت
عمر عشق جو نالو   ڪيائين 'چون' ۾ چالو
اَلْعِشْق نارُ الله   نه ڪي رهيو ري الله.

---

(١) ڀاناڻي جو ڀونڊو، نواب شاهه ۾ سنجهوري جي وچ واري اراضيءَ ۾ آڳاٽي وقت ۾ هڪ بربيابان هوندو هو جتي پاڻي نڪا ٻهر. (٢) خ ذ. 'ٻنجي'؛ ڪ د. 'ٻنجي'؛ ش. 'ٻنجيءَ'.

Gul Hayat Institute

سي حرفي در [بيان] جنگ هير و مادر او*

[ٻيھہ اکري، هير ۽ سندس ماءُ جي جهيڙي بابت]

الف آپ ستار ستاري ڪري، رب رکي رقيبان دِي جنگ ڪنون
سڙ پڪ ٿئيي دل ڪڪ ميڏري، اِنهان جهنگ سياليان دِي ننگ ڪنون
ڪيڙي خر ڪنون شلا مر وڃان، انگ انگ ڪنٻي جنهن دِي انگ ڪنون
اج ڪل ڪيڙا مري پل پيڙا، وڃي موت پيرا وڏي ڪنگهه ڪنون
رانجهو نال نهال ڪمال ٿيوي، دل دوڙ پئيي لنگهه دنگ ڪنون.

الف آک ڌيا! ميڏون ساک سچي، ڪتان چاڪ ڏٺيوچ خواب دِي ڙِي؟!
متان جاڳدِي جاد مُنائيي هئيي، ٻاؤ ڪول نيڪار نقاب دِي ڙِي(۱)!
ڪيڙي خان ڪنون بي ايمان ٿيوين، دَر دان گهنيي بد آب دِي ڙِي!
ڪوڙين عشق دي خيال خوار ڪيتي، لک تاب حسن مهتاب دِي ڙِي!
مَد پيي، مَباد مُبيد والِيي، دنگ لنگهيي هئين ڏوه ثواب دي ڙي(۲)!

ٻي بان لڳا تينون ڪان ڪيها، نعرا مار نقاري تي لڙدِيئين،
ڦٽيي سور وانگون ڪر شور سُڄيي! ڪن چنڊ اڳون ڪُپ ڪڙدِيئين
ڪيڙي نال نهال خوشحال ٿيوين، رانجهو ڏيک سدا نت سڙديئين
ڪر ٿور چنڊور انگور پڪي، اُسيي وانگ اسان نال آڙديئين
آؤسئيي ڪم قيام دي ڏينهن ڪيڙا، جنهندي ڪاڻ جهنم وڙديئين.

ٻي بار بره سر سيئي چائن، سيني هانء رکن نر شينهن دِي ڙِي!
ٻهلُون آپ ڪنون پاسي آپ ٿيوَن، پڃين نانءُ گهنن شه نينهن دِي ڙي!
ست دُور خودي خود خاص ٿيون، سُرمي صاف وانگون تن ٻيهندِي ڙِي!

---

* هر حرف جا ٻہ بيت آهن، جن مان پهريون هير جي زباني ۽ ٻيو سندس ماء جي زباني جواب آهي. (۱) جاد منائي هئي = چڱي وڏائي اٿئي. (۲) اصل. 'موحدي والي'.

Gul Hayat Institute

ڪارونيار بَدل ڪَپار چڙهيِي، ابر آ وُٺي مند مينهن ڏ ِي ڙي!
تون تان لُڪ پوو ِين پڪيي ڪُڪ وانگي چُڪ چُڪ ڏيکين چٽ ڏينهن ڏيِ ڙي!

ٽي طعنا مِنا مَئن نون چاڪ دا، آتيڻ چاڪ مِنا ڪنڌ ڪير ڪنون (١)
مائِي چاڪ چِناه دِي چنّي شالا! جو مئن منگ گِڌا وڏي پير ڪنون
ٿيوم عشق نِباه نصيب سدا، مِلي دان داڙو دستگير ڪنون
مَنجهينوال ڏي مَنجهين دا ڪير مئن نون گهن پير ڏِتا سَچ سِير ڪنون (٢)
راضي رب رحيم ڪريم ٿيو ِي، بَچِي هير توڙان تقصير ڪنون.

ٽي تَن تيڏي مَتان رت تَتِي، سَٽ مَت ڪُمَت پِرائِي آئِي ڙ ِي!
مَر قَت اُقت اُ گهٽ وچين، پڳ باپ دي پَٽ ڪِرائي آئي ڙي!
منجهينوال مِهوال محتاج ماني، ڪَيڙا چٽ شريڪ سِرائي آئي ڙي!
ڪيڙي خان جوان سُجان ڪنون، ڦِڪي دوڙ ڪيون دل ڦِرائي آئي ڙي!
ٻِرنگ ٻرنگ ڊيڊو ر ِي دا ڍول وَڃي، ڏِيندي بَدِيان پيڻ پِرائي آئي ڙي.

ٿي سِڪ سَچِي سَچِي يار دِي مَئن نون، تين ڪُوڙ تَمِي تَن تِل دا ڙ ِي!
اللّٰه ايُوين ڪَرِي جِيويَن آڪديان، اکين نال ڏيکان ماهي تِلدا ڙي!
شه تخت هزار ِي دا چاڪ بَنا، ڪِسِي ياڳ والين ڪِل مِلدا ڙي!
مَنجهينوال مِهوال مئن نال شالا ڪيڙا ڏيک سَڙِي خوش ڪِلدا ڙي!
دَر دام مَيڏي شهاز پِيا، بِلي ڪا گِٺِي بَچا هِل دا ڙي!

ٿي سچ نصيب تِنان ڪون ٿيو ِي جيڪي حب رکن گُر پِيرُ دِي ڙي (٣)!
ڪنون پير ملي، دلڏير ٿئي، اڪ سون ڪيتي اڪسير دي ڙي!
منجهينوال ڏي نال خِيال تَيڏا، جهڳ جهڳ چَتين جهڳ ڪير دِي ڙي!
سُمهي لوڪ سَيو سُک رَيڻ سار ِي، نيٹين نند ڦٽي هڪ هِير دِي ڙ ِي!
سڻ! وِير مَباد مَريسي تئن نون، تَڪ تَڪ بَتِي تَن تِير دِي ڙ ِي (٤)!

جيم جهولِي وَڙيا سج چند مَيڏي، زَد خوف ٿَئي ظُلمات دِي ڙ ِي (٥)
منجهينوال وِچولي مئن شاه ڏِٺا، مه نور پِريا سج ذات دِي ڙ ِي!

---

(١) اصل. 'تي طعنا مينون چاڪ دامڻا' (٢) منجهينوال = ميهار. منجهين دا = مينهن جو.
(٣) اصل. 'جيڪو حب رکي' (٤) مباد = مبادا - متان (٥) وَڙيا = پيو - جهُليو.
زد ٿئي = ختم ٿيا.

Gul Hayat Institute

تيڏي شڪ اکيين ڪنون حق نيتا، تيز تابي ڪاوين آڌي رات دي ڙي!
ڏيندي ڏوه تڏان اکئين ڏنا نيوريُ جو مئن ڏاج لڌا ڳجهي ذات دي ڙي!
قاسم! رَيڻ ڳئي درن هو رهيا، پڪي بول ٻنهي پيريات دي ڙي!

جيم جڳ جهلي جس دڳ ڪنون، گهن دڳ اڳون ول وَڳدي ڙي!
اِهين نڳ تيڏي دل نڳ نيتي، سَت جڳ آسي ڳل لڳدي ڙي!
رَڳ رڳ دونهين دک، ڏَڳ پئي جب جنگ لڳي جهڳ مڳ دي ڙي!
ٻن گهَت دنيا والي دوستي ڪون، حب رک غنيمت اڳ دي ڙي!
اسان آپ توڪان ڪَرون جڳ اتي، هڻ توڪ پئي ساري جڳ دي ڙي!

حي حد عقل دي رد تئي، ورک ود پئي وج يار ڏَهين
ڪران بس ڪيوين، نهين وس ميڏا، دل دوز ڳئي دلدار ڏَهين
خس خار دي ڪنب آزار ڪنون، بلبل اڏ ڳئي گلزار ڏهين
جي تون ماء ميڏي، گهن آڻ ماهي، منجان مهيز تئن نون منار ڏهين
شلا خير هووئي، ڪر خير ڪوئي، دارو پيچ دوا بيمار ڏهين.

حي هڻ سُجي! سَت بَت تلهي، منهن مٺ ٻري بد خيال ڪنون
ڪيڙي وَر دي گهرسهاڳ ماٺين، وڃين مر اهين منجهينوال ڪنون
جنهان حق پنهي حق واليان دي، رنديان لنديان سهي ربّ وصال ڪنون
تينون لُٺ اَلَت پُلَت لڳي، تاڙي ڳٺئي تال چوتال ڪنون
قاسم نال وصال بحال ٿيوي، ربّ رکي جدائي دي جال ڪنون.

خي خوش وَتان اُهو ڏينهن سڄا، جنهن ڏينهن سٽان مهٽين يار دي مئين
لک لک بديان، لک مهٽي طعني، پلئم پاء جهلان آس پار دي مئين
اِهين خر منافق وَر ڪنون وڃان مر اڳون منار دي مئين
جنهن وار سياڳڙي يار آوي، ٻيني ڏينهن ڳٽان آسي وار دي مئين
گهتي حيف سدا صف عاشقان دي، ڳاني تروڙ ٻهان دلدار دي مئين!

خي خون خنام خطائي ڪنون ڪر بس سدا هنس رَس وَلهي(١)!
لڳي ڪهڙ ڪنون ڪيهي چيڙ تينُون، ڏتئي ذات ڪيها ڏنپ ڏَس وَلهي!
ڪيڙي نال نڪاح پڙهايون تيڏا، سونهي سيج سونهاري سس وَلهي!

---

(١) وَلهي = اڙي - ٻڙي!

پڇين ڪيل ڏمال مجاز والي، منهن تي مَلَ ٻَهين ڪاليِ مس وَلَي!
قاسم لاڪَي نينهن نيايا جنان، جهولي پا پيني جڳ - جس وَلَي!

دال دم قدم تي ياد ماهي، رهيا رَم صنم سَرِير مَيڏِي
هڪ دل نيتي دلدار هِڪَي، پنج ست نهين ڪجهه پير ميڏي
دل شير دلبر دي پير ڪُٺي، شمشير سَٺي سَڻ وِير ميڏي
هڪ جَؤ جيتي نهين پِؤ توڙي لک سَؤ سئو سِر تير ميڏي
قاسم ڪَم سَهي تُل تَم ٿَئي، لِکي توڙ ڪنون تقدير ميڏي.

دال ديڳ 'سَمُل' دِي سڌ ڪيتا، آوِي مجنون بي نون ڪاوٽا ڪيا(١)!
جيڪو لائي ته نينهن نِيائي، نَتان' سُتا شينهن ڏِي چوڪ جڳاوٽا ڪيا!
چُڪي تال چؤتال دي تال ڪنون، اُسي تال بيتال تي ڳاوٽا ڪيا!
لَيي لال ڪيهي ڳَت نال ڪبوين، پُتا پاڙ پَرِي ٻَڌ چاوٽا ڪيا!
قاسم ڪون قضا ڪَنُون ڪند ڪَدي، سِر آئي قضا، ته سجاوَٽا ڪيا!

ذال ظن ڪَنُون ڪيها ڏَن ڪَٿيُمي، رن بن پيا ظن پيٽ دا ڙِي!
ڏيوان ڏنب تَيَنُون هُڻ ڏيک ماهِي ميڏي پيٽ آتي نِت ليندا ڙِي!
دل پَچ ڪَڙِي' جنهن لَچ ڪنون، لتا لاهه سَتان پَٽ هيٺ دا ڙِي!
شَلا جهنگ دا ننگ نصيب ٿِيوِي، انگ اوڍ ٻَهان پوٽا پيٽ دا ڙِي!
لنگهه رُيل آوِيل سوِيل وچان، پِنُي رات ڏيکان رَنگ رِيٽ دا ڙِي!

ذال زنجير زليخا والي، تيڏي ڪاڻ سينگاريم سَت وَلَي!
اِهين مَت ڪُمَت دي ڳت ڪنون، هُڻ هٿ هٿوڙيان گهَت وَلَي!
گهتان بند بلند ڪمند تينون، هنڌ هنڌ رووين رَتي رَت وَلَي!
ڪوهڪاف دِي لاف نه مار سُجي! ڏيندا عشق ڪِسي ڪَون نه آت وَلَي!
قاسم! شمس دي کَل چون' ئي ڪَلهاچان رڳ عشق سِيتي' سُهڻي نَت وَلَي!

ري راند برهه دِي رَمديئان، رَم رَم سڪيئان صنم ڪَنون
خُم خُم ڪنون مَد پِي ميڏي دل صاف ٿَئي جام جَم ڪَنون
پيدا لوح قلم جنهن دم ٿيا، لذا رَم صنم تنهن دَم ڪَنون
ڪَيڙِي خر ڪنون سُچ بَر پَلا، وچان مر اِهين' مَدِي مَم ڪَنون
قاسم ڪيتاهي يار شڪار سائون'، ست چال ميڏي سِر چَم ڪَنون.

---

(١) اصل. 'سنبل دي'. سَمُل' = سم الفار = زهر.

ري رنگ برنگ ڊي طور تيڏي، ڏيندي رنگ برنگ ڏکاليان زي!
نيت رنگ برنگ ڊي راند رَميي، نت رنگ برنگ ديان چاليان زي!
مونڊي رنگ‌برنگ ڊي لال چيري، ڪنهين رنگ برنگ ديان واليان زي
ڏندين رنگ برنگ مُساڳ مَلين، لبين رنگ برنگ ديان لاليان زي!
ڏيکي رنگ برنگ ڊي ويس ماهي، ڪري رنگ برنگ ديان ڳالهيان زي!

زي زنگ دورنگ ڊي جنگ مَتيي، ڪش تنگ تُرنگ آتاونديئين
ٻر تير فقير تون هير آتي، ڪش ڪان ڪمان ڪيون آونديئين
گُم عيد پليد يزيد ڪيتي، تيغان عشق امـــام تـي چاونديئين
تون نہ رن بني 'بني اُميّه' ڊي، زيرا پٽ صحاب دا ڪاونديئين
ميلي ڪَڏ آهڏ ڪَن هَڏ تيڏي، اڄ ڪلهه جهنّم جاونديئين.

زي ذري ٻوري سمجهاونديان ٻيني ڳائون ديان ڳالهين مَت ڊيان(١)
ندي لنگهه نسنگ نہ ننگ واليي، تيڪون ننگ ڊي ونگ مين گهنديان
ٻچي ڪند تيڏا سَنڌ سَنڌ ڪنون، گلا چير ٻيوان وتيان رت ديان
ٻوڙين لت ڏي ٻَت ڪُپت تيڏيان متيان مُوڙهيائين مَت سُمت ديان
قاسم درد فراق دي دونهين دکيي، ڪنهن دي نال ڪران ڳالهين آت ديان.

سين سيند ميُڏي گهن‌چاڪ ڊي چوُٽي تين‌عشق ڏتيان ڳُنڊ ڳنديان زي!
منجهينوال ڊي نال مجاز ميڏا، لڳا نينهن نچان گهت گهنديان زي!
جوڳي يار دي نال بازار گهمون، هٿ مار اڏون اسان لنديان زي!
گهنڊ گهنڊيان ٻڌن لنديان، لڳن لنڊيان ڊي ٻيڇون ٻنڊيان زي!
قاسم‌ڪون ستيان ڊي‌سنگ‌چليي، ڏينديان‌چورڪتي واليان چنڊيان زي!

**سين* سهيليان تؤ ستيان متيان، [چلين نيت نَويان] چتر چاليان زي!
هَت هتيان هليان چتيان ڊي وچ[پٽ] ٻيتيان ڏتيان ڳاليان زي (٢)!

---

(١) ڳائون = ڳوٺ - راڄ .

* 'سين' جي هن بيت‌کان وٺي 'صاد' تائين، اهي پنج بيت فقط ٻن نسخن **خ ق** ۾ آهن، جن ۾ ڪن جاين تي ڪي لفظ ڪٽيل آهن ۽ صورتخطي ٻڻ ناقص آهي. خليفي صاحب جي اسلوب بياني کي مد نظر رکندي پنهنجي طرفان حتی المقدور ڪٽيل لفظن جو اضافو ڪيو ويو آهي. اهو اضافو چورس ڏنگين ذريعي نروار ڪيو آهي. (٢) اصل. هٿ هتيان هليان چتيان دي وچ پتيا ڏتيان ڳالياڙي.

چيچ پاليَان تيڏيان پاليان[سي] ڪُل ڪيتيانيِ، سياليان ڪاليَان ڙي (۱)!
هُل چين، مَچين، سَچين، پيـَا، راند مَچيِ، وچ ريزاليَان ڙي!
قاسم جنگ آندي جنهان عاشقان تي، ڏيوان تنگ ڦاهي وچ ٽاليان ڙي!

*شين شالا شُد نينهن ٿيوي، اُوهو ڏينهن الله ڪنون منگديَان،
ڪَچ، ڪيچ، قصور مشهور ٿيان، ڳالهين سٽيان جڳ[اين] جنگ ديان
وِچ رنگ بيرنگ دي جنگ لگيِ، گهَٽ وَنگ نيسنگ نہ سَنگديان
هَٽ هَٽ[تي پَٽ] دي گهَٽ وَڃي، ڏوما ڏوم بَنيان مِرڏنگ دِيَان (۲)
قاسم لنگهه دورنگ دي دنگ ڪنون، پڳان بڌ شتاب سُرنگ ديان.

*شين شهر شاهين شڪار ڪيتا، سُڃ بيين لکهين ٿيان بانوَريان،
جند جان [سنان] نشان ڪيتيِ، اکين ڏيک سَلُوٽيان سانوَريَان (۳)
مَتيِ رنگ ببيرنگ دي جنگ جِتان، رک دنگ دُوئيِ ٽريان ٽانوَريان،
هيرا هير مَتين، ڪيون هتيَان تي، جهولي پا موتي جهَل جهانوَريَان، (۴)
قاسم! تال سنيال چؤتال والا، گُن پُڇ ڪنون گُن، گانوَريَان.

*صاد سچ پيـَا پلـي ڪَچ نهين، پليا مچ لڳا نينهن نَچديَان،
نچ نچ پتنگ پيا مچ تلـي، ڪنون مَچ تِڏيان پَچ بَچديَان،
بَچ بَچ پيراوڻ ڪَچ ڪيها، ڪنون سَچ سُڇچ رنگ رچديان، (۵)
لَٽ پَٽ ڪَتڪ آتڪ پئي، گهر گيان [گهُمر گهـر] گچديان،(۶)

*صاد سڌ سهيليان گڏ ڪيتيان، پَٽان، آڏ تَوڏ ديان ماڙيان ني (۷)
جِن پُوت آڏوت پيُوت متان ماري تال ٻهتال تي تاڙيان، نيي،
سُکي، پيهڙ دي سيڙه کون چيڙ لگيِ، جهنگ جهيڙ چَلي پَٽ چاڙيان ني(۸)
ڏيکو ٻوم دي ڦوم دي ڏوم متي، جنگ آندي عُقاب تي آڙيان ني
قاسم! ڪَون سيوي دلدار بِنئون پوتيان عشق فراق ديان ڦاڙيان نيي.

---

(۱) خ. 'چيچ پاليان تيڏيان پاليان جو ڪل - الخ'؛ ق. 'چيچ پاليان تيڏيان پاليا جو ڪل- الخ'. (۲) خ. 'هٽ هٽ جهمندي گت وجي'؛ ق. 'هٽ هٽ...... گت وجي' (۳) اصل. 'جند جان ضعان نشان ڪيتي الخ'. سنان=نيزو- ڀالو. (۴) خ. 'هيرا هير ڪيون متن هتيان تي'؛ ق. 'هيرا هير ڪيون متن هتيان تي' (۵) اصل. بچ بچ پيراون ڪچ ڪيها، ڪنون مچ سچ رنگ رچديان. (۶) اصل. گهر گيان ڪر گچديا. (۷) اصل. پٽيان اڏ توڏ دي ماڙيان ني. (۸) خ. سکهي پهير دي سيڙ کون چيڙ لگي جهنگ جهڙ چلي پٽ چاڙياني. ق. سکهي پهڙدي اسيڙ ڪون چيڙ لگي جهنگ جهڙ چلي پٽ ني!

سي حرفي: اولي

الف يار ميڏي گهر آوي   آئوندا ڏيکان تان ڏک جاوي
سَهجئون آنگ نه چوليي ماوي   سُوهي ويس ڪران سِر ساوي
دُرجَن چوڙ ڪَڙي هَر دعوي   گوڏي ڪول ٻَهي گَڏ ڪاوي
يا ربّ مَنگُيم ڏي تون تيُوين
آ مِل ڍول شالا جُڳ جِيوين

ٻي ڊِي بات سڻايان ڪيهيِ   ميڏا يار ٿيا پر ڏيهي
اصلوئن ڏيک نه ڪيتُم ڏيهي   لِکيي لوح، پلپسان تيهي
ويسان جهاڳ آئيي مُنهن جيهي   لَينڊِي نينهن نيپينڊِي نيهي
مارين يار وسارين ڪيوين
آ مل ڍول شالا جڳ جيوين

سڻ تون **ٽي** تبارڪ تعاليٰ   يا ربّ يار ميلين مت والا
اُوچڪ آيم سِيء سيالا   ٻَهلي رات نه مارم پالا
بلبل ويک جيُوي گل لالا   جنهن ڪاڻ ڪاتيم سخت ڪشالا
مئن نال جام صُراحي پيوين
آ مل ڍول شالا جڳ جيوين

سُڻ تون **ٿي** سونهاري سَڏّان   آئوسي سڏ ميڏي سُڻ ڪَڏّان
جنهن ڪاڻ لعل پنگُوڙا اڏّان   ٿڏڙي هير سُهاوي هَڏّان
نچان جهُمر آوي جڏّان   مُوئيي خر پووَن پَر ڪُڏّان
ميڏي چاڪ سهڻا هٿ سِيوين
آ مل ڍول شالا جڳ جيوين

Gul Hayat Institute

کنهن نال **جيم** کرانمئن جهيڙي — مئن کَنِ نيت لُٽيجين نيڙي
هردم هوندا هِڪَّہي ويڙهي — يا رب تُوڙ نہ جوڙي ميڙي
باري پار آڪارين ٻيڙي — ٽَڏڙي نار اکيندا ٿيوين
آ مل ڍول شـــالا جڳ جيوين

هي هُڻ عشق آيا ڪر هَلاّن — ڪنهن هٿ آڪ سَنيها گهَلاّن
ٻيٺي وانگ ٽِنڊاٽي ٻَلاّن — چِتڙي چوڙ سناسيين رَلان
پُڪلي ڏوڙ پيُوتي مَلاّن — هــمــدم ڏيندَمِ درد هَلاڪِي
مِليم يار نـــہ ٿيوَم ياڪِي

خي هُڻ خط فِراقي لِکانُ — لِکان، لِکڻ ڪنهن کَن سِڪاّن
جوڙان مَس هَڏِي پَن مِکان — وچان دوڙ پووَن جي وِڪاّن
آوِي قاسم جنهن ڪاڻ سِڪان — جانُ بُت خاڪ نہ ٿيندَمِ خاڪي
مِليم يار نـــہ ٿيوَم ياڪِي

دالين داغ پيا دَر دِلّينُ — تؤ بِن ماس پَتيا مَه هِلّينُ
مُرده جيءِ پووي خوش ڪِلينُ — سُهڻي ٿور اگڻ جي ٿِلينُ
مَلاّن مُشڪ عَطُر جي ملّينُ — مولىٰ! کول وصل در طاقِي
مِليم يار نـــہ ٿيوَم ياڪِي

ذالين زنگ ٻيڻُون گهَٽ زَنگي — بَچڻي نينهن جنگاوَر جنگي
ويري ويڙهہ مِيڏِي دل وَنگِي — مَلاّن پُوت پيُوت مَلنگي
سامِيين نال قِران سِر نَنگي — ڏِتِي سُرڪ فـراقـي ساقِي
مِليم يار نـــہ ٿيوَم ياڪِي

ڪيتُم رهبر **ري** روانہي — پَنُيم يـــار ڏَهُون پَروانہي
گهونگهٽ لاه! لِکان لِک جاني — مُنجانُ مـيـڙ طرف مَتّستانہي
مِلن شاه ٿيوَن شادمـانہي — ڪُلن باغ مُرادان بــاقـــي
مِليم يار نــہ ٿيوَم يـاڪي

ظالم **زي** زمانا آيا مَيڏي يار مهينا لايا
چاتم ڏينهن سؤ سال سِڏايا مِلسان يا ربّ يار ملايا
موهن ماه ڪِنِهِين بِرمايا بِنِي وات وصالِي ويهڪان
اِي ڏک ڏيک لهن، جي ڏيکان

سِين سڏ ڪَرَان سؤ پيرين٘ وَهلا مِلَيْم شاه وزيرين
کِلدي کند رَلايان کِيرين دلبر ڏِير ڏيهوين دِلڊيرين
هردم چاک سُهاوِي هِيرين قاسم لطف رباني ويکان
اي ڏک ڏيک لهن، جي ڏيکان

پيتم **شين** شراب طهورا پيارِي جام ڏِتا پرپورا
پيتم اوت آلت پَنْجتُورا (١) لگا نينهن، نچان گهت نورا
اِي تن ڪِيتم ساز طنبورا پيرم راڳ رَلايان ريکان
اي ڏک ڏيک لهن، جي ڏيکان

اؤسي سڻ **صاد** ميڏي سڏ جانِي لائق شان پريا لاثاني
جِينڊِي بانهيان دي مڻ بانهي تهنڻون کوڙ ٿيوان قرباني (٢)
بِدَم بانهپ دِي گِل گِاني محڪم عشق جڙايان ميکان
اي ڏک ڏيک لهن، جي ڏيکان

آيا **ضاد** ضلالت بارِي واڳان موڙ سڄڻ هڪ واري
تڻن تَوُن واران٘ جند پياري (٣) صدقؤن صدق ٿيوان سؤ واري
بلبل ويک جيوِي گلزاري پڻيان بيد درد ديان بيکان
اي ڏک ڏيک لهن، جي ڏيکان

طي هڻ تيغ بره سِر ٽَلّي تِيوِي چُور اهو جو چَلّي
ڪُوپهي مار ڪَڙِي سِر ڪُلهي سَمُّل ديگ چڙهي آ چُلهي (٤)
پيوَن عاشق جام آمَلّي سُرڪِي تيز ڪنون تلوارين
يا رب يار مِلائين يارين

---

(١) پنجتورو پيالو. (٢) **خ**. 'تهتوآ قربان ٿيوان ميقرباني'؛ **ک**. ' تهتون قرب ڏيوان قرباني'؛ **ش**. تنهن تون گهول ڏيوان قرباني'. (٣) يعني: آءٌ تو تان جند گهوريان. اصل. ' مڻن تو واران جند پياري.' (٤) سمل ديگ = زهر جي ديگ.

Gul Hayat Institute

ظ تون لنگهه زمانا زنگي — رُکيئي، بَرسير قرب ڪلنگي
پيالا پيءُ تَڙُونُ تِشنگي — آنگي لاه تَيوان سِر نَنگي
تَيوان مستو مست ملنگي — منگهت موڙ سُونُهَن، مختارين
يا ربّ يار ملائِين يارين

تؤ سِر **عين** الله دا سايا — آيا يار لُڪيجين آيا
مَيڏِي درد ڪنبائِي ڪايا — وِسريُم، مال مَڏي گهر مايا
تؤ ڪيِئُونُ لاڙ مهينا لايا — سِر دا سودا عشق بازارين
يا ربّ يار ملائِين يارين

مَينُونُ **غين** گهَتيا غم ڏُونهين(١) — ڪِتِئُون سُور تَنهي آ سُونهين
اگِـي آهي اِت آسُونهين — اصلئُون رمز پيرائِي رُوحين
اِي ڏک نينُ، آئي گهِن ڏونهين — ڪيتا وَٽج حسن وَڻجارين
يا ربّ يار ملائِين يارين

ڪُليهي **في** فضل دِي جهوليِ(٢) — آئِي سَرونُون منُد مَموليِ(٣)
مَيڏا يار آيا مَنُ ڪوليِ — پِگي پئو سيئي پوليِ (٤)
تَيون، خَر شَلا مر توليِ — قاسم! ڏي باهين خَس خارين
يا ربّ يار ملائِين يارين

ڪانگي **قاف** ڪِتابت آندي — آکِيُس: آيُس اي درماندِي!
ڏيسان سهجئون پانهن سِراندِي — تَيسِين درد فراقئون واندي
لَڏيان مفت مُرادان باندِي — چِيرا لعل ڪَران سِر چنيان
آيا ڍول، مُرادان پنيان

ڪِيتي **ڪاف** مَيڏي ڪم پوري — اصلئون آهي جِي آڌوري
چِڀان پان سوپاري چُوري — ڪران ناچ، نچان گهت نُوري
بولن 'تون هين تون' طنبوري — سَتان ڏُور ڏرنگي ڏنيان
آيا ڍول، مُرادان پنيان

---

(١) اصل: 'مين تو غين گهتيا- الخ' (٢) اصل. 'کهليو في فضل دي جهولي' (٣) اصل. 'آئي سرون منَد ممولي'. (٤) **خ** ت. 'ڪديئي پوه سب پولي'. **ڪ**. 'ڪديئي پو سب پولي'.

Gul Hayat Institute

ڪيتا **لام** لطف رب سائين   ميڏا ڏول آيا مٺن تائين
ڪُليان خير خوشي ديان واهين   ڪيتيان داڙُو پير دعائين
چيشمين جوڙ ٻلهايان جائين   اکيان ريجهه رَهيان جهي رُنّيان
آيا ڏول، مرادان پنيان

مٺن ڪَن، **ميم** پيا مه ساقي(١)   مَدوا يار مَنايم ياڪي(٢)
ڪيتي ميڏي ڏول ملاقي(٣)   همدم لَٿي درد هلاڪي
رَليان رمزان روز ميثاقي   قاسم! مَل" خَريڻ مُنهن ڪُنّيان
آيا ڏول، مرادان پنيان

لايا نيڻين **نون** نظارا   مٺن ڪَن، بخت ڏِتا ول وارا
گهتيم پوُنُ - بارهن دا ڏارا   همدم حامي نبي سُونهارا
لڳا نوبت سوپ نغارا   مُڇان ريش رقيبين مُنّيان
آيا ڏول، مرادان پنيان

پُونَم **واو** وَنُوتا چُنّا(٤)   مٺن سير مينهن مِهر دا وُٺا
ڪاتي مار وِڇوڙا ڪُٺا   ٻُٺّا خر منافق مُٺّا
مٺن تان يار مَنايا رُٺا   اي دل لنگهه پئي ڏک وادي
ڏيندا لوک مبارڪ شادي

هي هَنُومان لڳائي لَڪّا   ڏِتا باندر قُوک پِڙَڪّا
مَتا جهڳ مڳ جوت جهڙَڪّا   ڏَهه ڏَهيسر نوڙ نَڙَڪّا(٥)
مِليا دُزين عشق دڙڪا   تَڏان سِيٽ لَڪمّڻ ڪاڏي(٦)
ڏيندا لوک مبارڪ شادي

لا هوُن لائق پير لَڪياري   سنڌ هند جنهن نوازي ساري
باري بار آُنايا باري(٧)   ڪلنگي برسر شه ڪَلتاري
مهدي مير سُونهي مختياري   قاسم گهن آيا گهر هادي
ڏيندا لوک مبارڪ شادي

---

(١) پيا = دلبر (٢) مدوا = ميٺو- رسيلو. ياڪي = وچڙيل. (٣) اصل: 'ڪيتي ڏول ميڏي ملاقي' (٤) چنڊ، جو گيرهڻ هيٺ هو سو چٽو. (٥) **خ**. 'ڏه سر ڏهيسر ڏوڙ ڏڙڪا'؛ **ڪ**. 'ڏه هيسر ڏڪر ڏوڙ ڏڙڪا'. (٦) **خ ڪ ق**. 'تڏه سيت لکمن ڪاڏي' (٧) اصل. 'تنهن باري بار اٺايا باري'.

Gul Hayat Institute

اُلفا عشق تَيڏِي لک ٽورِي   ڪيتيان نال پَلايان پورِي
آيس گهوٽ، جنهين دِي گهورِي   اڱڻ يار ڏيندا سو ٽورِي
ٽئن ٿَوُن گهور ٿيوان مئن گهورِي   گُل ڦُل سيج وڇايان گادي
ڏيندا لوڪ مـبـارڪ شـادي

ٻي هڻ ياد ڪرو رب تعاليٰ   ڏيکُون پيرِ مُغان مَي والا
ڏيـنـدا نُوري نُور پيالا   مئن ڪون شاه پِلائي شالا
ڪلمي ڪاتيا سخت ڪشالا   مومن لَهندِي مفت مُرادِي
ڏيندا لوڪ مـبـارڪ شـادي

لا اله إلا الله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

بيت سرائڪي: محبت ۽ مجاز

يار ميڏي سينگار ڪيتا، سِر سُونهن دُرست دُشالهي ـ آفضل عالهي
مُور ٿيوَن ڪمزور، ويکن جيٽ تور ٿُرڻ دي چالهي ـ ناز نرالهي
موتي ڏند، گهتن دل بند، جڏان چا کنڌ پلاٺڙ پالهي ـ سؤ غم ٿالهي
لال لبان سِر لاليِ لائي، خوب ڪُلهي گل لالهي ـ ٻهي مثالهي
سي منصور لڪين مخمور ٿيوَن، پُربور پيوَن پيالهي ـ مستي والهي
سؤ مشتاق چڙهيي سِر سُولي، ڪاڏي بشيهر ڪالهي ـ زلفان والي(۱)
سؤ عاشق مشتاق ٿيوَن، جهي مست قيرن متوالهي ـ ڪاڻ وصالي
ڳِل وچ ڪفني ڪرن گدائي، ٻيک پِنن بيحالي ـ ٿُنبڙيان والي
قاسم! تي قربان تينهيان تؤن، ڏيکهي آپ ڏِ ڪالهي ـ آ گڏ جالهي(۲)

محبوب، ڏنوسي خوب، دِلين تي دام گهتي دُر دانا ـ يار يگانا
چُٽڪيا شوق شڪار شتابي، چا ترڪش تير ڪمانا ـ ڪرَ بهانا
مَن آساڏا محبت دي وچ محوَ ڪيتُس مردانا ـ هي شڪرنا
دوست دِلين دا تنهن در آوي، جنهن تي راض ربانا ـ بي بيانا
ڳَل قاسم دي آڻ گهتيونهي، ڳُنڌ زلف دا ڳانا ـ دستنشانا

---

(۱) هيء مصرع فقط ڪش ۾ آهي. (۲) نسخن ۾ مصرعن جي اختلافي ترتيب ڪي سموهي هيءَ بيت ٺٺين سر مرتب ڪيو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

محبوب، اساڏا خوب، جڏان [ڪر] فرمان فوج چڙهائين ـ [ڪَر هَلائين]
ڪر سينگار سبز سرخ [تين] بيحد ويس بَنائين ـ مار مَنائين
جوهردار زلف دِي خنجر، لَنُءُ لَنُءُ وچ لڳائين ـ چوب چُپائين
نيزا نينهن نظارا، قِسم قرارا، هڪ چيڪائين ـ [تين] پيا چائين
قاسم تي قربان تنهان تون جيڪر نينهن رَلائين ـ توڙ نڀائين (١)

—⁂—

(١) اصل . قاسم تي قربان تنهان تان جي اينهن لائين توڙ نڀائين.

مولود ۽ ڪافيون †

مولود *

جهجا ڏيج جُهارَ، منهنجا عالَمَ جهي آڌار [ڪي]
پانڌي پريان رسول ڪي، جهجا ڏيج جُهارَ
١. آجو ڪريو احمدا ! عاصي ڪؤن آزار
٢. سگ پانهجو سپرين ! وارث ڪيمَ وسار
٣. سگهو موتج سيّدا ! سڌ سڻي سالار!
٤. رهي آهي روح ۾، پِريمَ تنهنجي پچار
٥. قاسم جي ڪونين ۾، سيّد لهج سار

ڪافي: سرڪلياڻ

اِيهو ميڏا حال، سانول سڻدا
ڪيهي ڪَل بيگاني لوڪ وو
١. مادر ميڏيان جڏان ڳُنڌڙيان مينديان، هٿين وَه وَه چلڙي وينديان (١)
نينهن لايس مئن نال
٢. ڪيتم ناچ ماريم ڪَڙ تاڙي، ڏُڪ چڙهيئان عشق دي ماڙي
سڙن سپ سيال
٣. عجب رمز اِشارت آئي، لوڪ ڪنون لُڪ يار سڻائي
ڳُجهؤن ڳُجهڙي ڳال

---

† مختلف نسخن ۾ ڪن ساڳين ڪافين جي مٿان 'ڪافي' توڙي 'وائي' عنوان ڏنل آهي، هيٺ اسان ساڳيو هڪ عنوان 'ڪافي' قائم ڪيو آهي.

* هيءَ مولود فقط S ۾ آهي.

(١) S. 'ڳنڙيان مينديان'.

۴. ميلِيم رانجهن رنج ٿيا ڪَيڙا، ٿُرٿئون چاتم پرت دا پيڙا (١)
صاب پئي سپ سوال(٢)

۵. قاسم! گهڻي ڏک ڏينهن ڏولاوي، ڪيڙا ڪَڙا سپ دعوي
ڪيهي ني واء وصال

ڪافي : سر جوڳ

جوڳيڙا! پُڇ پوتيان نُون، ڪوئي يار دا ڏي ڏسڙا

١. خزان تَن دا خون سُڪايا، چُل پيا چولت چڙوايا
ڏينهن گهنديان نؤبهار دا ڏي ڏسڙا

٢. آڪ گيا ول آيا ناهين، آيس تؤ در دوڙ تڏاهين
مَن موهن مختار دا ڏي ڏسڙا

٣. 'نَحنُ اَقرَب' سڻيم اشارا، پوندا رهي مين رنگپور سارا
بلبل رووي، گلعذار دا ڏي ڏسڙا

۴. مار نجومي! ميڏي بخت دا پارا، ڪڏن ملِسي يار پيارا
پُڇدي وتان آهين وار دا ڏي ڏسڙا

۵. قاسم پيا پيش طبيبان، سپ سڻايم حال حبيبان
دارو پُڇان بيمار دا ڏي دسڙا

Gul Hayat Institute

---

(١) **خ ت.** 'تڙتم چٿم پڙم پيڙا'؛ **ظ.** 'تڙتم چٿم پرم پيڙا'؛ **د.** 'تڙ تم چتم پڙم پيڙا'، **ش.** 'تڙ تم چٿيم پڙم پئڙا'؛ **ڪ.** 'تڙ تم چٿيس پيڙي پيڙا'. سڀني نسخن جي پڙهڻي مبهم آهي. متن جي پڙهڻي خليفي حاجي شير محمّد جي روايت جي آڌار تي ڏني وئي آهي، جنهن جي مراد هن طرح آهي: لاڙ ۾ حضرت موسيٰ جا پيڙا باسيندا آهن. ڪُٺيءَ جا لڏون ٺاهي، مٿتا مچڻ وارو هڪ هڪ ڪري ڪٺندو ۽ چوندو ته 'جي مُراد پوري ٿي ته آءٌ هيترا پئڙا ڏيندس'. هن سٽ ۾ پئڙي ڪٺڻ (=چاتم پيڙا) واري مٿتا ڏانهن اشارو آهي. (٢) اها پڙهڻي **ڪ** مطابق آهي. ٻين نسخن موجب: 'پڻي ثابت سپ سوال'.

ڪافي: سر جوڳ*

لوٽ رانجها وڃي نيتئي دڳ تون
ڦر رانجها وڃي نيتئي دڳ تون

١. روز الستي ڏينهن جڏان دا وڃي
مئن تين رانجهن عشق تڏان دا وڃي
مين تيڏڙي، سڳ تون(١)

٢. اوڙي پاڙي وچ مقالان وڃي
رانجهن سر سپ سيالان وڃي
مين تيڏي، جڳ تون(٢)

٣. قاسم آکي نال نماڻيان وڃي
ڪر تون رانجهن يارائيان وڃي
ڳل ميڏي لڳ تون(٣)

ڪافي: سر جوڳ

آساڏي اڱڻ آج سهاڳ وڃي!
رانجهو يار پاتي وَل پيرڙي

١. ميل سهيان مينون ڏيوو مبارڪ، وَليئي وصال دي واڳ وڃي (٤)
ٿئي سهاڳي سپ سيرڙي

٢. کوء ڪتان بن نال کپڙيان وڃي، طولان مئن ڏينديان آڳ وڃي
سانون وَرجهنگل دِي گهيرڙي

٣. شڪر الحمد لله رانجهو يار مليو سهي، هڻ وَليا آساڏڙا ڀاڳ وڃي(٥)
ڪيتي چاڪ دليين وچ ديرڙي(٦)

٤. آکي قاسم منجهڙيين والا، آيا اساڏڙي ماڳ وڃي
ڏيسي ڳلي ڳلي سو ڦيرڙي

---

* هيء وائي فقط ڪ ۾ ڏنل آهي. اصل ۾ ٽل جي پڙهڻي:
'لوٽ رانجها وي نيتي دل تؤن، ڦر رانجها وي ليتي دل تؤن'

(١) اصل. 'مين تيڏي سڳ' (٢) اصل. 'مين تيڏي جڳ' (٣) اصل. 'ڪر تون يارڙنائيان وي -
ڳل ميڏي لڳ'. (٤) خ د ڪ ش. 'وَلئي واڳ وصال'؛ ظ. 'ولي واڳ وصال وو'
(٥) خ ڪ د ش. 'شڪر الحمد الله'؛ ظ. 'الحمد لله' (٦) اصل. 'ڏتي چاڪ دلين وچ ديرڙي'.

كافي: سر جهنگلو *

سچڻ ول آوي مئن ڪولهي، ڏولڻ ول آوي مئن ڪولهي

١. جدا جالڻ مئن نون مشڪل، جيويهن باغين بنؤن بلبل
نهين ڪوئي تيڏا تل تل، رهيان هڻ گوليي مئن گولي

٢. سچڻ اسان تي ٿيا راضي، نہ ڪيتس مئن نال بي نيازي
ڏولڻ ساڏي متيي آزي، چاٽان ڪيون ٿوري مئن! تولهي

٣. ڏولڻ ول ديسڙي آيا، ڪيتس ڪنهن رمز دا رايا
راول ريجهہ رنگ لايا، ڪيتس سيل وچ اهين سولي (١)

٤. دلبر ديسڙي سانون آ، [قدم] ول اگڻ ساڏي [چا]
قاسم تي تون قيرڙا ول پا، سهجؤن انگ نہ ماوان چولهي(٢)

كافي: سر بروو سنڌي

ڪيرُ پڇي مُلان قاضين سان، غمُ مَ ڪاءِ گهُم غازين سان (٣)

١. ڪنهن نہ پڙهي يارُ ريجهايو، ڏول اچي گهر غازين سان (٤)

٢. ميڙي مُلن منصورُ موالي، رندُ وڏو بندِ بازين سان

٣. نَو بنَو ڏِس نازَ پرين جا، چو وڙهين مُلان ماضين سان

٤. قاسم ڪي نت نينهن نچايو، چير پڏي تند تازين سان

كافي: سر بروو سنڌي

عشقُ عاشقَ ڪر مطالع، ورد هَمُ ويسار تون
ري محبت مردَ مانجهي! پيون ڪتابُون بار تون

١. ڪوڙين ڪتابُون چو پڙهين، وٺ عشق جي آذار تون
[تان] سبز سرخي رنگ جو، دم دم پسين ديدار تون

---

* هي ڪافي فقط ڪ ۽ ش ۾ ڏنل آهي.

(١) ڪ. 'ڪي تس سيل وچ آهِ سولي'؛ ش. 'طالب ... ڪيتس سيل سچائي'.

(٢) ڪ. دلبر دسڙي سانون آ ڪڏان ول اگڻ ساڏي آ
قاسم تي تون ... ول پا سهجون انگ ماوان نا چولي.
ش. دلبر ديسڙي ساڏي آ ول اگڻ اساڏي آ
تي تون قيرڙا ول پا انگ ماوان نا چولي.

(٣) ظ. جا ڪافيا: غازي، بازي، ماضي، تازي (٤) ڪ. 'ڪنهن نہ پڙهي پنهنجو يار ريجهايو- الخ'

٢. ’ڪنز‘ ’ڪافي‘ ڇو پڙهين، ڇاڪي پورين جنجار تون
جيت سودو ٿئي تو سر سندو، پس بيره جي بازار تون (١)

٣. آچليي چوگان ۾ نعرو هڻيي نروار تون
سر سنهي سوليي آتي، پر پهلواني پار تون

٤. بن بيائي ڪي ورجهي، ڪر اصل ڪي اظهار تون
گولو ۾ ٿيء گمان جو، ساڪي سڏاء سردار تون

٥. قاسم سڻي سڀ سمجهه ڪر، اي پيرين جي پهچار تون
تنهنجو پرين تو وٽ سدا، ڇا ڪي پڇين ٻئي پار تون

ڪافي: سر بروو سنڌي

ڪهڙي سانگ آيون بلما! ڪهڙي سانگ آيون تون

١. بيرنگيي رنگ پيدا ڪيتوئي، ميم ۾ مُک ڇپايون تون
نہ ڇٽيوئي ڪو پهنا پيئيي، نا ڪنهن پيئئون ڇايون تون

٢. سٽيوئي تخت هزارا شاهي، شوق جهنگل پا ڇايون تون
رنگپور دي وچ سيل ڪيتوئيي، خاڪيي خرقا پايون تون

٣. انگ پيوت لنگوتيا جوگيي، خاڪ لڳين ڪون لايون تون
ڪيتوئي قيد حُسن دي قابُو، ڏاڍي ڏاوڻ ڏايون تون

٤. اَلاِنسانُ سِرّي وَ اَنَا سِرّہ، ڳالهہ اِهائيي ڳايون تون
اَنَا اَحمَدُ بِلا ميمٍ، عالم وچ آلايون تون

٥. سڪ دا ڏيهہ پيئون سٽ ڏکين، برسر بار اُنايون تون
هٿين مار ڪهاڙا پيرين، احدئون عبدُ سڏايون تون

٦. محمّد مُرسل آپ رسولان، هرجا حُڪم هلايون تون
آپي عاشق آپ معشوقا، آپ ۾ آپ سمايون تون

٧. عشق مناں ڇڪ آندا تيڪون، تاهہ رنگيلا ناهيون تون
وچ ميدان محبّت والي، قاسم ڪؤنٽ ڪڏايون تون.

---

(١) خ ظ. ’جت سودوئي تو سر سندو- الخ.‘ ڪ. ’جت سودو ٿئي تو سر سندو- الخ‘؛ ش. ’جت سودو ٿئي ٿو سر سندو- الخ‘.

Gul Hayat Institute

ڪافي: سر بروو سنڌي

اِيهو هٿ چوڙ چَليا وڻجارا، ست سودا سُود وِچارا

١. سودا ڪِيتُس، ڪر نه چاتس، ڪِيتُسِ ڪُوڙ پَسارا (١)

٢. ’فانِي‘ ڪُون ڪر چاتس ’جانِي‘، سَٽُسِ داغ دوبارا

٣. ڪِٿ سڪندر تخت سليمان، ڏوڙ لَٽيا شه دارا

٤. رنگپور دا شه چَل سِڌاٺان، ڪِيتس ڪوچ نغارا

٥. ’فانِي‘ ڪُون سَٽ ’باقي‘ ڏِي وچ، قاسم آڏ اوتارا

ڪافي: سر برو و سنڌي

وِيکِ جانِي طرف مِهرِي، مَينُ هوئي حيران وِي

١. تُجهڪا لگا مُجهڪون، ڪارِي ڪَليجي مين ڪان وِي
روز ڪِيا تو پِيا هي، مِهرِي جانِ ڪُون نيشان وِي

٢. پَرچِي پيارل تِي ڪڍهن مان وَتِ مِنا مِزمان وِي
ڪريان پاڻ ڪي پَيزار تَوُن ڪوڙِين پيرا قربان وِي

٣. مانڪي هٿِي مستان ڪِيو تُنهنجي مِنا مِژگان وِي
ڪوڙيِين لکِين قاسم جِيهاَ، تنهنجي ناز ڪيا نادان وِي

ڪافي: سر بروو سنڌي

ڪو ڪِسيڏِي سنگ نه چَلدا، هر ڪوئي پابند پَل دا

١. پِيتا آذر بِهشتِينُ وَڙِيا، آذر دوزخ بَلدا

٢. پِيئتُون چايا نوح نَبِي دا، نوح دا واليا نه وَلدا

٣. عيسيٰ چڙهيا بَر آڪاسين، خِضر ساڪِنُ جَل دا

٤. رنگپور دِي وچ قاسم آڪي، ڪِيتوئِي سبل ڪَنوَل دا

---

(١) اصل. ’سودا ڪيتوئي ڪونه چاتوئي. الخ‘

ڪافي: سر بلاول

ڪيون ڪيتوئي ڏيوان، جاني [ڪيون ڪيتوئي] مستان
تن ميڏي ڪون تؤ پر ماريا، ڪاري ڪيبر ڪان (١)

١. پنهان لوڪان وچ خوشيان هونديان عاشقان وچ ارمان
آکيان تيڏيان خون ڪريندان، زوري زور زيان (٢)

٢. آکي قاسم جنهن ڪون ڪيتوئي، راتو ڏينهن حيران (٣)
ديد ويکا ڪي آپ ڪيتوئي، قاسم ڪون قربان

ڪافي: سر ڌناسري

آکيتوسي ڪيا، وي سيّان! آکيتوسي ڪيا!

١. ايڪ گهڙي دي آوڻ ڪيتي، پاپ پلي گل پيا
٢. ديس پرائي آ پيوسي، جتان ساءِ نه لا
٣. وقت چاوڻ دي رب! آساڙي موت نه ماري ما
٤. آدم بن ڪر نال سيان دي، وير پرايم ويا
٥. قاسم هڻ تان ڪجهڻ ناهين، تيوٽا ها سو ٿيا

ڪافي: سر آسا

آسانون هويان سنيالان، لائيني ڊنڙي گهٽيري (٤)

١. لگيان بيره ڊريان چاتان، ڪڙي گلينديان واتان
قبول پيتان ڪاتان، سريان سميت والان (٥)

٢. سجڻ تيڏي فراق ديان، سانون هويا وصالان
گليان تيڏيان مئن گاوان، پئيندي فراق [ديان] فالان (٦)

٣. نبي بخش مئن ڪني آيا، ڪڙ مئن سيج وڇايا
رانجهن مئن ڪني آيا، تسان بنوڻ ساڏيان اي حالان

---

(١) ظ. 'قهري قيبر ڪان' (٢) ظ. 'اکيان تيڏيان ڪندڙيان نه پيديان زوري زور زيان'.
(٣) خ ڪ ش. 'آکي قاسم چڪن ڪيتوئي راتو ڏينهن حيران' (٤) اصل. 'گهٽيري دنڙي'.
(٥) اصل. 'قبول پنيا ڪاتان سريا سميت واران'. (٦) خ د. 'پئي ني فراق فالان' ڪ: 'فراق فهل لان'.

ڪافي*

ڪوئي وي سنيهڙا ڪَڏَّان، ميڏِي يار نہ گهليا
ڪنهن پاڙوسڻ سُڄي ڊولڻ پليا

١. آڪ گيا ول آيا جو ناهين، دوڙ وڃان مَئن هڻ ڪنهن در دانهين
وات پَلبندي؟ ميڏا يار نہ وَليا

٢. وس نہ رهيا مَئن تان بيوس هوئي، خبر لهي آوڃ يار دِي ڪوئي
جيڙا نماڻا جهوري دِي وچ جليا

٣. نامئن رُسايا رانجهونا مَئن رنجايا، پير ڪڏان مَئن نہ پَر گهر پايا
حيرت دي وچ هينڙا رَليا

٤. قاسم ڪر ڪوئي داد اساڏا، ڪنهن بَرمايا ڏتي ميڏڙا لاڏا
ماس هَڏان تون ڳالهين سڻ سڻ گليا

ڪافي†

هيڀو مَرينڌڙ يان، هيڀو مَرينڌڙيان
وچ درياء دِي سيّان سيّان

١. سي سيّان ول ڏاوڻ نہ آيان
او اوڏاهين رهيّان رهيّان

٢. وحدت دي درياء وڇولي
تُبَ تبَ ڏيوَن ڏَيّان ڏَيّان

٣. بانهن اولارن چنبڙي مارن
هڪيئي ڪَن هِن تريّان تريّان(١)

٤. نال جنهان دِي مئن هيڀو ماري
ڪياچاڻان اوڪيڏي گيّان گيّان(٢)

٥. قاسم ڪر ڪر ياد تينهان ڪُون
اکڙيان رو رو رهيّان رهيّان

—✿✿✿—

* هي ڪافي فقط ڪ ش ۾ هي. سر جو نالو چاڻايل ڪونهي.

† هي ڪافي فقط ڪ ش ۾ آهي. سر جو نالو چاڻايل ڪونهي. (١) اصل. 'هڪيئي ڪن هڪ ترهيّان ترهيّان' (٢) اصل 'ڪيا چاڻا او ڪن گيّا گيّا'.

Gul Hayat Institute

اینن جز*

در زبان هندوستان در سلوک و مناجات و غزلیات [و وائیهای] و ریختہ [و راگهای] و ڈپه و راسوڑہ و سهرا و بهجن و هوری

•

در سلوک نکتهٔ توحید

بسم اللہ الرحمن الرحیم

ایا شاہ بیرنگ در باغ رنگ — لگی رنگ کی رنگ سیں خوب جنگ
لگا عشق کا تب سے ڈنکا تمام — کیا ترک جنت کوں آدم امام
نہ کہتے ھیں آدم کا مادر پدر — کدھر کا چلا ھے پھر آیا کدھر
تو 'یٰس' میں دیکھہ 'کن فیکون' — کہ پیدا ھوا پل میں گونا و گون
میں ماں باپ سیں بھی تو آگے ھوا — نہ دیکھا اسی دیس جیتا موا
کہاں سوں میں آیا کہاں جاؤنگا — کسی بات سوں ڈرکے پچھتاؤنگا
نہ مشرک، نہ مومن، نہ ایمان پر — نہ قاتل یزیدی، حسینی، نہ حُر
نہ بامھن، نہ جوشی، نہ زنار پوش — نہ ملاؔ، نہ قاضی، نہ نرگی مئے نوش
نہ ذاکر، نہ شاکر، نہ غافل غرور — نہ جن و پریزاد، ملکی نہ حور
نہ خالق خدا، نہ خدا سے جدا — یھودی، نصاریٰ، نہ قوم لدا
نہ میں رافضی ھوں، نہ سنی صحی — نہ پڑھتا ھوں پوتھی، نہ صرف و نحی
ثوابوں سے اُلفت نہ طالب خطا — میری ذات سجھہ کوں کو دیوے بتا
نہ میں جانتا ھوں کہ میں کون ھوں — نہ لوھا، نہ پیتل، نہ میں سون ھوں
نہ ھاشم، نہ قاسم، محمد ملوک — نہ جھگڑا کسی سے، نہ کرتا سلوک
اسی دیس میں چل کے آیا جبھی — مذاھب طریقے میں دیکھے تبھی
کیا موج رنگین آبِ حباب — حباب ھی ملیا آب سیں آب آب

---

* یہ جز قلمی نسخوں میں سندھی رسم‌الخط میں لکھا ھوا ھے اور کاتبوں کی غلطیوں کی وجہ سے جملہ متن بالکل مبہم اور پیچیدہ بن چکا ھے. بعض اشعار موزون ھیں مگر زیادہ تر اشعار ساقط ھیں. بعض عبارات کی تصحیح کی گئی ھے لیکن کافی کچھہ عبارات پھر بھی مبہم رہ گئی ھیں.

Gul Hayat Institute

دکھاتیاں ہیں موجاں طرح طور طور
سبھوں میں ہے پانی نہیں اور اور
وہ بھیدی پچھانے اسی بھید کوں
پچھانے گا جو شاہ ناپید کوں
بحر سیں پڑی بوند ہوگئی بحر
بحر ہے بحر ہے بحر ہے بحر
بحر سیں نکالے بھلا کون بوند
بحر سیں ملی بوند ہوگئی سموند
بحر سیں یہی بوند موتی اسول
وہی پھول پھل ہے وہی جھاڑ پھول
وہی پھول پھل ہے وہی جھاڑ ہے
دوئی کی نظر سیں تو بیگاڑ ہے
نظر بیچ آئے عجب ایک کھیل
یہ ہے کھیت بویا، نہ ساتھی نہ بیل
کہ آگے بھی تھا ان پیچھے بھی ان
ملیا خاک سیں ایک ساتھی کا تن
رھیا پہنچ اپنی اصل سے اصل
نہ آیا ھماری نظر سیں نقل

•

مناجات بجناب علی ولی

مطلع: عربی علی ولی کوں، میرے سلام کہیو
در پر کھڑا ہوں دائم سائل سدا سوالی
دیجو بھلا گدا کون ایمان انعام کہیو
حوض کوثر کا والی، شہر نجف کا سلطان
ساقی پلادے مجھکوں، بھر بھر دو جام کہیو
تیرے جناب کا ہے، فدوی قدیم قاسم
اپنی زبان سے اپنا، اوس کون غلام کہیو

Gul Hayat Institute

•

مناجات بجناب غوث اعظم

غوث اعظم پیر پیران مدد میری میر میران
جو چل آوی سو پھل پاوی کاٹ ھماری سب تقصیران

ھم ھیں جنوں کے جنم کے داسی صاحب میرے سمیعاً بصیرا
جرم گناہ سب قاسم کے کیجیو معاف صغیراً کبیرا

غزلیات

[۱]

مغاں نے جام دیا ہے مجھے میخان میں آ
زھد کوں چھوڑ شتابی، کہا خمخان میں آ

تجھ عشق کے پھندے میں کیا ھندو کیا مسلماں
زاھد بھی پھنس رھا سب ایکان میں آ

'انا احمد بلا میم' ہے محض محمد
عجب کیا بھید چھپا صورت انسان میں آ

منصور نے مارا تھا اناالحق کا نقارا
سر پھینک دیا عاشق چوگان میں آ

مذھب عشق نیارا ہے کفر [و] دین سے
بستی سے نکل قاسم بڑھ میدان میں آ

[۲]

مجھ تشنگی کی آگ بجھانے کوں نہ آیا
پھر جام وصل جانی پلانے کوں نہ آیا

تجھ عشق کی آتش میں سدا جلتا رھا میں
ٹک نین بھی نینوں سے ملانے کوں نہ آیا

ھم عاجز و مسکین کو کب ھاتھ سے اپنے
یکبار سجن پان کھلانے کوں نہ آیا

صد سوال کئے قاسم ھنس بول توں ھم سے
ٹک بیکھ گدائی کا دلانے کوں نہ آیا

---

[۱] و [۲] فقط خ ک ش نسخوں میں مندرج ھیں۔

Gul Hayat Institute

[۳]

بھولے کوں بتا دھر دھنک۔ بان کا رستا
یہ سانگ نہیں مستو! میخان کا رستا
گل سرو، سمن، سنبل، کھیلا ہے چمن میں
بلبل کوں بتا مالی! بستان کا رستا
ابرو کی کماں کھینچ سجن تیر چلایا
لے تیر چلا سیدھا نیشان کا رستا
اے بوالھوس تو جا نہ پریرو کی گلی میں
مشکل ہے بہوت عاشق بیجان کا رستا
شب روز قاسم دیکھتا ہے باٹ تمہاری
جیوں دیکھتے ہیں موماں رمضان کا رستا

[۴]

خدایا مبتلی ہوں جسکا ووھی یار دکھا
خونخوار بہوت دیکھے، غمخوار دکھا
بلبل کی نمط روتا ہوں شب و روز ھجر میں
خس خار بہوت دیکھے، گلزار دکھا
کائے کوں چھپاتے ہو بھلا چہرے کی جھلک کوں
یہ نور قدر لیل کا یکبار دکھا
بازار میں لٹک کے کرے سیر سریجن
پابند کیا چنچل رفتار دکھا
اے باغباں تجھ باغ کی زکواۃ ادا کر
آیا ہے گدا باغ میں انثار دکھا

———

قاسم سے کربلا میں لڑتا ہے سیہ دل
اس کافر کوں علی شہ کا ذوالفقار دکھا

---

[۳] و [۴] خ ک ش

Gul Hayat Institute

[۵]

خدا او دن کبھی آوے جسی دن یار آویگا
کلہ سر پر پہن شاھی سپہ سالار آویگا
چپاچپ باغ میں بیٹھا چھپا کر آپ درسن کوں
چمن سیں چل کبھی چنچل کبک رفتار آویگا
نہیں کس چور کی حاجت خزانہ لوٹ لے جاوے
میرے گھر عشق لالن کا وہ چوکیدار آویگا
رقیبِ رو سیہ بدخو ہے دیتا روبرو گالی
خدایا پھر گلی میری نہ یہ خونخوار آویگا
پڑھا لاتقنطوا کا میں سبق اُستاد کامل سے
هووینگے کام سب پورے ابھی مختار آویگا
فجر کے وقت شبنم سے رنگیلے پھول کھیلینگے
تمہارے باغ میں قاسم، صبا بسیار آویگا

[٦]

هیں روتی بلبلاں یا رب کبھی بہار کوں لا
مٹادے لالہ کا داغ اور کبھی هزار کوں لا
کردیا مجھ کوں میرے یار سیں اغیار جدا
چمن سیں خار نکالو کبھی گلزار کوں لا
چمن میں پائوں نہ ڈالے کبھی خزاں کا خدا
فجر کے وقت صبا جا توں نوبہار کوں لا
پاس تمہارے آیا هوں اے عاشقوں کے دلال
بکاتا هوں بہوت سستا خریدار کوں لا
جن کوں حنا کا هاتھ میں پر خوں ہے نیمچہ
قاسم کسی طرح وہ ستمگار کوں لا

Gul Hayat Institute

[۷]

گھڑ دے اے سنارا! توں میرے یار کا چھلا
گھڑ دے جو چھلا تو تمہارا ہوئیگا بھلا
چھلا گھڑ دے سونے کا اب کی گھڑی
میں بھی راضی ہویا راضی ہوئیگا اللہ
یار نمازی ہے کوزہ بھی چھپے
میں بناتی ہوں ہیا شتابی مُصلّا
کر دیا یار کوں اغیار جدا جب
کاٹے توں ہیا تس دشمن کا گلا
کوئی عیسیٰ کا کہلاتا کوئی موسیٰ سے ملے
پکڑتا قاسم ہیا تو نبی محمدؐ کا پلا

[۸]

یار وفادار سیں اغیار نہ ہونا
غیروں کی سنکے باتاں بیزار نہ ہونا
کچھ رحم کیا جیئے پریزاد گدا پر
عاشق کے سدا حق میں تلوار نہ ہونا
بلبل کی رسم چھوڑدے پروانہ کی لے سیکھ
گل گل کے اوپر نیس دن نثار نہ ہونا
ایک دار پر سوار ہو منصور کی مانند
ہر خوبرو کا پل میں خریدار نہ ہونا
حاکم کوں مناسب ہے انصاف عدالت کا
رعیت کا کبھی ظالم خونخوار نہ ہونا
حق نے بنایا ہے تیرا خاک کا پتلا
اس خاک کے پتلے کا پرستار نہ ہونا (۱)
غیروں کی مجالس کا پابند نہ ہو قاسم
بدکام پکڑ ہاتھ سے بدکار نہ ہونا

---

[۷] [۸] خ ک ش (۱) خ 'خریدار نہ ہونا'

Gul Hayat Institute

[۹]

جمعاتی ہوں تم آگے کرو میرے امامت
ہے امانت، ہے امانت، ہے امانت
دین احمد کا ہوویگا برقرار
ہے سلامت ہے سلامت ہے سلامت
جب تلک آتا نہیں آغوش میں معشوق
ہے قیامت ہے قیامت ہے قیامت
عشاق کو کرتا پکڑ یک مو میں معشوق بند
ہے کرامت، ہے کرامت، ہے کرامت
قاسم کہے عاشق کے حق میں یہ دشمن رقیب
ہے علامت، ہے علامت، ہے علامت

[۱۰]

گلشن کی خبر خوب صبا باد سے پوچھو
تصویر قدِ سرو کی شمشاد سے پوچھو
بیدرد کو معشوق سے کیا کام ہے یارو
شیریں کی حقیقت بھلا فرہاد سے پوچھو
آتے ہو نہ جاتے ہو ستاتے ہو بھلا کیوں
تقصیر ہے کیا میری پریزاد سے پوچھو
نکلا ہے ستمگر وہ لیے کر تیغ ادا کی
مجھ خوں کی خبر خنجرِ فولاد سے پوچھو
غم درد کی تصویر قاسم کن کوں بتاؤں
آواز میری آہ کا تم ناد سے پوچھو

[۱۱]

کس کوں یار ستاتے ہو، پھر کیوں مکھ چھپاتے ہو
آتشِ عشق لگا میرے تن میں، سینے کوں سلگاتے ہو

[۹] ک ش۔ [۱۰] [۱۱] خ ک ش

Gul Hayat Institute

پکڑ ذبح کر مرغ سوالی، کاٹ کلیجا کھاتے ہو
اور سیں کرکے گھاتاں باتاں، ویکھ مجھے چھپ جاتے ہو
آتے ہو نہ جاتے ہو، نہ پھر کر بانگ بلاتے ہو
چشموں چکنا چور کیا ہے چترن کیوں چتراتے ہو
بات کہو سچ صاف پیاجی کن کوں پان کھلاتے ہو
کہاں برہمن کہاں ہے جوشی، لوں لوں تلک لگاتے ہو
انگ بھبھوت لگا کے جوگی بنسر بین بجاتے ہو
اس نگری میں نیہ لگا کے گاتی سوز سناتے ہو
آپ جھروکے بیٹھ رنگو رنگ، محلاں چست بناتے ہو
چنگ، دھکڑ، مردھنگ تھیاں تھاں، بنرا ساج بجاتے ہو
خاکی خرقہ پہن پیاجی آدم نام کہاتے ہو
کوچ کیا رجبوت رنگو رنگ فرنگی فوج چڑھاتے ہو
پریم نگر میں نوبت باجی، تھن ھن کیا تھکاتے ہو
کہے قاسم کیا خوب تماشا جھنڈا دست جھلاتے ہو

[۱۲]

تیرے در پر کھڑا ہوں میں سوالی واہ واہ
نہ چھوڑو تم سخی مجھ دست خالی واہ واہ
آیا ہوں دور سے ساقی میخان میں آج
شتابی دے طہورا بے مثالی واہ واہ
میری دل کوں بنا بلبل کیا بستان تیرے
عجب کیا باغ بویا ہے تو مالی واہ واہ
میرے دل کے کبوتر کوں جبھی صیاد دیکھا
نکالی عشق شکرے کی دؤالی واہ واہ
عرض کرتا ہوں، نہیں سنتا وہ کبھی
یار میرا ہے لاابالی واہ واہ
قدیمی مبتلا قاسم جنھوں کا ہے مرید
مکمل مرشد صاحب کمالی واہ واہ

---

[۱۲] خ ک ش

Gul Hayat Institute

[۱۳]

بازار میں آیا ہے دیدار کیا چیئے (۱)
دل جان سے جی اپنا نثار کیا چیئے
اغیار کی کچھ بات سیں بیزار نہ ہونا
اس بات کوں پھر البت تکرار کیا چیئے
کس وقت ضرورت کے پھر بھاگ نہ جانا
دشمن کے اوپر ہاتھ میں تلوار کیا چیئے
یاروں کی مجالس میں غیروں کا آنا کیا
گلزار کی محفل سیں جدا خار کیا چیئے
کیا نفع کیا ضرر سے کچھ کام نہیں میرا
سب کام میں محبوب کوں مختار کیا چیئے
بوم بڑی دیکھ کے خوشنود نہ ہو قاسم
شہباز پکڑ ہاتھ میں شکار کیا چیئے

[۱۴]

گھر چل ہمارے چنچل آتا کبھی کبھی
بدخو رقیب کوں بھی ستاتا کبھی کبھی
جس وقت او سریجن آتا ہے انجمن میں
پیڑا ہمارے ہاتھ سیں کھاتا کبھی کبھی
در پر سدا کھڑا ہوں مانند گدا سوالی
اپنی سجن محفل میں بٹھاتا کبھی کبھی
غم درد کی کتابت لکھ بھیجتا ہوں دائم
قاصد حضور میں جا سناتا کبھی کبھی
عاشق بازارِ خوباں لکھ صد ہزار آتے
اس میں بھلا کو ایک بکاتا کبھی کبھی
جلتا ہوں غم کی دھوپ میں تجھ بن سدا سریجن
آبِ وصل میں قاسم نہاتا کبھی کبھی

---

[۱۳] [۱۴] خ ک ش (۱) چیئے = چاهیے۔

Gul Hayat Institute

[۱۵]

دلدار دکھاتا ھے نو ناز ھنسکے ھنسکے
کرتا ھے عاشقوں کی جاں گداز ھنسکے ھنسکے
عشق کے پھندھے میں محمود پھنس رہا ھے
کرتا ھے غلام شاہ کو ایاز ھنسکے ھنسکے
اپنے درد کی باتاں محمود جا سجن کوں
غیروں سیں چھپ سناتا دل راز ھنسکے ھنسکے
تم سچ کہو اے محبوباں! یہ مان کہاں سے پایا
عشاق کوں دکھاتے ھو غماز ھنسکے ھنسکے
قمری ھمارے دل کی کب تک بچیگی قاسم
ھر روز اڑاتا ھے شہباز ھنسکے ھنسکے

[۱٦]

چلا یار تو بازار مولیٰ خیر کرے
پاؤں کس طرح دیدار مولیٰ خیر کرے
لے صورت انسان کی میخان میں آیا
پی مست ھوا مست لی دست میں تلوار
مولیٰ خیر کرے
بلبل کوں ذبح کرنے چل باغ میں آیا
کھاتا ھے، پکاتا ھے کلیجا کماندار
مولیٰ خیر کرے
یا ترک سیہ دل ھے، یا چھیل چھبیلا
صیاد ھے، بیداد ھے، فولاد فتح دار
مولیٰ خیر کرے
کس بھید سے میاں قاسم! دلدار کوں پاؤں
دشوار ھے، دشوار ھے، دشوار!
مولیٰ خیر کرے

---

[۱۵] [۱٦] خ ک ش

Gul Hayat Institute

[۱۷]

او بھلا بالم جی نے جا کہیو فریاد میری
مارا ہے درد تمہارے، کیجیو داد میری
یا الٰہی شبِ ہجراں میں سحر ہے یا نہیں
عمر جاتی بن دیکھے ہیاں برباد میری
قاصدا درد کا نامہ توں روبرو دیجیو
بھول گئی بات سجن کو نہیں کچھ یاد میری
تمہارے عشق کا تلقین دل کیا قبول آج
نیند سوں آنکھ جگائی تیرے ارشاد میری
ابرو کی تیغ سے در پر مرا پڑا ہے شہید
اب تو سر پر آٹھا لاش پریزاد میری
قاسم درد کی تصویر بتاؤں کن کوں
ہنوز کوک سناتا پری کوں ناد میری

[۱۸]

ڈالے کنویں میں اللہ، دشمن اغیار کوں لے
جلادوں آگ میں آسے خونی خونخوار کوں لے
آنے جانے نہیں دیتا کوچے میں یار کے وہ
کاٹوں میں اُس کا گلا، ہاتھ میں تلوار کوں لے
اگر ہوتا کبھی ظالم بکری کی شکل میں
بیچوں میں اب کی گھڑی کاٹ کے بازار کوں لے
جس ظالم نے ظلم کر کے کیا یار کوں جدا
پکڑ دیجیو جا آسے دوزخ فی النار کوں لے
سن کے فریاد میرے درد کی آیا ہے علی
قتل کافر کوں کیا شاہ نے ذوالفقار کوں لے
قدیم قاسم مسکین ہے مبتلی جس کا
بلا لاؤ گھر میں میرے احمد ابرار کوں لے

---

[۱۷] خ ک ش [۱۸] ک ش۔

Gul Hayat Institute

[۱۹]

اے مست شتابی آ، میخان بلاتا ہے
سر کاٹ لے آ ہاتھ میں خمخان بلاتا ہے

شب روز صراحی کوں لبریز کیا چیئے
بھر جام لے آ ساقی، مستان بلاتا ہے

جب وقت لڑائی کا مردوں کے اوپر آتا
اُوس وقت بہادر کوں، میدان بلاتا ہے

آئی ہے نوبہار مچی دھوم چمن میں
بلبل کوں اڑا لاؤ بستان بلاتا ہے

وہ رات شرفدار میرے بھاگ میں آوے
جس رات میں عشاق کوں گلجان بلاتا ہے

اب شاہ سلطنت کا آیا ہے انجمن میں
اٹھ چل شتابی قاسم! سلطان بلاتا ہے

[۲۰]

بن یار دن کٹے تو صدبار حیف ہے
اُس بے بقا کوں دیکھنا دیدار حیف ہے

عاشق وصل نہ پاوے فرہاد کی مانند
جب نا لگاوے خنجر تلوار حیف ہے

جنہیں مدام وصل کا بھر بھر دیا ہے جام
اس یار سے پھر ہونا اغیار حیف ہے

شاہِ نجف علی کے دشمن کوں مل سبھی
یوں کہہ دو کہ تجھ کوں خونخوار حیف ہے

قاسم مراد وصل کی جب تک نہ پاؤں میں
ہاتھوں لگانا مہندی سنگھار حیف ہے

---

[۱۹] [۲۰] خ ک ش

Gul Hayat Institute

[۲۱]

آگ دیون آیا ساجن، انگ انگ آگ دیوائی ہے
دل میں دیرا دوست کا، اندر نہ اور سمائی ہے
آجا پیا گلے لگ میرے سینے میں سیج بچھائی ہے
فریاد اس بیداد کی سارے لوک میں کوک سنائی ہے
پھر مجھے مارن کوں کیا بھر نہ دید دکھائی ہے
آنکھوں میں انجم پاکے، سرمہ کی ریکھ جڑائی ہے
قیامت کا عذاب دینا، میرے تن میں تیغ چڑھائی ہے
پھر مجھے مارن کوں لالی لبن سر لائی ہے
قاسم کہے سن یار میرے مجھے دیکھ کے مکھ چھپائی ہے
صاحب جھرو کے بیٹھ کے اوروں کوں دان دلائی ہے (۱)

—※—

[۲۱] خ S ش. (۱) S. 'محبوب کی مجلس میں مجھے ہے ہاتھ آئی ہے'.

[وائیهای*]

●

وائی : سُر سارنگ

سجن ٹک کرم کر، دیکھوں دید تمهارا
بچھوڑے کیا ہے بدن بیقرارا
۱. جہاں جائکے بیٹھا میرا پی پیارا
چلو آج سیّاں دیکھوں او دوارا
۲. سجن بن باغ میں بلبل ہے کرتا پکارا
ہے سعادت تب اس کی جو کھیلا گل ہزارا
۳. کہے سوال قاسم ہادی سن ہمارا
درسن دیکھایو منگے بیکھ بیچارا (۱)

وائی : سُر سارنگ

ماهی کون ہے، جو کرتا گگن میں آواز
۱. کون بیجُری، کون بادرا، کون برستا مینھ
کون رادھا، کون شاما، کون کرتا ہے ناز
۲. کون باجے، کون بجے بجیا، کون ناچے تھاتھا تھیا
کون گاوے تان گویا، کون قاسم کون ساز

وائی : سُر بلاول

بولنے والا وہ یار سیں کیا جانا کون ہے
۱. مجنوں بن کے واں سے آیا، لیلی سیتئیں نیہ لگایا
روز روتا زاروزار
۲. حسن کی چڑھ فوج آئی، نین سے کرتی لڑائی
لوٹ لیتا شہ سوار
۳. سمجھ قاسم ہو سجان، بھید جانی کوں پہچان (۲)
میں کہوں تجھ باربار

—

* سندھی میں 'وائی' غنائی نظم کی ایک قدیم صنف ہے. (۱) منگے = مانگے (۲) بھید جانی کون = دوست کے بھید کو.

Gul Hayat Institute

[ریختہ]

●

ریختہ : تلنگ*

جا ہونی سا ہو رہی، سن بات یہ ہی میں سو رہی
انہونے کے ہونے خاطر کتنے عالم رو رہی
جو ہونا سو ہو رہا جو کھونا سو کھو رہی
ایک بھول تب پہچانی، آنکھ دیکھ جب دو رہی
لاکھ سوار دوڑاتے گھوڑے، واں کی وہاں ساگو رہی
قاسم بن ڈھن عشق بقالن باغ بقا کا بو رہی

ریختہ پاؤڑی *

رہتی شب و روز پریزاد میرے دام سیں دور
لاؤں میں کس طرح اپنے پیا آغوش میں حور
کوئی بتلاوے مجھے تو نہ جاؤں میں کامرو دیس
کروں فرمان میں اپنے بھلا حور ضرور

ریختہ*

سکھی ری میں کسے سنگ بھیجونگی سندیسوا
پریم رہے تم اب تو بدیسوا
آون کہہ گئے ابھوں نہ آئے، ڈھونڈ رہی میں پورب دیسوا
آٹھ چل قاسم پیا کوں لاؤں، کرکے جوگن بیسوا

ریختہ*

پیٹھ نہ دے جا، ہو جانے والے لا لا
ذرا تو کھڑے رہو، ہو جانے والے لا لا
سامنے کھڑے رہو بین بجانے، میں سنتی ہوں ہوگانے والے
چھپ چھپ کے کھاتی ہو پانوں کی بیڑیاں، قاسم کوں دیجاؤ
کھانے والے لا لا

---

* خ ک ش

Gul Hayat Institute

ریختہ *

بچھڑن کی نہ کہو بات، پیا بات بری ہے
ھجرت کے میرے تن میں تیری تیز چھری ہے
ایک لٹک سیں لونٹ گیا شوق سیں اسوار
آس ناز پُر کے نیچے، بس تیز تری ہے
پری رو کا ملن جگ میں مشکل ہنوز ہے
رو بارہ میں پایا نہیں سب خشک تری ہے
قاسم لٹک کے چمن میں کرے سیر سریجن
شرمندہ اوس کے آگے سو آج پری ہے

Gul Hayat Institute

---

* خ ک ش

[راگھای]

●

ملاری کانرا *

دیکھو لا چکتر بین لالچ میری بلاج سہت ہے
مانگ کی دھنک بان، دامنی کرت تان
آؤ ری سکھیوا ، گگن میں گھمت ہے
چنچلا کی چوری چال، لال ہونسی بھی لال
ادھرا کے بھنم لال، لال ایسی ہست ہے

ملاری کانرا*

میں تو پائی پیا کے دھن دھن نیو نیه
میٹھے میٹھے بچن تم کو کہنے آئی
چلو تو پہچاؤں تم کو ، او نہ آوت، نیو نیه

ملاری کانرا*

کر پکری سوری ، جرا جوری، ما کر سینی
کر پکری سوری چڑیا فوری، انگیا کی لر توری، ما کر سینی

جنجونتی *

میرا کب جاء سے لبھانا ہے، کانو کب جاء سے لبھانا ہے
سکھی آج نہ آیا میں جانا ہے، میں سنیا یار لبھانا ہے
سوکن کے داؤ سے ، مستانہ دیوانہ ہے

دادره *

بتلمتا بتنئیاں موڑنا ، اچھنکھیاں باتاں کرلو
موسیاجگت ـ پیر وا، بر زوری کر کے نند کو نوروا
کر کے چوڑیاں پھوڑنا

---

* خ ن ک ش

دادرہ*

سونے دیاں چوڑیاں ، مارو جی گھڑا دے
مینا دیاں چوڑیاں، موتیڑا جڑادی
سن میاں قاسم اپنے پیا سنگ
آنکھ سے انکھڑی لڑا دے
بلما گھڑا دے سونے دیاں چوڑیاں

Gul Hayat Institute

* خ ت ک ش

ٹپہ

[۱]

چلتی ٹھمک ٹھم، چلتی ٹھمک ٹھم
گوری گیند گات
ادھرنا کی بھنبھال، کنچنا کی بکھن لال
چین میں گجر پھری پیا سنگ دم دم
مرگھوں سے تیکھے نین، کوئیلا سے میٹھے بین
باجت پایل جھم جھم
اٹھ دیکھ قاسم، دھوم مچی دھم دھم
ناچت گوری طبلوا کے بم بم

[۲]

رمتے رمتے جوگی جمنا جایئے کا ھے کوں کرت تم بسرام
من کی لے مالا، تن کی تپت بجھانے کوں جپ رام رام کا نام

—❦—

---

[۱] و [۲] خ ک ش۔

Gul Hayat Institute

راسوڑہ *

اریے اُڑ کانگا کب آوینگے
خبر لے آ میرے جانی کی

۱. آون کہہ گیو نہیں آیو رے، میرو لالن کنے برمایو رے
میرے یہ دکھ کٹ جاوینگے

۲. کاگوا کہے میں اُڑ جاؤں، تیرے پاس پیا کو لے آؤں
تجھے ہنس ہنس گرھو لگاوینگے

۳. تیرو لالن آیو ری گوری، تم کھیلو پیا سنگ اب ہوری
تیرے تن کی آگ بجھاوینگے

۴. قاسم جن کی ہوں میں داسی، میرے من کے انپریہ آسی
مجھے کلمے سے پاس بلاوینگے

---

* خ ک ش

Gul Hayat Institute

سہرا

[۱]

اللہ کے نام پر میں بل جائوں
کبریٰ کے گھر احمد آیا، سید کے سہرے گائوں
پنجتن پاک، دوازدہ امام، محمد کا درسن پائوں

[۲]

آج دُھن دُھن رے آج دھن دھن
میرے ہی مندروا آوینگے نوشا نما
شُبھ دن شُبھ گھڑی، پرگٹیو محمد
چین سیں بھری سب دھرتی گھن گھن
عبداللہ کے گھر، آنند بدھائی
ناچت پری حور پایل کی جھن جھن
گُندلے ری مالن! پھولوں کا سہرا
نیہ کی سچی دھوم، قاسم بن بن

—

[۱] ء [۲] خ ک ش

Gul Hayat Institute

بھجن

[۱]

مت بسارو رے ہو، سن من ہری کی بات
بھائی بہن کٹم قبیلہ، کوئی نہ چلیگا سات
رام نام کی سمرن جپنے یہ ہی چلیگا سنگات
گنگا جمنا کاھے کوں جانا، گھٹ میں بسنے تیرے ناتھ
صاحب کی بندگی کرلے قاسم، آنسوں بھری دن رات

[۲]

سر کانرا

رام کے سادھو رام جپو رے اور سوں کیا تیرا کام
سب جگ چلنا تم بھی چلوگے کون کرت بسرام
گنگا قاسم کاھے کوں جانا رام بسے بس تیرے گام

[۳]

آدم نام کہلاتا کون

کون ھے کھاتا، کون ھے پیتا، کون جیتا ھے مرجاتا کون

۱. عیسیٰ کون، ھے موسیٰ کون، بن فرعون ستاتا کون
ابو جہل احمد کے سامنے، کافر تیغ چلاتا کون
۲. یوسف کون زلیخا عاشق، نیند میں نیہ لگاتا کون
شاہ کنعانی یوسف بیٹا، مصر کے بیچ بکاتا کون
۳. بامھن کون، نہ جوشی پتلا پتھر کاٹ، بناتا کون
جوگی کون، سناسی تیرتھ گنگا میں ڈوب نہاتا کون
۴. وھاں سے چل فردوس میں آیا، چب چب گندم کھاتا کون
اس نگری میں نیہ لگاکے، ھٹ پیچھے پھر جاتا کون
۵. الٹ بیدھ کی بات بروبر، سنتا کون، سناتا کون
تال مول سیکھ لے قاسم، بجتا کون بجاتا کون

---

[۱] [۲] ۂ [۳] خ ک ش

Gul Hayat Institute

ہوری*

پھاگن کے دن چار سکھی ری،
میں اپنا لال منگا نہ دونگی

۱- سونا بھی دونگی، واری روپا بھی دونگی
کنٹھہ نہ دونگی ادھار سکھی ری

۲- ہیرا بھی دونگی، واری موتی بھی دونگی
دونگی پھولوں کا ہار سکھی ری

Gul Hayat Institute

* خ ک ش

مختصر سمجهاڻي ۽ اشارا

سر ڪلياڻ

- **مقصد.** سر جي قرباني کان سواءِ سڄڻ جو وصال مشڪل آهي: 'پرين جي پڇن، ڪاتي پڇي تن کي'. ڪلالن وٽ اڏي ۽ ڪات آهي. سچا عاشق سِر ڏيئي سَرو پيئندا: 'جيءَ ڪڙا ڪيا جن، پيتيون تن پيااليون.' وڏا بخت تن جا جن کي الاهي جام جو سڏ ٿئي ٿو: اهي مست موحد آهن جن جا 'نيڻ نشي سين واڳيا، سيني منجهه صمد:' هو حقيقي جام پي، خوديءَ کي وڃائي بيخود ٿيا، ۽ محبت جي ميدان ۾ سر ڏيئي سرها ٿيا.

- **پس منظر.** معشوق ۽ عاشق جي ناتي کي مختلف تمثيلن ذريعي ورجايو ويو آهي. سڄڻ جي سختي ۽ بيپرواهي کي قاصائي ۽ ڪلال جي ڪهڻ ۽ ڪاٽڻ واري ڪار، ۽ ساقيءَ جي بي نيازيءَ واري رسم سان پيتيو ويو آهي. ساقي ۽ ميخاني جو پس منظر، سنڌ جي مشهور داستان موکي ۽ متارا جي تمثيل ذريعي چٽيو ويو آهي. موکيءَ جي مٽ ۾ نانگ سُري اچي پيو ۽ شراب وهه ڳاڏئون ٿي ويو، پر متارن اهي وهه ڳاڏئون وٽيون پيتيون ۽ انهيءَ سٽ ۾ سر ڏنائون (۱).

فصل - ۱

[۱] ناهي ريت رڪات = رڪ رکان يا مهلت جي رسم ئي ڪانهي.

[۳] لهسيا ڀهرينءَ لوءِ = باه جي ڀهرين جهڙي ڄراٽيا. ڪوءِ = گهٽي.

[۵] نِگهه ۽ نِگهون = اُکريءَ جي بجاءِ زمين ۾ کوٽيل خاص قسم جي ننڍي گول کڏ جنهن ۾ چانور (يا ٻيو ان") وجهي ڇڙين. ڇڳير = ڙٽريل - وڏي مرتبي وارا. نگهن وجهي نيه - الخ. = عشق ۽ محبت، متير مردن کي به ڇڙ ان" مثل نگهن ۾ مهرين جي ڏکن سان مهميزون ڏنيون.

[۶] سيگون = ڪمانون (يعني تير).

---

(۱) موکي ۽ متارن جي داستان جي تحقيق ۽ تفصيل لاءِ ڏسو سنڌي لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر ۲۹، ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۴، ص ص ۳ - ۲۰.

Gul Hayat Institute

وائي. ڪَهه ۾ = سختي واري وات يا سفر ۾. ڪارڻي = ڪارڻ ڪنڌ- واهر- وسيلو.

فصل -٢

[١] ڪڪوه = شراب. گهُٽ گهٽي تو گهَٽ = هڪ ڍڪ به نڙي وجيو جهلڀي. سرو = شراب.

[٣] هڪَٽ ڪرڻ = اندازو لڳائڻ جنهن ۾ ذرا دير لڳي > ڪٽ = دير.

[٥] سونهي سجيائون = قصد ڪري پيش ڪيائون. بي پڙهٽي (**ش** نسخي جي 'سوٿِي سجيائون'. سنت شيرٽيون = منايون جي سنت طور ورهائجن. هٿڻ = هستي.

فصل -٣

[١] ڪاري = ڪاري نانگ. وترو = ويتر وڏيڪ. زوال = فنا.

[٢] پيرا = پيلا نانگ. پَرڙ = نانگ.

[٣] جال = گهڻو.

فصل -٤

[١] طالع = بخت.

[٢] پنج - تور = پربور (جن ۾ يڪا پنج وزن هجن). پوڄ = گهڻا.

[٣] ڏُنگ = مست.

[٥] سونائون = رٿيائون. قصد ڪيائون. نظر ۾ رکيائون. منڊ = شراب.

[٦] جهت = طرف- رخ. اُتو = چيو. 'الصوفي لا مذهب له' هي قول آهي ۽ نه حديث. مچڻ = متان. ماء = پاڻي. ڪٽر = مڪ يا پيو ڪو جيت جو پاڻي، ڪير وغيره (پيڻ واري شيء) ۾ پيل هجي. مچڻ پسين ماء- الخ. = متان پاڻي ڏي ڏسي ڪٽر واري خيال ۾ مبتلا ٿئين (؟).

وائي. ڪبير = ڪَبيرا گناه- وڏا گناه.

سر ڪنڀات

● <u>مقصد.</u> ١. ساوانداهي رات پِلِيي، جنهن پرين سان ملاقات ويل پرده پوشي ڪئي. اها چانڊوڪي گهوري جنهن ۾ پرده پوشي نه ٿي ۽ وڇوڙو پيو. اي چنڊ! هاڻي تون پل اُيري آءُ نه من تنهنجي سهائيءَ ۾ پري ڪانئي دلبر جو ديدار نصيب ٿئي. پر اي چنڊ! سڄڻ جي سونهن آڏو سورج به سَهميل آهي؛ حبيب جي حسن

Gul Hayat Institute

سان تنهنجي جلوي جي جاءِ ڪانهي. انهيءَ ڪري اپرنديءَ ئي ادب سان سڄڻ کي سنيها ڏجن، 'صبح، شام، اسور، اکيون انهجي آسري'.٢٠ سر سپيئي سڦرا پر ڪنڀات جو سر مڙني ۾ برک آهي جو اُنجو مضمون محبت ۽ مجاز آهي. مٿي تي چڙهي راتو رات سڄڻ سان ملاقات لاءِ پنڌ پوڻ هڪ عجيب سمان آهي. هن ڪرهي کي پرين جي باغ ۾ وڃڻ ۽ ولين، گلن ۽ ڦلن مان ڪو جو قوت سريو جو ٻي ڪائي ول نتي وٽيس ۽ اُن پار ڏي پيو واجهائي.

- پس منظر. سر ڪنڀات جو مضمون سراسر محبت ۽ مجاز جو داستان آهي. سڪ وارن جا سمن، چانگي تي چڙهي دور دراز پنڌ تي پرينءَ وٽ پهچڻ، اونداهي يا چانڊوڪي ۾ ملڻ جا آسرا ۽ ارمان، ۽ رقيبن جون رنڊڪون هن سر جي مضمون جا مکيه پهلو آهن.

فصل -١

[١] ورسا ڪاري رات = اها اونداهي رات ويئر پلي.

[٣] پري موتين مانگ = سينڌ کي موتين سان سينگاري. وڙانگ = نالائق.

[٤] ڏوراٽا = پري.

[٦] سوسي سورج جهپيا = سڄڻ کي سوگهو ڪري جهڪايو.

[٨] تہ پڻ نيم - نهار - الخ. = تہ بہ پرين جي اڌ - نظر جي برابر بہ ناهين.

[١١] سري = پلئہ پئي.

[١٢] وهيون وانجيائون = لکيل ڪاغذ غور سان پڙهيائون.

[١٤] ناسبندي = ڪتيي ڪيندي. سرجيو سورهينءَ ماه = سورهينءَ جي رات جو چنڊ اُفق تان پڌرو ٿيو.

وائي. سڏايا = ويا. تياڪ = ترياق - مفيد ٻڪي.

فصل -٢

[١] سينگاري سغلات = سهڻن سازن سان سينگاري. جمل = اُٺ.

[٢] ٻور = نوجوان ڪنوات.

[٣] پڳ سنهون - الخ. اُٺ جون وصفون: پير ننڍو ۽ سهڻو، ۽ ڳچي ڪَڙي. ڪاڇي = اُٺ جو قسم (سنڌ واري ڪوهستاني علائقي جو اُٺ). ٻنيءَ رات = وهائيءَ رات.

[٤] ڪونئر لتاڙيا = نوان گل ۽ ٻور آل جال چنا. ريهي پئي = رونشي لڳي- ناز ڪري.

Gul Hayat Institute

[٦] مڪوليا = مڪيا - واسيا. سا سونائين جُوءِ = اها اراضي تازيائين- انهيءَ ماڳ جو قصد ڪيائين. اگر جيائين آڇجي = جتي خوشبوءِ دار اگر پيدا ٿئي.
[٧] وياري = پيلي. پر ڪيائين پاس = پيٽ پريائين. اڪاس = تانگهه.
[٨] سون - ورن = سوني رنگ جهڙيون. سنبل = ڪاري گل جو قسم. ڪائينا رگيا = ڏائون رگيون.
[٩] ڪاڪل = وار. رانئيو = ريجهايو.

سر سراڳ

مقصد. اي وڻجارا! تون سچن صرافن سان سودو ڪر، جن وٽ هيرا، موتي ۽ مرجان آهن. وهائج ته ڪو سڦرو سون وهائج، جو ڪچ مان ڪي ڪين ورندو. پاٽيٽ جي پارڪن سان پريت رکج جن مان ئي توکي نفعو حاصل ٿيندو. املهه ماڻڪن لاءِ اونهي عميق ۾ ٽبو ڏي: ميٺيءَ جي دڙن ۾ هٿوراڙيون ڏيڻ سان ڇا حاصل ٿيندو! تن ڪي ڏوري ڏس جي سمنڊ جا ساڪن آهن: 'وڏا طالع تن جا، جهاجهه جُهاري جن'!

● پس منظر. آڳاٽي سمي ۾ سنڌ جا سوداگر وڻج ۽ واپار لاءِ ٻيڙا سنباهي پرڏيهه پوريندا هئا. تاريخ شاهد آهي ته ديبل بندر واري ساموندي شاهه - راهه اوپر طرف سلون، جاوا ۽ چين سان ڳنڍيل هئي. ميين شاهه عنات هن ساڳئي سُر ۾ لنڪا يا سلون ۽ جاوا جا نالا ڳنيا آهن، پر خليفي صاحب چين جو به ذڪر ڪيو آهي: 'ماڻڪ ڏينده موڙيون، چُنبدي منجهان چين'. هن سُر جو عنوان 'سر راڳ' آهي جو سِريراڳ جو مخفف آهي، ۽ سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان وني انهيءَ مختصر نالي سان مروج ۽ مشهور آهي.

فصل - ١

[١] وانءَ = ونءَ - وڃ.
[٢] هوءِ = هئو.
[٣] پئي سوڙ = سوڙهه وقت - ڏکئي وقت ۾. آڏڦو = ثمر - توڻ.
[٤] لاڳو = سنگ - محصول.
[٥] لاري لڳڻ = آسري لڳڻ. چُنبدي = چونبدي.

Gul Hayat Institute

فصل - ٢

[١] ڪلاب = وڏي ڍنڍ. اونهو پاڻي. سمنڊ. گهوري = پاڻيءَ ۾ ٽٻي - ٽٻيون هڻي ڳولي. غواص = ٽوٻا.

[٢] وڙن = نادانن - نڪمن. منجهان ڀڪ ڀڙن = متيءَ جي سُڪن ڏڙن سان. ساڪن = رهاڪو.

[٣] ٻاگهه = واٽ (پڳ = پيرو).

[٤] سنجيون = مڪ ڏيئي مضبوط ڪري، سامان وجهي، هاڪارڻ لاءِ تيار ڪيون. ٻار = پاڻيءَ جي اونهائي ۽ چڪ.

[٥] اوهريا = روانا ٿيا. جهاجهه جُهاري = اونهون پاڻي جهاڳيو. ٽانگهي = ننڍي پاڻي. ڪوڏيون تن لئي = تن ڪي موتين جي بجاءِ ڪوڏيون پلئه پونديون.

وائي. توهه = ٻاجهه - ڪرم. انگي لاهي اڳان = بدن تان چولي لاهي. درڳان = دورنگا- دشمن. سرڳان = سهڻي رنگ وارا. لڳان = مندا - ناقص - هيٺا - ڪمزور.

سر سامونڊي

● مقصد. ١. ٻيڙا سکڻي تيار ڪري، وکر سان ڀري ڀرپور ڪري، وڻجارا سودي واپار خاطر سڙهه سانباهي، الله جي آسري هاڪاري هليا. اڳيان سمنڊ جون ويرون، ڪُن ڪارونيار ۽ عميق اوڙاهه تا سُڄن. اي منهنجا مولي! ڪو واءُ سٺائو وارين، سندن جهونا ٻيڙا خير سان پار پهچائين ۽ وري سلامت واپس آڻين! ٢. وڻجارن جون ونيون ڪين ويندو ڏسي پيون ليلائين ته اسان، کي وڇوڙو ڏيئي اوهين ولايت نه وڃو! خير سان سندس واپس ورڻ تي غوراڻن جا گهڻڊ وڄندا ٻُڌي، واڌايون ڏيئي پيون وهسن ته، ”ڪاري ڪيڏارا، ڪتي موٽيا خير سان“.

Gul Hayat Institute

● پس منظر. سر سامونڊي جو سڄو سمان، وڻجارن جي واپار خاطر ولايت ڏانهن سنبت ۽ موڪلائي ۽ خير سان واپس وطن ۽ رڻ واري ماحول تي ٻڌل آهي. هن سر ۾ خليفي صاحب چٽا اُهڃاڻ ڏنا آهن ته سنڌ جا واپاري ڪاٺياواڙ جي ڪناري (هالار، پوربندر)، سيلون(لنڪا / لڪا) ۽ بنگال طرف ويندا هئا ۽ سنڌن آخري منزل چين هئي.

فصل -١

[١] زورق = ٻيڙي

[٢] پرنيا = سپرد ڪيا. پاڌيلين = سُڄاڻ عورتن. ڪارونيار = خطري وارو اٿاهہ سمنڊ.

[٥] پُوين = سونهن ساٿين. نظر ناڪئن جي آهي منجهہ عرفات = حاجين جي حرمين وڃڻ ۽ حج جي رسم لاءِ عرفات پهچڻ ڏانهن تمثيلي اشارو. سرين = حاصل ٿين.

[٦] چين مهہ- چين = يعني ننڍي چين ۽ وڏي چين، جنهن مان مراد غالباً چين کان اوريان ملڪ ۽ ان بعد خاص چين ولايت. ناءَ = ٻيڙي.

وائي. جهاجهہ = سمنڊ جو اوڙاهہ پاڻي. تاري = آڌر - آسرو. ڊيم ڊري = وڏي ٻيڙي بہ ماني هلي (؟)

فصل - ٢

[١] ويهون = گهٽيون ٽوليون. ڊيم ڊريون = وڏا غوراب بہ مانا هلن (؟). تاڙي لڳي نہ تن = تن جي ڪانہ هلي. اتارن = اڻ تارن.

[٢] واهڻ = سڪاڻ. نوح جني جو ناڪئو- الخ = حضرت نوح ۽ سندس ٻيڙي ڏانهن تلميحي اشارو.

[٣] پربندر = پور بندر (جو ڪانياواڙ جو مکيہ بندر آهي). آخري منزل.

[٤] گمائي = وڃائي. سڪاڻ = ٻيڙي کي سنئين رخ تي هلائڻ لاءِ سُڪاڻ جهلڻ وارا - ناڪئا.

[٦] ڪلاب = (ڪولاب = ڊنڊ) اونهو ۽ اجهاڳ پاڻي. معلومن = معلمن يا سونهن ڪان.

[٧] آر = پاڻيءَ جي تڪ.

[٨] ڊگولي = دنگي- ٻيڙي. درماند = هيٺي.

[٩] اتارا = اڻ تارو.

وائي. ڏچيون = وانٺيون- ٻيڙين جون جهنبيون. ڏاريچن جون = سڄڻ ساٿين جون.

فصل - ٣

[١] زهريون = زنجيرون. پگهہ پايان پنج = پنجن پگهن (ڪاٺ جي مُنن) سان ٻيڙيءَ جون رسيون ٻڌان. اوهري = هاڪاري.

[٢] سميٽيا = ختم ڪيا.

وائي. جر ناريل پيا = 'ڏياري' جي ڏڻ تي پاڻيءَ ۾ ناريلن وجهڻ جي رسم: يعني تہ اونهارو پورو ٿيو ۽ سيارو اچڻ وارو: هاڻي سمنڊ ۾ طوفانن جو زور ڏٽو ۽

Gul Hayat Institute

مانائي شروع ٿي. اهو وقت واپارين لاءِ سمنڊ جي سفر جو آهي. ڪوهو = ٻيڙيءَ جي وچين ڏڳهي ٿنڀ مثل آيي ڪاٺي. ڪوها ڪٽڻ = سڙهن ٻڌڻ لاءِ ڪوها آڻيا ڪرڻ.

فصل -۴

[۲] وهون = نئُنهون - وريتيون.

[۳] ڪاري ڪيڏارا = سمنڊ جي سفر جا ماهر.

وائي ۱. اڪا ڏيڻ = پوڇا خاطر پاڻيءَ ۾ چانور يا ان وجهڻ. ناٿيون پايو ني = نهندبون هٿي ڪنيو وڃي.

وائي ۲. ناڪٿاٿو = ناڪٿن جو. ڪلي ڏيندم ڪيئن = خوش ٿي واڌائي ڏيندم.

سر تـوڏي

● مقصد. ۱. ساهڙ جي سِڪ ۾، سهڻي بنا تُرهي، سيٽهہ يا ٻئي ڪنهن سَنڌ جي، ڏٿيءَ جي آسري تي اڇيو درياءَ ۾ گهڙي. ۲. اي سهڻي! تون ساهڙ ڪي وساري ڏم سان ڏينهن مَ گهار. ۳. گهڙو ڀڳو، وسيلو وڃئون ويو، تڏهن سهڻي ۽ ساهڙ جو پاڻ ۾ دائمي وصال ٿيو.

● پس منظر. هن سر جو پس منظر سهڻي ۽ ميهار جو داستان آهي. مبين شاه عنات جي ڪلام ۾ پڻ هيءَ سر 'توڏي' جي عنوان سان لکيل آهي. لفظ 'توڏي' جي هڪ معني آهي خوبصورت زال يا سهڻي عورت، ۽ ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ لحاظ سان اهو عنوان قائم ڪيو ويو هجي. 'توڏي' جي ٻي معني 'توڙي راڳڻي آهي'، ۽ ٿي سگهي ٿو ته آڳاٽي وقت ۾ سهڻيءَ جو سر انهيءَ راڳڻيءَ ۾ آلاپيو ويندو هو (حالانڪ هن وقت رائج 'سهڻي' جي راڳڻي بالڪل 'ڀيروي' سان مشابهه آهي) ۽ انهيءَ ڪري اهو عنوان قائم ڪيو ويو. 'توڏي' جي معني آهي نندي نوجوان اٺ. ڪاري (ميرپور ساڪرو ۽ ڪيٽي بندر) طرف اُنيون سمنڊ جا واهڙ تري وڃي اندر ٻيٽڙن ۾ چرن.

فصل -۱

[۲] مڏ = گاه يا ڪکن جو وڏو موڙو، 'تر' ڪان ٿُلهو. ڪلاب = اونهو پاڻي.

[۳] نوڙ ٻڌڻ = ڪنهن نندي واهہ مان هٿ وجهي اڪرڻ لاءِ رسو ٻڌڻ، يا ڪنهن وڏي ويڪري واهہ مان ٻيڙيءَ جي ٻنڌڻ خاطر وڏو نوڙ ٻڌڻ.

[۴] ڇينهرو = پاڻيءَ جي ڇڇڻ واري حالت - تانگهي پاڻيءَ واري حالت. مڪري = ٻيڙي. تر = گاه يا ڪکن جو ٿلهو فرش.

وائي -١ سنگهار = مال وارو ياگهو. گهندار = وڏا چڙا.

وائي -٣ مانگرڙيون = ننيڙا مانگر. اتاري = اٺ تارو. ناءُ = ٻيڙي. آر = درياء جي سير. آگهه = آڌار.

فصل -٢

[١] ٻيرڻ = راضي ٿيڻ - خوش ٿيڻ. مچڻ = متان

وائي. ٻچي = وهامي. ساهڙ سيئن = ڏر ساهڙ تائين.

سر سارنگ

● <u>مقصد.</u> ١. مينهن جي مند آئي، وسون ٿيون ۽ عالم آسودو ٿيو. ٢. وچڙيل سڄڻ ۽ سانگي وس ۾ وري اچي گڏيا: ’وريو وصل ڏينهن، مينهن ميڙيا سپرين‘. ٣. مينهن الاهي رحمت آهي جو بڪ، ڏڪ ۽ ڏڪار ميٽي ٿو. اها رحمت ڏٺيءَ جو راضپو ۽ هادي مرشد جي هدايت آهي، جنهن جو فيض سڀني کي نوازي ٿو.

● <u>پس منظر.</u> ماضيءَ ۾ هڪ وڏي عرصي تائين سنڌ جي ڪافي حصي جي زرعي آبادي توڙي مال جي پرورش جو مدار مينهن تي رهيو آهي، انهيءَ ڪري ساوڻ جي وس کي ڌڻيءَ جو راضپو ۽ رحمت تسليم ڪيو ويو آهي. ٻئي نڪتہ نظر کان نبي صلعم جي آمد سان اسلام جو فيض ملڪان ملڪ عام ٿيو ۽ انهيءَ ڪري اهل دل صوفين ۽ درويشن سارنگ کي نبي صلعم جي آمد ۽ فيض جو هڪ منظر ڪري مڃيو آهي. مولانا رومي توڙي سنڌ جي بزرگ شاعرن مثلاً شاه عنات، لطيف، خليفي صاحب ۽ ٻين انهيءَ معنوي نڪتي کي تمثيل طور بيان ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

فصل - ١

[١] ابر = جهڙ - ڪڪر. آثار = نمونو. سج پڙي = آسمان ۾ غبار سببان سج جي چوڌاري گول گهيري وارو پٽو. ڪس ڪڪرين = ڪڪرن جي ڪاراڻ. چوءُ وايو = چئني طرفن جو واءُ جو مينهن جي اچڻ جي نشاني آهي.

[٢] موگهون ڪيئون = ڪڪرن جي آبن جون لاٽون. پٽين لنب ٻچي پيا = ميدانن ۾ لنب گاه نسريو.

[٣] ٻني = ڪڇ جو هڪ ڀاڱو جو عام طرح ’ڏاڏي آدم جي ٻني‘ سڏجي. سامڍهو = ڪڇ جي هڪ اراضي. سير = جُوء - اراضي. ڪورڙ = هَرن ڪاهڻ کان سواءِ متان ريج ۾ ڇٽيل ٻج.

[٤] ڀهنوار = ٻڪرين جا ڌنار.

[٥] هالار = ڪانياواڙ ۾ ڄام نگر رياست وارو ڀاڱو. ڀِٽارو = ٿرپارڪر ضلعي ۾ موجوده نئين ڪوٽ اسٽيشن کان ڏکڻ ۽ ڏيوري جي اڀرندي طرف واري اراضي.

[٦] ڏنڙين کي = مٿاهين ڀٽين کي.

[٧] ڀَهَرِ = ڪنهن ٻه ڏيوري يا درياء جي ڪپ يا ڪنڌيءَ جي چوٽيءَ کان ٻاهر واري لاڳيتي زمين. ڀري ڀٽاري - الخ= ڀٽاري جو ڏيورو تار تي اٿلي پيو ۽ ڪنڌين کان ٻاهر واري زمين ٻوڙيائين.

وائي. موڱر موڙ = مُگر ول جا گونچ ۽ گل.

فصل - ٢

[١] نالون = دانهون.

[٣] ڏٻڙوال = ٿلها ڪهرا ڪُتا ڀڪيندڙ. ڪير جون = واڌائي جون.

[٤] [٥] سيني نسخن ۾ اصل پڙهئيون ’سولي وار‘ ۽ ’سولي‘ ڏينهن آهن، جن جي معنيٰ ٿيندي ’سٺائي ڏينهن‘. پر غالباً صحيح لفظ ’سَرلي‘ آهي. ’سرلو‘ معنيٰ جهڙ: ”سچو وصاف نه ابري، سرلي وچان سج“ (ڀٽائي: سر سارنگ). انهيءَ لحاظ سان ’سرلي وار‘ = جهڙ واري سمان ۾، ۽ ’سَرلي ڏينهن‘ = جهڙ واري ڏينهن.

[٦] سٺائن = ڪير ڏيندڙ ڳاين ۽ مينهن. پارا = ٽڪر جون وڏيون د ڪيون - تس.

[٧] موهر = مهراڻو. واڳيو = ٻڏو. وڪوڙيو.

[٨] اهاء = تجلو. ڪامڻ ڪٺندي ڪنج = حسن واري عورت جيئن ٿي ٻنهنجي چوڙي واري ٻانهن مٿي ڪري ٻانهين کي سولو ڪري.

[٩] ڏو گاهو = ڏڪار

[١٠] ڪيوي = ڪنوڻ جا تجلا ڪري.

[١٢] دلهن = ڪنوار. ڌنڪبان(هندي. ڌنڪ = ڪمان - اندلٺ) اندلٺ. استعاري طور معنيٰ ’وارن جي سينڌ‘.

[١٣] موهن روپ = (موهن = ڪرشن جو رنگ سانورو هو) سانورو سجڻ. مهتابان= چنڊ کان. پايل = پير جي ڇير - پازيب.

وائي- ١. مانگ = سينڌ.

وائي- ٢. پپيهو = تاڙو پکي.

Gul Hayat Institute

فصل -۳

[۱] سجي = ڏيکاري- ڏئي.
[۲] سرلي = جهڙ.
[۳] اتور = گهٽو.
[۵] تسياريون = اُجايل. پهيڙا = قاصد- پانڌي.
[٦] ڏهر = ٻن پٽن جي وچ واري هيناهين سنئين زمين، جنهن ۾ آبادي ٿئي.
وائي. جُهار = بندگيون ۽ سلام. ڪونين ۾ = ٻنهي جهانن ۾.

سر ڪيڏارو

- مقصد. ۱. اي شاه شجاع! سنڌ کي پنهنجو آڏو نه بناءِ، جو هتي جا مٿير مرد مڙڻ وارا نه آهن. سنڌ طرفان اميرن جي لشڪر ڪرڙيءَ جي ميدان ۾ آڏي پنهنجا خيما کوڙيا. مردن لاءِ ڪرڙي آزمائش جي جاءِ آهي: ”ڪرڙي ڪائي رت، پٽ نه وڄهي وات ۾“. اميرن جي لشڪر جا جهنڊا شان سان پٺي جهليا، پر افغانن جي لشڪر، بنا جنگ جي اعلان جي، اوچتو اچي چوري مٿن حملو ڪيو. مرتضيٰ شاه ميدان ۾ گهوڙي پيو ۽ ساڻس ٻيا ڪونڌر به ڪڏندا آيا. ۲. سو مير ٻِل مَرڪي، جنهن جو سپه سالار مرتضيٰ شاه جهڙو پهلوان ۽ سورهيه مرد آهي. مرتضيٰ شاه سوپ ڪارڻ سر ڏيئي سرهو ٿيو: ”سوڀون سر گهرن، سر ري سوپ نه سڄجي“. مرتضيٰ شاه هڪ گل هو جنهن کي سندس ٻيءُ گولي شاه چڻ پر ڪا خاطر پو ڪيو هو. هن چئني طرفن کان حملا ڪري، دشمنن منجهان پاڻ جهڙن پهلوانن کان پٽيون ورتيون. پيچين کان پڇڻ مردن جو ڪم نه آهي. اي جوان مرد! دشمن سان مڙس ٿي منهن ڏي ۽ پنهنجو هرهٿيار استعمال ڪر. مقابلي وقت متان ڪنهن ڪانئر جي ’مصلحت‘ واري صلاح ڪن ڪرين: ’ڪانئر سندي ڪن تي، ٻولي هڏ م ٻُڌ‘. (جنگ وقت غيرت واري زال جو اهوئي آلاپ آهي ته:) اي منهنجا ڪانڌ! ميدان ۾ مرد ٿي مر ته آءُ مانائتي ٿيان: ’جي تون پڇي آئيين، ته اوڏو مون مَ اچ- مون سهائي سچ، کوڙيون ڪانڌن ڪوڏيون‘. ۳. پيئُن جا پٽ ميدان ۾ مارجي ويا ۽ مائن جا پٽ پڇي گهر آيا. شاه شجاع جا ساٿي سبق سکيا ۽ کين معلوم ٿيو ته سنڌ جا سورهيه موت کان مُڙڻ وارا نه آهن. (جهان خان) مَري بيشڪ هڪ مٿير مرد هو، جنهن مرڻ کي مَرڪ ڀانيو. قضا ائين هئي: قضا آڏو ڪوٽ ۽ قلعا به ڪا شيءِ ڪانه آهن. تيموري افغان هاچو ڪري ويا، پر مرتضيٰ شاه جهڙا مڙس سر ڏيئي سوڀارا ٿيا: ’رڻ، راوت ۽ رُڪ، ٿيئي پرٽا پاڻ ۾‘.

- پس منظر. خليفي صاحب هن سر ۾ سنڌ جي انهن سورهيه مردن کي ڳايو آهي جي ڪَرڙيءَ واري جنگ ۾ شهيد ٿيا. اها جنگ سنه ۱۲۴۹هه/۱۸۳۴ع ۾ سنڌ جي اميرن

Gul Hayat Institute

ٽالپورن جي لشڪر ۽ شاه شجاع طرفان چاڙهيل فوج جي وچ ۾ ڪرڙي واري ميدان ۾ لڳي. درياء کان لاڳيتو اتر ۽ پراڻي سکر شهر کان ڏکڻ اولهه واري ايراضي سڄو جنگ جو ميدان هو. موجوده جيل جي اُتران پوليس جو ٿاڻو اڄان تائين ”ڪرڙي وارو ٿاڻو“ سڏجي ٿو، جو اڳين ڪرڙي واري ميدان جي نالي جو يادگار آهي. هن وقت اهاايراضيجا ڪرڙي جي نالي سان سڏجي ٿي ان جون حدون هي آهن: ڏکڻ کان درياءَ؛ اوڀر طرفان دنگ، شاه جو اوتارو ۽ ڀائي ٻالي جو مندر؛ اولهه طرف جي حد ’واٽر ورڪس‘ کان قدري اولهه؛ ۽ اتر طرفان پراڻي ۽ نئين سکر واري وڏي رستي ۽ ڪرڙي پوليس ٿاڻي کان به قدري اُتر-اولهه وارو پاڱو. هيٺيون نقشو ڪرڙي جي انهن حدن کي قدري نروار ڪري ٿو.



Gul Hayat Institute

هيءَ نقشو محترم عبدالرزاق صاحب ’راز‘ جي رهنمائي هيٺ تيار ڪيو ويو، ۽ ڪرڙي جون حدون پڻ هن صاحب پاڻ ڪري سمجهايون.

(١) ڪرڙيءَ جي جنگ بابت جن مصنفن لکيو آهي تن مان منشي عطا محمد (جو ان وقت شڪارپور ۾ هو) پنهنجي تاريخ ”تازه نواي معارک“ ۾ تفصيلي بيان ڏنو آهي* جو هن ريت آهي:

’ٽالپر اميرن سنڌ ۾ حڪومت جي نظام کي پختي ڪرڻ بعد ڪابل جي ڪاڻ ڪانم تي ڪيدي. انهيءَ ڪري سنه ١٢٤٨ھ ۾ افغانن طرفان سنڌ جي اترين سرحد تي زور پيو ۽ اميرن جي حاڪم نواب عالم خان مري شڪارپور جي بدران اچي سکر ۾ پنهنجو محاذ پختو ڪيو. افغانن جي طرفان هدايت الله اچي گوسڙجي ۾ پنهنجو اڏو ڄمايو، ۽ وجهه وٺي اگرائي ڪري، نواب عالم خان مري تي حملو ڪيائين ۽ عالم خان شهيد ٿي ويو. عالم خان جو پٽ جهان خان مري هڪ وڏو بهادر ۽ باهمت جوان هو جنهن پوءِ هدايت الله تي چڙهائي ڪئي ۽ هدايت الله مارجي ويو. انهيءَ تي ڪابل طرفان سمندر خان افغان فوج ساڻ ڪري اچي شڪارپور پهتو.

نواب عالم خان مري جي بي گناه قتل تي سنڌ ۾ ڪافي شورش ٿي، ۽ ويتر جو سمندر خان چڙهي آيو ته سنڌ جي اميرن سنڌس مقابلي لاءِ فوج تيار ڪئي. مير رستم خان طرفان محبت خان مري، ڏگاڻو خان مري، جلال خان مري، فضل محمد خان مري، ۽ نظاماڻين، جلباڻين ۽ باگراڻين جا دستا روانا ٿيا؛ مير علي مراد جي طرفان گولي شاه قهيري جـو پٽ سورهيه سپهه سالار غلام مرتضيٰ شاه فوراً روهڙي مـان درياءَ اُڪري اچي سکر پهتو. حيدرآباد طرفان آغا اسمٰعيل شاه جو فرزند سيد محمد ڪاظم شاه ان کان اڳ خيرپور آيل هو، ۽ کيس حڪم مليو هو ته لاڙڪاڻي ۾ وڃي بهادر خان کوکر سان ملي. هو ٺٽي لقمان خان مان لاڙڪاڻي ڏانهن روانو ٿيڻ وارو هو جو کيس نواب عالم خان مري جي شهادت جي خبر پهتي، ۽ هن لاڙڪاڻي جو خيال لاهي موٽي اچي مير رستم خان سان مشورو ڪيو ۽ پوءِ اُتان پاڻ ۽ سندس ياءُ سيد محمد تقي شاه پنهنجي سپاهين سميت روهڙي آيا ۽ اُتا فوراً دريا اُڪري سکر پهتا.

خيرپور جي اميرن طرفان سندن سپهه سالار پنهنجن فوجي دستن سميت موجود هئا، مگر حيدرآباد طرفان فقط سيد ڪاظم شاه ۽ سيد محمد تقي شاه پنهنجن ساٿي سپاهين سان بروقت پهتا. وقت جي تنگي سببان حيدرآباد طرفان پوري اهتمام سان کو وڏو لشڪر ڪونه پهتو. هوڏانهن سمندر خان پوري تياري سان آيو هو ۽ شڪارپور مان ست توپ گاڏيون ۽ ٽي هزار سوار ۽ پيادا ساڻ ڪري چڙهيو ۽ اچي سکر جي پريان ڇئن ميلن کن تي ڳوٺ جعفرآباد ۾ چانوٽي هنيائين. سنڌ جي لشڪر جو هڪ حصو آڏو لال واه

* تاريخ ”تازه نواي معارک“ مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٩ع، ص ص ٣٨٨-٣٠٦. منشي عطا محمد خود ’ترين افغان‘ هو، انهيءَ ڪري پنهنجي عبارت آرائي سان ويهي سنڌ جي طرف جي ڪوتاهي ۽ افغانن جي سرسي جو سمان ڇنيو اٿس. اسان سندس بيان ڪيل تفصيل کي سنواري پيش ڪيو آهي.

جي پيٽ ۾ اڙ ڪري ويٺو. سمندر سامهون ميل ڪن تي ڏيکائي ڏيئي، جنگ جو جهنڊو وڻ تي چاڙهي، ٿورڙو لشڪر آتي بيهاري، ڪين جنگ جي طبل وڄائڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ چال سان سنڌ جي لشڪر کي ڌوڪي ۾ رکي، پنهنجي بي فوج ڦيرائي ٻوٽين پاسي کان آهستي آهستي تي ۽ توبون آڻي ٽڪري تي چاڙهيائين. سنڌ جي لشڪر جي مکيه چانوڻي اُتان توبن جي مار ۾ هئي، ۽ افغانن بنا دهل دمامي جي آتان مٿن توبون وسائڻ شروع ڪيون.

باوجود انهيءَ اوچتي بمباري جي، سنڌ جو لشڪر ڇڙوڇڙ يا ٻوٽتي هٿڻ جي بدران مقابلي لاءِ تيار ٿيو. غلام مرتضيٰ شاه سنڌ جي فوج کي سورهيائي جي سبق سيکارڻ لاءِ سڌو ٽڪري طرف حملو ڪيو. حيدرآباد جي دستن جو سپهسالار سيد محمد ڪاظم شاهه، جو غلام مرتضيٰ شاه جو دوست هو، تنهن گهوڙي جون واڳون ڇڪي اڳواٽ وڏي دليريءَ سان حملو ڪيو، ۽ دشمن جي پيادل فوج جون پٺيون ڪيڏي ڇڏيائين، ۽ آخر دم تائين وڙهندي ميدان ملهايائين. سيّد محمد ڪاظم جي ڪرڻ تي، غلا مرتضيٰشاه پڻ مست هاٿي واري حالت ۾ تلوار هٿ ۾ ڪري ميدان ۾ اڳتي گهوڙو ڪُڏايو، پر اتفاق سان توب جي نشان جو شڪار ٿي شهيد ٿيو. سندس ڪرڻ تي حيدرآباد جي اميرن جي وزيرن مان خاص ملازم دريا خان نظاماڻي اڳواڻ ٿي اڳتي وڌيو، ۽ آخر سمندر خان جي پائتي هتان شهيد ٿيو. ان بعد جهان خان مري پنجاه ـ سٺ جنگجو جوانن جي دستي سان اڳتي وڌيو. هنن سورهين هڪ ٻئي جي ڀيراٽن جا پلؤ ٻڌي ڇڏيا هئا ته صف ٻنجي آخر دم تائين مقابلو ڪن. مردن ترارين هٿڻ سان انصاف ڪري ڇڏيو ۽ روهيلن جون پٺيون ڪيڏي ڇڏيائون. جهان خان جنهن مردانگيءَ سان وڙهيو ان جو مثال ڪونه هو. باوجود دشمن جي وڏي تعداد جي هي مڙس ڪين مڙيا ۽ آخر دم تائين وڙهندي ميدان کي پنهنجي رت سان رڱيائون.

پنهنجي راءِ ڏيندي منشي عطا محمد چوي ٿو ته: 'بلوچن جي عجب بي وقوفي جو ميدان جنگ ۾ گهوڙن تان لهي، پيادا ٿي، تلوار هٿ ۾ ۽ ڇپ وات ۾ ڪري نعرا هڻندا، ڊوڙندا بي تحاشا ٽڪري ڏانهن رخ تي رکيائون ۽ چوٽيءَ تي رسڻ کان اڳ مخالفن جي تير ۽ تفنگ جو نشان بنجي پنهنجيون زندگيون پئي ضايع ڪيائون'. ظاهر آهي ته ويچارو افغان مؤلف ۽ منشي، وطن جي حب جي بي پناه جذبي ۽ سنڌ جي سورهين جي قومي غيرت ۽ مردانگي جو پورو اندازو نه ڪري سگهيو آهي. دنيا ۾ اهڙي سورهيائي جا ڪي ٿورا مثال ٿا ملن: سنڌ جا پهلوان ٿورا هئا مگر ان هوندي

Gul Hayat Institute

۽ حياتين بچائڻ جي ڪٽ ئي ڪانه ڪيائون، ۽ مرد ٿي منهن ڏئي، موت سان مقابلا ڪيائون. ’تازه نواي معارڪ‘ جو مصنف ۽ ايترو مڃي ٿو ته، ’ميان غلام مرتضيٰ شاهه، عاليجاهه سيد محمد ڪاظم شاهه، عالم خان مري ۽ شجاعت نشان جهان خان مري جهڙا دلير ۽ بهادر مڙس هن جنگ ۾ ائين مرڻ جا ڪين هئا، پر تقدير ائين هئي‘.

(٢) مير رستم خان جي درباري ۽ همعصر شاعر ملا محمد عالم پنهور خيرپوري هن جنگ بابت هڪ فارسي مثنوي ”شاهنامه عالم يعني وقائع جنگ ڪرڙي“* نالي لکي آهي، جنهن جو خلاصو هن طرح آهي:

’عجب اهو جو شاهه شجاع بادشاهه، جو خانه جنگي سببان پنهنجي ملڪ مان تڙجي چڪو هو، تنهن سمندر جي سپهه سالاري هيٺ روهيلن جي بي انداز فوج چاڙهي موڪلي جا درياءَ جي پريان اچي صف آرا ٿي. ساڻن توبون هيون ۽ بي گهوڙي سوار فوج هئي، جن ٽڪري مٿان اوچتو حملو ڪيو. هتان مير نامدار مير رستم خان مقابلي لاءِ فوج موڪلي.

خونخوار جنگ لڳي جنهن ۾ جڏهن سيد ڪاظم علي شاهه صفون چيري چڏيون ته دشمن ڪانئس پٺي پري ڪان مٿس بندوقون چوڙيون ۽ کيس شهيد ڪيو. ان بعد سندس چاچو سيد ابوالحسن تلوار ڪڍي ميدان ۾ ڪڏي پيو ۽ بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيو. ابراهيم خان صفون چيري چوٽ ڪري توب هٽندڙن تي حملو ڪري وڃي ڪن کي ماريو. جهان خان پرواني مثل ميدان ۾ ٽپي پيو. جهڙو سندس پيءُ (عالم خان) جنگ جو جهونجهار هو، تهڙو ئي جهان خان ٿيو. جو سورهيائي سان سر ڏيئي سرهو ٿيو. ساڻس گڏ سندس رفيق ۽ خاصخيلين جو سردار هاشم شهيد ٿيو. پهلوان بهادر (خدمتگار) پڻ بهادريءَ سان وڙهندي ماريو. وزير مشير ۽ امير ڪبير دريا خان (نظامائي) درياءَ جي موجن وانگر پلٽ ڪئي ۾ پنهنجن رفيقن سان گڏ سر گهوري ميدان جنگ ۾ گهڙي پيو ۽ سيف دين جي نيزي لڳڻ سان مري مانائتو ٿيو. پر آفرين هجي غلام مرتضيٰ شاهه کي جو پنهنجي پوري اتالي سميت ميدان ۾ شهيد ٿيو.

غلام مرتضيٰ شاهه جي مارجڻ تي باقي لشڪر بي دليو ٿي پوئتي هٽيو. جي مقابلو جاري رکن ها ته فتح سندن ٿئي ها. جي پوئتي پڳا تن مان گهڻا درياءَ ۾ ٻڏا. هاڻي سندس

---

* هي قلمي نسخو اسان کي محترم عطا محمد صاحب حامي (خيرپور) جي مهربانيءَ سان مليو، جنهن جي آخر ۾ ڪتابت جي تاريخ هن طرح ڄاڻايل آهي: ”از يد حقير پر تقصير آثم فتح چند ولد ديوان ٺهلرام سيوستاني نانواني واقع خيرپور جناب مير صاحب بهادر بتاريخ ٢٩ ماه رمضان سنه ١٢٨٦ هه، بروز يڪشنبه تمام شد“.

Gul Hayat Institute

فرزند ارجمند کي ڏٺي شل پنهنجي حفاظت ۾ رکي... اي عالم! سنڌي ۾ گهڻن شاعرن شعر چيا آهن، پر تنهنجو هيءُ شعر يادگار رهندو.

(٣) اسان کي روهڙي جي قاضين مان ڪنهن بزرگ جي بياض ۾ ”ڪرڙيءَ جي جنگ“ جا هيٺيان واقعا تاريخن سميت لکيل مليا، جن مان ظاهر آهي ته نواب عالم خان مري ۽ سنڌس ساٿي هفتو اڳ ڀڙين حملي ۾ شهيد ٿيا ۽ خاص ’ڪرڙيءَ واري جنگ‘ تاريخ ٢٧- شعبان، اربع ڏينهن، سنه ١٢٤٩ هه تي لڳي، جنهن ۾ سنڌ جا سورهيه سپه سالار بهادريءَ سان حملو ڪري مٿي ڏڪر (١) تي چڙهي وڃي دشمن تي ڪڙڪيا ۽ اتي ئي وڙهندي شهيد ٿيا.

”٢٠ ماه شعبان روز چهار شنبه سنه ١٢٤٩ هه: عالم خان مري، چاڪرخان جسڪاني رحيم خان ڪوسه، و ديگر بلوچان در مقابله جنگ از آخوند زاده الهداد در لشڪر شاه شجاع الملک شهيد شدند.

٢٧ ماه شعبان روز چهار شنبه سنه ١٢٤٩ هه: ديگر مقابله- امير الامراءُ العظام اُسُوُدالڪُبار الفَخام، عالي منصب، بهادر جنگ، شاه غلام مرتضيٰ و عاليجاه رفيع جايگاه عمدهٔ اميرالعظام والا حشمت امير ڪاظم شاه و عمدهٔ خوانين عظام بهادر جنگ جهان خان مري و دريا خان نظاماني و بهادر خدمتگار وغيرهم بلوچان درصف جنگ خان والا شان دارا شڪوه سڪندر حشمت سمندر خان و ديگر افغانان لشڪر شاه شجاع الملک بنزديڪي شهر بالاي ڪوه شهيد شدند- انا لِلّٰه و انا اليه راجعون.“

بياض جو لکندڙ، جو روهڙي جي قاضين مان هو، ان جي آڏو اهي واقعات رونما ٿيا. سنڌس جذبات جو اندازو بياض ۾ ٻي جاءِ تي هڪ مسخ شده عبارت مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن جا هيٺيان الفاظ پڙهڻ ۾ آيا:

”باشجا[ع] سمندر خان افغان
سمندر ز آتشِ دوزخ نترسد“

فصل -١

[١] شجاع = اي شاه شجاع!

[٢] نجهرا = جايون - جهوپڙا.

[٣] راوت رند = اڻ موٽ مرد. قلعي ڪوڏنا = جنگ جا جهونجهار.

---

(١) غالباً شهر لڳ موجوده واٽر ورڪس واري ٽڪري.

Gul Hayat Institute

[۴] مرتضیٰ = خيرپور جي مير علي مراد خان طرفان موڪليل فوج جو سپهه‌سالار غلام‌مرتضیٰ شاه، گولي شاه جو پٽ هو جنهن جو نالو فصل -۲ بيت [۷] هيٺ آيل آهي. ميان گولو شاه، ٿهيري بلوچن جي قبيلي جو هڪ باهمت سردار، ۽ مير سهراب خان جو وزير ۽ سپه سالار هو. انهيءَ عهدي ۽ عزت سببان کيس 'شاهي' جو لقب مليو ۽ ذاتي نالي 'گولي' جي بدران 'گولا شاه' جي خطاب سان مشهور ٿيو. اهو خطاب سندس اولاد ۾ پڻ پشت به پشت هلندو آيو ، ۽ انهيءَ ڪري سندس اولاد 'شاهاڻي' سڏجڻ لڳو. سندس وفات تي کيس قبرستان 'قادر بخش جا قبا' (خيرپور کان اٺ ميل اوير طرف) ۾ دفنايو ويو. قادر بخش فقير جي قبي کان اولهه طرف وڏي قبي ۾ وچين قبر گولا شاه جي آهي جنهن تي اسان (۲۱- آڪٽوبر ۱۹۵۵ع)سندس وفات جي تاريخ هيٺين طور ڪاري مس سان لکيل ڏٺي، "تربت مرحوم ميان گوله شاه رحلتش ۲۲- صفر ۱۲۳۷."

ميان گولي شاه کي پنج پٽ ٿيا: غلام مرتضیٰ شاه وڏو هو جو مير علي مراد جي دربار سان وابسته رهيو ، ۽ سندس خاص وزير ۽ سپه سالار ٿيو. غلام مرتضیٰ شاه ڪرڙي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو ۽ کيس پنهنجي پيءُ جي قبي ۾، پيءُ جي قبر سان لڳو لڳ اوير طرف دفن ڪيو ويو. اسان سندس قبر تي وفات جي تاريخ ڪاريءَ مس سان هن طرح لکيل ڏٺي: "تربت مرحوم مغفور جنت جايگاه ميان غلام مرتضیٰ شاه عليه رحمة- تاريخ شهادتش ۲۸ ماه شعبان‌المبارک ۱۲۴۹ روز چهار شنبه شهيد شد" اها ۲۸ تاريخ غلط آهي ۽ صحيح ۲۷ ماه شعبان اربع ڏينهن ٿي آهي. غلام مرتضیٰ‌شاه پويان به پٽ ڇڏيا، گوله شاه ثاني ۽ غلام شاه، جن جو اولاد اڃان تائين خيرپور ۾ موجود آهي (۱).

[۵] ڪرڙي = 'ڪرڙي' جي ميدان واري جنگ.

[۷] ڌَنگ ٻُڌي = جنگ جي سختي جو سٽي.

[۸] ڪونڌ = ڪونڌر- پهلوان. نونڌ = سسيءَ کان سواءِ ڌڙ- لوٺون. نونڌ نچندا‌پس = لوٺون لچنديون ڏس.

Gul Hayat Institute

---

(۱) هن پوئين وقت ۾ منجهائن‌ميان شاه مردان (پٽ نورشاه پٽ حسين شاه پٽ غلام شاه پٽ غلام مرتضیٰ شاه) سان اسان جي ۱۹۵۵ع ۾ ملاقات ٿي، جو نهايت مهمان نواز، خوش خلق ۽ هڪ همت پريو پهلوان مڙس هو، جنهن کي ڏسي قدري سندس وڏي ڏاڏي غلام مرتضیٰ شاه جو خيال دل تي تري ٿي آيو. ٽي سال ڪن ٿيا جو ميان شاه مردان ڪنهن منصوبي سببان بي گناه قتل ٿي ويو.

[٩] ڪائنين = ڪيپائڻ واري ڳالهه - هيٺائي واري ڀچار. مٿان تن = بدن‌تان. سرتان.

[١٠] عَلم طوق = سهڻا شاندار جهنڊا. لوڙون لچن = سسين لٿل ڌڙ ڦٿڪن.

[١١] پوه = پهه - ارادو. ماڻ = ماپو (انّ پرڻ جو) يعني همت ۽ حوصلو. راه پرڻ = آنّ جي راه ڪي ماڻ (ڏوئي وغيره) سان مئڻ. راه پريندو رڪ جي = تلوارين (رڪ سان جنگ (راه) ڪي ڏوريندو.

[١٢] آرڻ = جنگ. پيڌُو = ڪائر - گيدي. سائو = صبر وارا سورهيه.

[١٣] پڙ ۾ = ميدان ۾. پوڙيءَ رنگ = 'پيوڙي رنگ' جو واڍا ڪتن جي پاڳن ڪي ڏين - کهنبو رنگ: هت معنيٰ ڳاڙهو رنگ (رت سان ڀريل زخميل مٿا) .
مانجهين = سورهين. مولهيا = پٺڪا. ترنگ = گهوڙا (سهڻا ۽ طاقتور). راماٺا = سِراڙا- جُلهه وارا تکا حملا.

[١٤] مڃائيا = وڏائيا.

فصل -٢

[٣] سپجي = پيدا ٿئي. حاصل ٿئي.

[٤] لوپ = ڪتبو - نفعو.

[٦] اگهوري = وڏا پهلوان ۽ سورهيه. پسماند = ضعيف - هيٺو. پاسي ٿي پسماند = اي هيٺا ضعيف تون پڄي پري ٿيءُ. سرواهيون = تراريون.

[٧] گولو شاه = مرتضيٰ شاه جو بيءُ. هيءُ گل گولي شاه - الخ. = يعني گولي شاه جي گهر سندس پٽ مرتضيٰ شاه چڻ پرڪا واسطي پيدا ٿيو هو.

[٨] مُنير = روشن بخت وارو.

[٩] ڪيڪاڻ = گهوڙو.

[١٠] رت پڪليا = رت سان ڀريل. دس = بندوقن ۽ توبن جا فَيرَ.

[١٢] آڱرا = عضوا.

[١٧] تو سيڱا = تو جيڏا.

[٢١] چٽ چٽائي مانگ = عورتن وانگر سينڌ ويهي سينگار.

فصل -٣

[١] مادر زاد = مائن جا پٽ - يعني هيٺا ۽ ڏچٽا. رانئيا = يعني جنگ قبولي شهيد ٿيا. سرفروشن = سر ويچن. شجاعي = شاه شجاع جا ماڻهو.

[٢] مامري = معاملي. مٿان آئي مامري - الخ. = ڪا تڪليف مٿي تي اچي وئي ته مڙڻ واري وائي نه ڪندا. ڪونئر = شهزادا - نوجوان.

Gul Hayat Institute

[٤] ترنگ = گهوڙو (سهڻو ۽ طاقتور). پڙ = ميدان (جنگ جو). پاهورو = توبرو. پاهورو ڪرڻ = (توبري مان) داڻو کائڻ- ڦوت ڪرڻ. رت جهبيلون = رت سان پسيل ۽ پريل. سُرنگ = رنگدار (ڳاڙهي رت سببان سنجن جو رنگا رنگي ٿيڻ). درنگ = دورنگا- دغاباز. هن بيت ۾ خليفي صاحب جنگجو پهلوان کي طاقتور گهوڙي سان تشبيهه ڏني آهي، جو جنگ جي ميدان ۾ جوش مان تير ڪرتي پيو کائي ۽ رت سان پنهنجا سنج پيو رڱي.

[٥] مُڙي ذات مريءَ جي- الخ. = مَري بلوچ قبيلي جو سردار (جهان خان مري) انهيءَ جنگ جي ميدان واري ڳليءَ ۾ پلا ڪيئن پوئتي موٽي يا ڀڄي! چينه = سوري. ڪلنگيون جن ڪپار ۾ = جنگ جا اڳواڻ شهزادا.

[٦] پائي تن پرک = انهن کي نظر ۾ رکي (متن حملو ڪري).

[٨] پاکر = زره.

[٩] تن توڪل پاکرئو = اي سورهيه تنهنجو جسم توڪل جي زره سان ڍڪيل آهي.

[١٠] رڻ = جنگ جو ميدان. راوت = جنگجو پهلوان. رک = ترار. سيف = ترار. تيموري ترک = تيمور شاهي پناڻ.

سر سسئي

• مقصد. ١. پنهون سان منهنجو ازل جو انگ لکيل هو. سهڻا سات ڏٺي آيا، جي منهنجو سڄڻ ساڻ وٺي ويا. منهنجي پنهونءَ جهڙو جڳ ۾ ٻيو ڪو پيدا ڪونه ٿيو، بلڪ "پيدا ٿيو پنهون جي منجهان جوت جهان." ٢. منهنجا ڏير ڪيچان سنيري آيا، ۽ جيڪا من ۾ هين سا پوري ڪري هليا. پر ڏيرن تي ڪهڙي ميار! آءٌ ويسري ستيس تڏهن منهنجو ور وٺي ويا: "سورن ڪارڻ سيڻ، قاسم ڪيڙا سسئي". ٣. سُتيءَ سان مهمان هاجو ڪري هليا: "اياڳيءَ جو اڄ، لانڀ لڏي هليو." هاڻي مونکي سو ڏيهه ڏورڻ آيو جو اڳ آڪين نه ڏٺو. آءٌ صبر ۽ شڪر ترڪ ڪري سندن پنيءَ ويندس، ۽ "جان هونديس پون هيٺ، جان قاسم پيڙي سڄڻين." ٤. اي سسئي! ورچي مَ ويهه، پنڌ نه وسار. وک وڌاءِ ۽ "مري منڌ ميار، لوچي لاهه لکن ۾". سر تان سانگو ڪڻ ته جيئري ملين جت کي. ٥. سسئي آڌيءَ جو پنيور چڙهي، انن واري واٽ وٺي روه ڏانهن رواني ٿي. رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُڀ نتو، ۽ پونءَ تامٽي هنئي، پر سسئي ورچي نه ويٺي. چئي: "مهند مَ مرڻ

Gul Hayat Institute

هوءِ، پوءِ مَ جيان پرين ري.“ ٠٦ سسئي واٽ وارن وٽن کان پڇي پنهون جو ڏس پڇي ٠ ڦوڙائو ۽ فراق وروڻهه تي آيس. جهنگ جا جانور پڻ سندس سورن سڃهائي چڙيا. لڪ لتاڙي، آخر ’سنگهر‘ جي جُوءِ ۾ وڃي پونءُ پيڙي ٿي. ٠٧ بيشڪ نينهن شينهن کان ٻه اڳرو آهي، شينهن هڪ ڀيرو ماري، سڪ ساعت ۾ سؤ ڀيرا ماري. ”سسئي سڪ متائيا، ڏکن تي ڏيئي.“ اي طالب حق جا! سسئي وانگر ارادو محڪم ڪر. توڪل ٻڌ ته منزل کي پهچين. سسئي سِڪ جو نالو آهي ۽ سڪ صفت جي سونهن آهي. ذات ۽ صفت ٻنهي جي حد ساڳي آهي.

● پس منظر. هن سُرَ جو پس منظر سسئي- پنهون جو مشهور داستان آهي. پهرين ڇهن فصلن ۾ خليفي صاحب هن داستان جا مکيه پهلو نفسياتي نگاه کان بيان ڪيا آهن، ۽ آخر ستين فصل ۾ حق جي طالب لاءِ حقيقت جي راه روشن ڪئي آهي.

فصل-١

[١] پريون ساڪن = پرديس جو رهاڪو. سرئوم = پلئه پيوم. لوح = ازل جي پٽي - مقدر.

[٢] ڪن = ’ڪُن فيڪون‘ (خلقت جي ابتدا ڏانهن اشارو). طير = پکي. انامن نور الله- الخ. = ’منهنجو وجود الله جي نور مان آهي ۽ ٻي هر شيءِ منهنجي نور مان آهي‘ (نبي صلعم جي حديث طور آندل، جنهن جو آخري لفظ ’نوره‘ جي بدران ’نوري‘ هجڻ گهرجي.)

[٤] رتا مولهه = سهٽا رنگين پٽڪا.

[٥] انب ورن = انب جي لال رنگ وانگر سهٽا. سروان سوڍا = قد ۾ سروَ جي وڻ کان وڌيڪ سوڍا سنوان. سهسين سنبل موهيا- الخ. = ڪيچين جي ڪارن وارن، سنبل جي گُلن جي ڪاراڻ کي سهمائي ڇڏيو.

[٧] پڳ جهيٽا- الخ. = ڪاڇي اُنن جي سونهن جو بيان ته: سندن پير ننيڙا، گچي سهٽي گول، ۽ ڪن ڪُنڊا.

[٨] مغيليون يا موغليون = رنگانگي ڀرت سان ڪنگرن واريون جهالردار پٽيون. مينا رنگ مغيليون = اُنن جي جهُلن جي وصف ته، اهي ميناڪاري رنگ تي ڀرت ڀريل ڪنگرن دار جهالر سان آهن. مقيس > مقيش = سون ۽ چاندي جي تندن سان اُٽيل ڪپڙو- زربفت. سونهريون = سوني منبي ۽ سونهري ميان سان ترارين. جنبيو ۽ جنبيا = ڪاتيءَ جهڙو هڪ اوزار، ٻنهي پاسن کان تکو ۽ وهندڙ، چوڙي وريل، ۽ مٺ تلوار جهڙي مگر بنا ڪرڙيي (يعني مٺيءَ جي ٻوئين ڪنگڻيءَ بنا).

Gul Hayat Institute

[٩] نعم الجمل = واهه جي سهڻا آٺ! راڪب = سوار.

[١١] نعم = سهڻو. پيارو.

[١٢] وما ارسلناک الا رحمة للعالمين (آيت) = (محمد صلعم کي) اسان اوهان ڏانهن جهانن جي رحمت ٿي ڪري موڪليو.

وائي-١. سڳر وينڙي سور = وات ونيو پئي هل. پور = ڪاٺ جو ٽپو جنهن سان چنين تي چٽ نقش ڪجن.

وائي-٣. سائڙو = سعيڙو. ڳاج = ڳاج - ڳيچ. سهاڳي = سهاڳ جا. خاصيءَ پٽ = چڱيءَ طرح. رانئي = راضي ڪري.

فصل - ٣

[١] پڙ پوارئون = خوف وارو - هيبت وارو.

[٢] ٻئي ورن = ٻئي رنگ وارا - دو رنگا.

[٣] ڏوري دس = ڏوراهين ڏيهه.

[٤] ڪره لڏيندي = ڪرهن پلاڻيندي - اُٺن لڏيندي.

[٥] جهيڙي = جيڪر - جي هوند. چائيان = چوائيان.

[٦] اساري = ويسري.

[٨] مولدان = [بلوچڪي.] = ٻانهيون (جمع)] ٻانهي.

[٩] چماڻ = [بل.] اکيون. جان = [بل.] حلقو - ماڳ. روان = [بل.] وڃان. هلڪ روان = انهيءَ ماڳ وڃان - انهيءَ سات سان وڃان. ڳوانڪان = [بل. سڏڻ: ڳوانڪ = سڏ] سڏ. ڳڏا = [بل.] پويان. ورناهي وريام = نسخن جي پڙهڻي ائين آهي، پر غالباً اصل صحيح پڙهڻي 'ورنائيج وريام'.

Gul Hayat Institute

[١٠] نند = [بل.] ويهه. ايذا = [بل.] هتي - هيڏانهن. بيا = [بل.] اچ. مئي گيرا = [بل.] اسان وٽ. نند ايذا بيا مئي گرا = هتي اچي اسان وٽ ويهه.

[١١] ٻه پوت = ٻه ذر - ٻه پاڳا.

[١٢] بيل = [بل.] چڏ. تؤ = تون. بل تؤ = تون چڏ. قمچي = [ترڪي.] چهو - چابڪ. ڪوچ = پلڻ - پاڪڙو. لوچ = ڳولا.

[١٣] ٻالوپڻ ٻنڌان = ٻالاپڻ جو نينهن - ننڍي هوندي جو ناتو.

[١٤] قاذا = [بل.] اٿ. اٿڻ. بل تؤ قاذا باتڙي = ١. اٿڻ يا وڃڻ جي تون وائي چڏ. ٢. تون بي وائي چڏ ۽ آٿي هل. دوشي = [بل.] گذريل رات. دوس =

دوست. ڪيا = ڪيئن. بانگوا = [بل.] صبح جو سوير- پرهه ڦٽي.

[١٥] مَڪنون = [بل.] مَڪر- نه ڪر. رم = هل- وڃ. مروشي = [بل. مروچي] اڄ. روش = [بل. روچ] ڏينهن. مَڪنون بانگوا باتڙي- الخ. = سپاڻي صبح جي وائي ڇڏ، اڄوڪي ڏينهن هل.

[١٦] برو قاذا = [بل.] هل ات.

وائي- ١. هٽ پڳڙين = پيرن تي هٽ. مَيَنِ = مين ڪي- اُنن ڪي. قلات = ڪلات = قلعو. ڪيچ قلات = ڪيچ جو قلعو.

وائي- ٢. سندي ڏونگر ڏور = جبل جو پنڌ ۽ ڳولا. اتور = سهٽا (سپرين). هور = ڊپ. سڪ اتور = گهٽي حب.

وائي- ٣. پيزار = جُتي. انهنجي = اوهان جي. ڪه = پنڌ جي منزل. ڪارٽي = ڪارڻ ڪنڌڙ - وسيلا.

وائي- ٤ اي تون پينر- الخ. = اي ادي تون ڳهلڙي ۽ اويسري ٿئين، تڏهن هيئنءَ پرين آڏو پلءَ پائي پئي آزيون ڪرين. ٻنيان تو نه ٻري = مُنڊيان توکي اڻ ٽڻ نه ٿي.

فصل- ٣

[٢] ٻهائيان = سمجهايان ۽ مڃايان.

[٣] سنيوڙا = سنيرياٖ. سرواڻ = سات ڏٽي. پَٽُ پلاڻو = سات سنياهيو. انهيءَ پوه پرياڻ = انهيءَ پهه ۽ سوڻ سان.

[٨] هيڪند = گڏ.

[٩] ڪاڪل = وار. بگ ٻري بوتا = ٻَر جا ٻگا ات. ڪلاتي = ڪيچ ڪلات جا رهاڪو. پچو = گذاريو.

[١١] ات = انت- راز. ڪرم = نصيب. نوم = ننڊ.

[١٢] امارو = پڪو پهه ۽ پوري تياري.

[١٤] ڪُنڊڻو = جانچيو.

[١٧] سافرن ڪي = سفر وارن ڪي. مهند = اڳتي.

[١٨] هاڏو = ڏاڙيوال.

[١٩] آيل = اي ماءُ! آنهن = اوهان ڪي.

[٢٠] ڪان تان = جان تان. پيڙي پون = مَري، زمين اندر مدفون ٿيندي.

وائي-١ درد ڏوٿيس ڏيهي = سور ڏيل ڏڪايس.

Gul Hayat Institute

وائي-٢. مارڳ = واٽ. ڏوري = ڳولائو.

وائي-٣. ڪري ڪيسريا = ڪيسر- رتا ڪپڙا پائي.

فصل -٤

[٢] لُڏ مَ = ڊڄ نه. سڏان = سڏ جي آواز ڪان.

[٣] ورچي = ٿڪي. وراند = موٽ. ماند = ماندگي- تڪليف. ڀهڻ = جبل.

[٤] ساڏڻ = ٻوچڻ. ورائي ورائي سارڻ يا پڙهڻ ('جهازُون ساڏيون آهن'). سور ساڏي = سور ساري- سور سهي ۽ پنڌ جو ڪشالو ڪري.

[٥] سورن واڳيون = سورن پيڙيون.

[٦] ڏک نه ڏڏڙيون = ڏک ڪين مهميز نه ڏني.

[٧] تين = تڏهن - تنهنڪري. ڏي مَ پير = ڀروسو نه ڪر. پاڇياٽين پر = خادمن واري ريت.

[٩] ڏوريان ڏور = پري ڪان پري.

[١٠] مچڻ = متان. ورهه وِهائيين = نينهن خريد ڪرين. اتوري = اٹ توري- گهٽي. اُلٽ = اُٿل.

[١٢] لس = گهٽا- بي انت. هبس = ١. سوڙهه - گهُٽ - مونجهه. ٢. هنبس- واويلا.

[١٣] مُنهان = مون ڪان. مقادي = مقاطعي تي - نيڪي تي.

[١٤] سول = (سور ∠ سورج) سج. لٿي سول = سج لهڻ بعد.

[١٥] اڏيو چڏي = اجهو چڏي - گهر چڏي.

[١٦] ڏِڪ = شاديءَ وقت ڪنوار جو سينگار. ڏک چڙهڻ، ڏک ويهڻ = ڪنوار تي سينگارجڻ. ڏڪئون چڙهنديون ڏِڪ = ڏڪن ڪان پوءِ سهاڳڻ جا سڪ ماڻينديون.

[١٧] اليوم = اڄ.

[١٨] ڪرهه پلاڻيا = ڪرها پلاڻيا- اُٺ پلاڻيا. قد قبي = قبي جي قد جيڏا - وڏا قداور.

[١٩] جپ = جمعيت - ماٺ.

[٢١] مُلا = وٺان.

[٢٢] مرڻ سيئن = موت تائين.

[٢٣] ميڙائي جي = وصال جي. سمن = مقرر جاءِ تي هڪبئي سان ملڻ جو وعدو. سنگهر = ڀنڀوڙيءَ جي لڪ ڪان پريان ۽ 'مُنهبار' جي ڊوري جي اوريان هڪ جُوءِ يا ايراضيءَ جو نالو، جتي سسئيءَ جي قبر آهي. سنگهر پٽيين = 'سنگهر' واري ماڳ تي.

[٢٤] ووءِ ووءِ = واويلا. وڙن = نِڪارن. ماند = نِسَت ـ ڪمزور.

وائي-١. پوت = ٻہ اڌ ـ اڌواڌ .

وائي-٣. ڏيئي تن ٽُڪڙا = ڏيل کي ڏنپ ڏيئي- جان کي ڏک ۽ سور ڏيئي. چارا سپ چڪڙا = سپ حيلا رد ٿيا .

وائي-٤. وڃي پاهہ پرين کي = سڄڻن کي وڃي منٿون ڪري مڃاءِ.

وائي-٥. مَيان ڏوهہ نہ ڪوئي = انن جو ڪوبہ قصور ڪونهي. ڏاگهان آڇ نہ ڏوئي = ڏاگهن کي پٽ پاراتو نہ ڏي.

فصل -٥

[١] اَڏائي = قصد ڪري اُٿي. سڳر = وات.

[٢] مارڳ = وات. رومن = ذرا ساهہ کڻن ۽ ترسن. اولاٺي = اُنن تان بار لاهي.

[٦] سانگ = آسانگو ـ اڳ لاڳاپو. ٻڌي ٻوت = ڍڪيءَ سَت ـ بنا ساهي. ٻڙانگ = ٻيرانگ ـ وڏي وک. لانچيو = جانچيو. لڪن لانگ = لڪن جا لنگهہ. ڳڙانگ = اُٺ. ماري = مارينڌڙ .

[٧] ڏکندو = بلا ـ مصيبت. ڪور = انڌا. هور = ڏک ڏاکڙو. اڳي جي نہ ائين ٿيو = جي ازل جو انگ ائين لکيل نہ هجي ها.

[١١] ڏيل گدازو = جسم ڳارينڌڙ ـ سخت گرم.

[١٢] پرنيا = سپرد ڪيا ـ حوالي ڪيا.

[١٤] ڏکاڪن = آڏو جلهون ڪن. نهارن = بکهڙن ـ مروئن.

[١٥] داڙو = مدد گار ـ وسيلا.

Gul Hayat Institute

فصل - ٦

[١] گهيرنديءَ مس = سونهاريءَ جي ريهہ سان ـ سهڻو جوان.

[٥] ساڻس توڏ تهو = ساڻس اهڙو سات. سِهو = سنگت. سَٿو.

[٩] اوجل = اوجر. زيب. مونگهٽ = موڙ. ڍڪ. حجا

[١٠] ڏائي = ڏائي پاسي کان ٻولينڌڙ تتر (جو پهرئين پهر ٻولي تہ بد سوڻ آهي). جيٺا = ايسڄي پاسي کان ٻولينڌڙ تتر (جو ٻوئين پهر ٻولي تہ چڱوسوڻ آهي). مِرگهہ مالارو ٿئي = مرگهہ ۽ مالارو ٿئي (يعني هرڻ ۽ مالاري پکي جو ڪُ سَوڻ ڏيرن کي ٿئي جيئن اڳتي وڌي نہ سگهن). ندي ٻاٿي پور = آڏو نئن پريل هجي جيئن اُڪُري نہ سگهن. دائي ان دستور = ١. هي ٻانهي انهيءَ طرح. ٢. ان طرح من کا

ڏائِي پوي (آڏو رنڊڪ يا تڪليف پيدا ٿئي).
[١۴] ساوَج = ٻيلائي شينهن.
[١٥] ٻورائو = سونهون. پنهونءَ پرني پاڻ = پنهونءَ کي پاڻ سونپي.
[١٦] راڳا = مرون. ٻيلائي شينهن. موم ڪيا مهيز ـ الخ. = سورن جي سَٽ (مهميز) پوري طرح (سِجهائي) هيٺا ڪيا (موم ڪيا).
[١٧] ٻبر = ڪيهر شيهن. ڏيپلا = چيتا (شينهن).
[١٩] روڏ = جبل جا وڏا ڪارا ڪانُ.
[٢١] پڳ جهيٽا = پير آهستي (ٽڪ وچان)- آهستي وڪون. جنبور = جهنگلي ڪتا.
[٢٢] فوقل سنگ = (فوق = مٿان. سنگ = پٿر) پٿرن مٿان. رِجل = پير. راف = نرم ـ هيٺا. قاف = جبل. ستي سنگهر پٿيين = 'سنگهر' جي جوءِ ۾ وڃي زمين داخل ٿي.
وائي- ا. سونهريون = تراريون. ٻيٺ = چيلهه وارو سندرو.
فصل ـ ٧
[٢] لَهُمُ = نانو.
[٣] سانديئي = پاليُئي.
[٧] ڪور = اندو.
[١٢] لايموت فيها ولايحيٰ (آيت) = نڪي ٿو اُن ۾ مري نڪي جيئي.
[١٣] ڪڙ مَ = (پير ڪڙڻ = پيرن کڻڻ وقت پيرن جي نشان جي چوڏاري ليڪ ڪيڻ) ليڪ نہ. ڪُپير = ڪپيري ـ ڪُوات.
[١۴] طالب المولىٰ مذڪر = مولىٰ جو طالب مرد (باهمت) آهي.
[١٥] فليضحڪوا قليلا ـ الخ. (آيت) = ٻوءِ مر نہ ٿورو کلن، ۽ مر نہ گهڻو رئن.
[١٦] چيهه نہ چِٽو = انت نہ لڌو.
[١٧] آڙون = آهڙون (پير کڻڻ وقت، جنهن طرف پيرو وڃي اُن طرف آڏو وڃي پير جانچڻ).
[١٩] من عرف نفسه ـ الخ. = جنهن پنهنجو پاڻ سڃاتو، تنهن بيشڪ پنهنجي رب کي سڃاتو. نٽاڻ = پاڻيءَ جي هيناهين وهندي. ڪڙج پيرڙا = پيرن جي نشانن کي چوڏاري ليڪا ڏج.
[٢١] رائيت ربّي بيرَبّي = مون پنهنجي رب کي ڏٺو پنهنجي رب جي وسيلي. سري صُمٌ بُڪمٌ = مونکي ٻوڙاڻ ۽ گونگائي پلئہ پئي.
[٢٢] قلزم ڪُن ۾ = اونهي ساموندي ڪُن ۾. ٻيو = پيائي.
وائي- ٢. حماتي = حمايتي ـ مددگار. ڪنيزڪ = ٻانهي.

Gul Hayat Institute

سر سورٺ

- مقصد. ١. وڏي ڳڻ وارو ساز وڄائيندڙ منگتو اوچتو اچي جهوناڳڙهه ۾ سهڙيو، ۽ پنهنجي ڳڻ ڳيان سان اهڙو ته سرندو وڄايائين جو سندس تند جي تنوار راءِ ڪنگهار کي موهي وڌو ۽ چيائين ته جو سِر تو گهريو سوئي توتان گهوريندس. سورٺ گهڻيون آزيون ڪيون، مگر منگتي چيو ته، مٿي ڏاران ٻيو ڪي به ڪين قبوليندس.
٢. راڄا، منگتي کي ڪوٽ تي مٿي سڏايو ۽ ڪيس سِرُ ڪاٽي ڏنائين: ”ڪاٽي، ڪنڌ، ڪماچ، ٿيئي پرتا پاڻ ۾.“
- پس منظر. هن سُرَ جو پس منظر راءِ ڪنگهار، منگتي ۽ سورٺ جو مشهور داستان آهي.

فصل-١

[١] ڳڻ ڳويو = وڏي ڳڻ وارو ڳائيندڙ.

[٤] ڀيرم راڳ = يعني ڀيَرُوَ يا ڀيروُن راڳ جو ڇهن راڳن مان هڪ مکيه راڳ آهي. ٻباس يا ٻياس = ڀيرون ٺاٺ جي راڳڻي: ڀيرون جا ٻه سُر (نِکاد ۽ مَدَم) ڪتبا ته ٻياس راڳڻي ٺهندي جا صبح جي راڳڻي آهي، ۽ 'صبح جي سوال' جي لحاظ سان موزون آهي. ڀيرم راڳ ٻباس = ڀيرون ٺاٺ جي ٻباس راڳڻي.

[٩] تُسين = تون خوش ٿِيِنُ.

[١٠] سرو سنگ سبحان = ڏڻيءَ (سبحان) لڳ سر گهوري ڏي.

فصل-٢

[١] توشو = تحفو.

[٢] پڻون = ڏرو.

[٦] سندائين = سنائين. مڃائين.

[٨] ڪوٺي = ڪُنبد- خاص جاءِ. طير = پکي.

وائي. مرجانُ ڪَرَ ڪجن = ڀل ته رقيب سور سهن. سيئي ڪاج سجن = سڀ ڪم سهڻا ٿين.

سر ٻيراڳ هندي

- مقصد. هن سر جو مول مقصد هڪ ڏٺي جي طلب ۽ سچي سڄڻ جي تلاش آهي.
- پس منظر. هن سر ۾ 'رام ڀڳتي' جي اوائلي موحدانه تحريڪ جو عڪس نمايان آهي

Gul Hayat Institute

جنهن موجب 'رام' جو تخيل، 'رام پٽ دسرت' نه بلڪ هڪ ڏاٽي آهي.

[۱] پان = پڻ. رام رمي هر چند = هر وقت 'رام' (ڏاٽي) سمايل آهي. ڪيلي آپ ڪلاري هووي = پاڻ ڪيڏي ٿو ۽ پاڻ ڪيڏاري آهي.

[۲] دهائي = پڪار- سڏ. رام دهائي = ڏاٽيءَ جي نالي جي تنوار- ڏاٽي جي وائي.

[۵] پان، قول- الخ. = پڻ توڙي گُل پاڻيءَ جي پيدائش آهن، ۽ ڏاندي خود پاڻي آهي. پيد ڪي = راز جي. ڦل لڪڙي ڪا باپ = ميوو(ٻج) ٿڙ جو پيءُ آهي.

[٦] سپنا! = اي خواب! پيو = پرين. اب = هينئر.

[۷] سوگند هي = قسم آهي. پيي = پرين. تم پر وارون جي = توتان جند قربان ڪريان.

[۸] من ڪي ڪولون گانٺ = من جي ڳنڍ ڪوليان- دل جو راز ظاهر ڪريان. سؤ من شڪر -الخ. = سؤ مڻ کنڊ پير جي مٺا طور يڪدم ورهائي ڏيندس.

وائي-۱. جام جام = جام چام - سردار. تـَج د ي = ڦٽي ڪر. ڇڏي ڏي.

وائي-۲. جوينان = جوين- جواني. رمت رمت = گهمڻ ڦرڻ. دنڙا = ڏينهن. رين گمائي سو = رات سمهي وڃائي.

سر جوڳ

● مقصد. محبت ۽ مجاز هن سر جو مکيه مقصد آهي.

● پس منظر. هن سر جو پس منظر هير- رانجهي جي محبت جو داستان آهي.

فصل -۱

[۱] جوڳ = جوڳ جي راڳڻي جنهن جو مضمون محبت ۽ مجاز آهي. پيرين = پوڙهن کي.

Gul Hayat Institute

[۴] ملينداد = ملائي ٿو.

[۵] دردي = (محبت جي) درد وارو. محبت باجهوڻ = محبت کان سواءِ.

[٦] لڳي لڙهه تيڏي = تنهنجي دامن لڳي.

وائي-۱. پيڙان دا = سورن جو.

وائي-۲. تـّيان = ٿي آهيان- سڏ ِي آهيان. دن- رينون = رات ڏينهن.

وائي-۳. اين ٻيلي وسدا = هن ٻيلي ۾ رهي ٿو.

وائي-۴. موچيان والي = جُتي- پادر.

وائي-۷. پاو ي = پسند اچي- وڻي. منجهين دا = مينهن وارو.

فصل - ٣

[١] منهن مسڙيانرا = منهن تي ڏاڙهي جي نئين ريهه وارو.
[٢] ڪيڙا تروڙ پتل دا پيڙا = ڪيڙي ڪي، جو پتل جي ڪوڙي ڪنڊي آهي، توڙي.
ويرا = ياء.
[٣] مراد ميڏي شه ماهي = منهنجي من جي مراد ماهي سردار آهي. ڪوء تلي پيا= ڪوهه جي تري ۾ پوي.
[٥] سپ سيالي = ذات جا سيئي سيال. لک واري نت وارون = لک پيرا سدائين قربان ڪريون.
[٦] چتا ڪبيرئون = ڪبيري (وڏي) گناهه کان آزاد ٿيو.
[٨] ڪت شهر ڀپل ملڪاتا = ڪتي ملڪن يعني ڪيڙن سردارن جو 'ڀپل' شهر.
وائي - ١. نيتي = واسطي. راهه پليندي = وات نهاري ٿو. چاڙهه پلا ڪجهه چتي = پلا ڪجهه چيت لاء. لوڪ پتيي پت ليتي = ليتل پٽ، ماڻهن اکيڙيا (ڏکيل عيب ماڻهن پڌرا ڪيا). مول نه پوون پتي = دل تي بالڪل اثر ئي ڪين ٿا ڪن.
وائي - ٣. جهيڙيان = جهيڙو ڪيائون. ڪول اساڏي = اسان وت. ڏتيان دا ويڙا= ڏوتين جو پاڙو. منجهين وال = مهينهن واري. سر اساڏي - الخ. = رنون طعني وارو تار اسان جي سر تي اچي ٿيون چڪائين. بديان چايان = تهمتون مڙهيون.
وائي - ٥. لهه پئي هول = ڏپ ڏاء لهي پيا. گردول = ڪن. ڏول = دهل.
وائي - ٦. برهه پڙهايم باني = نينهن مونکي وظيفو پڙهايو. ويڪڻ سيتي = ڏسڻ سان.

سر جهنگلو

- مقصد. دوست جي دلاسي سان غم ويو ۽ خوشي آئي؛ دوست آيو ته مبارڪون مليون ۽ خوشيء جون محفلون مچي ويون. مردانگيء وارو فقير آهي اهو جو پنهنجو پاڻ ترڪ ڪري ۽ دنيا جي پرواهه نه ڪري؛ نڪي سوال ڪري ۽ نڪي مال ميڙي؛ عشق کي پنهنجو رهنما بنائي ۽ مراد ميسر نه ٿيڻ ۾ ئي پنهنجي خوشي سمجهي؛ ۽ جو توڪل جي تند وڄائي ۽ ڏٺي ريجهائي.
- پس منظر. حقيقي دوست جي طلب، تن ۽ طمع کي ترڪ ۽ ڏٺيء تي توڪل وارا رندانه خيال هن سر جا مکيه سرچشما آهن.

[١] مُتا = موڪليو.
[٢] پيڙ = درد.

[۳] گهليا = موڪليو.
[۴] درون په آيا = اندر گهڙي آيو. مطرب = ساز وڄائيندڙ.
[۵] رن دا = دنيا جو.
[۶] عشق رکي هٿ عاصا = عشق جي عاصا هٿ ۾ رکي.
[۷] عالم خوش مرادين دي وچ = ماڻهو مرادن پڇڻ ۾ خوش. زاغ زغن اشيان زمين تي = ڪانون جو آکيرو زمين تي.

وائي-۱. ڏتي ڪنهن پرمائي = ڪنهن ڏوتپٽي ڪندڙ ڪيس برغلايو. رک پينا ڪٽ رائي = ڪتي دل لائي ويٺو آهي. ڍولڻ باجهون = دوست ڪان سواء.

وائي-۳. بشيهر = ڪارو زهري نانگ. اُڪائي = ختم ٿئي.

وائي-۵. سمنان ڪون = رڪيل وعدن کي.

سر بروو سنڌي

- مقصد. ۱. سڄڻ سونهن جي هٿيارن سان مشتاقن کي ماري منزل تي پهچائي ٿو. اي سڄڻ! مونکي تنهنجي تات طلب آهي؛ آءٌ ته پرچون پاڻ ۾. سڄڻ پرتا ۽ عيد ٿي، ڏجهڻ ويا ۽ ڏک لٿو: ”جانب جو جمال، ڏني ڏک لهي ويا“ ۲. اي ڪتا! تون ڪرهه ڪري پونڪ نه، جو آءٌ سڄڻ جي وصال لاءِ آسائتي آهيان؛ تون اونايون ڪري پين کي نه اُٺار ۽ مونکي رتيءَ جي رهاڻ کان نه رنداءِ. ڪتو گس جهليو ويٺو آهي ۽ ساڻس بي ڪتي ٻڻ جوڙيوال آهي، پر پرين پاجهه پئي ٻنهي کي پَليو؛ ڪتن جو پلا کهڙو ڏوهه جو ڏٺين پاڻ ڏاريا آهن. بالآخر سڄڻن صلح واريو ۽ ڪتن جي ڪاڻ لٿي. ۳. سڄڻن جي سونهن سج چنڊ سلامي ڪيا: چنڊ ۾ ته ڪاراڻ آهي، پر پرين جو پرتوو سج کان به سرس آهي: ”جڳ ۾ جوت جهون، بسان ڪونه پرين جي.“ حقيقي محبوب يعني ڏٺيءَ کي جو سڏي ٿو ته هو سڏ سڻي ٿو؛ پر، ”سڻي جي نه سڻي، ته ٻڻ ساعت سڏ نه لاهيان.“ اي ڪانگل! سڄڻن کي وڃي سنيهو پهچاءِ ۽ ”جي سڄڻ وڻڙا سانگ، اڄ اڏائي آڻ تون“.
- پس منظر. هن سر جو پس منظر محبت ۽ مجاز آهي.

فصل-۱

[۱] ٻڙودائي بان = ٻڙودي شهر جو نهيل تير. رونسيو رڱي هنڙا = زخمن سان سلهيو ستيو، رت مان پنهنجا هٿ لال ڪري (رونسڻ = [سنڌي ٻولي جو ڪچي محاورو] ڪيرائڻ- پڃاڙڻ- گهٽو مارڻ ۽ رت مان ڳاڙهو ڪرڻ).

[٢] وايوڙيا = زخمي ٿيا.

[٣] ونجهل = جهوري. چتر ساڻ = ١. چيٽ سان. حيلي سان. ٢. قرب ۽ محبت سان. نجيب = اي عالي نسب!

[٦] لکمڻ ساڙي سيت = لڇمڻ سيتا کي ساڙيو.

[٨] تاب توڏ = دڙکو ۽ آکڙ.

[١٠] گهڙي سات = گهڙي ساعت.

[١٢] لٿي مون تان لک = مون تان سختي ۽ تڪليف لٿي. ڏجهڻ پاسي ڏک. الخ. = ڏکن اڇي رقيب وٽ ديرو دمايو.

[١٣] وڍيوسون وسواس = شڪ گمان پليوسون.

[١٤] ڏيهي = هم وطن دوست.

[١٦] چڏي ڪرڪپت = رقيب جهيڙو چڏيو.

[١٧] تغير ڪيا = بدلايا. دفع ڪيا.

وائي-١. سانگ ويا = سانگ تي ويا. اصل جاءِ رهايش چڏي ڪنهن سانگي سان ٻيءَ جاءِ ويا. وهلڙي = سيگهي. وراڻ = موٽ.

وائي-٢. پِري = خوش ٿي. راضي ٿي.

فصل-٢

[١] پچر جون باهون = ڪُٿيي جون ڀَهڪُون. ڪيئي ٿو ڪرڙن ۾. الخ. = ڪتو چاري ٿي، محبوبن جي گهر جي چوڌاري ڪرڙن ۾ پيو ڦري. ڪَرڙ ج = ڪاوڙ مان ڀونڪون نہ ڪج.

[٢] راڳا! = اي راڳي (ڳاڙهيرڙي) رنگ جا ڪتا! ڪر مَ باه = ڀهڪ نہ ڪر. لوڪ لک پئي = ماڻهن کي خبر پوي.

[٤] پان ورني = پان جي رنگ جهڙي ڳاڙهي.

[٥] ٻسي پچ لڏائين = مونکي ڏسي سجائي، خوشيءَ مان پڇ لوڏين. ڪري پئين پاڌ ۾ = ڪنهن وڏي کڏ ۾ ڪري پئين (جتان نڪري نہ سگهين).

[٦] ڏجهڻ پئي م ڏاءِ = دشمن کي خبر نہ پئي. رسان رات رهاڻ ۾ = سڄڻ سان ڪچهريءَ ۾ رات پوري ڪريان.

[٧] پرنون = پارتون.

[٨] ڏوتي = ڏتاري.

[٩] روازي = بي لڇڻو. لوسي. مجازي = محبت واري سڄڻ.

Gul Hayat Institute

[١٠] رُوڙ = ڪاهه. سوڙ ڪيي=سوڙهه ڪري. جُلهه ڪري. ڪارايل=ڪارو ڪيو.

[١١] ٻَهڙو جهليو ٻنڀ=ٻهڙي رنگ جو (ڪمرو) ڪيو گهر جو در جهليو ويٺو آهي.
لنب= ٻي لحاظ. ڪميڻو.

[١٢] ٻونچي=ڪُتيءَ جو نالو.

[١٤] ڪجڻ ٻڌو ڪاهه=جهيڙاڪار اچي جهيڙو ٻڌو. ڪنهن ڏجهڻ وڏو ڏاهم=ڪنهن دشمن (رقيب) منهنجي اچڻ جي خبر ٻڌائي. وڳي ويچارن تي=مسڪينن تي تو ٻَهي ۽ ڪَتڪيون ڪري.

[١٥] راڳي ملاڪ الخ. = رات جو هن راڳي ڪتي ڪان ڪنهن حيلي به ليڪي نٿو سگهي.

[١٦] ڳوٺ ڳري = ڳوٺ جي گهٽي.

[١٨] سو لهه لڏائون = محبوبن اهڙو بلو ڪيو. خوف خزان ٿيو = ڊپ دفعي ٿيو.
ڪڙنو = لوهو گول چلو.

[٢٠] ٻچر خچر خارجي = ڪرڙو ڏاريو ڪيو (شيطان ڏانهن اشارو). واڻي در وحي= جبرئيل در جهلي بيٺو. سهو = سونهون. مدد گار.

[٢١] سينڌو = واقف.

[٢٤] ڳير نه ڪن = ڳيرن نه. توڏ = آڪڙ. سڳن سين = ڪتن سان.

فصل -٣

[٢] سونهن ملار = سارنگ جي بادلن جي رنگارنگي سونهن وارو.

[٣] موهن روپ مهاءِ - الخ. = سهڻي سڄڻ جي وات جي ڀڪ ڪان ما ڪيءِ ڪي ميناج مليو.

[٤] ٻونم = چوڏهينءَ جو چنڊ. ميٺي ويڄ وري = طبيب (سڄڻ) ڦٽ جي ور ڪي ختم ڪيو.

[٥] ٻونم پاڇويون = چوڏهينءَ جي چنڊ ۾ نه ڇانيون (ڪاراڻ) آهن. جوت جهون= سندن سونهن جي لالائي جهڙو.

[٧] ڏٿيءَ ڏٺا جي= جيڪي ڏٿيءَ جا چونڊيل ٻانهان آهن- جن تي ڏٿيءَ جي مهر آهي.

[١١] سر ٻڙانگ = ٻيسانگ تي- ٻن انگهن واري ٿوٽي تي.

وائي-١. ٻيراڳڻ = ويراڳ واري- درد فراق واري.

وائي-٢. دکي جا من ڏون = جا (درد جي) دونهين دل ۾ دکيل آهي.

سر راڻو

● مقصد. ١. مومل جي حسن جي هاڪ سڻي ڪيئين مشتاق آيا، پر ڪي انهيءَ ماڳ مٿان ڪي گوندر ڳاڏوان موٽيا. هڪ سامي، جو سور پرائي موٽيو هو، تنهن راڻي مينڌري ۽ سندس ساٿين سان حال اوريو ته ”گجر سپ ڳنوائيا لوڏي لک هزار“. ٢. مومل هڪ پري ذات پدمڻي آهي پر سندس ملڻ مهانگو آهي: ”راڻا پاڻ ۽ مَ راند، هيءَ سڱ سورن ڳاڏئون“. پر راڻو ۽ سندس ساٿي ڪهي اچي ڪاڪ تي پهتا، ۽ سوڍي سڀ طلسماتي تال معلوم ڪري وڃي مومل ماڻي: ”مومل ۽ مشتاق، هر دوئي هيڪ ٿيا.“ ٣. سوڍي ڪي ڪو جو شڪ پيو جو ڪاڪ تان آسرو پلي ويو: راڻو رُسي چڙ مومل ڪي ماري ويو. مومل پڻ راڻي جي سڪ ۾ فنا ڪائي خود مينڌرو بنجي وئي.

● پس منظر. هن سر جو پس منظر مومل ۽ راڻي جو مشهور داستان آهي، جنهن جا تاڻا خليفي صاحب هن طرح ڏنا آهن ته: مومل ’نادول‘ شهر جي گجر شهزادي هئي، جنهن پنهنجون پيٽون ساڻ ڪري اچي ڪاڪ ڪنڌيءَ تي هڪ طلسماتي محل تيار ڪرايائين. سامي، جنهن راڻي ۽ سندس ساٿين ڪي مومل جي خبر سڻائي، سو گرنار (جهونا ڳڙهه) جو هڪ جهان ديده جوڳي هو جو مومل جي هاڪ هالار (ڄامنگر رياست واري ايراضي) مان سڻي، ڪهي اچي ڪاڪ تي پهتو، پر آتي سندس هنر حيلو ڪونه هليو ۽ هي ڳوڙهيو گوندر پيرائي پوئتي موٽيو. راڻو (جنهن جو نالو ’مينڌرو‘ هو) سوڍو (ذات جو) ٿر جي ڍٽ واري ايراضي جو سردار هو ۽ مڙني سوڍن (ساڏورن، ماڏن، موڏورن وغيره) جي مٿس پڳ هئي.

Gul Hayat Institute

فصل-١

[١] وڃ ورنيون = سونهن ۾ ڪنوڻ جي تجلن جهڙيون. نڳيون نادولا = ’نادول‘ شهر مان روانيون ٿيون. سر چيرا = مٿن تي پٽ جا ’چيرا‘ (روا). ڳل پيپنيون = ڳچيءَ ۾ پيپني رنگ جا رومال.

[٣] زنده طعامون - الخ. = مومل ۽ سندس سٺ ڪي بازن وانگر، ڳهوٽن شهزادن جو ماس تازي طعامي (قُوت) طور ڳهرجي.

[٤] سَوَ سينهائين اڳرو = (هيبت ۾) هڪ سؤ شينهن. ڪان ٻه وڏيڪ آهي. تني چاڙهي چيئن = تن ڪي سُوريءَ تي لٽڪائي.

[٥] کهڪ- دوال = ڪاک جي محلات جي ديوار.
[٧] ڪنوار = گِلا.
[١٠] سوس = خيال. آسرو. لوڏي = شڪار ڪندڙ.
[١٣] خدنگ = تير.
[١٥] ساوج گير = شينهن جهليندڙ.
[١٩] ناني = 'ناني' جبل ۾ جوڳين جو تڪيو 'هنگلاج'.
[٢٢] اونچي روه = اُچي جبل (گرنار) تي.
[٢٣] ٻرڙي منجهه ٻهڪ = ٻينڪ يا ديرو 'ٻرڙي' جبل ۾ آهي.

فصل-٢

[١] ڪوڪبان = سينڌ. حمال = تائٿ.
[٢] مير مواس = مهمير- همت پريا شهزادا.
[٣] جاءِ - نماءِ = قطب نما مثل، ماڳ ڏيکاريندڙ اوزار.
[١٣] دئي درڪ = روشني ۽ پرک.
[١٤] ڪعبي پوش = (ڪارو) غلاف.
[١٥] فڪان قاب قوسين او ادنى (آيت) = معراج وقت، نبي صلعم جي ذات حق سان ويڃڻ ڏانهن اشارو آهي: 'ٻن ڪمانن جي وٿيءَ جيترو، بلڪ اجان ٻه ويجهو هو'.
[١٧] ملام = ملامت- گِلا.
[١٨] ساڏور، ماڏا ۽ موڏور = تيئي سودن جا پاڙا. موکي = عزت ڏيئي چوندي.
[١٩] ڪنار = وڏيون ديگون. چڙهيا ڪالهه ڪنار = مومل ۽ راڻي جي ملڻ جي خوشيءَ ۾ ڪاج ٿيا ۽ ديگيون چڙهيون. سليدار = (اسلح + دار = هٿيارن وارو) سپهه سالار. بهادر مڙس. وير اڳين جا وارثا = جي اڳ مومل ماريا هئا، تن جا وير ورثائين.

وائي. ڳاج = ڳيچ. ڳائون ڏيئي = ڳاوڻ ڳائي. مون گهر لايو = منهنجي گهر وٺي اچو. سائڙو = سعيڙو.

فصل -٣

[٢] ڪچ = ڏيک. پائي چاڙ ۾ چچ = مدي ميري پڌري نه ڪر (چچ ۾ انهن ڪلڪائي مٽي ڪچرو جدا ڪرڻ ڏانهن اشارو).
[٥] لٿو سهو سجود = سهو جو سجدو معاف ٿيو- پڻل چڪ جو حساب ئي ختم ٿي ويو.
[٧] نينهن نهو = محبت جو بنياد.

Gul Hayat Institute

سر ڪاهوڙي

● <u>مقصد.</u> ڏوٿين جو ڏنڊو ٿي آهي ڪشالا ڪري ڏت ڏورڻ. اهي اڻ ورچ ڪاهوڙي ٻڪ، لڪ ۽ اُڃ کان بيپرواه آهن ۽ جهر جهنگ جهاڳي اهڙين ويڙين ۾ وڃي ٿا وڻ چونڊين جتي جيتن جانورن جو جيئڻ به مشڪل آهي. مقصد ته حق جا طالب سپ آسانگا پلي، پنهنجي جان کي جفا ڏيئي حق جي ڳولا ۾ مشغول آهن.

● <u>پس منظر.</u> آڳاٽي دور ۾ جڏهن ملڪ ۾ آبادي گهٽ هئي ۽ اناج جي کمي هئي، تڏهن غريبن جو گذر ڏت (گاهن جو ٻج، پڪا، پيرون وغيره جهنگلي ميوا) تي هو. هو ڪتها (يا ڪاها = ننڍيون ڪوڙيون) کڻي صبح جو ڏت ميڙڻ خاطر نڪرندا هئا ۽ جهر جهنگ ووڙي ٻچن جو قوت آڻيندا هئا. اهڙا اڻ ورچ، 'ڪاهوڙي' (ڪهن يا ڪاهن وارا) سڏجڻ لڳا، جن کي اُڃ، بک ۽ لڪ جي پرواه ٿي ڪانه هئي ۽ ڏت ڏورڻ سندن روزمره جو ڌنڌو هو. سالڪن شاعرن حق جي طالبن کي ڪاهوڙين سان تشبيهه ڏيئي، سنڌي شاعريءَ لاءِ هي نئون مضمون نروار ڪيو.

[٢] ڏڌوڙيا = ستايا. ڏوم ڌهوڙيا = گهڻو هلاڪ ڪيا. سنبر = اوزار (ڏت ميڙڻ جا). سُپ = ڇڄ.

[٣] ڏورينڌڙا ڏور ٿيا = ڏت جي تلاش ۾ پري هليا ويا.

[٤] ڪونڌر = ساندارا (پاڻيءَ جا). ڪور = وهندڙ ڪڙيو يا ڪسي.

[٥] ڪرڪڻ = ڪکن يا چم جا سادا سڪل جوتا. پڇيو = ڪتيو. ڪوڙ = گهٽيون.

[٦] ٻٽ = گاه جا تلها ٻوُڙا.

[٧] سميٽيو = گڏ ڪيو. الڪ = ڏٺي. اماڻ = امانت.

[٨] ماءَ = پاڻي. سونو = چِتايو. ڏت ڪريندا = ڏت گڏ ڪندا- ميڙيندا.

[١١] توڻ لڌائون تن مان = پنهنجو قوت پنهنجي جسم مان هٿ ڪيائون.

[١٢] سپ نه سپجي = نانگ بلا به پيدا نه ٿئي- جيي نه سگهي. ويڙ = وڻن ۽ ٻوُڙن واري ايراضي.

[١٣] راڱا = ٻيلائي شينهن. ڏاهم نه سڄي ڏيپلين = ڇيتن جي وائي ڪانه ٻُڌجي.

[١٥] ڇپر ڇڳا ڇاٽيا = جبلن ۽ ٻهاڙن مان جهنگلي ميون ۽ ڦلن جا ڇڳا ڇاٽيا.

[١٦] آلا اِنَّ اولياءَ الله- الخ. = بيشڪ الله جي دوستن تي نڪي ڪو خوف آهي ۽ نڪي ڪو ڏک ڏسندا.

وائي. تنگون ڪيڙم تي = انهيءَ ڪري آهون پڪارون ڪيم. ڪونڌر جن سان = پاڻيءَ جا ساندارا جن ساڻ آهن.

سر رامڪلي

- مقصد. ١. ’رام ڪلي‘ جي سامين بنا هرگز نہ سري، ۽ هوءَ جڏهن ’جياپائي‘ تي راڻن گڏجي وڃي گرو گورکنات کي ملي. ٢. اهي جوڳي حق جا طالب آهن؛ هنن دنيا جا سڀ آسانگا ترڪ ڪري پنهنجي حقيقي محبوب کي ڳولي لڌو.

- پس منظر. ’هٺ يوگين‘ جي تحريڪ ١٣ يا ١٤ صدي عيسوي ۾ اسلام جي توحيد واري نظريي جي زير اثر هندوستان ۾ شروع ٿي. چون ٿا تہ گرو مڇندرناٿ ان جو باني مباني هو پر سندس چيلي گرو گورکنات جي رهنمائي هيٺ هن تحريڪ زور ورتو. ’هٺ جوڳي‘ پنٿ جي فقيرن جو ويساهہ هڪ خلقڻهار ۾ هو، ۽ سندن عملي زندگي مجردانہ ۽ سير سفر واري هئي. سنڌ طرف بہ هي جوڳي فقير آيا ۽ هنگلاج (لس ٻيلي ۾، هگور ندي لڳ ’ناني‘ جي جبل ۾) کي پنهنجو تڪيو بڻايائون. گرو ۽ چيلي جا آداب ۽ ’جوڳ‘ يعني جان کي جفا وارو تخيل هنن سيلاني فقيرن ذريعي سنڌ وارن کي معلوم ٿيا، ۽ سنڌ جي بلند خيال شاعرن، ’سچن طالبن جي حقيقي مطلوب (هڪ ڌڻي) لاءِ تلاش‘ واري مضمون کي جوڳي پنٿ جي سچن فقيرن جي عملي ڪاوشن ۽ عادتن اطوارن ذريعي ورجايو. ميين شاہ عنات جي ڪلام ۽ شاہ عبداللطيف جي رسالي وانگر، خليفي صاحب جي هن ’سر رامڪلي‘ ۾ ’جوڳي پنٿ‘ توڙي ’رام ڀڳتي‘ وارين ٻنهي تحريڪن جو پس منظر سمايل آهي. فصل پهرين ۾ ’رامڪلي‘ نالي عورت جي سچي گروءَ لاءِ تلاش جو مضمون سٽيل آهي. اهو مضمون صرف خليفي صاحب ئي آندو آهي، جنهن جو بنياد ڪنهن عوامي روايت تي آهي جا شايد خليفي صاحب گجرات ۽ ڪانياواڙ طرف ٻڌي. ٻئي فصل ۾ سچن جوڳين فقيرن جي حقيقي گرو (هڪ ڌڻي) لاءِ تلاش، توڙي سچن سامين ۽ سناسين جي حقيقي ’رام‘ (هڪ ڌڻي) لاءِ ڳولا وارا ٻئي مضمون گڏوگڏ ورجايل آهن.

فصل-١

[١] رام ڪلي = (حقيقي يا فرضي) عورت جو نالو. چو = چوي.

فصل-٢

[١] فاينما تولوا- الخ. = جيڏانهن منهن ڪندؤ تہ ڌڻي کي سامهون ڏسندؤ. جاتون ڪن = زيارتون ڪن. نحن اقرب اليہ- الخ. = (ڌڻي تعاليٰ جو قول تہ) بندي کي اسين سندس ساهہ ڪٺڻ واري رڳ کان بہ ويجها آهيون. ناني گڏي نجهري = ٻيبي ناني

(هنگلاج جي سائڻ) گهر ويٺي ملي.

[٣] تڪبر تارڪي = هٺ کي ترڪ ڪندڙ.

[٤] ذالک فضل الله - الخ. = اهو الله جو فضل آهي جنهن کي گهري تنهن کي عطا ڪري. من له المولیٰ- الخ. = جنهن جو الله آهي تنهن جو سڀڪي آهي. سرئون = حاصل ٿيون.

[٥] جهليندي جڳ = ساري لوڪ ڀئي کين جهليو (ته نه وڃو). نڱئا = روانا ٿيا. منجهان نانَ نرڳ - الخ = انهن ڪاپڙين کي ڏٺي (نانَ) دوزخ مان ڪڍيو.

[٦] هئڻ جي حد = پاڻ پائڻ يا هستي وارو ڏنگ. اوڏهين = ڏٺيءَ ڏي. من عرف نفسه- الخ. = جنهن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو، تنهن تحقيق پنهنجي ربّ کي سڃاتو. من طلب شيئا- الخ. = جنهن ڪا شيءِ چاهي ۽ پوءِ ان لاءِ ڪوشش ڪيائين ته اها کيس ملي.

[٧] مڪليندي = مڪيندي- بت کي لائيندي. روز ميثاق = وعدي وارو ڏينهن جڏهن روحن ربّ کي مڃيو - ازل کان.

[٩] ذڪر خفي = اندر جي هڪ مخفي ذڪر جو نالو. جهر جاڳايو = (خفي، ياجلّي ذڪر) وڏي آواز سان ڪيو. ٢. (خفي ذڪر کان سواءِ) آواز وارو ظاهر جلّي ذڪر پڻ جاري ڪيو. چڏي اب اخي = پيءُ ۽ ڀاءُ ڇڏي- سڀ سڱ سياڪا ستي.

[١٠] موءَ = وار.

[١١] العشق نار الله = عشق الله جي آگ آهي. موتوا قبل ان تموتوا = مرڻ کان اڳي مرو.

[١٢] ترڪ تڪيا تن تارڪين = تن تارڪن تڪيا ۽ آسڻ ترڪ ڪيا. سيوا گر سڪاج = سوڌا سالم پوڇاري.

[١٣] الانسان سري- الخ. = (ڏٺيءَ جو قول ته) انسان منهنجو راز آهي ۽ آءٌ سندس راز آهيان.

[١٤] والله مع الصّٰبرين = الله صبر ڪندڙن ساڻ آهي. مونا = گوڏا. نائين = نمائين.

[١٥] فاقة الفقر - الخ. = فقر جي بک فقيرن جو معراج آهي.

[١٦] آلا اِنّ اولياء الله لايموتون = تحقيق الله جا دوست ڪين ٿا مرن (هميشه حيات آهن). خضر خوءِ سندن = سندن طور طريقو سدا حيات خضر وارو آهي.

[١٧] فتحنا الجهاد - الخ. = اسان ننڍي جنگ فتح ڪئي ۽ وڏي جنگ ڏانهن ورياسون.

Gul Hayat Institute

[١٨] لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ (آيت) = نه ڪنهن کي ڄڻيائين نه ڪنهن جو ڄڻيو آهي (يعني ڌڻيءَ جي ذات والدين خواه اولاد کان پاڪ آهي). ماڪان محمدٌ ابا احد (آيت) = محمد (صلعم) ڪنهن جو پيءُ ڪونه هو.

[١٩] سيني سنيون- الخ. = ڌڻي تعاليٰ انهن بندن کي هر ڪم ۾ سئون رستو ڏيکاريو.

[٢٠] وما ارسلنٰڪ الا رحمةً للعالمين (آيت) = اي نبي! اسان توکي محض جهانن جي رحمت ڪري موڪليو.

[٢١] اعملوا ماشئتم- الخ. = جيڪي وڻيوَ سو ڪريو، بيشڪ اوهان کي سڀ معاف آهي. حسنات الابرار- الخ. = ڀلن جون نيڪيون، قرب وارن ويجهن جي عمل جي پيٽ ۾ مديون آهن. مول = اصل- اصليت. وترو = وڏيڪ سولو.

[٢٢] انا من نورالله- الخ. = معنيٰ لاءِ ڏسو مٿي سر سسئي، فصل ٻيو بيت [٢].
ارگ اتل = اڻ مئي خوشبوءِ.

[٢٣] لانگوٽئان ڌار = لانگوٽيءَ کان سواءِ. ان اوليائي- الخ. = بيشڪ منهنجا دوست منهنجي دامن هيٺ آهن، ۽ ڪين مون کان سواءِ ٻيا ڄاڻن سڃاڻن.

[٢٦] منجهه = اندر ۾.

[٢٨] لکياري پير = جناب حضرت محمّد راشد (رحه) عرف ’روضي ڌڻي‘ ڏانهن اشارو.

[٣٠] الفقير لا يحتاج الا الى الله = (سچو) فقير فقط الله پاڪ جوئي محتاج آهي.

وائي. سڱڙين سامين = سامين جي سڱڙين.

سر رپ

● <u>مقصد.</u> سڄڻ جي سِڪ ۽ فراق وارو وقت سچو سورن ڳاڏئون آهي. سڄڻ ملي ته صحت سَرِي ۽ سور لهن.

● <u>پس منظر.</u> هن سر جو پس منظر درد ۽ فراق، سڪ ۽ وصال وارو سچي محبت جو سمان آهي.

[١] سوا سير = گهٽا- ڳورا. گهٽ ۾ = اندر ۾- دل ۾. سڄيندو = ڏيندو.

[٣] وماس = ڳڻتي- فڪر.

[٤] ڪنير نيهائين جان = ڪنير جي نيهائين يا آوي وانگر.

وائي. سانگ = وڇوڙو.

Gul Hayat Institute

سر ليلان چنيسر

- <u>مقصد.</u> ليلان وٽي گهڻو سٽائڻ لڳي، ۽ پانيائين ته سندس سڀئي خطائون چنيسر کي معلوم نه آهن. جڏهن چنيسر کيس سندس ڪيل ڏوهه پڌرا ڪري ٻڌايا، تڏهن مات ڪري ڏهاڳ قبوليائين.

- <u>پس منظر.</u> هن سر جو پس منظر ليلان ۽ چنيسر جو مشهور داستان آهي، جنهن جو اهم نُڪتو اهو آهي ته چنيسر ليلان کان انهيءَ ڪري رُٺو جو کيس ليلان جون مڙيئي مسلسل خطائون معلوم ٿي چڪيون هيون.

[۱] ڪين = ڪي ڪجهه. ٻجهان = آءٌ سمجهان ٿو- پانيان ٿو. ڪن پيوس= ليلان جي ڪن پيو- ليلان کي معلوم ٿيو.

وائي. رب ارني = اي رب"! مونکي پنهنجو پاڻ ڏيکار. لن تراني = (رب کان آواز آيو ته) مونکي تون هر گز ڏسي نه سگهندين. ڏاري= خطا وار- گنهگار. پاڻان پاسي= پاڻ کان پاسي ڪري. تاري = آجهو- آسرو.

سر بلاول

- <u>مقصد.</u> جو سخي ڏاتار آهي تنهن کي بُخل آهي ئي ڪونه: "انئي ٻهر عام تي وسي مينهن مثال". اي مڱڻا! تون ٻئي در مَ وڃ ۽ انهيءَ هڪ ڏاتار کان جيڪي گهرين سو گهُر.

- <u>پس منظر.</u> سنڌ جي سخي مردن ۽ ڏاتارن جا منگتن ۽ محتاجن کي دل کولي ڏان ڏيڻ ۽ خصوصاً لس ٻيلي جي والي ڄام سپڙ رونجهي جي سخاوت اڪثر رسالي ۾ 'سربلاول' جو خصوصي پس منظر آهي، جنهن سان گڏ هيءُ حقيقي نُڪتو نروار ڪيل آهي ته ڏيهن جو ڏاتار، خلقڻهار ۽ پالڻهار هڪ ذاتي تعاليٰ آهي، ۽ بندي کي جڳائي ته انهيءَ سائين در سوال ڪري ته کيس مالا مال ڪري ڇڏي. هن سر ۾ خليفي صاحب پنهنجي مرشد حضرت پير صاحب پاڳاري جي ظاهري سخا توڙي روحاني فيض ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

[۱] منگ = گهُر. ليڪ ۾ = گهڙيءَ ۾.
[۲] ڏند پيڙٽو = شوم- بخيل.
[۴] پاڳارو پير = حضرت پير صاحب پاڳارو.
[۵] ڏوليءَ چاڙهيا = گهڻو سکيا سهنجا ڪيا.
[٦] حاتم=يعني (تلميح طور) پير صاحب پاڳارو. پَٽ=پيالا- خيرات وٺڻ لاءِ ٿانوَ.

Gul Hayat Institute

سر ڏهر

• مقصد. ١. لاکو ۽ سندس ساٿي جاڙيجا جوان پانچاواڙي گهوڙن تي سوار ٿي، ريبارين جا وڳ پيا هڪلن: ڪنهن کي مجال ڪانه هئي جو ساڻن سامهون ٿي مقابلو ڪري. جڏهن لاکي لوڙون هڪلي ڇڏيون، تڏهن ريبارين کي امن واري زندگي نصيب ٿي. ٢. بهادر همت سان مال ملڪيتون هٿ ڪن، ۽ واٽيا هنن تي ويهي خالق ڦرين. بهادرن حملو ڪري هٿ واٽين (ڪيمن ۽ ڪمن) جو مال ڦري سندن وياج خوريءَ جي خوشيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو. ٣. ويچاري ڪونج شال ماريءَ جي منهن نه پئي، ڪيس ڪان نه لڳي، ۽ پنهنجي ولر مان نه ڇڄي. مارين اچي پنهنجا ڏيب اڏيا، ۽ ڪونج ڪڇ ۾ ٻچا ڇڏي روه ڏي رواني ٿي. شال سلامت وڃي پنهنجي وڳر ساڻ ملي. ٤. ڪيهر شينهن هاٿي ماري: گدڙ اُن سان ڪهڙو مقابلو ڪندو! ٥. مال وارا سنگهار نه معلوم ڪهڙي طرف سانگ خاطر مال ڪاهي روانا ٿيا جو اڄ انهن پيٽين تي سندن ٻڪا نظر ئي نٿا اچن! مينهون، ڪڇي ۾ درياءَ جي ڪنڌيز تي سونهن. پر اي ميهار! ڪڇي ۾ ڪين ڇيهو گاهه نه چارِ، جو متان مرض وگهي مري وڃن! شال سانوڻ ٿين ۽ منهنجا ساٿي ميهار سکيا ساوا هجن!

• پس منظر. فصل-١ جو پس منظر لاکي ڦلاڻي جي سورهيائي ۽ سوڀ آهي. فصل-٢ جو پس منظر غالباً ڪن ڌاڙيوالن جو ڪيمن ۽ ڪمن نالي وياج خور ڪيراڙن تي حملو آهي. فصل-٣ جو پس منظر ڪونج آهي جا سياري جي موسم ۾ سنڌ (خصوصاً لاڙ ۽ ڪڇ واري ايراضي) ۾ قوت خاطر اچي ٿي، ۽ مارين جي منهن پوي ٿي. فصل-٤ جو پس منظر شينهن جي ڏِک ۽ ڏيا آهي جو وڙهي ته وڏن جانورن کي ماري ۽ ننڍن کي نه ستائي. فصل-٥ جو پس منظر مالدار پاڳيا (سُڪي جا سنگهار ۽ ڪڇڙي جا ميهار) آهن.

فصل-١

[١] جاڙيجاڻي=ڄام لاکي ۽ سندس ساٿين جاڙيجن (ڪڇ جي سمن) جي فوج جي. اونار= جنوتانن جا وڳ آهن (خصوصاً سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد تي رهندڙ 'ريباري' قوم جا اونار). لوڙائو = مال (اُٺن، مينهن وغيره) جا ڌاڙا هڻندڙ- هاڻُو. ٻني = ڪڇ جي الهندين پاڳي وارو هڪ علائقو (جو 'ڏاڏي آدم جي ٻني' سڏجي). لڳو لوڙائن جو - الخ.= هاڻن کي خصوصاً ٻنيءَ واري علائقي مان(مال هڻڻ جو) پورو وجهه لڳو. گورا = ننڍا ڪنوات (نر). توڏ = مادي ڪنوات. گڙنگ==وڏا اُٺ. هٽيو هيڪاندا ڪري= زوري ڦُري ڪاهي گڏ ڪري.

[٢] لاڪاين = چام لاڪي جي ساٿين. واڏين = گهوڙين. ات نہ لڌو عام - الخ. = لاڪي ۽ سندس لوڙون هڻندڙ ساٿين جو راز عوام کي معلوم نہ ٿي سگهيو.

[٣] سگهڙ ٿين سـُواءِ = سولو سوڻ ٿين- چڱو سوڻ ٿين. جمڻو بوليو = ساڃي پاسي کان تتر بولي ڪئي.

[٤] سلهيو = سٽيو- چُٽيو. واگهہ= شينهن (سورهيہ چام لاڪو). پلي ٿو واهرو = واهر (مال وراڻ) لاءِ پويان ايندڙ ماڻهن کي ماري موٽائي ٿو.

[٥] ڪيڪاڻ = گهوڙا. پاچاواڙي = پانچاواڙ جا گهوڙا. غنيم = دشمن. ماريو ڪن مساڻ = ماري مات ڪن. ٻاپڙا = سردار.

[٦] لاڪائي = چام لاڪي ۽ سندس ساٿين جا طاقتور گهوڙا. لـَکيا = سجاتا.

[٧] وسواس = اُلڪو- ڳڻتي. لوڙائن جو = لوڙن هڻندڙن جو- مال جي ڌاڙي هڻندڙن جو.

[٨] لوڙو = مال جو ڌاڙو.

واڱي. وانڍ ۽ وانڍيون = پکن يا کرڙ ڪتين سان اَڏيل گهرن واري عارضي بستي [مالوَند ماڻهو، ساوڻ جي موسم ۾، مـَهي مچر ڪان بچڻ لاءِ، ڳوٺ ڇڏي مال ڪاهي وچي گاهہ وارين پٽين ۾ ٻوڻن يا ٻڻن تي واسر ي (واءِ واري هنڌ) تي ڪجهہ وقت لاءِ پکن يا کرڙ ڪتين سان گهرڙا ٺاهي ڪجهہ عرصي لاءِ ويهندا آهن ۽ سندن اهڙي بستي کي 'وانڍ' چئبو.]

فصل- ٢

[١] هاٺو = ڌاڙيوال. هٽي پاس = ڳوٺ ڪان پاسي پسگردائيءَ ۾ ڌاڙا هڻي. لاڏڪا = (ڪڇ جي اصطلاح موجب 'مسلمان واپاري' مگر هت معنيٰ) سورهيہ گهوٽ. رزق ڪيائون راس = پنهنجو قوت پورو ڪيائون. وسواس = اُلڪو. اٺهوند = سجائي. ڪراڙ = (تر طرف هندن جي هڪ خاص ذات، ۽ هت معنيٰ) وياج خور واڻيو. ساڳاين جا = ڌاڙو هڻندڙ بهادرن جا. گهوڙا پسيو= ڌاڙيوالن جا گهوڙا ايندي ڏسيو. جهنگ ٻراڙ = جهنگ ٻلو. سندو سود سهج = وياج جي خوشي.

فصل -٣

[١] ماري = شڪاري.

[٣] ميڄ ملا ماءُ = متان ماءُ ڪان.

[٤] ڍور اڏيائون ڍيڙا = ڍورن (هيناهين نـَمندين) ۾ ڪونجن کي ڦاسائڻ لاءِ ڍب اڏيائون.

[٨] پـَرنپي = سونپي- حوالي ڪري.

فصل -۴

[۱] جنبو = گدڙ .

فصل -۵

[۴] سانڊايون = ۱. مينهن جا وٺاڻ ۲. کير سان ڀريل اوهن واريون (اڻ ڏڌل) مينهون.
ترڙين ٻنهي ڪنڌيين= درياه جي ٻنهي ڪپن جي گهاٽن تي . ڪُنڍيون = مينهون،
جن جا سڱ ڪُنڍا (گول وريل) هجن. ڪونهن = پاڏن (مينهن جا نر ڍڳ).

[۵] ڪُهري = درياه جي ڪنڌيءَ لڳ، ڍنڍ مثل پاڻي سان ڀريل اونهي کڏ (جا
آب ڪلاڻي ۾ درياه اٿلي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏي هجي). ڇيهو = ڪچي جو هڪ گاهه
[جنهن جي کائڻ سان خصوصاً مينهن جي جيري ۾ جاڙيون (بيماري جا جيت) پون.]
هور ڀرائي هليا = ڏک ڏسي روانا ٿيا. نقصان ڀرائي ويا.

[۶] سنگهار=مالوند ياگپيا. جنب = حياتي. گورس =(ڳئون+ رس) کير يا مَهي.
ڀهيڙا = ساٿي سڄڻ .

سُر ڪاپائتي

● <u>مقصد.</u> چرخو ڪتيندي سي سڄڻ ياد پيا، جن مونکي ڪتڻ سيکاريو ۽ جن سان
آتڻ ۾ گڏ ويهي ڪتيو هئم. سندن جدائي بعد نڪي تو ارٿ اولاڻجي ته نڪاتي
تي تڪ ٿي تند ڪڍي. اڻ- چاڻن سان گڏ ويهي آتڻ ۾ ڪتڻ ٿي نٿو اُڇهي.

● <u>پس منظر.</u> هن سر جو پس منظر ڪپڙي جي ڪارخانن کان اڳ واري دور جو
آتڻ وارو سمان آهي، جڏهن ٻاڙي واريون چرخا کڻي آتڻ (گڏجي چرخن ڪتڻ
واري جاءِ) ۾ گڏجي ويهي سٽ ڪتينديون هيون، جنهن مان گهر وارن جا
ڪپڙا اُٺبا هئا ۽ وڌيڪ سُٽ واپاري وٺندا هئا.

[۱] اوريندي ارٽ = چرخي سان ورونهه ڪندي- چرخو ڪتيندي. ڀهو = ڪپهه
جي پُوٽي جو باقي رهيل ذرو .

[۳] وٽي وڏم – الخ. = جي واڙا وٽي ڇڄ ۾ وڌم سي واءُ کڻي ويو .

[۵] ويا اولاڻي اوهري = سي ڪتڻي حياتي پوري ڪري ويا.

سُر گهاتو

● <u>مقصد.</u> ملاحن مڇ کي مارڻ جو پهه ڪيو ۽ اونهي پاڻي ۾ گهڙيا، پر وڙهي نه
جاتائون ۽ مڇ کين گهيري ويو. گهڻا گهاتو مڇ کي مارڻ لاءِ ڪلاچي جي
ڪن تي آيا پر پوري نه پيا. آخرڪار مورڙيي پهلوان اچي مڇ کي ماريو. اها
سوڀ مورڙيي کي ئي نصيب ٿي.

● پس منظر. هن سر جو پس منظر 'مورزيي ۽ مڇ' وارو مشهور قصو آهي.

فصل-١

[١] اڄ هين = اڄ ئي.

[٢] تانگهو گهُوريو گهاتئين = ملاحن تانگهي پاڻي ۾ گهڙي گهمرا ڏنا.

[٣] سندي پاڻيءَ پڇ = تمام ننيڙو پاڻي. تني سندا رڇ- الخ. = تن جي چارين ڏيڏرين جا ننيڙا ٻچا (ٻونٽرا) ۽ ٻيا پاڻيءَ جا ننيڙا جيت جهليا.

[٦] رپ = آفت (مانگر مڇ).

[٧] سير = واڻون.

[١٠] ڏئيت = ديو (مانگر مڇ).

[١١] مل مهائين = وڏو هنرمند ۽ هوشيار پهلوان. ڏگو = پروانو (جاگير وغيره جو).

[١٢] ڏل = گهڻا.

فصل-٢

[١] لاٿي اَگ اگين جي = اگين کي آيل شڪست جي تلافي ڪئي- اگين جا وير ورتا.

[٣] قلعي جو ڪوڏيو = جنگ جو جهونجهار.

[٥] مور = مورڙيي. تني مانگر تڪيو- الخ. = مانگر مڇ جي رهڻ جي جاءِ اتي آهي جتي پاڻي اٿاهه آهي.

[٦] مزار = شينهن (مڙس). تانگهه نه تارئين = جيڪي تارو آهن تن جي نه پڄڻ پيٺي ڪانهي.

[١٣] ڏائي جيٺي = ڪبي سڄي.

[١٤] ڏجهڻ = دشمن.

Gul Hayat Institute

سر ڏولو مارو

● مقصد. عاشق ۽ معشوق جي هڪ ٻئي کان جدائي، درد ۽ فراق، ۽ آخر ۾ وصال هن سر جو مکيه مضمون آهن.

● پس منظر. هن سر جو پس منظر ڏول- مارو جو مشهور عشقيه داستان آهي. خليفي صاحب جي روايت موجب ڏولو 'نرور' شهر جو رهاڪو هو، ۽ مارو 'ٿر' جي هئي.

[١] نرور = مارواڙ جي آيرنديڻ علائقي 'نرور' جو مکيه شهر. نرور سيريين = 'نرور' شهر جي گهٽين ۽ واٽن (۾ پيو گهمي). ٿر ٻاٻڙا = ٿر جا ٻاٻيها (پپيري جي قسم جا) پکي. آڙهر پياس مرين = آرهڙ جي لک ۽ جهولي ۾ اڄ وگهي پيا مرن. گوري

جوئي باٽڙي = ڳوري (مارو) واٽون پئي نهاري.

[٢] مارو ماٽي مينديون = مارو جي مٿي ۾ مينديون ڳتل آهي. اوبي ماٽي لڪ = پيٺ جي لنگهه تي بيٺي.

[٣] سون سريکا = سون جي رنگ جهڙا. سوچ = اُرهه.

[٤] مول = مولهيو - پٽڪو. ٿاري = تنهنجي. ڦول سريکي تور = گل جيتري تور اٿس.

[٥] مرگڙا = هرڻ.

[٧] ٻيڙلو = پان جو ٻيڙو.

[٨] ڪوڏ ۽ پرنٽ = گاهن جا نالا جن جو ٻج ڏٿ طور ڪائبو. ڪڙ = پس.

[٩] پانا جيسي پاتلي = پن جهڙي باريڪ سنهي. آنگڻ = اڱڻ. جيم = جيئن. جُوئي = نهاري. اوبي آنگڻ تڙفڙي- الخ. = آڱڻ تي بيني ڪر موڙيءَ انتظار ڪري جيئن چڻ ڪاريهر نانگ (وارن سان تشبيهه) ڦڻ ڪڍيو پيو نهاري.

[١٠] گمر گمر پائي گونگهرا = ڇمر ڇمر ڇيرون ٻڌي (پئي تلي). جان التيو گيند(؟)= ٠١ چڻ هاٿي پيو هلي (سهڻي تور سان تشبيهه). جيم پني بادر چند = جيئن پيگل (وسندڙ) ڪڪر مان چنڊ چمڪي.

[١١] اوٺا اوتري = اڱڻ تان لٿي. ڪڙيين لاوي ڪيس = وار چيلهه تي پيا لڳنس (سهڻ ۽ ڊگهن وارن ڏانهن اشارو). ڇتر پتي راجيو = راجا 'ڇتر پتي'. مارڻ چليو ديس = ڪنهن ملڪ تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ سنبريو.

[١٣] ڪاڳد = ڪاغذ- خط. لاک سريکي لاج = لکن جهڙي لڄ- لاثاني ونيي.

[١٤] وانچتي = پڙهندي. لاگو باڻ = نينهن لڳو.

[١٥] گڙتي مانجهر رات = گذرندي يعني گذرندي پوئين رات.

[١٦] اڪنڊيا ٽنگ تاڻا = اڪنڊي (سڪايل) ڍولي (اُن جو) تنگ ڪشيو (ته چڙهي مارو ڏانهن روانو ٿئي).

[١٧] ڪاڪر ڪاڊلهي = (چڻ اُن تو ڍولي کي چئي ته منهنجي) پيرن مان ڪڪر ڪڍ. (هڪ مالهڻ، ڍولي کي پنهنجي دام ۾ گرفتار ڪيو هو، پوءِ جڏهن ڏٺائين ته ڍولو نٽو رهي ۽ پنهنجي مارو کي ملڻ لاءِ اُن پلاڻيو اٿس، تڏهن اٺ جي پيرن ۾ ڪليون هنيائين ته جيئن ڪيس منزل مقصود تي نه پهچائي). ڏي مهارين ڍيل = مهارون ڍڙيون ڇڏ. ڪيمڻ سوڪ لڳايا ڪيل = ڪنهن ڪشي ڪليون هنيون آهن. هن ساڳي معنيٰ ۾ هن داستان جو هڪ دوهو آهي ته:

Gul Hayat Institute

کيڏ پکّان ر۱ي ڪاڪر۱ينُ، ڍيل چڏ مهار
هلان ڍولـي ر۱ي ساسيـر۱ي گهر گهر ڏيان جهـُار.

[١٨] پکلين ڪاڍي ڪاڪري = (ڍولي اُٺ جي) پيرن مان ڪکريون ڪڍيون. ڪرهي لاڳي ڪار = اُٺ کي لڪڻ لڳو. گذرتي مانجهہ رات. الخ. = گذرندي، پوئين رات وچي مارو جي ڳوٺ کي نظر ۾ ڪيائين.

[١٩] ڍيڏي تڻ مهار = مهار کي چڪ ڏنائين. پڳ پـوَنَ سي مل گئـي = اُٺ جا پير هوا سان هم قدم ٿي ويا.

[٢٠] ڪرهي باڍي ڪوسڙي = اُٺ (پنڌ جا) ڪوه وڍيا. ارڙي ٻاڳي ايس = (مارُوئي جيئن ٽپ ڏيئي اُٿي تہ) گهر (اوڙ۱ي) جي (ڪٽ جي) ايس ٻيجي پئي.

[٢١] روم روم سيتل ٿئي = جسم جي رڳ رڳ ٺري پئي. جو امني ڏيڏو ٻاپ = جو مونکي پنهنجي ٻيءَ (مڙس طور) ڏنو.

[٢٢] ڍاڙئو ڍولئو = ڪٽ وڇائي.

[٢٣] جن ڪي جوئي ٻاٽ = جنهن جي مون واٽ نهاري. ڪلن لاڳي ڪاٽ = ڪٽ بہ ڪلڻ لڳي.

وائي. ڪيسريا = اي لال (ڪيسري رنگ جي ڪپڙن وارا يا لال ڳوري رنگ وارا). ريسائي = رنا آهيو. پـيـَروا = اي پرين! اي پـيارا.

سر مارئي

• <u>مقصد.</u> ١. جن مارن جا مون تي ڪوڙين ڪرم آهن، تن جي وڇوڙي ماري آهيان ۽ تن کي ملڻ لاءِ ماندي آهيان. مارن جا غريباڻا ڪک ۽ پٽ، محلن ۽ پلنگن کان ڀلا ٿي ڀانيان. هُت مارو ساڻون جيءَ وس ۾ سرها آهن ۽ آءٌ هـِت سندن سڪ ۾ ويڳاڻي آهيان. ٢. ڪٽ سانگين جو ساٿيهہ ۽ سندن پکن جون سنائون، ڪٽ آءٌ بنديائي بند ۾! آءٌ پنهنجي ڪانڌ بنا ٻيو ڪين قبوليندس. ڏٽي ائين ڪري جو پنهنجن مارن سين وڃي منڊائتي ملار مائيان! ٣. 'جهڙو قيد ڪمند، تهڙو بند نہ ڪو ٻئو'. ڏٽي شال ڪنهن کي وڇوڙو نصيب نہ ڪري! مونکي هر ويل ۽ وقت پنهنجن سانگين جون ڳڻ ۽ ڳالهيون هنيين ۾ پيون هـُرن. منهنجي ڪايا هت، پر من مارو سين واڳيل آهي. 'سو ڪو وري واءُ، جنهن موتي ميڙائو ٿئي'. ٤. مون پرهہ ڦٽندي ويڙهيچن جي وصال لاءِ فال وڌي ۽ ڏٽيءَ طرفان اُميد ڀريو آسرو مليو. مون خواب ۾ پنهنجن

مارن کي ڏنو. اي عمر! مونکي لائين آڇ م َ آڇ. متان سپاٽي سرتين آڏو لڄي ٿيان.
اڄهي ماروئڙن مون ڏي سينها سلام موڪليا، ۽ ”اڄهي آيم اڄڙوال، ٿاريلا ٿر ڏٿي؛
سڻي سڏ سوال، موهر ڏٿي موٽئا“.
پس منظر. هن سر جو پس منظر مارئي ۽ عمر جو مشهور داستان آهي.

فصل-١

[١] پتين پتين = قسمين قسمين. پال = ٿورا- مهربانيون. ڪونين ڪي = ٻنهي جهانن ڪي (يعني جملي دنيائن جي مال اسباب ڪي).
[٢] ڏورا = ڪنن جا سڳا. سانيي = ساٿي.
[٣] وجهل = جهوري.
[٤] ويني سوريان سير = واٽون ويني نهاريان.
[٥] فليضحڪوا قليلا ـ الخ. (آيت) = ٻوءِ مر نه ٿورو کلن ۽ گهڻو روئن.
[٧] سوئٺون پلا سپ = (عمر جي) سون (جي سڳن ۽ واڳين) ڪان نانگ پلا آهن.
هميراٽي هٿ سان ـ الخ. = همير گهراٽي (=عمر) جي هٿ لڳڻ سان جسم تي تپ چڙهي ٿو.
[٩] جهروڪن = واحد. جهروڪ، جهروڪو = بادشاهي محل جي سامهين ديوار ۾ ننڍڙي برج هينان بادشاه جي ويهڻ واري جاءِ.

فصل -٢

[١] ملار = ساوڻ جي وس.
[٢] پلر = مينهن جو تازو پاڻي.
[٣] ڪاڻڙ = ڇاڇري تعلقي جو سرحدي علائقو؛ هت معنيٰ 'ماروئڙن جو ملڪ'. پاٻر = يا 'پاور'، ننگر پارڪر تعلقي جي سرحد پريان ڏکڻ اوڀر طرف وارو آباد علائقو؛ هت معنيٰ 'ماروئڙن جو ملڪ'.
[٤] ساڏوهيون = چارين (ڪٻڙين) جو هڪ قسم. سيڙڪا يا سيڙهڪا = پيرُن جو قسم. ٻهون = ٻڪريون. ڪوڏير = ١. 'ڪوڏير' جي ول ٢. 'ڪوڏير' جي ول جي پاڙ ۾ زمين اندر ننڍو ٻصر جهڙو ۽ جيڏو ڦر، جو ڪچو توڙي رڌي کائجي. ڦاندي = ٻندخاني. ڪٻير = ڪبيرا گناه- وڏا گناه.
[٥] موهر = مٿهراڏو (ڪپري ۽ عمرڪوٽ تعلقن ۾، سنڌ جي آباد خطي ۽ ٿر جي پٽن واري ڪَس جي سرحدي ايراضي).
[٦] سائيءَ ريل = دڙن ۽ پٽن لڳ گاهه واري سبز، سنئين ۽ ڊگهي ايراضي.

Gul Hayat Institute

ٻاروڙي ۽ ٻاروڙيون = ننڍي قد واريون ٽر جون رڍون (هڪڙيون 'ڳُليون' جن جي اُن صاف آڇي، ٻيون 'ڪارڪنڌيون' وغيره). سيل = سيلهه ڪندا.

[٧] لوير = ليڙون ٽيل ڦاٽل ڪپڙا.

[٨] ڪارڙا = هڪ ننڍڙي سنهي جيت جو قسم (جو ڪپڙن اندر جسم تي خارش جهڙو سرڪات ڪري).

[٩] موگر = 'مُگر' ول جو ڦر. تليين = تلين ۾ - ٻڻن جي وچ وارين هيٺاهين ترائين ۾. ٻپون = ڏگهيون ڪاريون ڪنيون ڏانڊيون (جي سانوڻ جي وس ۾ اڪثر ڪرڙن ۽ ٻين ٻوڙن جي وچ ۾ مُڇا تي نڪرن) جي مارو ماڻهو ڪائين.

[١٠] مارن ماڳ مٽائيا- الخ. = مال وارا ماڻهو ڳاه جي سانگي وڃي ڪنهن ٻيٺيءَ ويهندا ۽ اتي پاڻي خاطر ڪچيون کوهيون کٽندا. جڏهن مال اُتي جو ڳاه چري پورو ڪندو، تڏهن اُتان لڏو ڪٽي ٻئي ڳاه واري جُوءِ ۾ ويندا. وڃڻ وقت، کوهين جا منهن مٿان ڪانين سان واٽي، ڳاه وجهي، مٽيءَ سان ڍڪي (ڍُلهي) ڇڏيندا، ۽ وري ٻئي سال جڏهن اُنهيءَ جوءِ ۾ ايندا ته ان ڪچي تڙ جو مُنهن کوليندا. تڙڪوليون = پيٽ جو اهو پاسو جنهن تي سج اُڀرڻ سان تڙڪو پوي. گوچر = ٻِٽ جي مُنڍي هيٺ ترڙي ۾ چانءِ واري اراضي جا اڪثر آباد ۽ وَسَئُنُ واري. سمن = ملڻ واري جاءِ ۽ وقت جو وعدو.

وائي. آمان = انب. ڪارٽي = واهرو - مدد گار. هام = هٺ - هوڏ.

فصل- ٣

[٥] ڇپرڪٽ = وڏي ڪٽ جنهن جي مٿان ڇٽي پاڳن تي ڏگهين ٽيڪن سان تختي مثل هڪ ڇت ٻڌل هجي- ڇٽر واري ڪٽ.

[٧] اينڌا = اوپرا- اجنبي ماڻهو. سڃاڻندا = واقف ۽ سڃاڻو.

[٩] اسير = قيدي.

[١٠] ماني ڪَن=ماني جو ڪِنُ يا ننڍو ٽڪر- مانيءَ ڀُورو.

[١١] ابر = سَئي.

[١٢] ڳِم = ڳِم جو ٻج(جو ٻيهي آن جي ٽوري اٽي سان ملائي ماني پچائي کائجي). راڇڙين = رڇن ۾- ٽانون (ڪُنن) ۾. گندم (فارسي) = ڪڻڪ.

[١٣] نه سي ڏنڍ ڏيرن = اهي ڏنڍين ۾ (وهنجڻ يا مال پيارڻ لاءِ) ڪين اچن. آڙين هيروان = اهي آنهن (تڙن ۽ کوهن لڳ ٻَنن ٻَڌل پاڻيءَ جا ننڍڙا حوض، جن ۾ مال پيارڻ لاءِ کوه مان پاڻي ڪڍي وجهجي) جا هيراڪ آهن. گُندا = مال جي

ننيڙن ڦرن جا واڙا. جهُرن = واحد. جهُر = واريءَ ۾ ڪوتيل وڏي چُر جنهن ۾ مال جا ڦر واڙجن (ان کي 'جهُر' توڙي 'جهُرب' چون).

[١٦] ڪايا = جسم. ڪڙن = بندن.

وائي. آست = لسي. لوت = لوٽو. جوت = گوڏو ۽ ستر.

فصل - ۴

[١] پيڙا = پهيڙا - پانڌي - قاصد.

[۵] سُهڻي ۾ = خواب ۾. جيئَس = (اهو سڌ ٻڌي) جيئي پيس - نئين حياتي اچي ويم - خوش ٿي پيس.

[٦] تجارن = شاهوڪارن. سيڻ = مائٽ.

[٩] اينڌو عالم پائنيان = سڄو جهان اجنبي يا ڌاريو ٿي چاڻان. ڪوساٽا يا ڪُماٽا = پهرينءَ وس جا ڪچا ڳاه (جنهن کي 'ٻاڦ' پڻ چون).

[١٠] ٿر معمولاً ننيڙا نيرڙي رنگ جا 'ڪتپاٽيون' پکي (جي سياري جي اوائل ۾ اچن).

[١١] مارو = سڄڻ. منهن ۾ = وات ۾. مڪ = ڪچا پيرون. لوهيڙو = ٿر ۽ جبل جو هڪ ٻڪي ڪاٺ وارو وڻ جنهن ۾ سهڻا ڳاڙها گل ٿين.

[١٢] ڪاڪاٽا = چاچاٽا، يعني مائٽاٽا.

[١۴] وڏئو وسواسو = ڳڻتي ختم ٿي وئي.

[١۵] اجڙوال = ٻڪرار- مارو ماڻهو. ٻبال = وبال- مصيبت.

سُر پورب

● مقصد. سچا جوڳي حق جي تلاش ۾ هلندڙ آهن: هنن تن جي سک کي من جي مراد خاطر قربان ڪري ڇڏيو آهي.

● پس منظر. هن سر جو پس منظر 'هٺ يوڳين' واري عملي زندگي آهي جنهن جو بيان مٿي سر رامڪلي هيٺ (ص ٢٩٨) ٿي چڪو آهي.

فصل-١

[١] يڳائون = ڪتياٽون.

[٢] جا تي آڏيائون = يعني عارضي منزل واري جيڪا جهوپڙي تي آڏيائون. ڪابول = ڪابل.

[۴] مڙه = مڙهي- عارضي منزل وارو آستان. جاٽ = زيارت وارو تڪيو.

[٥] عقبيٰ = آخرت.

[٦] اد = ادو- ڀاءُ. سامين لاءِ سبب- الخ. انهن سچن سامين لاءِ، مُسبّبِ الاسباب (ذاتي تعاليٰ) طرفان سبب (مقصد لاءِ ذريعو) ئي خود 'معبود' (ذاتي تعاليٰ) بنيو.

[٧] لاخير في العبيد= 'ٻانهپ' مان چڱائي نه ٿيندي. اٽو=چيو. احمد شاه=نبي صلعم.

وائي-١. تيرت ويا مڙهه تاڙي= مڙهيءَ کي تاڙي ڏيئي (بند ڪري) هو حقيقي تڪبي ڏي روانا ٿيا. جاڳر = مجلسون. ڳل ڳاڙي = ڳوڙها ڳاڙي- روئي.

وائي-٣. نيهي = باهمت ۽ پختي ارادي وارا. ديهي= جسم.

فصل-٢

[١] چڱيءَ جوڙ = سهڻي سيتاءَ وارا. لَهه لڳو = عشق لڳو.

[٢] جامير = جامن وارا. ڀڳوا ڀير = ڀڳوي (گيڙو) رنگ جا ڪپڙا پهريندڙ.

[٦] آسڻ جن عنبير = جن جو تڪيو عنبر جي خوشبوءِ سان واسيل آهي.

[٧] سليدار = ٽڳن، ڏاڳن، نادن وغيره وارا. فاقيرن ٽڳن وارا.

وائي. جلو = آگ. جهاريا = ڀيٽيا. زيارت ڪئي.

سر آسا

- <u>مقصد</u>. ١. سڄڻ جو ديدار اکين لاءِ نعمت ۽ خوشي آهي. سڄڻ ڏاران ٻيو ڪي ڏسڻ نه جڳائي. هر جاءِ ۽ هر رنگ ۾ حقيقي محبوب جو جلوو موجود آهي: سوچي سمجهي چڪجي ته هر شيءَ ۾ 'محبوب' جو ميناج سمايل آهي؛ ڪنڙي شيءَ ڪابه ڪانهي. ٢. اي سڄاڻ مردا جونءَ (هر گندي شيءَ) کي پنهنجي جان کان جدا ڪري اڇو اجرو ٿيءُ. ٣. ٻچڙا ساڳيي پيالي مان پين ائين آهي جيئن ٻه ترارون ساڳئي مياڻ ۾ وجهجن: حقيقي عشق ۾ ٻيائي لاءِ جڳهه ئي ڪانهي. ٤. اي حق جا طالب! ذات ۾ پنهنجو پاڻ وڃاءِ ۽ صفات تي نه ڀل. ذات ئي اصل حقيقت آهي ۽ صفتون سڀ اُن جا مظهر آهن.
- <u>پس منظر</u>. هن سر جو پس منظر ذات حق متعاق 'وحدت الوجود' ۽ 'وحدت الشهود' جا تخيل آهن.

فصل -١

[٥] عين = بنا نقطي ٺيرو حرف 'ع' (يعني حق جي 'ذات'). غين = نقطي سان شامل حرف 'غ' (يعني غير گاڏئين صورت). خلق آدم عليٰ صورته = اللهُ پاڪ،

’آدم‘ کي پنهنجي ’صورت‘ ۾ خلقيو. سيوئي سلطان = هر مظهر حق آهي.
[٧] فاينما تولوا - الخ. = جيڏاهن به منهن ڦيرائيندؤ ته يقيني طور ’الله‘ جو جلوه ڏسندؤ. نورنبار = نج نور. ڪوار = ڪچائي - عيب.

فصل- ٣

[٢] هاريا = پورا - ورسُوڙل. هڏ = هرگز. منڊي ويئي مڏ = ٿان ڪري ويئي.
[٥] آهي جينء الڪ = ذرڙي جيتري آهي.
[٦] نظر تيز نگاهڙي - الخ. = (جونئن ڪيڏائڻ لاء) ان (عورت) جي گهر وچ جا نظر جي تمام چٽي هجي. جُون‌ڪيداري = جونئن ڪيڻ ۾ نهايت هوشيار.

فصل- ٣

[١] ٽڪو = اهو ٿانو جنهن ۾ ٽڪون اُچلجن. ريزالي = گندي. نفاقين = اڏٻٽ سان (جا هڪ ڪان وڏيڪ ٻن يا گهڻن ۾ ٿيندي).
[٤] اوائي = بيڪار.
[٥] جدال = جهيڙو.

فصل- ٤

[١] آسا چڏ ’الله‘ جي= اها اميد ڇڏي ڏي ته ’الله‘ هتان يا هُتان ملندو(پنهنجو پاڻ سڃاڻ ته حق حاصل ٿيئي). سيني قلمي‌نسخن جي اها پڙهڻي‌آهي. البت‌فقير هيء بيت هن طرح پڙهندا آهن ته: ”آسا ڪر الله جي- الخ“. گولپ جو گمان- الخ. = بنده هئڻ (يعني مولى کان جدا پنهنجي ٻي هستي جو وجود تسليم ڪرڻ) وارو گمان ائين آهي جيئن اک (عين) ۾ غير.
[٢] سپجي = پيدا ٿئي.
[٣] ڪانو ابن ڪڻ جو = ٻاجهري، جوئر وغيره جو ڪٽو پوکجي ٿو جنهن مان سلو ڦٽي وڌو ٿي ڪانو بنجي ٿو. ڪانو والد ڪڻ = ڪاني مان سنگ ٿئي جنهن ۾ ڪڻ پيدا ٿئي.
[٤] مَد = رَس - پاٽيٿ.
[٩] مور = مول - منيد - اصل. آب = پاڻي. حُباب = پاڻيء جو ڦوٽو- بوڙيو. قصور = نقص - گهٽتائي.
[١١] پريون‌ء = پري - ٻيء پيڙيء - ٻيء جاء.
[١٢] مطلق = بي وجود - ’وجود‘ جي حدبندي کان آزاد. موجود = ’وجود‘ وارو.

Gul Hayat Institute

سر ڪارايل

• مقصد. ١. اي ڪارائڙا سما سورهيہ سردار! تنهنجون ڳالهيون ۽ ڳڻ پئي ساريان.
٢. ويچارو هنجهہ پنهنجي وچڙيل وڳر کي پيو ساري. پکين جون ڪيئي ذاتيون آهن پر هنجهن جو ڪو مٽ ڪونهي. ماڻهن ۾ پڻ ڏٺيءَ جي صالح ٻانهن جي منزل متي آهي ۽ سندن صحبت مان سيڪي سرندو.

• پس منظر. فصل - ١ جو پس منظر ڪارائڙي سمي جي سرگذشت آهي. 'ڪارائڙو' سمو هڪ سورهيہ سردار هو، جنهن ڪڇ ۾ پنهنجي خاندان جي وڃايل طاقت وري هٿ ڪرڻ تي چاهي ۽ وقت جي مخالف والي، يعني ڪڇ جي حاڪم سان چوٽون ڪاڌائين. ڪڇ جي حاڪم (جو پڻ سمو هو) کيس چور ۽ ڌاڙيل قرار ڏنو ۽ عوام ۾ پڻ اها ڳالهہ هلي وئي، پر ڪارائڙي سمي جي دليري ۽ سورهيائي، ڳڻن ۽ ڳالهين کان متاثر ٿي کيس سورهيہ ۽ سرهو ڌاڙيل قرار ڏنائون*. آخرڪار ڪڇ جي والي، ڪارائڙي کي دوھ سان پنهنجي شاهي محل ۾ آڻائي گهيرو ڪرايو. ان وقت سندس پٽ ساڻس گڏ هو جنهن کي چيائين، 'منهنجو سر وڍي کڻي وڃ، متان دشمن ان جي بيعزتي ڪن'. ان صدمي کان متاثر ٿي سندس پيڻ يا زال ڪارائڙي جي وڍيل سر کي پينگهي ۾ لوڏي نهايت ئي رقت آميز اوسارا چيا، مثلاً:

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ننگر سڀ نهاريا
تہ نڪي ڪارايل جهڙو، نڪي ڪارايل لوڏ
پٽ ڪڍي پيءُ جي سِري منجهان گوڏ
پينگهي پائي لوڏ، سِر سمي چام جو.

سندس مرڻ کان پوءِ وينر ڪارائڙي سمي جون ڳالهيون ڳائجڻ لڳيون، ۽ فصل - ١ هيٺ خليفي صاحب جي چيل بن بيتن ۾ پڻ اهوئي مضمون سمايل آهي. فصل - ٢ جو پس منظر هنجهن (پکين) جو مذڪور آهي. پکين ۾ سهڻائي صفائي ۽ ٻين عادتن اطوارن ۾ هنجهن جو مٽ ڪونهي، ۽ سالڪن شاعرن پڻ انسان جي اخلاق کي بلند ڪرڻ خاطر انهيءَ نڪتي کي ورجايو آهي.

فصل - ١

[١] ڪارايل = اي ڪارائڙا سما!

---

* ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر ٧-٢: "ڳاهن مان ڳالهيون"، مقدمو، ص ١١، ۽ متن ص ص ١٥٦ - ١٤٨.

فصل - ٢

[١] هنياري = هينين جي حب.

[٢] جيءَ پانڌاڻ = دلي ناتو. آنهري = پکين جي ويهڻ واري ماڳ تي. سر = تلاءُ.

[٣] وماس = گهٽتي - اوسيئڙو.

[٤] منجهه = اندر اونهي پاڻيءَ ۾. تانگهار = تانگهو پاڻي.

[٨] چار پير = زاهدن جي سلسلي جا چار امام: (١) حضرت علي ڪرم الله وجه (٢) امام حسن عليه السلام (٣) حسن بصره قدس سره ۽ (٤) ڪميل ابن زياد رحه. انهن مان چوڏهن خانوادن جو سلسلو هليو.

چوڏهن خانوادا = (١) عبدالواحد بن زيد (٢) حبيب عجمي (٣) فُضيل بن عياض (٤) ابراهيم ادهم (٥) هُبَيُره بصري (٦) خواجه اسحاق (٧) بايزيد بسطامي (٨) معروف ڪرخي (٩) سري سقطي (١٠) جنيد بغدادي (١١) ابو اسحاق گاذروني (١٢) علاءُ الدين طوسي (١٣) ابو نجيب سهروردي (١٤) نجم الدين سهروردي.

زاهد = پرهيز ۽ تقوىٰ وارا عابد ٻانها. علماء = علم جا ماهر. ڪشف القبور = جن کي اهل مماتي جي حال جي خبر پئجي سگهي. ڪشف القلوب = جن کي دلين جو راز معلوم ٿي سگهي. قطب = وڏو ولي (ولين ۾ جو قطب جي درجي تي پهتل هجي). اوتاد = چار الله وارا جن تي عالم جو مدار آهي. غوث = وڏو ولي جو سوال سڀ مدد ڪري. مُلا = وتان. موڙيين = گهٽا - هيڪاندا.

وائي -١. لَلا = هنجهن جو هڪ قسم (للو هنجهه سيني ۾ سهڻو). لِها = هڪ ماري پکي جو قسم. ڪانيرن = ڪانئرن - ڪارن ڪنگن.

Gul Hayat Institute

سر ڪاموڏ

- مقصد. نوريءَ جي نماڻائي ۽ نهٺائي ڄام تماچي کي موهي وڌو. سمي سلطان جي اڇڻ سان ڪينجهر جي ڪنڌين تي رنگ رونق لڳي وئي، جڏهن ڄام نوريءَ جي پکي ۾ پير پاتا ته ”ڇنيءَ چارئي پاند، ويچاريءَ وڇائيا“.

- پس منظر. هن سر جو پس منظر نوري ۽ ڄام تماچي جو مشهور داستان آهي.

[١] لوڙهي = لوڙه، جا ٻهه وانگر ڪوٽيءَ جي ٻاڙ ۾ سيرجي. لڪ وڪاءُ = لکن ۾ وڪامي. ڪُم = ڪُوٽي (مِنال توڙي ڪَرّال) جي ڏاندين ۾ ٻج وارو گولو.

گيرب = هٺ - وڏائي. سجبائين = پيش ڪيائين. سوڪڙي = يعني نهنائي ۽ نماڻائي جو تحفو.

[٢] منڇر = پاڻيء جي وڏي سهٽي ڇر - ڍنڍ (ڪينجهر).

وائي- ١

تنهنجڙي ساء = (اي نوري!) تنهنجي سڪ ۽ ساء ۾.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

صحت نامو

صفحو/سٽ	ڇپيل عبارت	صحيح
۲۰/[5]	ھيءَ نسخو	ھيءَ نسخو
۶/[7]	بد از	بعد از
۳/[27]	رحمتون، ھردم	رحمتون ھردم،
۲۴/[43]	سپوتن	سپوتن
	——	
۷/۱	وجھي ئيي ٻتَن	وجھي ايَ ٻتَن
۵/۴	سيکون	سيگُون
۹/۵	شراب جي	شراب جون
۱۴/۱۶	پياس	پاس
۳/۳۲	ستري	سري
۱۸/۳۸	فقط خ ۾	خ ۽ ڪ ۾
۳۹/حاشيه	....	* ڪ ۾ ۲ مصرع بعد ۾ وڌيڪ مصرعون: سگھو مونج سيدا، مڏ مٽي سالار رهي آهي روح ۾، پريم تنھنجي پچار
۳/۴۵	رت ۾	رڻ ۾
۶/۴۵	ڪانڊر سندي،	ڪانڊر سندي
۶/۴۷	مَري	مُڙي
۱۰/۵۰	مين نٿوره	مينُ نُوريُ
۳/۵۳	نيعمُ	نيعمَ
۱۵/۵۷	اِزا	ايذا
۴/۵۸	مَ روشيي	مَروشيي
۷/۵۸	ٻيرَوُ	ٻرَوُ
۲/۶۱	ٻٿُ	ٻتُ
۱۵/۶۴	ڇيجي	جهيجي
۴/۶۹	لٿاي	لٿي

Gul Hayat Institute

٦/٦٩	لَنڌِ	لَنڌ
٧/٦٩	گَنڌِ	گَنڌ
١٤/٩٠	بياس	پياس
٤/٩٢	سبحان	سُبحان !
١٦/١٠١	ٿيا	ٿيَّان؟
٨/١٠٧	ميخواني	ميخاني
١٧/١١٨	معذوري ... بيتن ۾ جو	معذور ... بيتن جو
١٦/١٢٥	ڏُکيءَ	ڏُکي
١/١٣٥	ڪينار	ڪنار
١١/١٣٨	ڪوڙِ	ڪُور
١٠/١٤٨	ڳُڻَ	ڳُڻَ
٣/١٥٠	جي، گهٽ ۾	جي گهٽ ۾
٧/١٥٢	عشق جاي	عشق جي
٣/١٦١	هتو	هتيو
١٢/١٦٣	گهُوري	گهوُري
١٢/١٦٣	پچ	پَچَ
١٠/١٦٦	بيو	پيو
١٤/١٦٦	ڪلاچيءَ	ڪلاچيءَ
٩/١٧٣	سونٺون	سونَٺون؟
١٦/١٧٣	جهرُوڪن	جهَروڪن
٢/١٧٥	ماروءَ [جام] جا	مارُوئڙن جا
٣/١٧٦	ماڙي سونجهه	ماڙيءَ سنجهه
٥/١٧٦	ڪيٽ، ڪانڌ	ڪيٽ ڪانڌ
١٢/١٧٦	سومرا!	سومرا.
٨/١٧٨	پَنڌَ ير	پنڌُ م
٧/١٧٩	هَيِنانهون	هيئنانهون
٤/١٩٠	متهيسيين	متهيسيين
٨/١٩٠	فيي العبيد؟	فيي العَبيدُ
١١/٢٠١	اوتارا	اوتادا
١٩/٢٠٧	ٿيا مدعي	مُدّعي ٿيا
٩/٢١٢	توڙي نه پهريا بي و تي	توڙي نه پڙهيا 'بي' و 'تي'
٣/٢٣٢	مئُور	مور

Gul Hayat Institute

۴-۳/۲۳۴	جهجا	جهجها
۱۶/۲۳۵	ڏي دسڙا	ڏي ڏسڙا
۱۳/۲۳۷	گهر غازين سان	گهر آزين سان
۲۳/۲۳۸	آندا	آندا
۱۲/۲۴۰	رب! آساڙي	رب آساڙي
۲/۲۶۱	ڪانگا	ڪاگا
۲۲/۲۷۱	پيٿّارن	پيٺارن
۱۷/۲۷۹	آنا لِلّٰه	إنّا لِلّٰه
۱۱/۳۰۴	ڪير يا متهي	ڏؤنرو
۱۵/۳۰۴	نڪا ٿي	نڪا
۴/۳۰۵	گهُوريو	گهوريو
۱/۳۰۷	ڊيل	ڊِيلي
۲/۳۰۸	جهنّار	جهُهار

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نسُل ـ پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ٻاڙي، ڪاٺُو، ٻاجوڳَڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

Gul Hayat Institute

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمل مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو پوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

Gul Hayat Institute

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني ڪي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute